تخريج شده

# صحابہء ڪرام جو عشقِ رسول



پيشڪش: مجلس المدينة العلميه (دعوتِ اسلامي)

ترجمو: مجلس تراجم (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هيءَ آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا.

(مستطرف ج 1 ص 40 دار الفڪربيروت)

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف ڇڏيو)

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت



13 شوال المڪرم 1428ھ

رسالي جو نالو: صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُم جو عشقِ رسول

ڇاپو پهريون: -

تعداد: -

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ باب المدينہ ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

صحابہ کرام رضی اللہ تعالٰی عنھم جن جي

عشق رسول جي واقعن تي مشتمل ڪتاب



رضی اللہ تعالٰی عنھم

# صحابہء کرام

# جو عشقِ رسول


مؤلف: حضرت مولانا محمد اڪرم رضوي

سنڌي ترجمو پيشڪش:

مجلسِ تراجم (دعوتِ اسلامي)

رابطي جي لاءِ:

مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز

فيضانِ مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# اَلمَدينةُ العِلمِيّة

**از: شيخ طريقت، امير اهلسنت ، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة

اَلحَمدُ لله عَلي اِحسَانِهٖ وَ بِفَضلِ رَسُولِهٖ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ ”دعوت اسلامي“ نيڪي جي دعوت ڏيڻ، سنّت کي زنده رکڻ ۽ علمِ شريعت جي اشاعت کي سڄي دنيا ۾ عام ڪرڻ جو پڪو عزم رکي ٿي، انهن تمام ڪمن کي سهڻي نموني سرانجام ڏيڻ جي لاءِ متعدد مجلسن جو قِيام عمل ۾ آندو آهي جن مان هڪ مجلس ”المدينة العلمية“ بہ آهي جيڪا دعوتِ اسلامي جي عالمن ۽ مفتين تي مشتمل آهي جن خالص علمي، تحقيقي ۽ اِشاعتي ڪم جي ذميداري کڻئي آهي، ان جا هيٺ ڏنل ڇهہ شعبا آهن:

(1) شعبہء ڪُتُبِ اعليٰ حضرت (2) شعبہء درسي ڪُتُب
(3) شعبہء اِصلاحي ڪُتُب (4) شعبہء تراجمِ ڪُتُب
(5) شعبہء تفتيشِ ڪُتُب (6) شعبہء تَخرِيج

”المدينة العلمية“ جي پهرين ترجيح سرڪارِ اعليٰ حضرت عظيم البرڪت، عظيم المرتبت، پروانہء شمع رسالت، مجدد دين و ملت، حامي سنّت، ماحي بدعت، عالمِ شريعت، پير طريقت،

باعث خير و برڪت، حضرت علامہ مولانا الحاج الحافظ القاري الشّاھ امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي شاھڪار تصنيفن ڪي موجوده زماني جي تقاضن جي مطابق وس آهر آسان انداز ۾ پيش ڪرڻ آهي، تمام اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون هن علمي تحقيقي ۽ اِشاعتي مدني ڪم ۾ هر ممڪن تعاون فرمائن ۽ مجلس جي طرفان شايع ٿيڻ وارن ڪتابن جو پاڻ بہ مطالعو فرمائن ۽ ٻين کي بہ انهن جي ترغيب ڏيارين.

اللّٰه عَزَّوَجَلّ "دعوتِ اسلامي" جي سڀني مجلسن سميت "المدينة العلمية" کي ڏينهن ٻارهين ۽ رات ٻارهين ترقي عطا فرمائي ۽ اسان جي هر عملِ خير کي اخلاص جي زيور سان سينگاري ٻنهي جهانن جي ڀلائيءَ جو سبب بڻائي. اسان کي گنبدِ خضراء جي سائي ۾ شهادت، جنّتُ البَقِيع ۾ مَدفن ۽ جنّت الفِردوس ۾ جڳهہ نصيب فرمائي. اٰمين بِجاهِ النّبيِّ الامين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# پيش لفظ

هر نبي ۽ رسول عَلَيۡهِ السَّلَام جي جانثارن ۽ حوارين پنهنجي محبّت ۽ وفاداريءَ جو ثبوت ڏيندي پنهنجي نبي جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي پر تاريخ گواھ آهي تہ رسولِ اڪرم، نبي محترم، سرور دوعالم صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبّت ۽ عقيدت ۾ سرشار تي جنهن شاندار انداز ۾ پنهنجي آقا ۽ موليٰ سان عقيدت جو اظهار ڪيو ان جو مثال نتو ملي سگهي.

جنگ بدر جي موقع تي حضورِ اقدس، رحمتِ عالم صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام کان مشورو فرمايو ۽ ڪافرن جي لشڪر جي مقابلي ۾ جنگ ۽ قتال جي متعلّق انهن جي راءِ طلب فرمائي تہ حضرتِ سعد بن عباده رَضِىَ الله تَعَالٰى عَنۡهُ عرض ڪيو يا رسول الله صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خدا جو قسم جيڪڏهن اوهان اسان کي عدن تائين بہ وٺي ويندؤ تہ اسان انصارين منجهان ڪو شخص بہ اوهان صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حڪم جي خلاف ورزي نہ ڪندو.

حضرتِ مقداد بن عمرو رَضِىَ الله تَعَالٰى عَنۡهُ ائين عرض ڪيو يا رسول الله اسان اوهان سان گڏ آهيون اوهان جهڙي طرف چاهيو اسان کي وٺي هلو اسان ڪڏهن بہ اها ڳالھ زبان تي نہ آڻيداسين جيڪا بني اسرائيل حضرتِ موسي عَلَيۡهِ السَّلَام کي چئي هئي.

فَاذْهَبْ اَنْتَ وَ رَبُّكَ فَقَاتِلَاۤ اِنَّا هٰهُنَا قٰعِدُوْنَ ﴿۲۴﴾

**ترجموڪنزالايمان:** پوءِ تون ۽ تنهنجو رب بئي وڃو ۽ وڙهو، اسان تہ هتي ئي وينا آهيون. (پ6،المائده: 24)

www.dawateislami.net

قسم ان ذات جو جنهن اوهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي حق سان گڏ موڪليو اسان توهان سان گڏ هلنداسين ۽ مردن وانگر، مڙسيءَ سان وڙهنداسين. (مدارج النبوة، قسم سوم، باب دوم، مذکور جنگ بدر، ج. 2، ص. 83)

عشق رسول صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي دلين جي ڌهڙڪن بڻجي چڪو هو پنهنجي محبوب آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبّت ۽ غلامي ۾ ايترا منهمڪ ۽ مستغرق ٿي چڪا هئا جو انهن کي دنيا جي ڪنهن بہ شي ۽ ڪنهن نسبت سان ڪا غرض نہ هئي. اهي سڀ ڪجهہ برداشت ڪري سگهندا هئا پر سندن ڪڏهن هي گوارا نہ هيو تہ ڪو انهن جي دلين جي چين، رحمت ڪونين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان اقدس ۾ ادنيٰ کان ادنيٰ بي ادبي جي جراٴت ڪري جيئن تہ

عروه بن مسعود رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ چون ٿا جڏهن قريش وارن مون کي (ايمان آڻڻ کان پهريان) صلح حديبيہ جي سال، نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ موڪليو، مون صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي نبيءِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان بي پناهہ تعظيم ڏٺي، مون ڏٺو تہ نبيءِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن بہ وضو فرمائيندا هئا تہ صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان وضو جو پاڻي حاصل ڪرڻ لاءِ بيحد ڪوشش ڪندا هئا تانجو قريب هو تہ وضو جو پاڻي نہ ملڻ تي وڙهي پون. پاڻ ڏنائون تہ حضور اڪرم وات مان لعاب مبارڪ يا نڪ شريف جو پاڻي ڪيندا هئا تہ صحابہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُم ان کي پنهنجي هٿن ۾ وٺي، پنهنجي منهن ۽ جسم تي ملندا هئا ۽ سڪون حاصل ڪندا هئا، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جسم اطهر مان ڪو وار مبارڪ جدا نہ ٿيندو هو پر ان کي حاصل ڪرڻ ۾ جلدي ڪندا هئا، جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کي ڪو حڪم ڏيندا هئا تہ فورًا ان تي عمل

ڪندا هئا ۽ جڏهن نبيءِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گفتگو فرمائيندا هئا ته پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آڏو خاموش رهندا ۽ تعظيم خاطر پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏانهن اک کڻي نه ڏسندا هئا.

(الشفاء ،الباب الثالث ،ج29)

جڏهن عروه بن مسعود مشرڪن جي ٽولي ۾ واپس ويا ته انهن کي چيائون اي جماعتِ قريش مان وڏن وڏن متڪبر ۽ مغرور سلطانن ۽ بادشاهن جي مجلسن ۾ رهيو آهيان ۽ انهن جون صحبتون اختيار ڪيون آهن. مان قيصر ۽ ڪسريٰ ۽ نجاشي جي دربارن ۾ ويو آهيان ۽ رهيو آهيان پر مون انهن مان ڪهڙي به بادشاھ جي ڪنهن به خادم کي اهڙو ادب ۽ احترام ڪندي ناهي ڏٺو. جيترو محمّد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا اصحاب سندن جو ادب ۽ احترام ڪن ٿا، جڏهن اهي پنهنجي مبارڪ وات مان لعاب شريف ڪيندا آهن ته سندن جا صحابي سڳورا رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُم ان کي پنهنجن هٿن ۾ وٺي پنهنجي ڳلن تي ملندا آهن، جڏهن ڪنهن ادنيٰ ۽ معمولي ڪم جو حڪم ڏيندا آهن ته ان تي عمل ڪرڻ جي لاءِ بزرگ ترين صحابي به پهل ڪندا آهن، جيڪڏهن ڪو ان جي بارگاھ ۾ ڳالهائيندو آهي ته هو پنهنجي آواز کي پست ڪري ڳالهائيندو آهي ۽ جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گفتگو فرمائيندا آهن ته سڀ جا سڀ ماڻهو نهايت ادب ۽ احترام سان ٻڌندا آهن، سندن کان اکيون ملائي ڳالھ ناهن ڪندا، سندن جي چهري مبارڪ کي ڪو گهري نظر ڄمائي نٿو ڏسي سگهي، جڏهن وضو ڪندا آهن ته وضو جو پاڻي هيٺ ناهي ڪرندو بلڪ سندن جا جانثار ڊوڙي وڃي ان کي پنهنجي هٿن ۾ جهتي وٺندا آهن، جڏهن ڏاڙهي شريف ۾ ۽ مٿي پاڪ ۾ ڪنگي فرمائيندا آهن ۽ جيڪڏهن ڪو وار مبارڪ جسم مبارڪ مان جدا ٿيندو آهي ته ان وار مبارڪ کي عزّت ۽ احترام سان تبرڪ سمجهي کڻي وٺندا آهن ۽ ان تبرڪ

ڪي محفوظ ڪري رکندا آهن. هي اهي احوال آهن جن جو مان مشاهدو ڪري آيو آهيان. عروه بن مسعود مٿي ذڪر ڪيل ڳالهيون چوڻ بعد قريش قوم جي آڏو صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُم جي شجاعت، بهادري يڪجهتي، جهاد جو جذبو، شهادت جو شوق، پاڻ ۾ هڪٻئي سان گڏ ايثار ۽ محبّت جي جذبي جو اظهار ڪندي پنهنجي قوم کي چيائون خدا جو قسم! مون اهڙو لشڪر ڏٺو آهي جيڪو توهان جي آڏو ڪڏهن بہ منهن نہ موڙيندو جنگ جي ميدان ۾ اهي توهان سيني کي ماري ڇڏيندا ۽ توهان تي هي غالب اچي ويندا. (مدارج النبوّت ،قسم سوم، باب ششم ج 2، ص607)

هنن واقعن مان صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُم جي عشقِ رسول صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو سچو جذبو ظاهر ٿئي ٿو صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُم پنهنجي محبوب آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان پنهنجي دلي لڳاءُ ۽ عشق جي آداب جي تڪميل ۾ ايثار ۽ قرباني جون جيڪي مثالون پيش ڪيون اهي اسان جي لاءِ مشعلِ راهہ آهن، اڄ بہ جيڪڏهن اسان انهن جي پيروي ڪيون تہ اسان جي سينن ۾ عشقِ رسول جي شمع روشن ٿي سگهي ٿي. اللہ عَزَّوَجَلَّ کان دعا آهي تہ اهو اسان کي حقيقي معنيٰ ۾ صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان جي پيروي ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين!

زيرِ نظر ڪتاب"**صحابہ ڪرام** عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان **جو عشقِ رسول**" ۾ صحابہ ڪرام جي اسوهءِ حسنہ جا اهي وٽنڌڙ واقعا پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. جن ۾ سرڪاردو عالم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهِ عزّت مآب ۾ حاضري جو طريقو، سندن جي بارگاهہ جو ادب مصطفيٰ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي فرمانن جي بجا آوري ۾ پيش قدمي ۽ جانثاريءَ جون حسين ۽ دلڪش ادائون بيان ڪيون ويون آهن ۽ آخر ۾ صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان جو بارگاهہ رسالت ۾ خراج

عقيدت پيش ڪيو ويو آهي تہ ڪهڙي طرح انهن سرڪارِ دوعالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعريف بيان فرمائي آهي .

انهن خوبين جي پيش نظر ”**مجلس المدينة العلميه**“ عشقِ رسول جي موضوع تي ان ڪتاب جو انتخاب ڪيو ۽ جديد ڇپائي جي لاءِ هنن ڪمن جو اهتمام ڪيو ❖ ڪتاب جي نئي ڪمپوزنگ ❖ مڪرر پروف ريڊنگ ❖ ٻين نسخن سان تقابل ❖ حوالہ جات جي تخريج ❖ عربي ۽ فارسي عبارتن جي درستگي ❖ جملا بندي ❖ آيتن جو **ترجمو ڪنز الايمان** جي مطابق ۽ آخر ۾ مآخذ ۽ مراجع جي فهرست بہ شامل ڪئي وئي آهي.

انهن سڀني ڳالهين کي ممڪن بڻائڻ لاءِ ”**مجلس المدينة العلميه**“ جي مدني عالمن وڏي محنت ۽ لگن سان ڪم ڪيو ۽ وس آهر هن ڪتاب کي احسن انداز ۾ اردو پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، (مجلس تراجم هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو پيش ڪيو آهي). الله عَزَّوَجَلَّ سندن جون ڪوششون قبول فرمائي، سندن کي جزاءِ خير عطا فرمائي ۽ اخلاص ۽ استقامت سان دين جي خدمت جي توفيق عطا فرماءِ.

اٰمين بجاهِ النّبيِّ الامين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**شعبه تخريج [مجلس المدينة العلميه]**

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# ابتدائي ڪلمه

## باسمهٖ وحمدهٖ والصلوٰة والسلام علٰی نبيّهٖ وجنودهٖ

ہر کہ عشق مصطفیٰ سامان اوست
بحر و بر در گوشہ دامان اوست

عشق جي تاثير ڏاڍي حيرت انگيز هوندي آهي. عشق وڏن مشڪلن ۾ انساني عقل جي رهنمائي ڪئي آهي. عشق ڪيترين ئي لاعلاج بيمارين جو ڪامياب علاج ڪيو آهي. عشق جا ڪارناما عزت ۽ احترام سان سون جي پاڻي سان لکڻ جي قابل آهن.

مديني جي غم پريل ماحول ۾ جڏهن پيغمبر اسلام صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو وصال ٿيو ته مديني جي پرپاسي جا ڪيترائي ماڻهو دين اسلام کان ڦري ويا، دشمنن شهرِ رسول تي حملي جون تياريون مڪمل ڪري ورتيون، اسلامي لشڪر ڪي حضرت اسامہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي اڳواڻي ۾ روم جي مقابلي تي پاڻ رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مرضِ وفات ۾ موڪلي چڪا هئا سياسي حالتن سنگين موڙ اختيار ڪري ورتو هو، صحابہءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جو مشورو هو ته لشڪر ڪي واپس سڏرائي ونجي، پر اهو عشق ئي هو جنهن سيني جي خلاف پڪاري چيو قسم انهيءَ ذات جو، جنهن کان سواءِ ڪو معبود ناهي، ابو قحافه جي پٽ (ابو بڪر) کان هرگز اهو نٿو ٿي سگهي جو هو ان لشڪر کي واپس موٽائي جنهن کي الله عَزَّوَجَلَّ جي رسول صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ

وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اڳتي موڪليو آهي. پلي ڪتا اسان جون ٽنگون پٽي ڪٽي وڃن پر رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو موڪليل لشڪر واپس نٿو گهرائي سگهان ۽ پنهنجي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ٻڌل جهنڊو نٿو کولي سگهان، عشق جو فيصلو عقل جي فيصلي جي بلڪل ابتڙ هو. پر دنيا ڏٺو ته جڏهن عشق جو فيصلو نافذ ٿي ويو ته سڀ سازشون پاڻ ئي دم ٽوڙي ويون دشمنن جا حوصلا شڪست کائيندڙن وانگر ٿي ويا ۽ سياسي حالتن جو منظر ئي تبديل ٿي ويو.

مرحبا اے عشق خوش سودائے ما
اے دوائے جملہ علتہائے ما

عشقِ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪڏهن پوري طريقي سان دل ۾ گهر ڪري وڃي ته پوءِ اتباعِ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ظهور لازم ٿي ويندو آهي. احڪامِ الٰهي جي تعميل ۽ سِيرَتِ نَبوي جي پيروي عاشق جي رڳ رڳ ۾ سمائجي ويندي آهي. دل، دماغ ، جسم ۽ روح تي قرآن ۽ سنت جي حڪومت قائم ٿي ويندي آهي. مسلمانن جي معاشرت بهتر ٿي ويندي آهي. آخرت چمڪڻ لڳندي آهي، تهذيب ۽ ثقافت جا جلوه نظر اچڻ لڳندا آهن ۽ ڪمزور انسانن ۾ اها طاقت ظاهر ٿيندي آهي جنهن سان جهان ۽ جهان جي بادشاهت جا جوهر ڏسجڻ لڳندا آهن.



کی محمد سے وفا تو نے تو ہم تیرے ہیں
یہ جہاں چیز ہے کیا لوح و قلم تیرے ہیں

انهيءَ ڪامل عشق جي طفيل صحابہءِ ڪرام رِضْوَانُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن ڪي دنيا ۾ اختيار ۽ اقتدار ۽ آخرت ۾ عزت ۽ وقار مليو، هي انهن جي عشق جو ڪمال هو جو مشڪل کان مشڪل گهڙي ۽ سخت کان سخت وقت ۾ بہ انهن کي اتباع رسول صَلَّى اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان منهن موڙڻ منظور نہ هو. هو هر مرحلي ۾ پنهنجي محبوب آقا صَلَّى اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو نقشِ قدم ڳوليندا ۽ انهيءَ کي مشعلِ راهہ بڻائي ڪري ڪوشش ۾ مصروف رهندا هئا ايستائين جو

لحد میں عشق رخ شہ کا داغ لے کے چلے
اندھیری رات سنی تھی چراغ لے کے چلے
(حدائق بخشش)

صحابي سڳورن کان تابعين رِضْوَانُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن هي قيمتي سرمايو حاصل ڪيو، انهن صحابہ رِضْوَانُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن جي رفاقت ۽ صحبت ۾ رهي ڪري عشقِ رسول صَلَّى اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سکيو ۽ دل ۾ سمايو، سيرت ۾ لاتو، ميدانِ جنگ ۾ نکاريو ۽ پنهنجي دنيا ۽ آخرت کي سنواريو.

اڄ عشق جي اها چاهہ هلڪي ٿيندي پئي وڃي ۽ نئين نسل نبي ڪريم صَلَّى اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي محبت دل ۾ سمائڻ جي بدران ڪنهن ٻئي هنڌ دل لڳائي ويٺي آهي. جڻ انهن کي خبر ئي نہ هجي تہ اسان ڇا آهيون ۽ اسان جو مرڪزِ عشق ۽ عقيدت ڪهڙو آهي. عقل بي وزن، علم بي عمل جهل بي ثمر، رت بي هنر (يعني عقل جي گهٽتائي، بي عملي، جهالت، سستي) اسان جي فتح واري قافلي کي تباهہ ڪري رهيو آهي ۽ پنهنجي بي وسي ۽ بي ڪسي جو حل بہ نظر نٿو اچي.

ضرورت هيءَ آهي تہ اسان صحابہ عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جن جي مبارڪ محفل ۾ هلون، فتح ۽ نُصرت جن جا قدم چمندي هئي، عشقِ رسول جن جي زندگي جي ڏن دولت، اِتباعِ رسول جن جي زندگي جو سرمايو ۽ جهان باني (يعني بادشاهت) جنهن جي تقدير بڻجي چڪي هئي، اسان انهن کي ڏسون تہ انهن جي ذاتِ رسول سان ڪيتري تہ وڏي حُبّ هئي. انهن جي بارگاهہ ۾ پهچي ڪري انهن مان درسِ محبت حاصل ڪريون.

پر هاڻي اهي محفلون اهي رفاقتون اهي سعادتون ڪٿي نصيب؟ اها بي بها دولت اها دلين کي منور ڪندڙ محبت اُهو بي مثل عشق اسان جي جهولين ۾ اچي تہ ڪئين اچي؟

آئون چوان ٿو تہ اسان پنهنجي نگاهِ بصيرت تيز ڪيون ۽ صحابہءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي واقعن ۾ انهن جي هلندڙ ڦرندڙ زندگي ڏسون بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ انهن جي مقدّس ۽ عظمت وارن ادائن جو مشاهدو ڪيون. اکين جي خيالي تصوّر سان دل جي تختيءَ تي انهن جي پاڪيزه عشق جو نقشو لکون اهڙي طرح جڻ تہ اسان بہ رسول ڪريم جي اصحابن جي محفل ۾ هونداسين ۽ انهن جو فيضانِ عشق ڪجهہ اسان تي بہ روشن ٿيندو. اصحابی کالنجوم فبایهم اقتدیتم اهتدیتم (کشف الخفاء الحديث 381 ج 1 ص 118)

يعني منهنجا صحابہ عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان تارن وانگر آهن انهن مان جنهن جي بہ پيروي ڪندؤ تہ هدايت حاصل ڪري وٺندؤ، اها مبارڪ بشارت اسان جي اندر ۾ ڪجهہ شعلا ٻاريندي، عشق ۽ عشق جي حيرت انگيز تاثير اسان جي حياتيءَ جي قافلي کي بہ علم ۽ هنر، ڪوشش ۽ عمل، فلاح ۽ ظفر کان متعارف ڪرائيندي.

نہیں مایوس ہے اقبال اپنی کشت ویراں سے
ذرا نم ہو تو یہ مٹی بہت زرخیز ہے ساقی

اهو ئي خيال هن ڪتاب جي ترتيب ڏيڻ جو مقصد بڻيو. موجوده نسل جي سيني ۾ عشقِ رسول صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امانت منتقل ڪرڻ جي لاءِ قلمَ رسولِ اڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مقدّس صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي محفل سجائي. انهن جي ساٿ ۽ صحبتن جا چمڪندڙ نقش ڳوليا ۽ پنهنجي پري واري نسل کي صحابہءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي صحبت جي هڪ قسم جو لطف وٺڻ جي راهه پيدا ڪئي، بارگاهِ رسول اڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ صحابہءِ ڪرام رِضۡوَانُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيۡهِمۡ اَجۡمَعِيۡن جي محبت ۽ فدائيت ۽ احترام ۽ عقيدت جي پروسي لائق واقعن جو هڪ شاندار گلدستو تيار ڪيو ۽ انهيءَ اميد سان دنيا جي مسلمانن جي خدمت ۾ پيش ڪري ڇڏيو تہ اهي پنهنجي اعليٰ شان ۽ شوڪت واري وِڃايل دولت کي همت ۽ جذبي جي ذريعي تلاش ڪن تہ انهن جو حال ۽ مال چمڪندڙ ۽ روشن ضرور ٿيندو.

بمصطفی برساں خویش راکہ دیں ہم اوست
و گر بآں نرسیدی تمام بولہبی ست

نظر ہو خواجہ کون ومکاں پر گر نثار اب بھی
تو ہو سکتی ہے نازل رحمت پروردگار اب بھی
فضائے بدر پیدا کر فرشتے تیری نصرت کو
اتر سکتے ہیں زمین پر قطار اند قطار اب بھی

هن ذخيري ۾ مختلف ڪتابن مان زياده تر حالات ۽ واقعات ڪي نقل ۽ چوڻ تي اڪتفاءُ ڪيو ويو آهي ۽ عام طور تي پنهنجي طرفان ڪنهن تبصري جي ضرورت محسوس نه ڪئي وئي، جو صحابهءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي زندگي جا حسين نقش اثر پيدا ڪندڙ ۽ ڪردار سازيءَ جي لاءِ پاڻ ئي ڪافي آهن.

وڏي احسان فراموشي ٿيندي جيڪڏهن هن موقعي تي پنهنجن قريبي ساٿين جو ذڪر نه ڪريان جن جي ڪرم سان مواد جي فراهمي، ڪتاب جي ترتيب، سرسري مضمون جي درستگي جي لاءِ بيهر ڏسڻ، پيش لفظن جي تحرير، پوءِ ڪتاب جي درستگي ۽ ڇپائي جي تمام مرحلن ۾ منهنجا همدم ۽ غمگسار ثابت ٿيا، ۽ انهن جي مهربانين جي طفيل هي ڪتاب جلد اوهان جي هٿن ۾ پهچي سگهيو.

انهن ساٿين مان منهنجي مراد آهي: مولانا افتخار احمد قادري، مولانا يٰسين اختر اعظمي، مولانا محمد احمد مصباحي، مولانا عبد المبين نعماني، مولانا نصراللّٰه رضوي، جزاهم اللّٰه احسن الجزاء و خصّهم بعظيم نعمه وجليل کرمه فی الدين و الدنيا و الاخرة اها دعوٰي ناهي ته زير نظر ڪتاب ان موضوع تي حرفِ آخر آهي بلڪ اڃان واڌاري جي گهڻي گنجائش باقي آهي. پر پوري اميد آهي ته جنهن نيڪ جذبي ۽ اهم مقصد جي پيش نظر هي مجموعو تيار ڪيو ويو آهي تنهن مان اِنۡ شَآءَاللّٰه المولی القدير گهڻي حد تائين فائدو حاصل ٿيندو.

شال! ربّ ڪريم مسلمانن جي سينن ڪي عشقِ رسول سان پري ۽ انهن کي مني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيروي ۽ مني محبوب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فدائين جي پيروي سان ٻنهي جهانن ۾

سرفراز ۽ سرخرو ڪري. انهن ڪي جيئڻ ۽ مرڻ جو ڍنگ عطا ڪري ۽ غيرن جي بدران رسولِ اڪرم، رحمةٌ للعٰلمين، خاتم النَّبِيّيِّن عَلَيۡهِ اَفۡضَلُ الصَّلٰوةِ وَالتَّسۡلِيۡم جي مبارڪ بارگاھ سان هر لمحي هر گهڙي وابستہ رهڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين.

پھرے گلی گلی تباہ ٹھوکریں سب کی کھائے کیوں
دل کو جو عقل دے خدا تیری گلی سے جائے کیوں
جان ہے عشق مصطفٰے روز فزوں کرے خدا
جس کو ہو درد کا مزہ ناز دوا اٹھائے کیوں
سنگ در حضور سے ہم کو خدا نہ صبر دے
جانا ہے سر کو جا چکے دل کو قرار آئے کیوں

**محمد اڪرم رضوي**

**جمعو پهرين جمادي الآخره** 1405ھ

22 **فيبروري** 1985ء



اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# مقدّمو

نحمده ونصلی علی رسوله الکریم وعلی اٰله وصحابه اجمعین

محمد کی محبت دین حق کی شرط اول ہے
اسی میں ہو اگر خامی تو سب کچھ نا مکمل ہے
محمد کی محبت ہے سند آزاد ہونے کی
خدا کے دامن توحید میں آباد ہونے کی

قرآن چوي ٿو:

قُلْ اِنْ كَانَ اٰبَآؤُكُمْ وَ اَبْنَآؤُكُمْ وَ اِخْوَانُكُمْ وَ اَزْوَاجُكُمْ وَ عَشِيْرَتُكُمْ وَ اَمْوَالُ اقْتَرَفْتُمُوْهَا وَ تِجَارَةٌ تَخْشَوْنَ كَسَادَهَا وَ مَسٰكِنُ تَرْضَوْنَهَاۤ اَحَبَّ اِلَيْكُمْ مِّنَ اللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ وَ جِهَادٍ فِيْ سَبِيْلِهٖ فَتَرَبَّصُوْا حَتّٰى يَاْتِيَ اللّٰهُ بِاَمْرِهٖ ؕ وَ اللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ ﴿۲۴﴾ (پ: 10، التوبة: 24)

**ترجمو كنزالايمان:** تون فرماءِ: جيڪڏهن توهان جا پيءُ ۽ توهان جا پُٽ ۽ توهان جا ڀائر ۽ توهان جون زالون ۽ توهان جو ڪٽنب ۽ توهان جو ڪمايل مال ۽ واپار جنهن جي نقصان جو توهان کي ڀؤ آهي ۽ توهان جي پسند جون جايون اهي شيون الله ۽ ان جي رسول ۽ ان جي راهِ ۾ وڙهڻ کان وڌيڪ پياريون هجن پوءِ انتظار ڪريو تان جو الله پنهنجو حڪم آڻي ۽ الله فاسقن کي هدايت نہ ڏيندو آهي.

انسان جي اندر والدين، اولاد، ڀاءُ، زال، خاندان ۽ مال، واپار ۽ گهر انهن سڀني شين جي محبت فطري آهي پر رب تعاليٰ پنهنجن

ٻانهن کي آگاهه فرمائي ته جيڪڏهن توهان ۾ انهن سڀني شين جي محبت منهنجي ۽ منهنجي محبوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي محبت کان وڌي وڃي ته اوهان ڄڻ ته خطري جي حد ۾ داخل ٿي چڪا آهيو ۽ تمام جلد توهان کي منهنجو غضب ۽ عذاب پنهنجي پڪڙ ۾ آڻيندو انهيءَ مان خبر پئي ته هڪ مومن جي لاءِ رسول ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان محبت نه صرف هي جو فرض آهي بلڪ سڀ کان ويجهن رشتيدارن ۽ سڀ کان وڌيڪ قيمتي سرمايي (پُونجي) کان مُقدم (پهريان) آهي. خود رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمائن ٿا:

لَايُؤۡمِنُ اَحَدُكُمۡ حَتّٰى اَكُوۡنَ اَحَبَّ اِلَيۡهِ مِنۡ وَّالِدِهٖ وَوَلَدِهٖ وَالنَّاسِ اَجۡمَعِيۡن

توهان مان ڪو ان وقت تائين مومن نٿو ٿي سگهي جيستائين آئون ان جي ويجهو ان جي پيءُ اولاد ۽ سڀني ماڻهن کان پيارو نه ٿي وڃان.(صحيح البخارى، كتاب الايمان، باب حب الرسول.....الخ، الحديث:١٥، ج١، ص١٧)

هڪ ڏينهن حضرت عمرفاروق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن سان عرض ڪيو يا رسول الله! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم توهان منهنجي جان کان سواءِ هر شيء کان وڌيڪ پيارا آهيو ته نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”ان جو قسم! جنهن جي قبضيءَ قدرت ۾ منهنجي جان آهي توهان مان ڪير به ڪامل مومن نٿو ٿي سگهي جيستائين آئون ان جي ويجهو ان جي جان کان به وڌيڪ پيارو نه ٿي وڃان.“ اهو ٻڌي ڪري حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن عرض ڪيو ان ذات جي قسم! جنهن اوهان تي ڪتاب نازل فرمايو، اوهان منهنجي جان کان به وڌيڪ مونکي پيارا آهيو، انهي تي حضور اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ها هاڻي! اي عمر!

(صحيح البخاري، كتاب الايمان والنذور، باب كيف كانت ....... الخ، الحديث: 6632، ج 4، ص 283)

اُحد جي جنگ ۾ هڪڙي صحابيه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا جو پيءُ ڀاءُ ۽ مڙس پرواني جيان وڙهندي وڙهندي شهيد ٿي ويا. ان کي جڏهن هي معلوم ٿيو ته تنهن جو کو ڏک نه ڪيائين رڳو اهو پڇا ڪيائين ته رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪيئن آهن؟ جڏهن ان کي ٻڌايو ويو ته حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن خيريت سان ۽ سلامت آهن ته چيائين ته مونکي حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪرايو، حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏسي ڪري (۽ هڪڙي روايت ۾آهي ته بيتابي سان پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ڪپڙو جهلي ڪري) چوڻ لڳيون: كُلُّ مُصِيْبَةٍ بَعْدَكَ جَلَلٌ يعني توهان جي هوندي هر مصيبت حقير آهي.

(السيرة النبوية لا بن هشام، غزوة احد ، شاءن المراءة الدينارية ، ج 3 ، ص 86)

هي هو محبتِ رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو سچو جذبو! ڇا ان جي مثال ملي سگهي ٿي؟

حضرت عائشه صدّيقه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا بيان فرمائن ٿيون ته هڪ شخص رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي ڪري عرض ڪيو. يا رسول اللّٰه! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اوهان يقيناً منهنجي ويجهو منهنجي جان ۽ منهنجي اولاد کان به وڌيڪ پيارا آهيو پر جنهن وقت اوهان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ياد اچي وڃو ٿا ته جيستائين اوهان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿي ڪري اوهان کي ڏسي نه وٺان سڪون نٿو اچي، پر هن دنيا مان رخصت ٿيڻ ڪانپوءِ جنّت ۾ داخل ٿي ڪري اوهان نبين سڳورن عَلَيْهِمُ السَّلَام سان گڏ اعلٰي مقام ۾ هوندؤ ۽ آئون هيناهين درجي ۾ هئڻ جي سبب خوف ڪريان ٿو ته ڪٿي اوهان کي ڏسي نه سگهان. هي ٻڌي ڪري حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن خاموش رهيا ايتري ۾ حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام جن هي آيت کڻي ڪري حاضر ٿيا:

وَ مَنۡ يُّطِعِ اللّٰهَ وَ الرَّسُوۡلَ فَاُولٰٓـئِكَ مَعَ الَّذِيۡنَ اَنۡعَمَ اللّٰهُ عَلَيۡهِمۡ مِّنَ النَّبِيّٖنَ وَ الصِّدِّيۡقِيۡنَ وَ الشُّهَدَآءِ وَ الصّٰلِحِيۡنَ‌ ۚ وَ حَسُنَ اُولٰٓـئِكَ رَفِيۡقًا ؕ﴿۶۹﴾ (پ: 5، النساء: 69)

ترجمو كنزالايمان: ۽ جيڪي الله ۽ سندس رسول جو حڪم مڃين تہ انهن کي انهن جو ساٿ نصيب ٿيندو جن تي الله فضل ڪيو يعني نبي ۽ صديق ۽ شهيد ۽ چڱا ماڻهو اهي ڪهڙا نہ چڱا ساٿي آهن.

(حلية الاولياء ، الحديث: 5516 ، ج4 ، ص 267)

انهي ڪري ئي صحابي سڳورا عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان هڪڙي لمحي جي لاءِ بہ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي بي چين ڏسڻ گوارا (يعني پسند) نہ ڪندا هئا. مڪي جي فتح کان پهريان مشهور صحابي حضرت زيد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ اسلام جي دشمنن جي گهيري ۾ اچي ويو، صفوان بن اميہ ان کي قتل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي غلام نسطاس سان گڏ تنعيم موڪليو. حضرت زيد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کي حرم جي حدن مان باهر وني وَيو تہ ابو سفيان (جن اجان اسلام نہ آندو هو) ان کان پڇيو: زيد! آئون توکي خدا جو قسم ڏئي ڪري پُڇان ٿو ڇا تون پسند ڪري سگهين ٿو تہ هن وقت اسان وٽ تنهنجي جڳهہ محمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) هجن ۽ اسين انهن کي قتل ڪري ڇڏيون ۽ تون آرام ۽ سڪون سان پنهنجي خاندان ۾ رهين. حضرت زيد جواب ڏنو: الله جو قسم! مان تہ هي بہ پسند نٿو ڪريان تہ هن وقت منهنجا آقا جتي بہ هجن انهن کي هڪ ڪنڊو بہ لڳي وڃي ۽ آئون آرام ۽ سڪون سان پنهنجي خاندان ۾رهان. اهو ٻُڌي ڪري ابو سفيان چيو مون ائين ڪِتي ناهي ڏٺو تہ ڪنهن سان اهڙي محبت ڪئي ويندي هجي جهڙي محبت محمّد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) سان انهن جا صحابي سڳورا ڪن ٿا، ان کانپوءِ حضرت زيد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جن کي شهيد ڪيو ويو. (شرح الشفاء للقاضي عياض ، باب الثاني ، فصل فيما روي عن السلف ، ج2، ص44)

حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي صحبت ۾ پهچڻ کانپوءِ سندن جي لاءِ پنهنجي سکون کي سکون نه سمجهيو ۽ پنهنجي راحت کي راحت نه سمجهيو پنهنجي جان کي جان نه سمجهي بلڪ اهو سڀ ڪجهه حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن تي قربان ڪري ڇڏيو هئائون. حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن سفر ۾ هوندا هئا ته حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ سندن کي هر طرح جو آرام پهچائڻ ۾ ڪا ڪَسَر نه ڇڏيندا هئا. اُس جو وقت هوندو ته حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي لاءِ ڇانوَ جو انتظام ڪندا هئا ڪجهه وقت جي لاءِ جتي ترسڻو هوندو هو ته خيمو لڳائيندا هئا جنگن ۾ هوندا ته اهي حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جا محافظ تي ڍال ٻڌجي ويندا هئا. جڏهن حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي وفات جو وقت اچي ويو ته سندس جي گهر واريءَ چيو. وَاحُزۡنَاہ (هاءِ ڏک) حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن چيو: بلڪ نه "وَاطَرَبَاہ اَلۡقٰی غَدًا الۡاَحِبَّہ مُحَمَّدًا وَّ صَحۡبَہ (شرح الشفاء للقاضي عياض، باب الثاني، فصل فيما روي عن السلف، ج2، ص 43) واه خوشي! سڀاڻي اسان محمد صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۽ سندن جي صحابين رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھُم سان ملڻ وارا آهيون.

۽ جنهن سان محبت هوندي آهي ان جي هر شيءِ سان محبت هوندي آهي ان جي هر ادا سان محبت، ان جي رفتار سان محبت، ان جي گفتار سان محبت، ان جي لباس ۽ ڪاڌي سان محبت، مطلب ته هر شيء سان محبت هوندي آهي.

حضرت عبيد بن جريح حضرت ابن عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن کي چيو: مون اوهان کي اڪثر ڏٺو آهي ته ڍڳي جي سڪايل چمڙي جي ٺِهيل وارن واري جُتي پائيندا آهيو. حضرت عبدالله ابن عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن فرمايو: مون رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي ڏٺو ته پاڻ اهڙي ئي جتي پائيندا هئا جنهن ۾ وار نه هجن انهيءَ ڪري آئون به

اهڙي ئي جتي پائڻ پسند ڪريان ٿو. (صحيح البخاري، كتاب الوضوء، باب غسل الرجلين.... الخ، الحديث 166 ، ج1 ، ص 80)

حضرت انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن بيان فرمائن ٿا ته هڪڙي درزيءَ رسولُ الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ماني جي دعوت ڪئي مان به حضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان گڏ ويس. جَوَن جي ماني ۽ بوڙ حضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سامهون آندو ويو جنهن ۾ ڪدو ۽ خشڪ ڪيل نمڪين گوشت هو، کائڻ جي دوران مون حضور عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن کي ڏٺو ته پيالي جي ڪنارن کان ڪَدُو جا ٽُڪرا (ننڍا ٽڪر) ڳولي رهيا آهن انهيءَ ڪري آئون ان ڏينهن کان ڪدو پسند ڪرڻ لڳس. (صحيح البخاري ، كتاب الاطعمة ، باب الدباء ، الحديث5433، ج3، ص 536)

امام يوسف (شاگردِ امام اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا) جي سامهون ان روايت جو ذڪرڪيو ويو ته حضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪدو پسند فرمائيندا هئا ته مجلس ۾ هڪ شخص چيو: پر مونکي ته ڪدو پسند ناهي اهو ٻڌي ڪري امام يوسف رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن تلوار ڪڍي ورتي ۽ فرمايو جَدِّدِالْاِيْمَانَ وَ اِلَّا لَاَقْتُلَنَّکَ تجديدِ ايمان ڪر، نه ته توکي قتل ڪرڻ کانسواءِ نه ڇڏيندس. (الشفا للقاضي، باب الثاني، فصل في علامة محبته صلي الله عليه وسلم ، ج 2، ص 51)

## تعظيمِ رسول صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ صحابي سڳورا رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُم

جنهن وڏي سان محبت هوندي آهي ان جي عظمت دل ۽ دماغ تي ڇائنجي ويندي آهي، پوءِ اهو چاهڻ وارو پنهنجي محبوب جي تعظيم ۾ ان جي عظمت جو ڪلمو پڙهڻ لڳندو آهي، اسلام ته هر وڏي جي تعظيم جو سبق ڏنو آهي.

مَنۡ لَمۡ يَرۡحَمۡ صَغِيۡرَنَا وَلَمۡ يُوَقِّرۡ كَبِيۡرَنَا فَلَيۡسَ مِنَّا

(سنن الترمذي، كتاب البر و الصلة، باب ماجاء في رحمة الصبيان، الحديث 1926، ج 3، ص 369)

جيڪو اسان جي نندي تي شفقت نہ ڪري ۽ اسان جي وڏي جي تعظيم نہ ڪري تہ اهو اسان مان ناهي ۽ نبي آخرالزّمان محمّد رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تہ سيني وڏن مان سڀ کان وڏا آهن ۽ ايترا وڏا آهن جو اڄ تائين ايڏو وڏو پيدا نہ ٿيو ۽ نہ ئي پيدا ٿيندو، انهيءَ ڪري پاڻ سڳورن جي تعظيم بہ سڀ کان وڌيڪ هجڻ گهرجي. قرآن پاڪ ۾ آهي.

اِنَّاۤ اَرْسَلْنٰكَ شَاهِدًا وَّ مُبَشِّرًا وَّ نَذِيْرًا ﴿۸﴾ لِّتُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ وَ تُعَزِّرُوْهُ وَ تُوَقِّرُوْهُ ؕ وَ تُسَبِّحُوْهُ بُكْرَةً وَّ اَصِيْلًا ﴿۹﴾ (پ: 26 الفتح: 8-9)

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ اسان توکي موڪليو حاضر ۽ ناظر ۽ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ديڄاريندڙ ڪري. تہ جيئن اي انسانو توهان الله ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻيو ۽ رسول جي تعظيم ۽ احترام ڪريو ۽ صبح ۽ شام الله جي پاڪائي بيان ڪريو.

اوهان غور ڪريو هن آيت ۾ پهريان الله تي ايمان ۽ رسول تي ايمان جو مطالبو ڪيو ويو آهي، ۽ ان کان فوراً بعد رسول معظّم و مڪرّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعظيم ۽ توقير جو حڪم ڏنو ويو آهي ۽ پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي تسبيح جو حڪم ارشاد فرمايو آهي. ربّ تعالٰي پنهنجي تسبيح تي پنهنجي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعظيم ۽ توقير کي مقدم ڪري حبيب جي تعظيم جي اهميت ۽ عظمت ۾ ڪيتري قدر اضافو ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي شاهد مبشر ۽ نذير بڻائي ڪري انهي ئي لاءِ موڪليو ويو آهي تہ ماڻهو الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ايمان آڻن، ۽ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعظيم ڪن ۽ پوءِ ربّ عَزَّوَجَلَّ جي تسبيح ڪن.

هڪ ٻي جڳهه تي قرآنِ ڪريم نبيءِ اَڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي تعظيم ڪرڻ وارن جي لاءِ ڪاميابي جو هِن طرح اعلان ڪري رهيو آهي:

فَالَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡا بِہٖ وَ عَزَّرُوۡہُ وَ نَصَرُوۡہُ وَ اتَّبَعُوا النُّوۡرَ الَّذِیۡۤ اُنۡزِلَ مَعَہٗۤ ۙ اُولٰٓئِکَ ہُمُ الۡمُفۡلِحُوۡنَ ﴿۱۵۷﴾ (پ: 9 الاعراف: 157)

ترجمو ڪنزالايمان: پوءِ جيڪي ان تي ايمان آڻين ۽ سندس تعظيم ڪن ۽ ان جي مدد ڪن ۽ ان نور جي پيروي ڪن جيڪو ان سان گڏ نازل ٿيو اُهي ئي با مراد آهن.

هن آيت سڳوريءَ ۾ به رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي تعظيم ۽ مدد ڪرڻ وارن کي ڪاميابي جي ضمانت ڏني ويئي آهي.

هي ربّ پاڪ جا ارشاد صحابن سڳورن عَلَیۡھِمُ الرِّضۡوَان جي سامهون هوندا هئا، انهيءَ ڪري انهن پنهنجي آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اهڙي تعظيم ڪئي جو دنيا جي ڪنهن شهنشاهه جي به اهڙي طرح تعظيم نه ڪئي وئي. صحابين سڳورن عَلَیۡھِمُ الرِّضۡوَان جي تعظيم ۽ توقير جو حال ڏسي ڪري صُلح حُدَيبيه جي موقعي تي قريش جي ترجمان عروه بن مسعود جنهن اجان ايمان نه آندو هو، اهو تاثر پيش ڪيو هو، جڏهن اهو پنهنجي جو نه غير جو تاثر آهي. ان چيو: اي انسانؤ! خدا جو قسم آئون بادشاهن جي درٻارن ۾ به ويو آهيان قيصر و ڪسريٰ ۽ نجاشي جي آستانن تي به حاضري ڏئي چڪو آهيان. خدا جو قسم ڪنهن بادشاه جي ايتري تعظيم ٿيندي ناهي ڏٺي، جيتري تعظيم محمّد (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) جي سندن جا صحابي (عَلَیۡھِمُ الرِّضۡوَان) ڪن ٿا. جڏهن به سندن جي مقدس وات مان لعاب مبارڪ نڪتي اها ڪنهن نه ڪنهن عاشق جي هٿ تي اچي پوندي هئي، جنهن کي اهي پنهنجي چهرن ۽ جسمن

تي مَلي ڇڏيندا هئا، ۽ جڏهن اهي پنهنجي صحابين کي ڪنهن ڳالهه جو حڪم ڏيندا آهن ته اهي ان جي تعميل جي لاءِ ڊوڙي پوندا آهن، ۽ جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وضو ڪندا آهن ته اهي صحابي وضو جي پاڻي کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ هڪ ٻئي کان اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، ۽ جڏهن اهي گفتگو فرمائيندا آهن ته اهي ماٺهو خاموش ۽ پُر سڪون رهندا آهن ۽ تعظيم ۽ توقير جي ڪري سندن ڏانهن هڪ نظر ڏسندا به ناهن. (السيرة النبوية لابن هشام، ج3 ، ص 268)

هي هو صحابين سڳورن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي تعظيم ۽ توقير ۽ محبت جي انداز جو مختصر خاڪو جنهن کي هڪ غير (يعني پَرائِي) پيش ڪيو هو، خود صحابين سڳورن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جن جي واقعن جي دنيا ۾ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعظيم و توقير جون ڪهڙيون ڪهڙيون مثالون پيش ڪيون آهن تنهن کي توهان اصل ڪتاب ۾ ڏسندا هتي صرف ڪجهه مثالن تي ڪفايت ڪئي ويندي.

(1) جنگِ خيبر جي واپسي ۾ صهبا جي مقام تي نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عصر جي نماز پڙهي ڪري حضرت علي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن جي گوڏي تي مٿو مبارڪ رکي ڪري آرام فرمايو، حضرت علي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ عصر جي نماز نه پڙهي هئي پنهنجي اکين سان ڏسي رهيا هئا ته وقت وڃي رهيو آهي، پر ان خيال کان ته گوڏو هٽايان تو ته ائين نه ٿئي جو حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ننڊ ڦٽي وڃي، تنهن ڪري گوڏو نه هٽايائون، ايستائين جو سج لهي ويو، جڏهن اک مبارڪ کلي ته حضرت علي كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم جن پنهنجي نماز جو حال عرض ڪيو. حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن دعا فرمائي سج واپس موٽي آيو حضرت علي كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم جن عصر جي نماز ادا ڪئي پوءِ سج لهي ويو. (الشفاء، ج 1، ص 594 ، شواهد النبوة ، رکن سادس ، ص 220)

تعظيمِ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خاطر افضل العبادات نماز ۽ اها بہ صلوةِ وسطيٰ (نماز عصر) موليٰ علي كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم جن قربان كري ڇڏي آسمان جي اکين اهڙو ڏيک (منظر) ڪڏهن نہ ڏٺو هوندو، رب تعاليٰ جي هڪ ٻانهي جي درخواست تي ان جي هڪ فِدائي جي لاءِ سج کي واپس موٽايو ويو هجي، ۽ هڪ فِدائي فقط رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعظيم ۽ توقير جي پيشِ نظر ايتري عظيم قرباني ڏني هجي. انهي ئي کي امام اهلسنت قُدِّسَ سِرّہ هن طرح بيان فرمائن ٿا:

مولیٰ علی نے واری تری نیند پر نماز
اور وہ بھی عصر سب سے جو اعلیٰ خطر کی ہے

(2) هجرت جي موقعي تي يارِ غار حضرت ابو بکر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جن جيڪا جان قربان ڪرڻ جي مثال قائم ڪئي آهي اها بہ پنهنجي جڳهہ تي بي مثال آهي، جو جڏهن حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ صديق اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ ٻئي غار جي ويجهو پهتا تہ پهريائين صديقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جن لٿا صفائي ڪيائين، غار جي سيني سوراخن کي بند ڪيائين، هڪڙي سوراخ کي بند ڪرڻ جي لاءِ ڪا شيء نہ ملي تہ پاڻ پنهنجي پير جو آڱوٺو وجهي ڪري انکي بند ڪيو، پوءِ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي سڏيو ۽ حضور تشريف کڻي ويا ۽ صديقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جن جي گوڏي تي مٿو رکي ڪري آرام فرمائڻ لڳا، ايتري ۾ نانگ صديقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي پير کي ڏنگي وِڌو، پر صديقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ تڪليف جي شدّت جي باوجود فقط ان خيال کان حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ننڊ نہ ڦٽي وڃي، ساڳئي طرح بي حرڪت ۽ خاموش رهيا آخر جڏهن صبر جي انتها ٿي ويئي تہ اکين مان ڳوڙها جاري ٿي ويا، جڏهن لڙڪن جا قطرا تاجدارِ سالت جي

چهري انور تي ڪِريا ته پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جاڳي پيا، ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن قِصّو عرض ڪيو حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ڏنگيل حصي تي پنهنجي وات مبارڪ جي ٿُڪ لڳائي ته يڪدم آرام ملي ويو. هڪڙي روايت ۾ آهي ته نانگ جو اهو زهر هر سال موٽندو هو ۽ ٻارنهن سالن تائين حضرت صديقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ ان زهر جي تڪليف ۾ مبتلا رهيا پوءِ آخر ۾ ان زهر جي اثر سان پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن جي شهادت ٿي. (مدارج النبوت ، ج2 ، ص 58)

(3) رسول اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ذوالقعده 6 ھ ۾ صحابين سڳورن سان گڏ عمري جي ارادي سان مڪي شريف جي لاءِ روانا ٿيا، جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن حديبيه جي مقام تي پهتا ته قريش تي خوف ۽ نااميدي طاري ٿي وئي، انهي ڪري پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي مڪي پاڪ موڪليو ۽ سندس کي اهي هدايتون ڏنيون ته توهان قريش کي اهو ٻڌائيو وڃي ته اسان جنگ جي لاءِ نه بلڪ عمري جي ادائيگي جي لاءِ اچي رهيا آهيون ۽ انهن کي اسلام جي دعوت به ڏجان ۽ اهي مسلمان مرد ۽ عورتون جيڪي مڪي ۾ آهن انهن کي فتح جي خوشخبري ٻڌائجو. حضرت عثمان رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ مڪي ڏانهن روانا ٿيا ۽ سندس سان رستي ۾ حضرت ابان بن سعد اُمَوي مليا جن اڃان ايمان نه آندو هو، تنهن حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي پنهنجي پناهه ۽ ضمانت ڏني ۽ پنهنجي گهوڙي تي سوار ڪري ان کي مڪي مڪرّمه ڏانهن وني آيا. حضرت عثمان رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن ماڻهن تائين رسول اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو پيغام پهچايو. هيڏانهن حديبيه ۾ صحابه عَلَیۡہِمُ الرِّضۡوَان چوڻ لڳا ته عثمان خوش نصيب آهن جو ان کي بيت اللّٰه جو طواف نصيب ٿي چڪو هوندو، اهو ٻڌي ڪري رسول اللّٰه

صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: منهنجو خيال آهي تہ عثمان رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ مون کان بغير طواف نہ ڪندو. انهيءَ دوران هي افواھ (ڪوڙي خبر) پکڙجي وئي تہ حضرت عثمان غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ مڪي ۾ قتل ڪيا ويا آهن، انهي لاءِ رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن صحابين سڳورن عَلَیۡہِمُ الرِّضۡوَان کان بيعت ورتي، جيڪا اڳتي هلي"بيعت رضوان" جي نالي سان مشهور ٿي. حضرت عثمان غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ چو جو ان وقت مڪي ۾ هئا انهيءَ ڪري حضور اقدس صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن خود پنهنجو ڪاٻو هٿ ساڄي هٿ تي رکي ڪري ارشاد فرمايائون تہ هي هٿ عثمان جو هٿ آهي، ايئن عثمان غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي بيعت جي شرف ۾ داخل ڪيو ۽ اهڙي طرح رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو هٿ حضرت عثمان رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جو هٿ مقرر ٿيو. بيعت رضوان ڪانپوءِ جڏهن حضرت عثمان غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن واپس تشريف کڻي آيا تہ مسلمانن ان کي چيو اوهان خوش نصيب آهيو جو اوهان بيت الله جو طواف ڪري ورتو. پاڻ جواب ڏنائون توهان اهو منهنجي باري ۾ صحيح اندازو نہ لڳايو، ان ذات جو قسم جنهن جي قبضي قدرت ۾ منهنجي جان آهي جيڪڏهن آئون مڪي ۾ هڪ سال تائين بہ رهان ها ۽ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن حديبيہ ۾ هجن ها تڏهن بہ آئون پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کان بغير طواف نہ ڪريان ها. قريش مونکي طواف جي لاءِ چيو هو پر مون انڪار ڪري ڇڏيو.

(مدارج النبوت ، ذکر سال ششم آنحضرت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ، فرضيت حج ، ج2 ، ص 209)

حضرت عثمان غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن ۾ رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي تعظيم ۽ ادب جو اهو لحاظ ڏسڻ جي قابل آهي تہ ڪافرن سندس کي پيشڪش ڪري رهيا هئا تہ طواف اڪيلي ڪري وٺو پر پاڻ جواب ڏنا تہ مونکان ايئن هرگز نٿو ٿي سگهي جو آئون پنهنجي آقا صَلَّی اللہ

تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان بغير طواف ڪري ونان. هيڏانهن مسلمانن جو اهو تاثر ته حضرت عثمان رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ خوش نصيب آهن جو انهن کي ڪعبہ جو طواف نصيب ٿي ويو. حضور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اهو ٻڌي ڪري فرمايو عثمان اسان کان بغير ائين نٿا ڪري سگهن. ڇڻ حضور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي بہ پنهنجي جان نثار غلام تي پورو پروسو هو. آقا هجي ته اهڙو ۽ غلام بہ هجي ته اهڙو.

رسول اڪرم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اهڙي قسم جي تعظيم ۽ اهڙي طرح جو ادب صحابن سڀورن عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جو پنهنجو ڪو ايجاد ڪيل يا نئون ڪم نہ هو، بلڪ الله تعالي پنهنجي محبوب رسول صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعظيم ۽ مجلس جا اَدَبَ پاڻ بيان فرمايا آهن. دنيا جو شهنشاهہ ايندو آهي تہ پنهنجي دربار جا اَدَبَ پاڻ ٺاهيندو آهي ۽ جڏهن ويندو آهي تہ پنهنجي نظامِ اَدَب کي بہ کڻي ويندو آهي.

پر اسلام جي شهنشاهہ حضور اقدس صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دربار جو عالم ئي نرالو آهي، جڏهن پاڻ سڀورا صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف آڻين ٿا ته خالقِ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ پاڻ سڀورن صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دربار جو ادب نازل فرمائي ٿو ۽ ڪنهن خاص وقت جي لاءِ نہ بلڪ هميشہ هميشہ جي لاءِ ادب جا قانون مقرر فرمائي ٿو، ارشاد ٿئي ٿو.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا لَا تُقَدِّمُوۡا بَيۡنَ يَدَيِ اللّٰهِ وَرَسُوۡلِهٖ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيۡعٌ عَلِيۡمٌ ﴿۱﴾ (پ: 26 الحجرات: 1)

ترجمو ڪنزالايمان: اي ايمان وارؤ! الله ۽ ان جي رسول کان اڳتي نہ وڌو ۽ الله کان ڊڄو بيشڪ الله ٻڌي ڄاڻي ٿو.

ڪجھ صحابن سڳورن عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان عيد الاضحيٰ کان پهرين ئي قرباني ڪري ورتي هئي، يا ڪجھ صحابن سڳورن عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان رمضان المبارڪ جا روزا هڪ ڏينهن پهريان ئي کان شروع ڪري ڇڏيا، انهن کي هدايت ڪئي ويئي ته ائين نه ڪن، رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان اڳتي وڌڻ جي ڪوشش نه ڪن، ائين ڪرڻ خطرناڪ آهي. آيت تي غور ڪرڻ سان هڪڙي ڳالھ اها به معلوم ٿئي ٿي ته رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بي ادبي الله عَزَّوَجَلَّ جي بي ادبي آهي، جن ماڻهن اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. انهن رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. پر حڪم لٿو ته توهان الله ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان اڳتي وڌڻ جي ڪوشش نه ڪريو.

بيو هي ته ڪنهن قول، فعل ۾ اڳتي وڌڻ کان روڪيو ويو آهي. ڇاڪاڻ ته آيت ۾ اهو حڪم بغير قيد جي آهي. اهڙي ئي طرح جڏهن رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن جڳھ تي تشريف ڪٺي وڃن ته بِنا ڪنهن خاص حڪمت جي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اڳيان هلڻ به منع آهي. جيڪڏهن ڪو حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مجلس ۾ سوال ڪري ته حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پهريان ڪنهن ٻئي کي ان جو جواب به نه ڏيڻ گهرجي، اهڙي ئي طرح جڏهن ڪاڏو حاضر ٿئي ته حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان پهريان کائڻ شروع نه ڪيو وڃي.

پوءِ اُهو به ڏسو ته جن صحابن سڳورن اڳيرائي ڪئي هئي، اها الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۾ ڪئي هئي روزا رکڻ يا قرباني ڪرڻ ۾ ڪئي هئي، ائين ڏسڻ ۾ ته ڪو ڏوھ نٿو معلوم ٿئي، پر آسمان تان تنبيھ اچي رهي هئي ته اي ايمان وارؤ! وڏي شان وارين عبادتن ۾ به توهان منهنجي نبيءَ کان اڳتي نه وڌو ۽ انهيءَ معاملي ۾ الله عَزَّوَجَلَّ کان

ڏجندا رهجو، يقيناً الله عَزَّوَجَلَّ توهان جي هر نقل ۽ حرڪت اٿڻ ويهڻ ڪي ڏٺڻ وارو ۽ ڄاڻڻ وارو آهي. ان ئي سورت ۾ اڳتي الله عَزَّوَجَلَّ هن طرح پنهنجي نبي جي تعظيم جي تعليم ڏئي رهيو آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَرْفَعُوْۤا اَصْوَاتَكُمْ فَوْقَ صَوْتِ النَّبِيِّ وَ لَا تَجْهَرُوْا لَهٗ بِالْقَوْلِ كَجَهْرِ بَعْضِكُمْ لِبَعْضٍ اَنْ تَحْبَطَ اَعْمَالُكُمْ وَ اَنْتُمْ لَا تَشْعُرُوْنَ۝۲ (پ: 26 الحجرات: 2)

ترجمو ڪنزالايمان: اي ايمان وارؤ! پنهنجو آواز بلند نہ ڪريو هن نبي (غيب جون خبرون ٻڌائيندڙ) جي آواز ڪان ۽ ان جي بارگاھ ۾ رڙ ڪري نہ ڳالهايو جيئن پاڻ ۾ هڪ ٻئي جي سامهون رڙ ڪندا آهيو متان توهان جا عمل چٽ ٿي وڃن ۽ توهان ڪي خبر بہ نہ هجي.

هن آيتِ ڪريمہ ۾ بہ الله عَزَّوَجَلَّ ايمان وارن ڪي پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هڪ عظيم ادب سيکاريو آهي تہ توهان منهنجي محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون ڳالهائڻ ۾ بہ با ادب رهو، سندن جي سامهون هلڪي آواز ۾ ڳالهيون ڪيو، جيڪڏهن توهان زور زور سان دانهون ڪري ان جي سامهون ڳالهائيندؤ تہ توهان جا عمل برباد ڪيا ويندا. غور ڪريو وڏي ڪان وڏو ڏوھ تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ معاف ٿي سگهي ٿو پر رب تعالٰي پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بي ادبي ۽ گستاخي معاف نہ فرمائيندو.

ادب گاہیست زیر آسماں از عرش نازک تر
نفس گم کردہ می آید جنید و بایزید ایں جا

حضرت ثابت بن قيس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ وڏي آواز وارا هئا هن آيت ڪان پوءِ تنهن ڪي حڪم ٿيو تہ هِن بارگاھ ۾ پنهنجي آواز ڪي آهستي ڪن

اهي انتهائي ادب ۽ خوف جي ڪري دنيا کان منهن موڙي اڪيلائي ۾ ويهڻ لڳا، بارگاهِ نبوي ۾ نظر نہ آيا تہ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان جي غير حاضري جو سبب حضرت سعد رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان پڇيو، ڇوجو اهي حضرت ثابت رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن جا پاڙيسري هئا تنهن وجي ڪري حضرت ثابت رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن کان پڇيو تہ چيائون آئون تہ دوزخي ٿي ويس، منهنجو ئي آواز رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سامهون سيني کان وڌيڪ وڏو هوندو هو. حضرت سعد جن رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون حضرت ثابت رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو قول نقل ڪري ٻڌايو، حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: نہ، ثابت کي ٻڌايو وڃي تہ هو جنّتي آهن.

اللّٰہ تعالیٰ انهن ماڻهن جي تعريف ڪري رهيو آهي جيڪي رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون پنهنجي آوازن کي هلڪو رکن ٿا.

اِنَّ الَّذِیْنَ یَغُضُّوْنَ اَصْوَاتَهُمْ عِنْدَ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُولٰٓىٕكَ الَّذِیْنَ امْتَحَنَ اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ لِلتَّقْوٰىؕ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّ اَجْرٌ عَظِیْمٌ﴿۳﴾ (پ: 26 الحجرات: 3)

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ جيڪي پنهنجو آواز جهڪو رکندا آهن الله جي رسول وٽ اُهي ئي آهن جن جي دل الله پرهيزگاري جي واسطي پرکي ڇڏي آهي انهن جي لاءِ بخشش ۽ وڏو ثواب آهي.

آيت ڪريم لَا تَرْفَعُوْۤا اَصْوَاتَكُمْ جي نازل ٿيڻ کانپوءِ حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ۽ ٻيا صحابي سڳورا عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ايتري قدر گهٽ آواز سان ڳالهائيندا هئا جو حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ٻيهر پڇڻ جي ضرورت پيش ايندي هئي. حضرت صديقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن قسم کنيو تہ آئون رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان ائين ڳالهيون

ڪندس جيئن ڪن ۾ ڳالهايو ويندو آهي. انهن ماڻهن جي باري ۾ اها آيت ڪريمه نازل ٿي ۽ انهن ڪي ساراهيو ويو، جيڪي با ادب آهن ۽ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ آواز هلڪو رکن ٿا.

صحابي سڳورا عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي حضور ۾ ڪيتري قدر باادب رهندا هئا. حضرت موليٰ علي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ ان جو نقشو چٽيندي فرمائن ٿا: جنهن وقت پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن گفتگو شروع فرمائيندا (هئا ته) حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا صحابي اهڙي طرح متو جهڪائي ڇڏيندا هئا جڻ انهن جي متن تي پکي هجن. رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي "يامحمدا! يا محمدا!" چئي ڪري سڏڻ وارن جي رب تعاليٰ مذمت ڪندي فرمائي ٿو:

اِنَّ الَّذِيۡنَ يُنَادُوۡنَكَ مِنۡ وَّرَآءِ الۡحُجُرٰتِ اَكۡثَرُهُمۡ لَا يَعۡقِلُوۡنَ ﴿۴﴾ وَ لَوۡ اَنَّهُمۡ صَبَرُوۡا حَتّٰى تَخۡرُجَ اِلَيۡهِمۡ لَكَانَ خَيۡرًا لَّهُمۡ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ﴿۵﴾ (پ: 26 الحجرات: 4-5)

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ اهي جيڪي توکي حُجري جي ٻاهران پُڪارن ٿا انهن مان اڪثر بي عقل آهن ۽ جيڪڏهن اُهي صبر ڪن ها ايتري تائين جو تون پاڻ انهن وٽ تشريف فرما ٿئين ته اهو انهن لاءِ بهتر هو ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي.

قبيلي بني تميم جو هڪ وفد ٻيهري جي وقت رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان ملڻ پهتو، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گهرَ مبارڪ ۾ آرام فرمائي رهيا هئا، انهن حجرن جي ٻاهران "يا محمدا (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) يا محمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)!" چئي ڪري سڏڻ شروع ڪري ڏنو. حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ٻاهر تشريف ڪٽي آيا. پر خدا تعاليٰ پنهنجي محبوب جي اهڙي بي ادبي پسند نه

فرمائي ۽ اهڙو سخت حڪم نازل فرمايو ته ائين ڪرڻ وارا بي عقل آهن ۽ پوءِ ادب جي تعليم ڏني ته جڏهن ماڻهو دِردولت تي حاضر ٿين ته پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي آوازسان نه سڏين، ۽ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي ٻاهر تشريف ڪٺي اچڻ جو انتظار ڪن. ربّ تعالٰي هڪ مقام تي پنهنجي محبوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ادب هن طرح ارشاد فرمائي رهيو آهي:

لَا تَجۡعَلُوۡا دُعَآءَ الرَّسُوۡلِ بَیۡنَکُمۡ کَدُعَآءِ بَعۡضِکُمۡ بَعۡضًا ؕ

ترجمو ڪنزالايمان: رسول جي سڏڻ کي پاڻ ۾ ائين نه بڻايو جيئن توهان مان هڪڙو ٻي کي سڏي ٿو

(پ: 18 النور: 63)

هن آيت ڪريمه جا ٻه پاسا آهن هڪڙو هي ته جڏهن رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم توهان کي سڏين ته انهن جي سڏ کي ڪو معمولي سڏ نه سمجهو جي، بلڪ منهنجي رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي سڏ جي شان ته اُها آهي ته جيڪڏهن اهي ڪنهن کي نماز جي حالت ۾ به سڏين ته يڪدم نماز جي حالت ۾ ئي حاضر ٿيڻ فرض آهي. جيئن ته بخاري شريف جي حديث ۾ آهي ته حضرت ابو سعيد بن معلّٰي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن چيو: آئون مسجد ۾ نماز پڙهي رهيو هئس ته مونکي رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن سڏيو آئون نماز پڙهي رهيو هئس انهي ڪري جواب نه ڏنو پوءِ نماز کان فارغ ٿي ڪري حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ اچي ڪري عرض ڪيو! يارسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آئون نماز پڙهي رهيو هئس (ان ڪري حاضر نه ٿي سگهيس). حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو ڇا تو الله تعالٰي جو هي حڪم ناهي ٻڌو!

يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اسْتَجِيْبُوْا لِلّٰهِ وَلِلرَّسُوْلِ اِذَا دَعَاكُمْ لِمَا يُحْيِيْكُمْ

(پ: 8 الانفال: 24)

ترجمو كنزالايمان: اي ايمان وارؤ! الله ۽ رسول جي سڏڻ تي حاضر ٿيو جڏهن رسول توهان کي سڏي ان شيءِ جي طرف جيڪا توهان کي زندگي بخشيندي.

انهي قسم جو واقعو حضرت ابي بن ڪعب رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي باري ۾ بہ مروي آهي. هي آهي رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سڏ جي عظمت تہ نماز جهڙو عظيم فريضو بہ ڇڏي ڪري حڪم جي تعميل ڪرڻ کي فرض قرار ڏنو ويو.

آيت جي ٻي تفسير هي آهي تہ توهان رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ايئن نہ سڏيو جيئن پاڻ ۾ هڪٻئي کي نالو وٺي ڪري سڏيندا آهيو. بلڪ محمد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي يَا رَسُوْلَ الله، يَا نَبِيَّ الله، يَا خَيْرَ خَلْقِ الله وغيره صفاتي نالن سان سڏي سگهو ٿا. الله عَزَّوَجَلَّ ايمان وارن کي اهڙو حڪم چو نہ ڏي ها جو رب عَزَّوَجَلَّ خود پنهنجي پوري ڪلامِ عظيم ۾ ڪٿي بہ يا محمد چئي ڪري نہ پڪاريو آهي، جڏهن تہ ٻين نبين سڳورن عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي انهن جي ذاتي نالن سان خطاب فرمايو آهي.

صحابن سڳورن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي نظرن اڳيان ربُّ العٰلمين جا مٿي ذڪر ڪيل ارشاد ۽ فرمان هئا. اُنهن هنن حڪمن کي خوب سمجهيو هو ۽ هيڏانهن رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شخصيت کي پنهنجي مٿي جي اکين سان ۽ تمام ويجهي کان ڏٺو هو، انهي ڪري حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عظمت ۽ جلالت فطري طور تي انهن جي دلين ۽ ذهنن ۾ ويهي رهي هئي، انهيءَ ڪري انهن عقيدت، محبت، احترام ۽ ادب جا اهڙا اهڙا نمونا پيش ڪيا جن جي مثال ملڻ مشڪل آهي.

اوهان هن ڪتاب ۾ اهڙي قسم جا واقعا پڙهندا جن سان رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ صحابين سڳورن جو انتهائي درجي جو احترام ۽ ادب واضح ٿيندو ۽ پوءِ توهان جون دليون بہ محبتِ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان سرشار ٿيڻ ڪان بغير نہ رهي سگهنديون ۽ اهو ئي هن ڪتاب جو اصلي مقصد آهي.

مؤلف صاحب (ليکڪ) ڪيترين ئي ذاتي خصوصيتن ۽ سمجهہ ۽ شعور جا مالڪ آهن سندس جي مٿان الله عَزَّوَجَلَّ جو وڏو فضلِ آهي. ديني ۽ دنياوي ٻنهي قسمن جي تعليم سان سرفراز آهن. پنجابي سندن جي مادري زبان آهي پر اردو، انگريزي، عربي ۽ فارسي ۾ بہ مهارت رکن ٿا. اسلام جي خدمت جو جذبو بي انتها پاتو آهي. گهڻو وقت اسلام ڪي ڦهلائڻ جي فڪر ۾ پريشان رهندا آهن. گذريل حج جي موسم (1403 ھ) ۾ صوفي صاحب جن دين جي تبليغ جي لاءِ يورپ جو سفر ڪيو هو، سندن جو اهو تبليغي دورو مصر، انگلينڊ، هالينڊ، ترڪي، ۽ جرمني تي مشتمل هو. اُتي جي اسلامي مرڪزن جي ماڻهن سان ملاقات ۽ پاڻ ۾ اظهارِ خيال ڪان علاوه ڪجهہ نَوَن مرڪزن جي بہ تحقيق ٿي ۽ اسلام جي خدمت جون راهون هموار ٿيون.

انجمن خدّامِ احمد رضا لاهور جا پاڻ صدر آهن جنهن ٿوري عرصي ۾ ڪيتريون ئي فائديمند ۽ ڪارآمد ڪتابون ڇاپڻ جو هڪ ريڪارڊ قائم ڪري ورتو آهي.

هيڏانهن ٻن سالن ڪان مقابلهٕ تحرير نگاري، امام احمد رضا ايوارڊ ۽ انعامن جي تقسيم جو بہ صوفي صاحب اهتمام ڪندا آهن. جيڪو هندوستان ۽ پاڪستان ۽ بنگلا ديش سطح تي منعقد ٿيندو آهي. مفيد ۽ اهم ڪتابن جي ڇپائي ۾ بہ پاڻ خصوصي دلچسپي جو ثبوت ڏيندا

آهن. ترجمو ”انوار الحق في الصلوة علي سيد الخلق“ ۽ ”تعارف امام احمد رضا“ سندن ئي جي دين پروري جي جذبي جو نتيجو آهن. اول الذڪر علامہ يوسف اسمٰعيل نبهاني رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي عربي ڪتاب جو ترجمو آهي جيڪو درود ۽ سلام جي موضوع تي هڪ شاندار ڪتاب آهي. جڏهن تہ ٻي ڪتاب اعلٰي حضرت امام احمد رضا بريلوي قدس سره جي حالات تي هڪڙي مختصر طور تي جامع ڪتاب آهي جنهن جي ترتيب ڏيڻ وارا بہ خود صوفي صاحب آهن.

زيرِ نظر ڪتاب ”صحابين جو عشقِ رسول“ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ سندن جي لکڻ جي شوق جو هڪ اعلٰي نمونو آهي جيڪو سندن جي لِڪيل سوز ۽ عشقِ رسالت جو پتو ڏئي ٿي. اها ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي ان کي پڙهو ۽ لطف وٺو، ۽ لکڻ واري ۽ تعلق رکڻ وارن کي دعائون ڏيو.

رب تعالٰي صوفي صاحب جي اها خدمت قبول فرمائي ۽ وڌيڪ انهي قسم جي خدمتن جي توفيق بخشي ۽ آخرت جي ڀلائي سان نوازي.

آمين بجاه حبيه سيدالمرسلين عليه الصلواة والتسليم




افتخار احمد قادري (رياض)

رڪن المجمع الاسلامي مبارڪپور (هند)

8 جمادي الاولٰي 1404 ھ 9 فيبروري 1984ء

# تعظیم و ادب

نبيءِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي محبت کان بغير پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي ايمان آڻڻ تصور جوڳو ناهي. مومن جي لاءِ ضروري آهي ته هو نبيءِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي پنهنجي جان، پيءُ، پُٽ ۽ مخلوق کان وڌيڪ محبوب رکي، جيئن ته الله تعاليٰ فرمايو آهي:

اَلنَّبِیُّ اَوْلٰى بِالْمُؤْمِنِیْنَ مِنْ اَنْفُسِهِمْ

ترجمو ڪنزالايمان: هي نبي مسلمانن جي سندن ساهه کان وڌيڪ مالڪ آهي.

(پ: 21 الاحزاب: 6)

۽ پنهي جهانن جا سردار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: توهان مان ڪو هرگز (مڪمل) ايماندار نه ٿيندو جيستائين جو آئون ان کي ان جي جان کان وڌيڪ پيارو نه هجان. (المسند للامام احمد بن حنبل، حديث عبدالله بن ربيعة السلمي، الحديث 18983، ج7 ، ص 9)

اهو به فرمايائون: "توهان مان ڪو (ڪامل) ايمان وارو نه ٿيندو جيستائين آئون ان کي پيءُ، پُٽ ۽ سيني ماڻهن کان وڌيڪ پيارو نه هجان." (صحيح البخاري ،كتاب الايمان ،باب حبّ الرّسول من الايمان ،الحديث 15،ج1،ص17)

## محبت جون نشانيون

حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان محبت ڪرڻ جون تمام گهڻيون علامتون ۽ آثار آهن جيڪي پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي محبت جي امتحان جي لاءِ پرک جي حيثيت رکن ٿيون. انهن مان هڪڙي نشاني حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ڪثرت سان ذڪر ڪرڻ آهي. حديث شريف ۾ آهي: مَنْ اَحَبَّ شَيْأً اَكْثَرَ ذِكْرَهُ جيڪو شخص ڪنهن سان محبت رکندو آهي، ان جو ذڪر ڪثرت سان ڪندو آهي. (ڪنزالعمال ، كتاب الاذكار ، الباب الاول ، الحديث 1825 ، ج1 ، ص 217)

## تعظيم

ڪثرت سان ذڪر سان گڏوگڏ هڪڙي نشاني اها به آهي ته تعظيم

۽ ادب ۾ ڪا ڪَسَر نہ ڇڏي وڃي ۽ حضور سيّد الانام صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو نالو پاڪ ڪمالِ عزّت ۽ ادب سان ۽ صلوٰة و سلام سان گڏ وٺي ۽ نالي پاڪ وٺڻ وقت خوف ۽ ڊپ ۽ عاجزي و انڪساري ۽ خشوع و خضوع جو اظهار ڪري.

لَا تَجْعَلُوْا دُعَآءَ الرَّسُوْلِ بَيْنَكُمْ كَدُعَآءِ بَعْضِكُمْ بَعْضًا (پ: 18 النور: 63)

ترجمو ڪنزالايمان: : رسول جي سڏڻ ڪي پاڻ ۾ ائين نہ بڻايو جيئن توهان مان هڪڙو ٻي ڪي سڏي ٿو.

تفسير ڪبير ۾ آهي:

لاتنادوه کما ينادی بعضکم بعضا لا تقولوا يامحمد يا اباالقاسم ولکن قولوا يا رسول الله يا نبی الله. (التفسيرالكبير،8، ص 425 پ، النور:۶۳)

”نبيءِ اڪرم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ائين نہ سڏيو جيئن توهين هڪ ٻئي کي سڏيندا آهيو. ائين نہ چئو: يا محمد! يا ابا القاسم! بلڪ عرض ڪريو: يارسول الله! يا نبي الله!“

(يعني نبيءِ اڪرم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي نالي يا ڪنيت سان نہ سڏيو بلڪ خوبين ۽ لقبن سان ياد ڪريو.) الله تعالٰي فرمائي ٿو:

يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَرْفَعُوْۤا اَصْوَاتَكُمْ فَوْقَ صَوْتِ النَّبِيِّ وَ لَا تَجْهَرُوْا لَهٗ بِالْقَوْلِ كَجَهْرِ بَعْضِكُمْ لِبَعْضٍ اَنْ تَحْبَطَ اَعْمَالُكُمْ وَ اَنْتُمْ لَا تَشْعُرُوْنَ ۝۲ (پ: 26 الحجرات: 2)

ترجمو ڪنزالايمان: اي ايمان وارؤ! پنهنجو آواز مٿي نہ ڪريو هن نبي (غيب جون خبرون ٻڌائيندڙ) جي آواز ڪان ۽ ان جي بارگاه ۾ رڙ ڪري نہ ڳالهايو جيئن پاڻ ۾ هڪ ٻئي جي سامهون رڙ ڪندا آهيو متان توهان جا عمل ڇٽ ٿي وڃن ۽ توهان کي خبر بہ نہ هجي.

ابو محمد مکي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا:

اى لاتسابقوه بالکلام ولاتغلظواله بالخطاب ولاتنادوه باسمه نداء بعضکم بعضا ولکن عظموه ووقروه ونادوه باشرف مايحب ان ينادى به يارسول اللّٰه! يا نبى اللّٰه.
(الشفاء،الباب الثالث،ج۲،ص۶۵)

”يعني گفتگو ۾ نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان اڳتي نه وڌو ۽ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان ڳالهائڻ وقت سختي سان نه ڳالهايو ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو نالو وٺي ڪري نه سڏيو جهڙي طرح اوهين هڪ ٻئي کي سڏيندا آهيو بلڪ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عزت ۽ ادب ڪريو ۽ تمام اشرف (مبارڪ) وصفن سان حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ياد ڪندا ڪريو، جن مبارڪ سڏڻ وارن القابن کي پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پسند فرمائن ۽ يعني هن طرح چئو يارسول الله! يا نبي الله!“

## نبيءِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بي ادبي ڪفر آهي

الله تعاليٰ ايمان وارن کي نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ آواز بلند ڪرڻ ۽ تعظيم ۽ ادب کان بغير سڏڻ کان منع فرمايو ۽ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ان بي ادبي کي جائز نه رکيو ۽ ان عظيم ڏوهه جي ڪرڻ واري کي عملن جي برباد ٿي وڃڻ جي وعيد ٻڌائي، خبر پئي ته بارگاهِ رسالت جي بي ادبي عملن جي ضايع ٿي وڃڻ جو سبب آهي ۽ تمام عالمن سڳورن جو انهيءَ تي اتفاق آهي ته ڪفر کان علاوه ڪو گناهه عملن جي ضايع ٿيڻ جو سبب ناهي ۽ جيڪا شيءِ عملن جي ضايع ٿيڻ جو سبب ٿئي اُها ڪفر آهي.

هاڻي غور ڪرڻ گهرجي ته نبيءِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بي ادبي عملن جي ضايع ٿيڻ جو سبب آهي ۽ جيڪو عملن جي

ضايع ٿيڻ جو سبب هجي اهو ڪفر آهي، نتيجو اهو نڪتو ته نبيءِ اڪرم صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بي ادبي ڪفر آهي. هي به ياد رهي ته ظاهري مبارڪ حيات ۾ ۽ پردي مَتائڻ کان پوءِ به نبيءِ اَڪرم صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شان تعظيم ۽ ادب جي حوالي سان برابر آهي.

## امام مالڪ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جو ابو جعفر منصور سان مڪالمو

بادشاهه ابو جعفر منصور مسجد نبوي عَلٰي صاحِبِهَا الصَّلٰوۃُ وَالسَّلام ۾ حضرت امام مالڪ رَحۡمَةُ الله تَعَالٰى عَلَيۡه سان هڪ مسئلي ۾ گفتگو ڪري رهيو هو، امام مالڪ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جن ان کي فرمايو:

يا امير المؤمنين لاترفع صوتک فی هٰذا المسجد فان اللّٰه عزوجل ادب قوما فقال: لَا تَرۡفَعُوۡۤا اَصۡوَاتَكُمۡ فَوۡقَ صَوۡتِ النَّبِيِّ الآية و مدح قوما فقال: اِنَّ الَّذِيۡنَ يَغُضُّوۡنَ اَصۡوَاتَهُمۡ عِنۡدَ رَسُوۡلِ اللّٰهِ الآية وذم قوما فقال: اِنَّ الَّذِيۡنَ يُنَادُوۡنَكَ مِنۡ وَّرَآءِ الۡحُجُرٰتِ الآية وان حرمته ميتا كحرمته حيا فاستكان لها ابو جعفر وقال يا ابا عبد اللّٰه استقبل القبلة وادعو ام استقبل رسول اللّٰه؟ فقال ولم تصرف وجهک عنه وهو وسيلتک ووسيلة ابيک آدم عليه السلام الى اللّٰه تعالى يوم القيامة بل استقبله واستشفع به فيشفعه اللّٰه عزوجل. (شرح الشفاء، الباب الثالث، ج۲، ص۷۲)

”اي امير المومنين مسجد ۾ آواز بلند نه ڪر ڇو جو الله تعاليٰ هڪ جماعت کي ادب سيکاريو ۽ فرمايو:

لَا تَرۡفَعُوۡۤا اَصۡوَاتَكُمۡ فَوۡقَ صَوۡتِ النَّبِيِّ

ترجمو ڪنزالايمان: اي ايمان وارؤ! پنهنجو آواز بلند نه ڪريو هن غيب جون خبرون ٻڌائيندڙ (نبي) جي آواز کان. (پ: 26 الحجرات: 2)

۾ هڪ جماعت جي تعريف ڪندي فرمايو:

إِنَّ الَّذِيْنَ يَغُضُّوْنَ اَصْوَاتَهُمْ عِنْدَ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ امْتَحَنَ اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ لِلتَّقْوٰى ؕ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّ اَجْرٌ عَظِيْمٌ ۝۳

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ جيڪي پنهنجو آواز جهڪو رکندا آهن الله جي رسول وٽ اُهي ئي آهن جن جي دل الله پرهيزگاري جي واسطي پرکي ڇڏي آهي انهن جي لاءِ بخشش ۽ وڏو ثواب آهي.

۾ هڪ جماعت جي برائي ڪندي فرمايو:

اِنَّ الَّذِيْنَ يُنَادُوْنَكَ مِنْ وَّرَآءِ الْحُجُرٰتِ (پ: 26 الحجرات: 4)

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ اهي جيڪي توکي حُجري جي ٻاهران پُڪارن ٿا.

بيشڪ پردي مٿائڻ کان پوءِ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي عزت اهڙي ئي آهي جهڙي طرح سندن جي ظاهري حيات ۾ هئي. (اهو ٻُڌي ڪري) ابو جعفر عاجزي جو اظهار ڪيو ۽ چيو: اي ابو عبد الله (امام مالڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ڪنيت) قبلي رخ ٿي ڪري دعا ڪريان، يا وري، رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طرف رخ ڪريان؟ امام مالڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن فرمايو: تون حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان منهن ڇو ٿو موڙين باوجود ان جي جو حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قيامت جي ڏينهن بارگاهِ الٰهي ۾ تنهنجي ۽ تنهنجي ڏاڏي آدم عَلَيْهِ السَّلَام جا وسيلا آهن تہ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طرف منهن ڪر ۽ شفاعت جي درخواست ڪر، الله تعالٰي تنهنجي لاءِ شفاعت قبول فرمائيندو.

## صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُم ۾ تعظيم رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

عروه بن مسعود چون ٿا تہ جڏهن قريش وارن مونکي صلح حديبيه

جي سال نبيءِ اڪرمصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ موڪليو ته مون صحابن سڳورن کي نبيءِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بي پناهه تعظيم ڪندي ڏٺو، مون ڏٺو ته نبيءِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن به وضو فرمائيندا هئا ته صحابي سڳورا عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان وضو جو پاڻي حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيحد ڪوششون ڪندا هئا، ايستائين جو قريب هو ته وضو جو پاڻي نه ملڻ جي ڪري وڙهي پون، مون ڏٺو ته نبيءِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وات مبارڪ مان لعاب يا نڪ مبارڪ مان پاڻي ڪيندا هئا ته صحابي سڳورا عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان ان کي هٿن ۾ جهٽي وٺندا هئا ۽ پنهنجي چهري ۽ جسم تي مَلندا هئا ۽ عزت ماڻيندا هئا، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪو وار جسم پاڪ کان جدا نه ٿيندو هو پر ان کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ جلدي ڪندا هئا، جڏهن پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن کي ڪو حڪم ڏيندا ته فوراً تعميل ڪندا هئا ۽ جڏهن نبيءِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن گفتگو فرمائيندا هئا ته پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آڏو خاموش رهندا ۽ تعظيم جي ڪري پاڻ سڳورنصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏانهن اک کڻي نه نهاريندا هئا. (الشفاء، الباب الثالث ، ج2 ، ص 69)

جڏهن عروه بن مسعود قريش وارن ڏانهن واپس موٽيو ته انهن کي چيائين، اي قريش جي قوم وارؤ! آئون ڪسريٰ، قيصر ۽ نجاشي يعني فارس جي بادشاهه، روم جي بادشاهه ۽ حبشه جي بادشاهه وٽ انهن جي حڪومتن ۾ ويو آهيان، خدا جو قسم مون هرگز ڪو بادشاهه پنهنجي قوم ۾ ايترو محترم نه ڏٺو جيتري قدر محمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) پنهنجي صحابن ۾ عزت وارا آهن. هڪ روايت ۾ آهي "مون ڪڏهن اهڙو بادشاهه ناهي ڏٺو جو جنهن جا ساٿي ان جي ايتري قدر تعظيم ڪندا هجن جيتري محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا صحابي عَلَيۡهِمُ

الرِّضْوَان سندن جي تعظيم ڪن ٿا. سچ ته هي آهي مون اهڙي قوم ڏٺي آهي جيڪا ڪڏهن به نبي اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي نه ڇڏيندي ۽ هميشه سندن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعظيم ڪندي رهندي.“

حضرت براء بن عازب رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: ”مان چاهيندو هُئس ته ڪنهن حڪم جي باري ۾ رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان سوال ڪريان پر پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي هيبت جي ڪري ٻن سالن تائين دير ڪندو رهيس.“ (الشفاء، الباب الثالث، ج 2، ص 71)

حضرت عمرو بن العاص رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا ته مونکي نبيءِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان وڌيڪ نه ته ڪو پيارو هو ۽ نه منهنجي نظر ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان وڌيڪ ڪو محترم هو. ان جي باوجود پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي احترام جي ڪري گهڙي نگاهه سان پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جمال جي زيارت نه ڪري سگهندو هئس. جيڪڏهن مونکان حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي صفت پُڇي وڃي ته آئون بيان نه ڪري سگهندس. ڇاڪاڻ ته آئون گهڙي نگاهه سان حضوراڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي جمال کي ڏسي نه سگهندو هيم. (الشفاء ، الباب الثالث ، ج2 ، ص 68)

حضرت اسامه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا ته آئون بارگاهِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ ان حال ۾ حاضر ٿيس جو صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي آس پاس (حلقي ۾) اهڙي طرح ويٺا هئا ڄڻ انهن جي مٿن تي پکي ويٺل آهن. (الشفاء، الباب الثالث، ج2، ص 69) (يعني اهي پنهنجي مٿن کي حرڪت نه ڏيئي رهيا هئا ڇاڪاڻ ته پکي انهي جڳهه تي ويهندو آهي جيڪا بي حرڪت هجي).

حضرت اميرِ مُعاوِيه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي اطلاع ملي ته ڪابس بن ربيعه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان (صورت ۾) ملن جُلن ٿا

جڏهن حضرت ڪابس رَضِيَ الله تَعَالٰى عَنۡهُ، حضرت امير معاويہ رَضِيَ الله تَعَالٰى عَنۡهُ جي گهر جي دروازي مان داخل ٿيا تہ حضرت امير معاويہ رَضِيَ الله تَعَالٰى عَنۡهُ پنهنجي تخت تان اٿي بيهي سندس جو استقبال ڪيو، سندس جي اکين جي وچ ۾ چُمي ڏني ۽ سندن کي هڪ مِرغب (هڪ مقام) عنايت فرمايو (اهو سڀ ڪجهہ انهي لاءِ هو جو) انهن جي صورت نبيءِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان ملندڙ جُلندڙ هئي.

(الشفاء ، الباب الثالث، ج2، ص 88)

جيڪڏهن جليل القدر صحابہءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي تعظيم ۽ هِن مبارڪ بارگاهہ جي احترام ۾ مبالغو ڪرڻ ۽ هر ڳالهہ ۾ ادب جو خيال ڪرڻ وارين روايتن کي پوري طرح تفصيل سان ذڪر ڪيو وڃي تہ ڪلام گهڻو وڌي ويندو، تمام صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان ان ذات ڪريم کي بهترين القابن، وڏي عاجزي سان ۽ پڻ مرتبي ۽ مقام جو انتهائي لحاظ رکندي خطاب ڪندا هئا ۽ ڪجهہ عرض ڪرڻ کان اڳ ۾ صلوٰة درود کان پوءِ فَدَيۡتُکَ بِاَبِيۡ وَ اُمِّيۡ منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تان قربان تين، يا" بِنَفۡسِيۡ اَنۡتَ يَارَسُوۡل! منهنجي جان اوهان ڪريم آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تان نثار جهڙا ڪلما استعمال ڪندا هئا ۽ صحبت جي فيض جي گهڻائي جي باوجود، محبت جي شدت جي تقاضي جي بنياد تي، تعظيم ۽ ادب ۾ ڪوتاهي ۽ گهٽتائي نہ ڪندا هئا بلڪ هميشہ حضور سيّدُ الاَنَام صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عزت ۽ عظمت ۾ اضافو ڪندا هئا.

## تابعين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُم ۽ تعظيمِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اهڙي ئي طرح تابعين ۽ تبع تابعين بہ صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي اندازِ تعظيم جي معاملي ۾ انهن جي ئي نقشِ قدم تي هئا. حضرت مصعب بن عبدالله رَضِيَ الله تَعَالٰى عَنۡهُ فرمائن ٿا تہ جڏهن امام مالڪ رَضِيَ الله تَعَالٰى عَنۡهُ جن جي سامهون نبيءِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ذڪر ڪيو ويندو

هو تہ سندس جي چهري جو رنگ تبديل ٿي ويندو ۽ سندس جي پُنِي جهڪي ويندي هئي ايستائين جو اهو فعل انهن جي خاص ساٿين تي ناگوار گذرندو هو.

هڪ ڏينهن حاضر ٿيڻ وارن امام مالڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان سندن جي اِهڙي ڪيفيت جي باري ۾ پڇيو تہ پاڻ فرمايائون: جيڪو ڪجهه مون ڏٺو آهي، توهين ڏسو ها تہ مون تي اعتراض نہ ڪريو ها. مون قارين سڳورن جي سردار حضرت محمد بن منڪدر کي ڏٺو ۽ مون جڏهن بہ سندن کان ڪا حديث پُڇي تہ اهي روئي پوندا هئا ايستائين جو مون کي انهن جي حال تي رحم ايندو هو.
(الشفاء، الباب الثالث ، ج2، ص 73)

## تعظيم جا واقعات

5 هجري ۾ غزوءِ المصطلق کان واپسيءَ جي وقت قافلو مديني جي ويجهو هڪ جڳهہ تي ترسيو تہ اُمّ الْمُومِنِين حضرتِ عائشہ صدّيقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا ضرورت جي لاءِ ڪنهن پاسي ۾ تشريف وٺي ويون اتي پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جو هار ٽٽي پيو. پاڻ ان جي ڳولڻ ۾ مشغول ٿي ويون. هوڏانهن قافلو هليو ويو ۽ پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جو ڪجاؤ شريف اٺ تي رکيو ويو ۽ اُنهن اهو خيال ڪيو تہ امُّ الْمُؤمنين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا انهيءَ ۾ تشريف فرما آهن ۽ قافلو هليو ويو. پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا اچي قافلي واري جڳهہ ويهي رهيون ۽ پاڻ خيال ڪيو تہ منهنجي ڳولا ۾ قافلو لازمي واپس ٿيندو.

قافلي جي پٺيان ڪريل شيون کڻڻ جي لاءِ هڪ ماڻهو مقرر هوندو هو انهيءَ موقعي تي حضرت صفوان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ انهي کم

تي مقرر هئا جڏهن اُهي آيا ۽ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھَا کي ڏٺائين تہ وڏي آواز ۾ اِنَّالِلّٰهِ وَ اِنَّا اِلَيۡهِ رَاجِعُوۡنَ پڙهيو پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھَا ڪپڙي سان پڙدو ڪيو. ان سندس کي پنهنجي ڏاچي تي ويهاريو پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھَا ڏاچي تي سوار ٿي ڪري لشڪر ۾ اچي پهتيون. منافق جن جون دليون ڪاريون هيون انهن غلط ڳالهيون (گندا الزام) ڦهلايا ۽ سندن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھَا جي شان ۾ بدڪلامي ڪرڻ شروع ڪري ڏني. ڪجھ مسلمان بہ انهن جي ڌوڪي ۾ اچي ويا ۽ انهن جي زبان مان بہ فضول ڪلما نڪتا. اُمّ الْمُؤمِنين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھَا بيمار ٿي پيون ۽ هڪ مهيني تائين بيمار رهيون. انهي زماني ۾ سندس کي اطلاع نہ مليو تہ منافق سندن جي باري ۾ ڇا بڪي رهيا آهن.

هڪ ڏينهن اُمّ مسطح کان سندن کي اِها خبر معلوم ٿي. جنهن سبب اُمُ الْمُؤمِنين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھَا جو مرض اجان وڏي ويو ۽ انهي صدمي ۾ ايتري قدر رُنيون جو سندس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھَا جا لڙڪ رڪجي نہ سگهندا هئا ۽ نہ هڪ لمحي لاءِ ننڊ ايندي هئس. انهي حال ۾ سيّدِ عالم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ڏانهن وحي آئي ۽ حضرت اُمّ الْمُؤمِنين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھَا جي طهارت ۾ قرآني آيتون نازل ٿيون جنهن سان سندن جو شرف ۽ مرتبو وڏي ويو ۽ سندن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھَا جي طهارت ۽ فضيلت خوب ۽ واضح طور بيان ٿي.

سيّدِ عالَم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن منبر تي ويهي ڪري قسم کڻي چيو هو تہ مونکي پنهنجي اهل جي پاڪي ۽ خوبي جو يقيني طور علم آهي تہ جن ماڻهن ان جي حق ۾ بدڪلامي ڪئي آهي انهن جي پاران مون وٽ ڪير معذرت پيش ڪري سگهي ٿو. حضرت عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ عرض ڪيو: منافق يقيناً ڪوڙا آهن اُمّ الْمُومِنين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھَا يقينن پاڪ آهن، اللہ تعالي سيّدّ عالَم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي جسمِ پاڪ

کي مک جي ويهڻ کان محفوظ رکيو ڇو جو اها نجاستن تي ويهندي آهي. پوءِ اهو ڪئين ٿي سگهي ٿو جو هو حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي بد عورت جي صحبت کان محفوظ نہ رکي.

حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ بہ اهڙي طرح پاڻ ڪريم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهَا جي طهارت بيان ڪئي ۽ عرض ڪيو تہ الله تعالٰي پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو پاڇو زمين تي پوڻ نہ ڏنو تہ جئين انهيءَ پاڇي تي ڪنهن جو پير نہ پئي تہ جيڪو پروردگار عَزَّوَجَلَّ سندس صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پاڇي کي بہ محفوظ رکي ٿو تہ کهڙي طرح ممڪن آهي جو هو پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اهل کي محفوظ نہ فرمائي.

حضرت علي كَرَّمَ اللّٰہُ تَعَالٰي وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم عرض ڪيو: تہ هڪ جونءِ جو رت لڳڻ سان پروردگار عَزَّوَجَلَّ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي نعلين پاڪ لاهڻ جو حڪم ڏنو جيڪو پروردگار عَزَّوَجَلَّ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي نعلين جي ايتري ڳالهہ برداشت نہ فرمائي، ممڪن ناهي جو هو پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي اهل جي ناپاڪائي برداشت ڪري. اهڙي طرح ڪيترن ئي صحابہ عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان ۽ صحابيات رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُنَّ قسمون ڪنيون. (مدارج النبوت،قسم سوئم باب پنجون از هجرت آنحضرت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ج 2 ص 159)

حضرت عثمان بن عفان رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي باري ۾ روايت آهي تہ حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن حديبيہ جي موقعي تي پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي قريش ڏانهن موڪليو تہ قريش پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي ڪعبي جي طواف جي اجازت ڏيئي ڇڏي پر حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ اهو چئي ڪري انڪار ڪري ڇڏيو تہ مَا كُنۡتُ لِاَفۡعَلَ حَتّٰى يَطُوۡفَ بِهٖ رَسُوۡلُ

اللهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَسَلَّمَ يعني آئون تيستائين طواف نٿو ڪري سگهان جيستائين جو رسول الله صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن طواف نٿا ڪن.

(الشفاء الباب الثالث ج 2 ص 70)

## بي مثال دعوت

هڪ دفعي حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ حضور صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي دعوت ڪئي ۽ عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي غريب خاني تي پنهنجي دوستن سميت تشريف ڪٽي اچو ۽ طعام تناول فرمايو. حضور صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اها دعوت قبول فرمائي ورتي ۽ وقت تي صحابهءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان سان گڏ حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي گهر ڏانهن تشريف وٺي ويا، حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ حضور صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پٺيان هلڻ لڳا ۽ حضور صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو هڪ هڪ قدم مبارڪ جيڪو سندن جي گهر ڏانهن کڻي رهيا هئا ڳڻڻ لڳا، حضور صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پڇيو: اي عثمان! رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ هي منهنجا قدم ڇو ڳڻي رهيو آهين؟ حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تان قربان ٿين، آئون چاهيان ٿو ته حضور صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي هڪ هڪ قدم جي عيوض آئون اوهان جي تعظيم ۽ توقير جي خاطر هڪ هڪ غلام آزاد ڪريان. پوءِ حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي گهر تائين حضور صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا جيترا قدم ٿيا اوترا غلام حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ آزاد ڪيا. (جامع المعجزات ص 257)

## شاهڪار تعظيم

خيبر جي جنگ کان واپسي ۾ منزل صهبا تي نبي ڪريم صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن عصر جي نماز پڙهي ڪري مولا علي ڪَرَّمَ اللّٰہُ تَعَالٰی وَجۡهَهُ الۡکَرِيۡم جي

گوڏن تي مٿو مبارڪ رکي ڪري آرام فرمايو: مولا علي ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالي وَجْهَهُ الْکَرِيْم عصر جي نماز نہ پڙهي هئي، اڪين سان ڏسي رهيا هئا تہ وقت وڃي رهيو آهي پر پاڻ گوڏو نہ هٽاياؤن ان خيال کان تہ جيڪڏهن گوڏو هٽائيندس تہ شايد ٻنهين جهانن جي سردار جي آرام مبارڪ ۾ خلل نہ اچي وڃي. ايستائين جو سج لهي ويو، جڏهن چشم اقدس کليون تہ مولا علي ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالي وَجْهَهُ الْکَرِيْم پنهنجي نماز جو حال عرض ڪيو حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن دعا ڪئي لٿل سج واپس اچي ويو، مولا علي ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالي وَجْهَهُ الْکَرِيْم عصر جي نماز ادا ڪئي، پوءِ وري لهي ويو انهي مان ثابت ٿيو تہ افضل العبادات نماز، اها بہ نمازِ وسطيٰ يعني وچين نماز مولا علي ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالي وَجْهَهُ الْکَرِيْم حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ننڊ تي قربان ڪري ڇڏي جو عبادتون بہ اسان کي حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي ۾ مليون. (الشفاء ج 1 ص 594 شواهد النبوة رکن سادس ص 220)

هجرت جي وقت غار ثور ۾ پهريان حضرت صديق اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ويا، پنهنجا ڪپڙا شريف ڦاڙي ڪري ان جا سوراخ بند ڪيا هڪڙو سوراخ باقي رهجي ويو ان ۾ پير جو آڱوٺو رکي ڇڏيو پوءِ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي سڏ ڪيو. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف وٺي ويا ۽ صديق اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي گوڏي تي مٿو مبارڪ رکي سمهي رهيا، انهيءَ غار ۾ هڪ نانگ هو جيڪو حضور رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ديدار جو مشتاق رهندو هو، نانگ پنهنجو منهن صديق اڪبر جي پير تي رکيو، ان انهيءَ ڪري پنهنجو پير نہ هٽايو جو حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ننڊ ۾ فرق نہ اچي. آخرڪار نانگ سيدنا صديق اڪبر جي پير کي ڏنگي ورتو جڏهن صديق اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جا لڙڪ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چهرهءِ انور تي ڪريا تہ پاڻ آقا ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جاڳي پيا، صديق اڪبر

سچو ماجرو عرض ڪيو، حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن لعاب مبارڪ تڪ لڳائي تہ فورًا آرام اچي ويو، ھر سال اھو زھر موٽي ايندو ھو ٻارنهن سالن کان پوءِ پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ انهي زھر سبب شهادت ماڻي، صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جان بہ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ننڊ تان قربان ڪري ڇڏي. (مداج النبوت ج 2 ص 58)

انهي باري ۾ اعلحضرت امام احمد رضا خان بريلوي قدس سره پنهنجي هنن شعرن ۾ بيان فرمايو آهي:

مولا علی نے واری تری نیند پر نماز
اور وہ بھی عصر سب سے جو اعلی خطر کی ہے

صدیق بلکہ غار میں جاں اس پہ دے چکے
اور حفظ جاں تو جان فروض غرر کی ہے

ہاں تونے ان کو جان انھیں پھیر دی نماز
پر وہ تو کر چکے تھے جو کرنی بشر کی ہے

ثابت ہوا کہ جملہ فرائض فروع ہیں
اصل الاصول بندگی اس تاجور کی ہے

(حدائق بخشش)

## سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ادب

صحيح بخاري ۾ سهل بن سعد ساعدي رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان مروي آهي تہ هڪ ڏينهن رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن قبيلي بني عمرو بن عوف ۾ صلح ڪرائڻ جي لاءِ تشريف کڻي ويا. جڏهن نماز جو وقت ٿيو تہ مؤذن حضرت ابوبڪرصديق رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان پڇيو تہ ڇا اوهان ماڻهن کي نماز پڙهائيندا تہ جئين آئون اقامت چوان، فرمايائون: ها! ۽ ان امامت ڪرائي انهيءِ دؤران حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن بہ تشريف

ڪٽي آيا ۽ صف ۾ بيهي رهيا جڏهن ماڻهن حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ڏٺو تہ تصفيق ڪئي (ڪابي هٿ جي پٺي تي ساڄي هٿ جون آڱريون ان طريقي سان هڻڻ جو آواز پيدا ٿئي ان کي تصفيق چئبو آهي) ان جي لاءِ تہ جيئن صديق اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ خبردار ٿي وڃن ڇو تہ سندن جي عادت هئي تہ نماز ۾ ڪنهن طرف توجهہ نہ ڪندا هئا جڏهن صديق اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ تصفيق جي آواز ٻڌي، اک جي ڪنڊ سان ڏٺو تہ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تشريف فرما آهن تنهنڪري پوئتي هٽڻ جو ارادو ڪيو انهي تي حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اشارو فرمايو تہ پنهنجي ئي جڳهہ تي قائم رهو. صديق اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ٻئي هٿ ڪنيا انهي عِنايت تي حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مونکي امامت جو حڪم فرمائي ڇڏيو الله تعالٰي جو شڪر ادا ڪيو ۽ پنيان هٽي ڪري صف ۾ بيهي رهيا ۽ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اڳتي وڌيا جڏهن نماز کان فارغ ٿيا تہ فرمايائون تہ ابوبڪر! جڏهن آئون پاڻ توکي حڪم ڪري چڪو هئس تہ توکي پنهنجي جڳهہ تي بيهڻ ۾ ڪهڙي شيءِ رڪاوٽ ٿي، عرض ڪيائين! يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم!ابو قحافہ جو پٽ انهي لائق ڪونهي جو رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان اڳيان وڌي ڪري نماز پڙهائي. (صحيح بخاري ڪتاب الاذان باب من دخل ليوءم الناس... الخ الحديث 684 ج 1 ص 244)

## عزتِ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ منجهي وڃڻ جو جذبو

حضرت عبدالرحمٰن بن عوف رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ مشهور ۽ وڏن صحابہ عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان مان آهن فرمائن ٿا تہ آئون بدر جي جنگ ۾ ميدان ۾ وڙهڻ وارن جي صف ۾ بيٺل هيس مون ڏٺو تہ منهنجي ساڄي ۽ ڪابي پاسي انصار جا ٻہ ننڍڙ ڇوڪرا بيٺا



هئا مون کي خيال ٿيو تہ جيڪڏهن آئون قوي ۽ مضبوط ماڻهن جي وچ ۾ هجان ها تہ بهتر هو جو ضرورت جي وقت هڪبئي جي مدد ڪري سگهون ها منهنجي ٻنهي پاسن کان ٻار آهن هي ڇا مدد ڪري سگهندا ايتري ۾ انهن ٻنهي مان هڪ ڇوڪري منهنجو هٿ جهلي چيو، چاچا جان تون ابو جهل کي سڃاڻين ٿو مون چيو ها سڃاڻان ٿو. اوهان جو ابو جهل سان ڪهڙو مطلب آهي؟ انهي چيو مون کي خبر پئي آهي تہ هو رسول الله صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي شان ۾ بڪواس ڪندو آهي، اُنهي ذاتِ پاڪ جي قسم جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي جيڪڏهن آئون ان کي ڏسي وٺان تہ آئون ان کان جدا نہ ٿيندس ايستائين جو هو مري وڃي يا آئون مري وڃان. مون کي هن جي سوال ۽ جواب تي تعجب ٿيو. ايتري ۾ ٻئي بہ ايئن ئي چيو جيڪو هُن چيو هو، اتّفاق سان ابو جهل ميدان ۾ مون کي ڊوڙندو نظر اچي ويو مون اُنهن ٻنهي کي چيو توهان جو مطلوب جنهن جي باري ۾ توهان مون کان پڇي رهيا هيؤ اهو وڃي رهيو آهي ٻئي اُهو ٻڌي ڪري تلوارون هٿ ۾ کڻي يڪدم ڀڄندا هليا ويا ۽ وڃي ڪري ابوجهل تي تلوار جا وار شروع ڪري ڏنائون ايستائين جو هن کي ڪيرائي وڌائون. (صحيح بخاري ڪتاب المغازي باب 10 الحديث 3988 ج 3 ص14)

## گستاخيءَ جي سزا

حضور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي هڪ شهزادي (ڌيءُ) حضرت رُقيہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْھَا هيون جيڪا پنهنجي ڀيڻ حضرت زينب رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْھَا کان ٽن سالن بعد پيدا ٿيون جڏهن تہ حضور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي عمر مبارڪ 33 سال هئي ۽ ڪن محدثن حضرت رقيہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْھَا کي حضرت زينب رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْھَا کان وڏي ٻڌايو آهي. پر صحيح قول هي آهي تہ هو حضرت زينب رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْھَا کان عمر ۾ ننڍي هئي حضور صَلَّی

اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي چاچي ابو لهب جي پٽ عتبہ سان نڪاح ٿيو هو جڏهن سورة تبّت نازل ٿي تہ ابو لهب انهي ڪي ۽ ان جي ٻئي پاءُ عتيبہ جنهن جي نڪاح ۾ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ٽين شهزادي حضرت اُمِ ڪَلثوم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا هئي، تنهن کي چيو منهنجي ملاقات توهان سان حرام آهي ايستائين جو توهين محمّد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جن جي نياڻين کي طلاق نہ ڏئي ڇڏيو. ان تي ٻنهين طلاق ڏئي ڇڏي. ياد رهي تہ اُهي ٻئي نڪاح ننڍپڻ ۾ ٿيا هئا، رخصتي جي نوبت بہ نہ آئي هئي. انهي کان پوءِ مکي جي فتح تي حضرت رقيہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا جو مڙس مسلمان ٿي ويو هو، پر زال کي پهريان ئي طلاق ڏيئي چڪو هو، حضرت رقيہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا جو نڪاح حضرت عثمان غني رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ سان ٿي چڪو هو ۽ حضرت رقيہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا ٻئي ڀيرا حبشہ ڏانهن هجرت ڪئي. (المواهب الدنية المقصد الثاني،الفصل الثاني في ذكر اولاده الكرام ج 2 ص 61)

حضور اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ٽين شهزادي حضرت اُمّ ڪلثوم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا هئي انهي ۾ اختلاف آهي تہ انهن مان ۽ حضرت بيبي فاطمہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا مان ڪير وڏيون هيون گهٽن جو چوڻ اهو آهي تہ حضرت ام ڪلثوم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا وڏيون هيون. پهريان عتيبہ بن ابو لهب سان نڪاح ٿيو پر رخصتي نہ ٿي هئي جو سورة تبت جي نازل ٿيڻ تي طلاق جي نوبت آئي جئين تہ حضرت رقيہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا جي بيان ۾ گذريو، پر سندن جو مڙس تہ مسلمان ٿي چڪو هو جئين گذري چڪو ۽ ام ڪلثوم جي مڙس عتيبہ طلاق ڏني ۽ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت اقدس ۾ اچي ڪري نهايت گستاخي ۽ بي ادبي سان پيش آيو ۽ نامناسب لفظ بہ زبان مان ڪيا، حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ضرر (نقصان) جي دعا ڏني تہ يا الله عَزَّوَجَلَّ! پنهنجي

ڪتن مان هڪ ڪتو هن تي مُسلّط فرماءِ. ابو طالب ان وقت موجود هو باوجود مسلمان نہ هئڻ جي گهبرائجي ويو ۽ چيو انهي ضرر جي دعا مان توکي نجات ڪونهي پوءِ عتيبہ هڪ دفعي شام جي سفر ۾ وڃي رهيو هو تہ ان جو پيءُ ابولهب باوجود پوري عداوت ۽ دشمني جي چوڻ لڳو، محمّد صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي دعاءِ ضرر جي فڪر آهي قافلي جا سڀ ماڻهو اسان جي خبر رکن هڪ منزل تي پهتا اتي شينهن گهڻا هئا رات جو سڄي قافلي جو سامان هڪ جڳهہ جمع ڪيو ۽ انهي جو ڍڙو ناهي ڪري انهي تي عتيبہ کي سمهاريو ۽ قافلي جا سيئي ماڻهو ان جي چاروطرف سُمهي رهيا. رات جو هڪ شينهن آيو ۽ سيني جا منهن سنگهڻ کان پوءِ هڪ ٽپو لڳائي ڪري انهي ڍڙي تي پهچي عتيبہ جو مٿو جسم کان جدا ڪري ڇڏيائين. ان هڪ زوردار رڙ ڪئي پر ڪم ختم ٿي چڪو هو ڪجهہ تاريخ لکندڙن لکيو آهي تہ اهو مسلمان ٿي چڪو هو ۽ هي قصو پهرين پاءُ سان پيش آيو بهرحال حضرت رُقيّہ ۽ حضرت اُمِّ ڪلثوم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا جي پهرين گهروارن مان هڪ مسلمان ٿيو ۽ ٻئي سان هي عبرتناڪ واقعو پيش آيو. (المرجع السابق ص 62)

## تعظیمِ ارشاد رسول صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

1. حضرت عبداللّٰہ بن عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان روايت آهي تہ رسول اللّٰہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ شخص جي هٿ ۾ سون جي منڊي ڏٺي تہ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان کي ڪڍي ڪري اڇلائي ڇڏيو ۽ فرمايو: ڇا توهان مان ڪو چاهي ٿو تہ باهہ جو ٽانڊو پنهنجي هٿ ۾ وجهي. رسول اللّٰہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي وڃڻ کان پوءِ ڪنهن شخص ان کي چيو تہ تون پنهنجي منڊي کڻ ۽ انهي کي وڪڻي ڪري ان مان فائدو حاصل ڪر،

هن جواب ڏنو تہ نہ، الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم آئون انهي کي ڪڏهن بہ نہ ڪٽندس، جڏهن رسولِ خدا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن انهي کي اڇلائي ڇڏيو آهي تہ آئون انهي کي ڪيئن ڪٽي سگهان ٿو؟ (مشڪوة ڪتاب اللباس باب الخاتم الفصل الاول الحديث 4385 ص 481)

2. حضرت عمرو بن شعيب چون ٿا تہ هڪ دفعي سفر ۾ اسان حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن سان گڏ هئاسين آئون حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيس. منهنجي مٿان هڪ چادر هئي جيڪا ڪَسونڀِي جي رنگ ۾ هلڪي رنگيل هئي. حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ڏسي فرمايو: هي ڇا پائي رکيو اٿئي؟ مون کي تنهن سوال سان حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي ناپسنديدگي معلوم ٿي. ۽ مان گهر وارن ڏانهن واپس ٿيس تہ انهن چلھ ٻاري رکي هئي مون اها چادر انهي ۾ وجهي ڇڏي. ٻئي ڏينهن جڏهن حاضر ٿيس تہ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن پڇيو ان چادر جو ڇا ڪيَئِي؟ مون سمورو ماجرو بيان ڪيو تہ پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: تہ عورتن مان ڪنهن کي ڇو نہ پارائي ڇڏيئي. عورتن جي پائڻ ۾ تہ ڪو حرج نہ هو. (سنن ابو داوء ڪتاب اللباس باب في الحمرة الحديث 4066 ج 4 ص 73)

3. حضور اڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ ڏينهن گهر مبارڪ کان ٻاهر تشريف وٺي وڃي رهيا هئا تہ رستي ۾ هڪ قبو (گنبذ نما حجرو) ڏٺو جيڪو مٿي نهيل هو صحابہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُم کان پڇيو هي ڪنهن جو آهي؟ انهن عرض ڪيو: فلاڻ انصاري جو قبو آهي، حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٻڌي ڪري خاموش رهيا ڪنهن ٻئي وقت اهو انصاري حاضرخدمت ٿيو سلام عرض ڪيائين حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم توجهہ نہ فرمائي ۽ سلام جو جواب بہ نہ ڏنائون ان

پيھر سلام ڪيو انھي خيال کان تہ شايد حضور پاڪ جن جو خيال نہ رھيو ھجي حضورصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وري توجھ نہ فرمائي ۽ سلام جو جواب نہ ڏنائين ھو ان کي ڪتي برداشت ڪري سگھيا ھوندا صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جيڪي اتي موجود ھئا تن کي چيائين: خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تہ مون کي ناپسند فرمائي رھيا آھن تنھن تي موجود صحابين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُم چيو حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻاھر تشريف وٺي ويا ھئا رستي ۾ تنھنجو قبو ڏٺاؤن ۽ پڇياؤن تہ ھي قُبّو ڪنھن جو آھي؟

اھو ٻڌي ڪري ھو صحابي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ فورًا واپس موٽيو ۽ انھيءَ قبي کي ڊھي ڪري اھڙو زمين جي برابر ڪري ڇڏيو جو نشان بہ نہ رھيو ۽ پوءِ اچي ڪري عرض بہ نہ ڪيو. اتفاق سان حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو انھي ئي جڳھ وٽان ڪنھن ٻئي موقعي تي گذر ٿيو ڏٺائون تہ اُھو قُبّو اتي ڪونھي، تہ پُڇيائون، صحابن سڀڱورن رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُم اَجْمَعِين عرض ڪيو ان انصاريءَ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي توجھ نہ ڏيڻ جو سبب پڇيو، تہ اسان انھن کي ٻڌايو تہ حضور پاڪ جن تنھنجو قُبّو ڏٺو آھي. ان انھيءَ وقت ئي وڃي ڪري ان قبي کي بلڪل ٽوڙي ڇڏيو حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ ھر تعمير ماڻھو تي وبال آھي سواءِ ان تعمير جي جيڪا سخت ضرورت ۽ مجبوري جي ھجي. (سنن ابي داوءد ڪتاب الادب باب ما جآء في البناءِ الحديث 5237 ج 4 ص 460)

حضرت رافع رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ چون ٿا تہ ھڪ دفعي اسان ھڪ سفر ۾ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ ھئاسين ۽ اسان جي اُٺن تي چادرون پيل ھيون جن ۾ ڳاڙھا ڏورا ھئا حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو آئون ڏسان ٿو تہ ھي ڳاڙھاڻ توھان تي غالب ٿيندي پئي وڃي حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو اھو فرمائڻ بعد اسان يڪدم اٿين

گھٻرائجي وياسين جو اسان جي پڇڻ سان اٿ بہ هيڏانهن هوڏانهن پڇڻ لڳا ۽ اسان فورًا سڀ چادرون انن تان لاهي ورتيون. (سنن ابي داوءد ڪتاب اللباس باب في الحمرة الحديث 4070 ج 4 ص 74)

5. وائل بن حجر چون ٿا تہ مان هڪ ڀيري حضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمتِ اقدس ۾ حاضر ٿيس منهنجي مٿي جا وار تمام وڏيل هئا آئون سامهون آيس تہ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”ذباب، ذباب“ مون هي سمجهيو تہ شايد حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي وارن جي باري ۾ ارشاد فرمائي رهيا آهن. مان يڪدم واپس ويس ۽ انهن وارن کي ڪترائي ڇڏيو جڏهن ٻئي ڏينهن خدمت ۾ حاضر ٿيس تہ ارشاد فرمايائون: مون توکي نہ چيو هو پر اهو سٺو ڪئي. (سنن اب داوءد ڪتاب الترجل باب في تطويل الحمة الحديث 4190 ج 4 ص 112)

6. عبد اللّٰہ بن مغفل رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو هڪ ننڍي عمر جو ڀائيٽو خذف سان کيڏي رهيو هو ان کي ڏنو ۽ فرمايو ڀائيٽا! ائين نہ ڪر، (هي فرمان ٻڌايو تہ) حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو انهي ۾ فائدو ڪوبہ نہ آهي نہ شڪار ٿي سگهي ٿو نہ دشمن کي نقصان پهچائي سگهجي ٿو ۽ اتفاق سان ڪنهن کي لڳي وڃي تہ اک نڪري پوي، ڏند ٽٽي پون، ڀائيٽو ننڍي عمر جو هو وري جڏهن چاچي کي غافل ڏٺائين تہ وري کيڏڻ لڳو، پاڻ جڏهن ڏٺو تہ فرمايائون آئون توکي حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ارشاد ٻڌايان ٿو تہ پاڻ ڪريم ان کان منع فرمايو آهي ۽ تون وري ان ڪم کي ڪرين ٿو خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم!توسان ڪڏهن بہ نہ ڳالهائيندس هڪ ٻئي قصي ۾ انهي ڪانپوءِ آهي تہ خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! تنهنجي جنازي ۾ بہ شرڪت نہ ڪندس ۽ نہ تنهنجي عيادت ڪندس. (سنن ابن ماجہ ڪتاب السنہ باب تعظيم حديث رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم .... الخ الحديث 17 ج 1 ص 19)

**نوٽ:** خذف هي آهي ته آڱوٺي تي ننڍڙي پٿري رکي آڱر سان اڇلائي وڃي هي ٻارن جي هڪ بيڪار ۽ تشويشناڪ راند آهي، حضرت عبدالله بن مغفل رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جن جي پائيتي ارشادِ رسول پاڪ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻُڌي ونڻ ڪانپوءِ به پابندي نه ڪئي جنهن کي صحابي رسول رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ برداشت نه ڪري سگهيا ۽ نه ڳالهائڻ جي قسم کائي ورتي. اڄ مسلمان پنهنجي حالتن تي غور ڪن ته احاديث رسول صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ ارشادات سرورِڪائنات صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پابندي اسان ۾ ڪيتري آهي؟

7. حڪيم بن حزام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ هڪ صحابي آهن. حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ڪجھ طلب ڪيائون حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن عطا فرمايو وري ڪنهن موقعي تي گُهريائون حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عطا فرمائي ڇڏيو، ٽيون ڀيرو طلب ڪيائون حضورصَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن عطا فرمايو ۽ گڏوگڏ هي به ارشاد فرمايو: ته اي حڪيم! هي مال سبز باغ آهي ظاهر ۾ تمام مٺي شيءِ آهي پر هن جو دستور اهو آهي ته جيڪڏهن دل جي سخا سان ملي ته ان ۾ برڪت ٿيندي آهي ۽ جيڪڏهن طمع ۽ لالچ سان حاصل ٿئي ته انهي ۾ برڪت ناهي هوندي ائين ٿي ويندو آهي. (جئين جوع البقر جي بيماري هجي) جو هر وقت کائيندو رهي پر پيٽ نه ڀرجي. حڪيم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان کان پوءِ هاڻي ڪنهن کان به ڪجھ طلب نه ڪندس ايستائين جو دنيا مان رخصت ٿي وڃان، انهي کان پوءِ حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ پنهنجي خلافت جي زماني ۾ حڪيم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ کي بيت المال مان ڪجھ عطا ڪرڻ جو ارادو فرمايو ته ان انڪار ڪري ڇڏيو، انهي ڪانپوءِ

حضرت عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن پنهنجي خلافت جي زماني ۾ بار بار اصرار ڪيو پر ان انڪار ئي ڪيو. (صحيح البخاري ڪتاب الزکوٰة باب الاستعفاف عن المساله الحديث 1472 ج 1 ص 497)

8. حضرت اسماء رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا تمام سخي هيون پهريان جيڪي ڪجھ خرچ ڪنديون هيون اندازي سان ماپي خرچ ڪنديون هيون پر جڏهن حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو ته ڳڻي ۽ حساب لڳائي نه خرچ ڪريو جيترو به قدرت ۾ هجي خرچ ڪندا ڪريو ان ڪانپوءِ پوءِ خوب خرچ ڪرڻ لڳيون، پنهنجي ڌيئرن ۽ گھر جي عورتن کي نصيحت ڪنديون هيون ته الله عَزَّوَجَلَّ جي راھ ۾ خرچ ڪرڻ ۽ صدقو ڪرڻ ۾ ضرورت کان وڌيڪ هجڻ ۽ بچڻ جو انتظار نه ڪنديون ڪريو، جيڪڏهن ضرورت کان وڌيڪ جو انتظار ڪنديون رهنديون ته ٿيڻ جو ئي ناهي (جو ضرورت پاڻ وڌندي رهندي آهي) ۽ جيڪڏهن صدقو ڪنديون رهنديون ته صدقي ۾ خرچ سان نقصان ۾ نه رهنديون. (الطبقات الکبرٰي ج 8 ص 198)

9. حضرت علي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ پنهنجي شاگرد کي فرمايو ته آئون توکي پنهنجو ۽ (حضرت) فاطمه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جو جيڪا حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سڀ کان وڌيڪ دادلي ڌيءُ هئي قصو ٻڌايان! شاگرد عرض ڪيو ضرور، فرمايائون ته هوءَ پنهنجي هٿن سان جنڊ هلائينديون هيون جنهن جي ڪري هٿن ۾ نشان پئجي ويندا هئا ۽ پاڻ پاڻي جي گلي پري اينديون هيون جنهن جي ڪري سيني تي مشڪيزي جي رسي جا نشان پئجي ويندا هئا ۽ گھر ۾ ٻهاري وغيره پاڻ ئي ڏينديون هيون جنهن جي ڪري سڀ ڪپڙا ميرا ٿي ويندا هئا، هڪ ڀيري حضور اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ ڪجھ غلام ٻانهيون آيون، مون حضرت فاطمه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کي

مشورو ڏنو ته توهان به وڃي حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان هڪ خدمتگار گُهرو ته جئين توهان کي ڪجهه مدد ملي وڃي، پاڻ (بي بي فاطمه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهَا) حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيون اتي هجوم هو ۽ سندس جي طبيعت ۾ حياء تمام گهڻي هئي تنهنڪري سيني جي سامهون پيءُ کان به گهرندي شرم آئي، واپس موٽي آيون بئي ڏينهن حضور اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ تشريف وٺي آيا ارشاد فرمايائون ته فاطمه! رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهَا ڪالهه توهان ڪهڙي ڪم لاءِ آيون هيون؟ اهي حياء جي ڪري خاموش ٿي ويون مون عرض ڪيو ته يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هن جي هي حالت آهي جو جنډ جي ڪري هٿن ۾ نشان پئجي ويا ۽ ڪلي جي ڪري سيني تي رسي جا نشان پئجي ويا هر وقت ڪم ڪار جي ڪري ڪپڙا ميرا رهن ٿا مون ڪالهه ان کي مشورو ڏنو ته پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وٽ ٻانهيون آيل آهن ڪم ڪار لاءِ هڪ توهين به وٺي اچو انهي جي لاءِ آيون هيون. ڪجهه روايتن ۾ آيو آهي ته حضرت فاطمه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهَا عرض ڪيو ته يا رسول الله! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون ۽ (حضرت) علي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ وٽ هڪ ئي بسترو آهي ۽ اهو به دنبي (گهيٽي) جي هڪ کل جو آهي رات جو انهي کي وڇائي سمهندا آهيون ۽ صبح جو انهيءَ تي گاهه داڻو وجهي اٺ کي کارائيندا آهيون، حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ڌيءُ صبر ڪر! حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام ۽ ان جي گهر واري وٽ ڏهه سالن تائين هڪ ئي بسترو هو، سو به حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جو چوغو (ڏگهي ڪوٽ جو هڪ قسم) هو رات جو انهيءَ کي وڇائي سمهي رهندا هئا، ته تقويٰ حاصل ڪريو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄو ۽ پنهنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ جو فريضو ادا ڪنديون رهو ۽ گهر جو ڪم ڪار ڪنديون

رهو ۽ جڏهن سمهڻ لاءِ ليٽو ته 33 دفعا **سبحٰن الله** 33 دفعا **الحمدلله** ۽ 34 دفعا **الله اكبر** پڙهنديون ڪيو، هي خادم ڪان وڌيڪ سٺي شيءِ آهي حضرت بيبي فاطمه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا عرض ڪيو آئون الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪان راضي آهيان. (سنن ابي داوءد كتاب الادب باب في تسبيح عند النوم الحديث 5063،ج 4 ص 409)

10. حضرت عبدالله بن زبير رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ حضرت عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جا ڀاڻيجا هئا ۽ پاڻ ان تي تمام گهڻي شفقت فرمائينديون هيون، ان ئي جڻ ڀاڻيجي کي پاليو هو، حضرت عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جي انهيءَ فياضي (يعني سخاوت) ڪان پريشان ٿي ڪري ته پاڻ تڪليف ڪٽنديون ۽ جيڪو ايندو هو فورًا خرچ ڪري ڇڏينديون هيون. هڪ دفعي چيائون ته ماسي جو هٿ ڪئين روڪجي؟ حضرت عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا کي تنهن جي هن جملي جي خبر پئي انهي تي ناراض ٿي ويون ته منهنجو هٿ روڪڻ چاهين ٿو ۽ ان سان نه ڳالهائڻ جي باس طور قسم کنيائين، حضرت عبدالله بن زبير رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کي سندس ماسي جي ناراضگي تي ڏاڍو صدمو پهتو ڪيترن ماڻهن ڪان سفارش ڪرائي پر ان پنهنجي باس جو عذر پيش ڪيو. آخر جڏهن حضرت عبدالله بن زبير رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ گهڻو پريشان ٿيا ته حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ناناڻن جي بن ماڻهن کي سفارشي بڻائي گڏ وٺي ويا، اهي ٻئي حضرات اجازت وٺي اندر ويا هي به لڪي ڪري گڏ ٿي ويا، جڏهن پاڻ ٻنهي سان پردي جي اندر ويهي ڪري ڳالهه ٻولهه فرمائڻ لڳيون ته هي جلدي سان پردي ۾ هليا ويا ۽ وڃي ڪري سندس ماسي سان ليٽجي ويا ۽ گهڻو رُنا ۽ خوشامد ڪئي هو ٻئي ڄڻا به سفارش ڪندا رهيا ۽ مسلمان سان

ڳالهائڻ ڇڏي ڏيڻ تي حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا ارشادات ياد ڏياريندا رهيا ۽ حديثن ۾ جيڪا انهن جي ممانعت آئي آهي اها ٻڌائيندا رهيا، جنهن جي ڪري حضرت عائشه صديقه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهَا انهي کي برداشت نہ ڪري سگهيون ۽ روئڻ لڳيون ۽ آخر معاف فرمائي ڇڏيو ۽ ڳالهائڻ لڳيون، پر پنهنجي قسم جي ڪفاري ۾ بار بار غلام آزاد ڪنديون رهنديون هيون ايستائين جو 40 غلام آزاد ڪيا ۽ جڏهن بہ ان قسم جي ٽوڙڻ جي ياد ايندي هيس تہ ايترو روئنديون هيون جو رئو لُڙڪن سان آلو تي ويندو هو.
(صحيح البخاري ڪتاب الادب باب الهجرة ، الحديث 6073 ج 3 ص 119)

## شوقِ موافقت

حضرت صديق اڪبر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ پنهنجي وفات کان ڪجھ ڪلاڪ پهريان پنهنجي صاحبزادي حضرت عائشه صديقه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهَا کان پڇيو تہ رسول اللّٰہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ڪفن ۾ ڪيترا ڪپڙا هئا، حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي وفات ڪهڙي ڏينهن ٿي، انهي سوال جو سبب هي هيو جو سندن جي خواهش هئي تہ ڪفن ۽ يومِ وفات ۾ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان مشابهت ٿئي، حيات ۾ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پيروي ئي هئي، وفات ۾ بہ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اتباع چاهيندا هئا. (صحيح البخاري ڪتاب الجنائز،باب يوم الفتين الحديث 1387 ج 1 ص 468)



اللہ اللہ یہ شوق اتباع   کیوں نہ ہو صدیق اکبر تھے

## تعظيمِ تبرڪات

1. **مُهرِ نُبوت چمي ورتي:** حضرت سلمان فارسي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ اسلام آڻڻ کان پهرين مختلف ديني ۽ مذهبي رهنمائن وٽ ايندا ويندا رهيا.

هر مذهبي رهنما ان کي وصيت ڪندو هو تہ مون کان پوءِ فلان وٽ وڃجاءِ. هي بہ پڇي وٺندا هئا تہ ان جي زندگي کان پوءِ ڪنهن وٽ رهڻ گهرجي، جڏهن پاڻ آخري راهب کان پڇيو تہ هاڻي مونکي ڪنهن جي خدمت ۾ رهڻو پوندو، ان چيو: هاڻي دنيا ۾ ڪو اهڙو شخص نظر نٿو اچي جنهن جي صحبت ۾ توکي امن ۽ سلامتي نصيب ٿئي ها عنقريب نبيءِ آخرالزمان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تشريف وٺي اچي رهيا آهن جيڪي دينِ ابراهيمي تي هوندا انهن جي هجرت گاهہ اهڙي جڳهہ هوندي جيڪا ٻن جبلن جي وچ ۾ هوندي ۽ ان ۾ ڪجور جا وڻ ڪثرت سان هوندا. نبيءِ آخرالزمان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ٻنهي مبارڪ ڪلهن جي وچ ۾ مهرِ نبوت هوندي پاڻ هديو قبول ڪندا صدقو نہ ڪائيندا. حضرت سلمان رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ انهي نصيحت کي پيشِ نظر رکيو ۽ ملڪِ عرب ڏانهن رخ ڪيو جيئن ئي هو مديني پهتا تہ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هجرت ڪري قبا تشريف وٺي اچي چڪا هئا. سلمان رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ ڪجهہ شيون کڻي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي عرض ڪيائين: هي صدقو آهي، حضور قبول فرمايو! حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن صحابہءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان کي فرمايو: توهان کائو پر پاڻ نہ کاڌائون. حضرت سلمان رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ دل ۾ چيو هڪڙي نشاني تہ پوري ٿي وئي. سلمان رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ چون ٿا انهي کانپوءِ آئون صحابہءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي جماعت ۾ ملي ويس، جڏهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قبا کان مديني تشريف وٺي آيا تہ آئون ڪجهہ شيون وٺي ڪري حاضرِ خدمت ٿيس ۽ عرض ڪيو: حضور! هي هديو قبول فرمايو، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن صحابہءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ

الرِّضْوَان سان ملي ڪري ڪائي ورتو مون پنهنجو پاڻ کي چيو ته نشانيون پوريون ٿي ويون.

انهي ڪانپوءِ آئون حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ ان وقت حاضر ٿيس جڏهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنت البقيع ۾ ڪنهن صحابي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو جنازو پڙهائڻ لاءِ تشريف وٺي ويا هئا، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مبارڪ ڪلهن تي دوشاله (يعني ٻه چادرون) هيون جنهن کي پاڻ چادر ۽ تهبند جي طور تي استعمال ڪري رهيا هئا، آئون حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پنيان پنيان هلڻ لڳس. جڏهن ڪپڙي جو دامن هڪ پاسي ٿيو ته مون مهر نبوت کي ائين ڏٺو جيئن مون کي ٻڌايو ويو هو، آئون جذبات مان ايترو بي قابو ٿي ويس جو بي اختيار ٿي ڪري مهر نبوت کي چمي ڏني ۽ روئڻ لڳس. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مون کي پاڻ وٽ گهرائي ورتو، مون پنهنجو سڄو احوال حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ٻڌايو پاڻ ان کي پسند فرمايائون، صحابہ عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ٻه منهنجو احوال ٻڌو. (شواهد النبوة رکن رابع ص 84)

2. **موءِ مبارڪ (وار مبارڪ):** حديبيه جي مقام تي حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وار مبارڪ نهرايا، وار مبارڪ هڪ سائي وڻ تي وجهي ڇڏيا. سيئي اصحاب سڳورا عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان انهي وڻ جي هيٺ جمع ٿي ويا ۽ مبارڪ وارن کي هڪٻئي کان کسڻ لڳا. حضرت اُمِ عماره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا چون ٿيون مون ٻه ڪجهه وار مبارڪ حاصل ڪري ورتا. حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي وصالِ ظاهري ڪانپوءِ جڏهن ڪو بيمار ٿيندو هو ته آئون انهن مبارڪ وارن کي پاڻي ۾ ٻوڙي ڪري پاڻي مريض کي پيارينديس ته رب العزت عَزَّوَجَلَّ انهي کي صحت عطا فرمائي ڇڏيندو هو. (مدارج النبوت قسم سوئم باب ششم ج 2 ص 217)

3. **لعاب مبارڪ:** عتبہ بن فرقد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جنهن حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن جي زماني ۾ موصل کي فتح ڪيو هو انهن جي گهرواري ام عاصم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھَا بيان ڪن ٿي تہ عتبہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ وٽ اسان چار عورتون هيوسين، اسان مان هر هڪ خوشبو لڳائڻ جي ڪوشش ڪندي هئي، جيئن هڪٻئي کان اعلٰي ڏسجون ۽ عتبہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ ڪابہ خوشبو نہ لڳائيندا هئا. پر پنهنجي هٿ سان تيل ملي ڪري ڏاڙهي کي لڳائيندا هئا ۽ اسان مان سڀ کان وڌيڪ خوشبودار هئا. جڏهن هو ٻاهر نڪرندا هئا تہ ماڻهو چوندا هئا تہ اسان عتبہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي خوشبو کان وڌيڪ ڪا خوشبو ناهي سُنگهي. هڪ ڏينهن مون انهن کان پڇيو تہ اسان خوشبوءِ جي استعمال ۾ ڪوشش ڪنديون آهيون پر توهان تہ اسان کان بہ وڌيڪ خوشبودار آهيو انهي جو سبب ڇا آهي؟ ان جواب ڏنو تہ رسول اکرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي دؤر مبارڪ ۾ منهنجي جسم تي داڻا (ڦرڙيون) ظاهر ٿيون آئون خدمت نبوي ۾ حاضر ٿيس. پاڻ ڪريمن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان انهي بيماري جو عرض ڪيو. مدني آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن مون کي ارشاد فرمايو ڪپڙا لاهيو. مون اگهڙ کان علاوہ ڪپڙا لاٿا ۽ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي سامهون ويهي رهيس. پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجو لُعاب مبارڪ پنهنجي هٿ مبارڪ تي رکي ڪري منهنجي پٽ ۽ پيٽ تي ملي ڇڏيو، انهي ڏينهن کان مون ۾ خوشبو پيدا ٿي وئي.

(الاستيعاب، باب حرف العين، عتبہ بن فرقد ج 3 ص 148)

4. **پگهر مبارڪ:** حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جا خادم حضرت انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا تہ حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اسان وٽ تشريف کڻي آيا ۽ قيلولا (يعني منجهند جو آرام) فرمايو. آرام جي دوران

پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي پسينو (پگهر مبارڪ) آيو منهنجي ماءُ اُمِ سُليم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهَا هڪ شيشي کنئي ۽ سندن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو پگهر مبارڪ ان ۾ وجهڻ لڳيون، پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سجاڳ ٿي پيا ۽ فرمائڻ لڳا: اي امِ سليم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهَا! اهو تون ڇا پئي ڪرين؟ ان عرض ڪيو: هي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو پگهر مبارڪ آهي اسان هن کي پنهنجي خوشبوءِ ۾ وجهندا آهيون ۽ اُها سيني خوشبوئن کان عمده خوشبو آهي.

ٻي روايت مسلم ۾ آهي ته ام سليم هن طرح عرض ڪيو:يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اسان پنهنجي ٻارن جي لاءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي عرق مبارڪ جي برڪت جا اميدوار آهيون. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: تو سچ چيو. صحابہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُم پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي عرق مبارڪ کي ڇهري ۽ بدن تي مَلي وٺندا هئا ۽ هو تمام بلائن کان محفوظ رهندا هئا.

(صحيح مسلم ڪتاب الفضائل باب طيب عرق النبي،الحديث 2331 ص 1272)

5. حضرت ابو هريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ روايت ڪن ٿا ته هڪ شخص رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بارگاهه ۾ آيو ۽ عرض ڪيو يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم!مون پنهنجي ڌيءُ جو نڪاح ڪري ڇڏيو آهي آئون ان کي پنهنجي مڙس جي گهر موڪلڻ چاهيان ٿو مون وٽ ڪا خوشبو ڪونهي، اوهان عنايت فرمايو. سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مون وٽ موجود ڪونهي ها سڀاڻي هڪ کليل منهن واري شيشي ۽ ڪنهن وڻ جي ڪاني مون وٽ کڻي اچجان . ٻي ڏينهن اهو شخص شيشي ۽ ڪاني کڻي حاضرِ خدمت ٿيو. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي ٻنهي مبارڪ ٻانهُن مان پنهنجو پگهر مبارڪ ان ۾ وجهڻ شروع ڪيو، ايستائين جو اها پرجي

ويئي. پوءِ فرمايائون انهي کي ڪٽي وجي ڪري پنهنجي ڏيءُ کي چئجان تہ ڪاني کي شيشي ۾ ٻوڙي ڪري هٽندي ڪري. بس جڏهن اُها پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پسيني مبارڪ کي لڳائيندي هئي تہ سڄي مديني ۾ ان جي خوشبو پهچندي هئي ايستائين جو انهن جي گهر جو نالو ”بيتُ الۡمُطيِبين“ يعني خوشبو وارن جو گهر تي ويو. (شواهدالنبوة رڪن خامس ص 181)

والله جو مل جائے مرے گل کا پسینہ　　　　مانگے نہ کبھی عطر نہ پھر چاہے دلہن پھول

6. **ادب ۾ برڪت جو حاصل ٿيڻ:** حديث شريف ۾ مروي آهي تہ ابو محذوره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جن جي پيشاني ۾ وار ايتري قدر ڊگها هئا جو جڏهن هو ويهندا هئا ءِ وارن کي ڇڏي ڏيندا هئا تہ زمين تي لڳندا هئا. ماڻهن سندس کان پڇيو تہ توهان وارن کي ايترو ڇو وڌايو آهي؟ ان چيو تہ انهي ڪري انهن کي نٿو ڪترايان جو هڪ دفعي انهن تي حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو هٿ مبارڪ لڳو هو انهي لاءِ مون برڪت طور انهن وارن کي ڇڏي رکيو آهي. (مدارج النبوة باب نهم واجبات حقوق حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم .....الخ ج 1 ص 316)

7. **مبارڪ هٿ جي لڳڻ جو ڪمال:** حافظ ابو نعيم متوفي (430 ھ) جن روايت عباد بن عبدالصمد سان نقل ڪيو آهي. ان چيو تہ اسان حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ وٽ آياسين، پاڻ ٻانهيءَ کي چيو تہ دسترخوان کڻي اچ جئين اسان چاشت جو کاڌو کائون. هوءَ کڻي آئي وري پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ فرمايائون تہ رومال کڻي اچ هوءَ هڪ ميرو رومال کڻي آئي. پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ چيو تندور گرم ڪر. هن تندور گرم ڪيو پوءِ سندن جي حڪم سان رومال ان تندور ۾ وڌو ويو. اهو رومال اهڙو صاف ٿي نڪتو ڄڻ تہ کير آهي. اسان

حضرت انس رَضِيَ الله تَعَالٰى عَنۀُ کان پڇيو ته هي ڇا آهي؟ ان فرمايو ته هي اُهو رومال آهي جنهن کي رسول اللّٰه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چهري مبارڪ تي مسح فرمائيندا هئا. هي جڏهن ميرو ٿي ويندو آهي ته اسان هن کي ائين صاف ڪري وٺندا آهيون. چوته باه انهي شيءِ تي اثر نه ڪندي آهي جيڪا انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن جي چهري مبارڪ سان لڳل هجي.
(شواهدالنبوة رکن خامس ص 181)

ہرچہ اسباب جمال است رخ خوب ترا
ہمہ برو جہ کمال است کمالا یخفی

.8 **پهراڻ مبارڪ (ڪرتي) جي حصي جو اثر:** حضرت محمد بن جابر جي ڏاڏي سنان ابن طلق اليمامي وفد بني حنيفه ۾ رسول اللّٰه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمتِ اقدس ۾ حاضر ٿيا ۽ ايمان آندو ان عرض ڪيو: يا رسول اللّٰه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي پنهنجي ڪرتي مبارڪ جو هڪ حصو عطا فرمايو مون کي ان سان محبت آهي. حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن جي درخواست منظور فرمائي ڪري ان کي پنهنجي ڪرتي مبارڪ جو هڪ حصو عنايت فرمايو. محمد بن جابر جو بيان آهي ته منهنجي والد مون سان بيان ڪيو، اُهو حصو اسان وٽ هو اسان هن کي ڌوئي ڪري شفاء جي غرض کان پنهنجي مريضن کي پياريندا هئاسين. (الخصائص الڪبرٰي باب ما وقع في وفد بني حنيفة من الآيات ج 2 ص 26)

.9 **عصاءِ مُصطفٰي (لٺ مبارڪ) جون برڪتون:** جابر بن عبداللّٰه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۀُ جو بيان آهي ته مون وٽ غزوه ذات الرقاع ۾ هڪ اٺ هو جنهن جو گوڏو ٽٽل هو. رسول اللّٰه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مون وٽان گذريا

پر اث جي سُستي سبب انهيءَ ڳالھ جي اجازت نہ ڏئي رهي هئي تہ آئون سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ساٿ ڏيئي سگهان. مون ڪان پڇيو ويو تہ مون سڄي ڳالھ ٻڌائي، پاڻ سڳورن عصاء (لٺ) ڪٽي تي دفعا اث تي گهمايائين ۽ پوءِ پاڻيءَ جو ٻُڪ ڪٽي ڪري ان تي ڇنڊيائين ۽ حڪم ڏنو تہ سوار ٿي وڃ، مون کي قسم آهي ان رب عَزَّوَجَلَّ جي ذات جو جنهن اسان ڏانهن هڪ سچو رسول مبعوث فرمايو. پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيتري قدر (پنهنجو) اث تيز هلائيندا هئا منهنجو اث پوئتي نہ رهندو هو ۽ آئون حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان گڏ ئي رهندو هئس. (الخصائص الكبرٰي، كتاب ذكر معجزاته في ضروب الحيوانات باب قصه الجمل والناقة ج 2 ص 97)

10. حضرت عبدالله بن عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي باري ۾ منقول آهي تہ پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ پنهنجو هٿ منبرِ رسول تي رکيو، جتي پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ويهندا هئا ۽ پوءِ محبت ۾ پنهنجي چهري تي ڦيري ورتو.

11. مسجد نبوي عَلٰي صاحِبِهَاالصَّلٰوةُ وَالسَّلَام سان گڏ حضرت عباس بن عبد المطلب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن جو گهر هو جنهن جو نيسارو مِينهن ۾ اچڻ وڃڻ وارن نمازين تي وهندو هو. حضرت عمر فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ انهي کي ڪيرائي ورتو. حضرت عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ سندن وٽ آيا ۽ چوڻ لڳا الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! انهيءَ نيساري کي حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي مبارڪ هٿن سان منهنجن ڪلهن تي سوار ٿي ڪري لڳايو هو، اُهو ٻڌي ڪري حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايو اوهان منهنجي ڪلهن تي سوار ٿي ڪري انهي کي وري اتي ئي لڳائي ڇڏيو پوءِ ائين ئي ٿيو. (وفاء الوفا الفصل الثاني عشر باب عين عمرو العباس ج 1 ص 487)


الله
رسول
محمد


عشقِ محبت

## لَا يُؤۡمِنُ اَحَدُكُمۡ

حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: توهان مان ڪو بہ ان وقت تائين (ڪامل) مومن نہ ٿو ٿي سگهي جيستائين آئون انهيءَ کي انهيءَ جي پيءُ، انهيءَ جي اولاد ۽ سڀني ماڻهن کان وڌيڪ محبوب نہ ٿي وڃان.

(صحيح البخاري ڪتاب الايمان باب حب الرسول ...الخ الحديث 15 ج 1 ص 17)

اهڙي طرح هڪ ٻي حديث ۾ نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ٽي ڳالهيون جنهن ۾ هونديون اهو ايمان جي حلاوت (لذت) حاصل ڪري وٺندو. پهرين ڳالهہ هيءَ تہ انهيءَ مومن مرد جي ويجهو الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جو رسول صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سڀ کان وڌيڪ محبوب هجن ۽ ٻي ڳالهہ هيءَ تہ جيڪڏهن هو ڪنهن سان محبت ڪري تہ صرف الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ڪري ۽ ٽي ڳالهہ هي تہ ڪفر کان نجات حاصل ڪرڻ کان پوءِ انهي ڏانهن موٽڻ کي ائين ناپسند ڪري جئين هو باهہ ۾ وڃڻ کي ناپسند ڪندو آهي.

(صحيح البخاري ڪتاب الايمان باب حلاوة الايمان الحديث 16 ج 1 ص 17)

هنن حديثن ۾ ايمان جي بنياد الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي محبت کي ٻڌايو ويو آهي. ۽ انهن جي محبت کي ايمان جي بين حلاوتن تي مقدم ڪري انهي جي خاص اهميت بہ ٻڌائي وئي آهي جنهن سان واضح ٿي وڃي ٿو تہ محبتِ رسول ايمان جي جان آهي.

﴿1﴾ هڪ ڏينهن حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي عرض ڪيو تہ بيشڪ اوهان صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون کي سواءِ منهنجي جان جي منهنجي ويجهو هر شيءِ کان وڌيڪ

محبوب آهيو. حضورِ انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: توهان مان ڪوبہ هرگز مومن (ڪامل) نٿو ٿي سگهي جيستائين آئون انهيءَ جي ويجهو انهيءَ جي جان ڪان بہ وڌيڪ محبوب نہ ٿي وڃان. اهو ٻڌي ڪري حضرت عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جواب ۾ عرض ڪيو تہ هاڻي الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! بيشڪ اوهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ضرور مونکي منهنجي ويجهو منهنجي جان ڪان بہ وڌيڪ محبوب آهيو. انهي تي حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو اَلۡاٰن يا عمر يعني ها! هاڻي اي عمر!" (صحيح البخاري ڪتاب الايمان والنذور باب ڪيف ڪانت يمين النبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الحديث 6632 ج 4 ص 283)

﴾2﴿ حضرت عمرو بن العاص رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي وفات جو وقت آيو تہ پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ پنهنجي صاحبزادي سان پنهنجون ٿي حالتون بيان ڪيون بي حالت بيان ڪندي فرمائين ٿا: "ڪو شخص منهنجي ويجهو رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪان وڌيڪ محبوب ۽ منهنجي اکين ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪان وڌيڪ جلالت ۽ هيبت وارو نہ هو. آئون پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي هيبت جي ڪري پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڏانهن نظر پري نہ ڏسي سگهندو هئس. (الشفاء،الباب الثالث ج 2 ص 68)

﴾3﴿ جڏهن مڪي جي فتح واري ڏينهن حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي والد ابو قحافہ ايمان آندو تہ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن خوش ٿيا انهيءَ تي حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جن عرض ڪيو: قسم آهي انهيءَ ذات جو جنهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي دينِ حق سان گڏ موڪليو آهي ان (ابو قحافہ) جي اسلام آڻڻ جي نسبت (سندن جي چاچي) ابو طالب جو اسلام (جيڪڏهن هو اسلام آڻين ها) منهنجي اکين کي وڌيڪ ٺڏو ڪرڻ وارو هو. (الشفاء بتعريف حقوق المصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ، الباب الثاني ج 2 ص 41)

﴿4﴾ حضرت ثمامہ بن أثال يمامي جيڪي اهل يمامہ جا سردار هئا ايمان آڻي چوڻ لڳا: ”خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! منهنجي ويجهو سجي زمين جي نظاري تي ڪو چهرو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي چهري کان وڌيڪ نفرت وارو نہ هو. اڄ اُهو ئي چهرو مون کي سيني چهرن کان وڌيڪ محبوب آهي. الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! منهنجي ويجهو ڪو دين پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي دين کان وڌيڪ برو نہ هو هاڻي اُهو ئي دين منهنجي ويجهو سيني دينن کان وڌيڪ محبوب آهي. الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم!منهنجي ويجهو ڪو شهر پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي شهر کان وڌيڪ نفرت وارو نہ هو. الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! هاڻي اُهو ئي شهر مونکي سيني شهرن کان وڌيڪ پيارو آهي.“ (صحيح البخاري كتاب المغازي باب وفد بني حنيفة الحديث 4372 ج 3 ص 131)

﴿5﴾ حضرت هنده بنت عتبہ (ابوسفيان بن حرب جي گهر واري) جنهن حضرت امير حمزه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جو جگر چباڙيو هيو، ايمان آڻڻ بعد چوڻ لڳي: ”يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هن سجي زمين تي ڪو خيمي وارو اوهان جي خيمي وارن کان وڌيڪ منهنجي نظر ۾ ناپسند نہ هيو، پر اڄ منهنجي نظر ۾ سجي زمين تي ڪو خيمي وارو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خيمي وارن کان وڌيڪ محبوب ناهي.“ (صحيح البخاري كباب مناقب الانصار باب هند بنت عتبه الحديث 3825 ج2 ص 567)

﴿6﴾ حضرت صفوان بن اميہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جن جو بيان آهي تہ جنگ حنين جي ڏينهن رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مون کي مال عطا فرمايو، حالانڪ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي نظر ۾ بغض واري شخصيت هئا. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي عطا فرمائيندا رهيا ايستائين جو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي نظر ۾ محبوب ترين خلق تي ويا. (جامع الترمذي كتاب الزكوٰة باب ماجاء في اعطاء المؤلفة قلوبهم الحديث 666 ج 2 ص 147)

﴿7﴾ مڪي جي فتح ۾ حضرت عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ابو سفيان بن حرب کي (جنهن اجان ايمان نہ آندو هو) پنهنجي پٺيان خچر تي سوار ڪري رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ آندو. حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ عرض ڪيو: جيڪڏهن اجازت هجي تہ هن خدا جي دشمن جو ڪنڌ لاهي ڇڏيان؟ حضرت عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! مون ابو سفيان کي پناھ ڏني آهي. حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ اصرار ڪيو تہ حضرت عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ چيو: اي ابن خطاب! جيڪڏهن ابو سفيان قبيلي بنو عدي مان هجن ها تہ اوهان ائين نہ چئو ها. انهيء تي حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ چيو: اي عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ! جنهن ڏينهن اوهان اسلام آندو، اوهان جو اسلام منهنجي ويجهو خطّاب جي اسلام کان (جيڪڏهن هو ايمان آڻي ها) وڌيڪ محبوب هو، چو تہ اوهان جو اسلام رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي ويجهو وڌيڪ محبوب هو. (الشفاء بتعريف حقوق المصطفي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم الباب الثاني ج 2 ص 41)

﴿8﴾ جنگ اُحد ۾ هڪڙي پاڪدامن عورت جو پيءُ ڀاءُ ۽ مُڙس شهيد ٿي ويا. ان کي اها خبر ملي تہ ڪا پرواھ نہ ڪيائين ۽ پڇيائين تہ اهو ٻڌايو رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪيئن آهن؟ جڏهن ان کي ٻڌائيو ويو تہ حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن بحمدالله خيريت سان آهن تہ چيائين مونکي ڏيکاريو. حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي ڏسي چوڻ لڳي: كُلُّ مُصِيْبَةٍ بَعْدَكَ جَلَل توهان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي هوندي هر مصيبت گهٽ آهي. (المرجع السابق ص 42)

بڑھ کر اس نے رخِ اقدس کو جو دیکھا تو کہا  تو سلامت ہے تو پھر ہیچ ہیں سب رنج والم
میں بھی اور باپ بھی شوہر بھی برادر بھی فدا  اے شہ دیں ترے ہوتے ہوئے کیا چیز ہیں ہم

﴿9﴾ حضرت عبدالرحمٰن بن سعد رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن جو بيان آهي تہ حضرت ابن عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھُمَا جن جي پير کي ننڊ اچي وئي. سندن کان اهو ٻڌي ڪري هڪ شخص چيو تہ اوهان رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي ويجهو جيڪو سڀ کان وڌيڪ محبوب آهي انهي کي ياد ڪريو اهو ٻڌي ڪري سندن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ چيو: يامحمداه!(صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ۽ (سندن جو پير نيڪ ٿي ويو). (المرجع السابق ص 43)

﴿10﴾ حضرت بلال بن رباح رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن جي وفات جو وقت آيو تہ سندن جي زال چيو: واحزناه (هاءِ ڏک) اهو ٻڌي ڪري حضرت بلال رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ چيو: واطرباه القى غداً الاحبة محمداً وحزبه. (المرجع السابق)

واه خوشي! آئون سڀاڻي دوستن يعني حضرت محمد صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سندن جي اصحابن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُم سان ملڻ وارو آهيان.

﴿11﴾ جڏهن 7ھ ۾ قبيلي اشعرييّن مان حضرت ابو موسٰي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ وغيره مديني شريف آيا تہ زيارت سان مشرف ٿيڻ کان پهرين سڏي سڏي ائين چوڻ لڳا: غداً نلقى الاحبة محمداً وصحبه. (المرجع السابق ص 48)

اسان سڀاڻي دوستن يعني حضرت محمد صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سندن جي اصحابن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُم سان ملڻ وارا آهيون.

## محبوب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضا جي لاءِ جذبءِ ايثار

جنهن ڏينهن حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تبوڪ جي جاءِ ڏانهن ارادو ڪيائون، حضرت عبدالله بن خيثمہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ پنهنجي گهر آيا. سندن جون ٻہ حسين و جميل گهر واريون هيون. انهن تنهن ڏينهن خس جي پردن کي پاڻي ۾ وجهي ڪري انهن مان تمام عمده فرش تيار ڪيا ۽ پوءِ ان تي عبدالله رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ لاءِ تمام عمده ۽ لذيذ کاڌا

ركيا. جيئن ئي عبدالله رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ انهن كاڌن كي ڏٺو ته چيو سبحٰن الله! منهنجا آقا رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن كي پروردگار عالم عَزَّوَجَلَّ آئنده ۽ پنين تمام گناهن كان پاك پيدا فرمايو هن شدت جي گرمي جي موسم ۾ كافرن سان جنگ لاءِ تشريف وني وجن ۽ عبدالله رنگ برنگي كاڌا كائي پيٽ پري ۽ زالن سان مباشرت كري، ائين نتو ٿي سگهي، خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! آئون جيستائين رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ نه پهچندس تيستائين انهن زالن سان كلام نه كندس. گهر كان نكتا ۽ پنهنجي اٺ تي سوار ٿي كري هك طرف هلي پيا. زالن گهڻي كوشش كئي پر پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ انهن جي طرف متوجهه نه ٿيا. جيئن ئي عبدالله رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ مقامِ تبوك جي ويجهو پهتا ته حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم كي ٻڌايو ويو ته هك اٺ سوار پري كان هيڏانهن ايندي نظر اچي پيو، حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو اهو ابنِ خيثمه هوندو. ويجهو پهتا ته حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي فرمان مطابق ابن خيثمه ئي هو. ان حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ پهچي كري سلام عرض كيو. سركار مدينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جوابًا ارشاد فرمايو اي ابن خيثمه! رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ! كهڙي ته سني ڳالهه آهي جو تون فاني ناز ۽ نعمت كي ڇڏي كري رضاءِ حق ۾ گم ٿي وئين( يعني دنياوي نعمتون ڇڏي كري ميدانِ كارساز ۾ آئين) جيكو تنهنجي لاءِ بهتر آهي. (شرح العلامة الزرقاني باب غزوة تبوك ج 4 ص 82)

**حضرت ابوذر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي جذبہء جانثاري:** حضرت ابو ذر غفاري رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا ته حضورِ اقدس صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جڏهن غزوهءِ تبوك لاءِ روانا ٿيا ته منهنجو اٺ تمام سست ۽ ضعيف هو منهنجو خيال هو ته كجهه ڏينهن اجان ترسي كري حضور اقدس

صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان وجي ملندس. مون ڪافي ڏينهن پنهنجي اٺ کي گاهہ ڪارايو، انهيءَ ڪان پوءِ مون سفر جو ارادو ڪيو جڏهن هڪ جبگهہ تي پهتس تہ اٺ جي تنگ ٽٽي پئي جنهن جي ڪري هو اڳتي نہ هلي سگهيو. مون پنهنجو سامان سڙو پنهنجي پُٺ تي رکيو ۽ اڳتي هلي پيس. رستي ۾ سخت گرمي ڪي منهن ڏيٺو پيو. لشڪرِ اسلام وٽ پهتس تہ ماڻهن حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي عرض ڪيو تہ ڪو شخص پيادل اچي رهيو آهي سرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اهو ابوذر غفاري هوندو. جڏهن آئون حضوراقدس صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيس تہ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن قيام جي حالت ۾ فرمايو: خوش رهو ابوذر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ! تون اڪيلو سفر ڪرين ٿو اڪيلو ئي دنيا مان ويندين ۽ اڪيلو ئي محشر جي ڏينهن اٿندين. چون ٿا تہ جڏهن ابوذر غفاري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جو وصال ٿيو تہ پاڻ اڪيلا ئي هئا. عبدالله ابن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن ابوذر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي بحالتِ وفات ڏٺو تہ چيائون سچ فرمايو هو خدا عَزَّوَجَلَّ جي صادق و مصدوق رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن. صاحب مستقصي لکيو آهي تہ مون حضرت ابوذر غفاري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي مزار جي زيارت ڪئي آهي مون کي اتي اهو ڪيف ۽ سرور حاصل ٿيو جيڪو ٻين صحابہءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي مزارن تي حاصل نہ ڪري سگهيس. مون ان جي قبر جي ويجهو نماز ادا ڪئي جيئن ئي آئون سجدي ۾ سر رکيو تہ سندن رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي تربت انور مان مشڪ ۽ عنبر جي خوشبو نڪتي جنهن منهنجي دماغ کي معطر ڪري ڇڏيو.

(شواهد النبوة رڪن رابع ص 125)

شدیم خاک و لیکن زتربت ما
تواں شناخت کزیں خاک مردے خیزد

**حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کان پوءِ دنيا قابلِ ديد نہ رهي:** جڏهن حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي وصالِ ظاهري جي خبر سندن جي مؤذن عبدالله بن زيد انصاري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي پئي تہ اهي ايتري قدر غمگين ٿي ويا جو نابينا ٿيڻ جي دعا گهرڻ لڳا تہ منهنجي آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کان پوءِ هيءَ دنيا منهنجي لاءِ قابلِ ديد نہ رهي. پاڻ ان وقت ئي نابينا ٿي ويا. ماڻهن چيو: تو اها دعا چو گهري؟ فرمايائون: ڏسڻ جي لذت تہ نظر ۾ آهي پر سرکارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کان پوءِ هاڻي منهنجون اکيون کنهن جي ديدار جو ذوق نہ ٿيون رکن. (المرجع السابق ص 139)

**اضطراب عشق:** هک ڏينهن حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جا عاشقِ زار حضرت ثوبان رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ حاضر ٿيا تہ انهن جو چهرو لٿل ۽ مرجهايل ڏسي ڪري محبوب آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن سبب پڇيو تہ دردمند عاشق عرض ڪيو! يارسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم نہ ڪا جسماني تکليف آهي ۽ نہ ڪٿي سور آهي، ڳالھ هي آهي تہ اوهان جو چهرو مبارک جڏهن اکين کان دور ٿي ويندو آهي تہ دل بيتاب ٿي ويندي آهي تہ جلدي ۾ اوهان جي زيارت سان انهي کي تسلي ڏيندو آهيان هاڻي بار بار مون کي هي خيال ستائي رهيو آهي تہ جنت ۾ حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو اعلي مقام بلند جڳھ تي هوندو ۽ آءُ مسڪين کنهن کنڊ ۾ پيو هوندس. جيڪڏهن چهري مبارک جي زيارت نہ ٿي تہ مون لاءِ جنت جون سڀ لذتون ختم ٿي وينديون وچوڙي ۽ جدائيءَ جو هي صدمو تہ هن ڪمزور دل کان برداشت نہ ٿيندو. حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن هي قصو ٻڌي خاموش ٿي ويا ايستائين جو جبرائيل امين هي خوشخبري کڻي حاضر ٿيا.

وَ مَنۡ يُّطِعِ اللّٰهَ وَ الرَّسُوۡلَ فَاُولٰٓـئِكَ مَعَ الَّذِيۡنَ اَنۡعَمَ اللّٰهُ عَلَيۡهِمۡ مِّنَ النَّبِيّٖنَ وَ الصِّدِّيۡقِيۡنَ وَ الشُّهَدَآءِ وَ الصّٰلِحِيۡنَ ۚ وَ حَسُنَ اُولٰٓـئِكَ رَفِيۡقًا ﴿۶۹﴾

(پ: 4، النساء: 69)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ جيڪي الله ۽ سندس رسول جو حڪم مڃين ته انهن کي انهن جو ساٿ نصيب ٿيندو جن تي الله فضل ڪيو يعني انبياء ۽ صديق ۽ شهيد ۽ چڱا ماڻهو اهي ڪهڙا نہ چڱا ساٿي آهن.

(الجامع الاحكام القرآن، الحديث 2309 ج 5 ص 261)

اطاعت گذار عاشقن کي جنت ۾ جدائي جو صدمو نہ پهچندو بلڪ سندن کي سندن جي محبوب صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي رفاقت ۽ صحبت حاصل هوندي حقيقت هيءَ آهي تہ عشق مصطفويءَ ۾ اهڙي ڪيفيت صرف حضرت ثوبان رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ جي ئي نہ هئي بلڪ سيني صحابہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھُم جو اِهڙو حال هو.

**الله ۽ ان جو رسول بس:** حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا تہ هڪ دفعي حضور اقدس صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن صدقي ڪرڻ جو حڪم فرمايو. اتفاقًا تنهن زماني ۾ مون وٽ ڪجهہ مال موجود هو مون چيو اڄ اتفاق سان مون وٽ مال موجود آهي آئون ابوبڪر رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ کان جيڪڏهن وڌي سگهان ٿو تہ اڄ وڌي سگهندس. اهو سوچي ڪري آئون خوشي خوشي گهر ويس ۽ جيڪو ڪجهہ گهر ۾ هو ان مان اڌ کڻي آيس. حضور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ گهر وارن لاءِ بہ ڪجهہ ڇڏي آئين؟ مون عرض ڪيو تہ ها ڇڏي آيو آهيان. حضور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ ڪيترو ڇڏي آيو آهين؟ مون عرض ڪيو تہ اڌ (مال) ڇڏي آيو آهيان. ۽ پوءِ حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ سندن وٽ جيڪو ڪجهہ هو سڀ کڻي آيا. حضور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

جن فرمايو: گهر وارن لاءِ ڇ ڪجهه ڇڏي آيو آهين؟ عرض ڪيائين: انهن لاءِ الله ۽ ان جو رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ڇڏي آيو آهيان.

پروانے کو چراغ ہے تو بلبل کو پھول بس
صدیق کے لئے ہے خدا کا رسول بس

يعني الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي نالي جي برڪت، انهن جي رضا ۽ خوشنودي کي ڇڏي آيو آهيان. حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا تہ مون ڇاٽي ورتو تہ آئون حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان ڪڏهن بہ نٿو وڌي سگهان، هي واقعو غزوه تبوڪ جي لاءِ مال و اسباب ڏيڻ جو آهي.

(شرح العلامة الزرقاني باب غزوة تبوك ج 4 ص 69)

حضرت انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن جي صحيفهءِ اخلاق ۾ حُبِ رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۽ اتّباعِ سنت جا نهايت نمايان باب آهن. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جيئن ئي دنيا ۾ اک کولياؤن تہ اسلام کي پنهنجي گهراڻي ۾ پاتاؤن. سندن جي والده حضرت اُمِ سليم، ماٽيلو پيءُ حضرت ابو طلحہ، چاچو حضرت انس بن نضر، ياءُ حضرت براء بن الملڪ، ماسي اُمِ حرام ۽ سيئي حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جا مخلص شيدائي هئا. (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھُم اَجۡمَعِین)

خاندان ۾ هر وقت پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي ذات مبارڪ ۽ سندن دعوتِ حق جو چرچو ٿيندو رهندو هو. انهيءَ پاڪيزه ماحول ننڍڙي انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي دل ۾ حضورِ پرنور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي محبت جو ٻج پوکي ڇڏيو هو، انهي کان پوءِ سندس کي مسلسل ڏهہ سالن تائين سرور ڪونين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ڪرڻ جي سعادت نصيب ٿي. انهيءَ دوران سندن کي حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن

جي بي مثال اعليٰ اخلاق ايترو تہ متاثر ڪيو جو هو شفيق آقا ۽ مولٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جا عاشق صادق بڻجي ويا. حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جڏهن ظاهري وصال فرمايو تہ حضرت انس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي دنيا ۾ اونداهي ٿي ويئي. سرورِ ڪائنات صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي ياد سندن کي هر وقت تڙپائيندي رهندي هئي. سندن جي ڪا محفل اهڙي نہ هوندي هئي جنهن ۾ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو ذڪرِ خير نہ هجي. عهدِ رسالت جو ڪو واقعو ڪنهن کان ٻڌندا يا پاڻ بيان ڪندا هئا تہ سندن جون اکيون آليون ٿي وينديون هيون ۽ شدتِ عشق سبب روئڻهارڪو ٿي ويندا هئا. ڪيترا دفعا ائين ٿيو جو پنهنجو پاڻ تي قابو نہ رهندو هئس ۽ سخت بي چينيءَ جي عالم ۾ محفل مان اٿي بيهي رهندا هئا ۽ جيستائين گهر پهچي ڪري تبرڪاتِ نبوي جي زيارت نہ ڪري وٺندا هئا آرام نہ ايندو هئس.

هڪ ڏينهن سرور ڪائنات صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو مبارڪ حليو بيان ڪري رهيا هئا "مون ڪڏهن ڪو ريشم حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي مبارڪ هٿن جي ترين کان وڌيڪ نرم نہ ڏٺو ۽ نہ وري ڪڏهن ڪا خوشبو حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي بدن مبارڪ جي خوشبو کان وڌيڪ خوشبودار سُنگهي." (صحيح البخاري ڪتاب المناقب باب الصفة النبي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم الحديث 3561 ج 2 ص 489)

اهڙي طرح بيان ڪندي ڪندي فرطِ محبت ۾ ايتري قدر بيقرار ٿي ويا جو روئڻ لڳا ۽ زبان تي بي اختيار هي لفظ اچي ويا.

"قيامت جي ڏينهن حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي زيارت نصيب ٿي تہ عرض ڪندس يا رسول الله! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اوهان جو ادني غلام انس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ حاضر آهي." حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن سان

تمام گهڻي محبت ۽ عقيدت جو اهو اثر هو جو اڪثر سندن کي خواب ۾ سرورِ ڪائنات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زيارت نصيب ٿيندي هئي، الله ۽ ان جو رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سندن کي دنيا جي هر شيءِ کان وڌيڪ محبوب ترين هئا. (المسند الامام احمد بن حنبل مسند انس بن مالک بن نضر الحديث 13315 ج 4 ص 442)

صحيح بخاري ۾ خود سندس کان ئي مروي آهي ته رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته ٽي ڳالهيون اهڙيون آهن جيڪڏهن اهي ڪنهن شخص ۾ هجن ته ان ايمان جي حلاوت ماڻي ورتي، هڪ هي ته الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تنهن کي سڀني دنيا کان عزيز هجي، ٻيو هي ته جنهن سان محبت ڪري الله عَزَّوَجَلَّ جي خاطر ڪري، ٽيو هي ته اسلام آڻڻ کان پوءِ ڪفر ۾ موٽڻ کي ائين ناپسند ڪري جئين باهه ۾ پئجي وڃڻ کي ناپسند ڪري ٿو. (صحيح البخاري ڪتاب الايمان باب حلاوة الايمان الحديث 16 ج 1 ص 17)

**حضرت زاهر** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ: هڪ ڳوناٺو صحابي هو حضرت زاهر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جيڪي بظاهر خوبصورت نه هئا، جهنگل جو ميوو سبزي وغيره حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بارگاهه ۾ تحفي طور کڻي ايندا هئا. جڏهن هو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽان رخصت ٿيندا هئا ته پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شهر جون شيون ڪپڙو وغيره ان کي ڏيئي ڇڏيندا هئا. سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي هن سان محبت هئي، فرمائيندا رهندا هئا زاهر اسان جو ڳوناٺو آهي ۽ اسان هن جا شهري آهيون.

هڪ ڏينهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن بازار ڏانهن نڪتا ڏٺاؤن ته زاهر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ پنهنجو واپار جو سامان وڪڻي رهيا هئا، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پٺ ڏانهن وڃي ڪري ان جي

اکين تي پنهنجو هٿ مبارڪ رکيو ۽ هن کي هنج ۾ ڪٽي ورتو ان چيو ڪير آهي؟ مون کي ڇڏي ڏيو. ان مڙي ڏٺو ته حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هئا. پنهنجي پٺ (برڪت جي ارادي سان) اجان حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سيني مبارڪ سان چمٽائڻ لڳا، حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ڪو آهي جيڪو اهڙي غلام کي خريد ڪري هنن چيو يا رسول الله! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪڏهن توهان وڪڻو ٿا ته مون کي گهٽ قيمت ۾ لهندا. حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو اي زاهر تون خدا جي ويجهو تمام گهڻو قيمتي آهين. (جامع الترمذي شمائل محمدية صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم باب ماجآء في صفة مزاح ... الخ الحديث 238 ج 5 ص 545)

**حضرت زيد بن حارثه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو عشقِ رسول:** حضرت زيد بن حارثه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جاهليت واري زماني ۾ پنهنجي والد سان گڏ ناناڻن ۾ وڃي رهيا هئا ته بنو قيس اهو قافلو لُٽيو جنهن ۾ حضرت زيد رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ به هئا انهن کي مکي ۾ اچي ڪري وڪڻيو ويو. حڪيم بن حزام پنهنجي پڦي حضرت خديجه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا لاءِ انهن کي خريد ڪري ورتو. جڏهن حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نڪاح حضرت خديجه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا سان ٿيو ته تنهن زيد رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ تحفي طور پيش ڪيو. زيد رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي والد کي ان جي وڇوڙي جو تمام گهڻو صدمو پهتو چاڪاڻ جو اولاد جي محبت فطري شيءِ آهي هو زيد رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي وڇوڙي ۾ روئندا ۽ شعر پڙهندا ڦرندا هئا، اڪثر جيڪي شعر پڙهندا هئا انهن جو مختصر ترجمو هي آهي"آئون زيد جي جدائيءَ ۾ روئي رهيو آهيان اهو به نٿو ڄاڻان ته هو زنده آهي جو ان جي اميد به رکان يا موت ان جو ڪم ختم ڪري ڇڏيو جو ان کان مايوس ٿي وڃان، خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم مون کي هيءَ به خبر ناهي ته توکي اي زيد نرم زمين هلاڪ

ڪيو يا ڪنهن جبل ختم ڪيو، ڪاش مون کي اهو معلوم ٿي وڃي
تہ تون سڄي عمر ۾ ڪڏهن واپس بہ ايندين يا نہ، سڄي دنيا ۾
منهنجي آخري تمنا تنهنجي واپسي آهي. جڏهن سج نڪرندو آهي تہ
مون کي زيد ئي ياد ايندو آهي ۽ جڏهن بارش اچڻ واري هوندي آهي
تڏهن بہ مون کي اُنجي ياد ستائيندي آهي ۽ جڏهن هوائون هلنديون
آهن تڏهن بہ ان جون يادون تڙپائينديون آهن. هاءِ منهنجو غم ۽ فڪر
ڪيتري قدر ڏگهو ٿي ويو آئون هن جي ڳولا ۽ ڪوشش ۾ سڄي دنيا
۾ اٺ جي تيز رفتاري کي ڪم ۾ آڻيندس ۽ دنيا جو چڪر لڳائڻ
کان نہ گهٻرائيندس. اُٺ هلڻ کان لهرائي وڃن تہ لهرائي وڃن پر آئون
ڪڏهن بہ نہ لهرائيندس. پنهنجي سڄي زندگي ان ۾ گذاري ڇڏيندس.
ها منهنجو موت ئي اچي ويو تہ خير جو موت هر شيءِ کي فنا ڪرڻ
وارو آهي ماڻهو چاهي ڪيترين ئي اميدون لڳائي پر آئون پاڻ کان
بعد ۾ پنهنجي فلاڻي فلاڻي رشتيدارن ۽ آل ۽ اولاد کي وصيت
ڪري ويندس تہ اهي بہ انهي طرح زيد کي ڳوليندا رهن.“

مطلب تہ هو اهي اشعار پڙهندا ۽ روئندا زيد کي ڳوليندا وتندا هئا.
اتفاق سان انهن جي قوم جي ڪجھ ماڻهن جو حج تي وڃڻ ٿيو ۽
انهن زيد کي سڃاتو پيءُ جو حال ٻڌايو اشعار ٻڌايا ان جي ياد ۽
وڇوڙي جي داستان ٻڌائي. حضرت زيد رَضِيَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ انهن جي هٿان ٽي
شعر چئي موڪليا جن جو مطلب هي هو تہ ”آئون هتي مڪي ۾
آهيان.“ انهن ماڻهن وڃي زيد جي خير خبر ان جي پيءُ کي ٻڌائي
۽ اهي شعر ٻڌايا جيڪي هن چيا هئا ۽ پتو ٻڌايو. زيد جو پيءُ ۽
چاچو فديي جي رقم کڻي تنهن کي غلامي مان ڇڏائڻ لاءِ مڪہ
مڪرمہ پهتا، تحقيق ڪري اهي اچي حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي
خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون: اي هاشم جي اولاد! اي

پنهنجي قوم جا سردار! اوهان حرم جا رهڻ وارا آهيون ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي گهر جا پاڙيسري اوهان پاڻ قيدين کي آزاد ڪرايو ٿا بکين کي ڪاڌو ڪارايو ٿا. اسان پنهنجي پٽ جي طلب ۾ توهان وٽ پهتا آهيون اسان تي احسان ڪريو ۽ ڪرم فرمايو. فديو قبول ڪريو ۽ هن کي آزاد ڪري ڇڏيو، بلڪ جيڪو فديو هجي ان کان وڌيڪ وٺو. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: بس ايتري ڳالهه آهي! عرض ڪيائون حضور! بس ايترو عرض آهي.

پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: زيد کي سڏ ڪيو ۽ ان کان پڇي وٺو جيڪڏهن هو توهان سان وڃڻ چاهي ته بنا ڪنهن فديي جي ئي هو توهان جو آهي ۽ نه وڃڻ چاهي ته آئون اهڙي شخص تي سختي نٿو ڪري سگهان جيڪو پاڻ نه وڃڻ چاهي. انهن عرض ڪيو ته اوهان آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اسان جي سوچ کان به وڌيڪ احسان فرمايو آهي اها ڳالهه خوشي سان منظور آهي، حضرت زيد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي گهرايو ويو، پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: توهان هنن کي سڃاڻيو ٿا؟ عرض ڪيائين: جي ها سڃاڻان ٿو هي منهنجو والد آهي ۽ هي منهنجو چاچو، حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو منهنجي حال جي توهان کي خبر آهي، هاڻي توهان کي اختيار آهي مون وٽ رهڻ چاهيو ته مون وٽ رهو، هنن سان گڏ وڃڻ چاهيو ته اجازت آهي. حضرت زيد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ عرض ڪيو حضور! آئون سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي هوندي پلا ٻي ڪنهن کي ڪيئن ٿو پسند ڪري سگهان، اوهان آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن منهنجي لاءِ پيءُ جي جڳهه به آهيو ۽ چاچي جي جڳهه به آهيو.

انهن ٻنهي پيءُ چاچي چيو زيد! غلاميءَ کي آزادي تي ترجيح ڏين ٿو؟ پيءُ چاچي ۽ سيني گهروارن جي مقابلي ۾ غلام رهڻ پسند

ڪرين ٿو؟ حضرت زيد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن فرمايو ها مون هن عظيم انسان ۾ (حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي طرف اشارو ڪندي) اهڙي ڳالهہ ڏٺي آهي جنهن جي مقابلي ۾ ڪنهن بہ شيء ڪي پسند نٿو ڪري سگهان. اي بابا ۽ چاچا سائين توهان ٻنهي کي بہ هن عظيم انسان مٿان گهور ڪرڻ لاءِ تيار آهيان حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جڏهن اهو جواب ٻڌو تہ سندس کي سيني لاتو ۽ ڪافي دير تائين سيني سان لڳائي رکيو ۽ فرمايائون تہ مون زيد کي پنهنجو پٽ بڻائي ورتو. زيد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي پيءُ ۽ چاچي بہ اهو منظر ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ خوشيءَ سان سندن کي ڇڏي هليا ويا. (الاصابة في تمييز الصحابة زيد بن حارثة ج 2 ص 495)

حضرت زيد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ ان وقت ٻار هئا ننڍپڻ جي حالت ۾ سيني گهر وارن کي عزيز هئا، تنهن هوندي بہ مائٽن کي غلامي تي قربان ڪري ڇڏڻ مان سندس جي عظيم ۽ جليل محبت جي خبر پوي ٿي.

**حضرت ابو بڪر صديق** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ **۽ بارگاهہ مصطفوي:** حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھَا جو بيان آهي تہ حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن جي وفات کانپوءِ ڪجهہ ماڻهن هي خيال ظاهر ڪيو تہ سندن رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي شهيدن جي وچ ۾ دفن ڪري ڇڏيون ۽ ڪجهہ چوندا هئا تہ سندن رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي جنت البقيع ۾ دفن ڪيو وڃي. مون چيو آئون تہ ان کي پنهنجي حجري ۾ پنهنجي محبوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي پرسان دفن ڪنديس. اجان اسان انهيءَ اختلاف ۾ هئاسين تہ مون کي ننڊ اچي ويئي مون ڪنهن کي هي چوندي ٻڌو تہ محبوب کي محبوب ڏانهن وٺي اچو. جڏهن آئون اٿيس تہ خبر پئي تہ سيني حاضرين انهيءَ آواز کي ٻڌي ورتو هو تان جو مسجد ۾ موجود ماڻهن بہ انهيءَ آواز کي ڪنن سان ٻڌو.



وفات کان پهريان سيدنا صديق اکبر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جن وصيت فرمائي هئي تہ منهنجي تابوت يعني جنازي کي حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي روضي مبارڪ تي آڻي رکي ڇڏجو ۽ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه چئي ڪري عرض ڪجو تہ: آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ابوبڪر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ اوهان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آستاني عاليہ تي حاضر آهن، جيڪڏهن اجازت هوندي تہ دروازو کلي ويندو ۽ مون کي اندر وٺي وڃجو، نہ تہ جنت البقيع ۾ دفن ڪري ڇڏجو. راوِي جو بيان آهي تہ جڏهن حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي وصيت تي عمل ڪيو ويو تہ اڃان اهي الفاظ ختم نہ ٿيا هئا ۽ پردو هٽي ويو ۽ آواز آيو تہ حبيب کي حبيب ڏانهن وٺي اچو. (شواهد النبوة رڪن سادس ص 200)

غور جو مقام آهي تہ حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جيڪڏهن رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي زندهہ نہ ڄاڻن ها تہ هرگز اهڙي وصيت نہ فرمائن ها تہ روضہء اقدس جي سامهون منهنجو جنازو رکي ڪري اجازت طلب ڪئي وڃي. حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ وصيت ڪئي ۽ صحابہء ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جن انهيءَ کي عملي جامو پهرايو. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ ۽ تمام صحابہء ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو عقيدو هو تہ رسولِ اقدس صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بعدِ وصال بہ قبرِ انور ۾ زندهہ ۽ صاحب اختيار ۽ تصرف آهن. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ

**شوق رفاقت:** حضرت ربيعہ بن ڪعب اسلمي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جو بيان آهي تہ آئون رات جو رسول اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت اقدس ۾ هوندو هئس، پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي وضو جي لاءِ پاڻي آڻيندو هئس ۽ ٻيو ڪم ڪار بہ ڪندو هئس. هڪ

ڏينهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مون کي فرمايو: سَل (جيڪو گهرڻو اٿئي گهُر) مون عرض ڪيو اَسْئَلُکَ مُرَافَقَتَکَ فِي الْجَنَّةِ آئون اوهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان جنت ۾ اوهان جي رفاقت (يعني سات) گهُران ٿو. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو انهيءَ کان علاوه بيو ڪجهه؟ حضرت ربيعه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ عرض ڪيو: منهنجو مقصود ته اهو ئي آهي، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو ته سجدن جي ڪثرت سان منهنجي مدد ڪر.

(صحيح مسلم كتاب الصلٰوة باب فضل السجود الحديث 489 ص 252)

مطلب هي آهي ته پاڻ به انهي بلند مقام جي شان پيدا ڪر، منهنجي عطا جي ناز تي عبادت جي ڪثرت کان غافل نه ٿي وڃ. اشعة اللمعات ۾ انهي حديث جي تحت آهي:

واز اطلاق سوال که فرموده سل بخواه و تخصيص نه کرد ومطلوبي خاص معلوم مى شود که کارهمه بدست همت و کرامت اوست صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم هر چه خواهد و هر کرا خواهد باذن پروردگار خود بدهد۔

(اشعة اللمعات كتاب الصلٰوة باب السجود و فضله ج 1 ص 425)

**ترجمو:** سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: گهُر! انهيءَ ۾ ڪنهن خاص مطلب جي وضاحت نه ڪئي انهيءَ مان خبر پوي ٿي ته سڀ ڪم حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي عزت واري هٿ ۽ قوت ۾ آهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪو چاهين جنهن کي چاهين پنهنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي اذن (اجازت) سان عطا فرمائن.



**الله عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي محبت:**

حضرت ابوذر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن جو بيان آهي ته هڪ ڏينهن آئون بيپهريءَ جي وقت رسول اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى

عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بارگاھ ۾ حاضر ٿيس. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تشريف فرما نہ هئا، مون خادم کان پڇيو، ان چيو تہ حضرت عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي گهر ۾ آهن. آئون اتي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ پهتس. سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وينا هئا ۽ ڪو بہ ماڻهو سندن وٽ نہ هو، مون کي ان وقت هي خيال آيو تہ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن شايد هن وقت وحيءَ جي حالت ۾ آهن. مون پاڻ سڳورن ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي سلام عرض ڪيو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن منهنجي سلام جو جواب ڏنو، پوءِ فرمايو: توکي ڪنهن شيءِ هتي آندو آهي؟ مون عرض ڪيو الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي محبت. حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مون کي ارشاد فرمايو ويهي رهہ. آئون سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پاسي ۾ ويهي رهيس، نہ مون حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان ڪجھ پڇيو نہ پاڻ ڪريمصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مون کي ڪجھ فرمايو. آئون ٿوري دير وينو رهيس ايتري ۾ حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جلدي جلدي تشريف ڪٽي آيا تنهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي سلام ڪيو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تنهن کي سلام جو جواب ڏنو، پوءِ فرمايائون: توکي ڪنهن شيءِ هتي آندو آهي؟ حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن عرض ڪيو: الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي محبت. سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هٿ سان اشارو فرمائي ويهڻ جو چيو. هو هڪ بلند جڳھ تي حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سامهون ويهي رهيا، پوءِ حضرت عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ آيا تنهن بہ ائين ئي ڪيو ۽ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جيئن ئي فرمايو. حضرت عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي پرسان ويهي رهيا.

پوءِ اهڙي طرح حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ آيا ۽ حضرت عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي پرسان اچي ويهي رهيا. انهيءَ کانپوءِ رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ست يا نوَ پٿريون کنيون ۽ انهن پٿرين پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ هٿ ۾ تسبيح پڙهي ايستائين جو سندن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ هٿ ۾ ماکي جي مک جيان آواز ٻڌڻ ۾ آيو. پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن پٿرين کي زمين تي رکي ڇڏيو ۽ هو چپ ٿي ويون.

پوءِ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهي پٿريون مون کان سواءِ حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ کي ڏنيون انهن پٿرين حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي هٿ ۾ تسبيح پڙهي ايستائين جو مون ماکي جي مکين جيان انهن جو آواز ٻڌو، پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اهي پٿريون حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان وٺي ڪري زمين تي رکي ڇڏيون اهي چُپ ٿي ويون ۽ ائين ئي اهي پٿريون ٿي ويون. پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ کي ڏنيون ان جي هٿ ۾ بہ انهن تسبيح پڙهي جهڙي طرح حضرت ابو بڪر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي هٿ ۾ پڙهي هئي. ايستائين جو مون ماکي جي مکين جيان انهن جو آواز ٻڌو، پوءِ تنهن کي زمين تي رکي ڇڏياؤن. پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ کي ڏنيون ان جي هٿ ۾ بہ انهن تسبيح پڙهي جيئن حضرت ابو بڪر ۽ حضرت عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا جي هٿ ۾ پڙهي هئي. ايستائين جو مون ماکي جي مکين جيان انهن جو آواز ٻڌو، پوءِ سندن بہ زمين تي رکي ڇڏيون پوءِ اُهي چپ ٿي ويون پوءِ رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اها نبوت جي خلافت جي شهادت آهي.

(الخصائص الکبرٰي ذکر معجزاته في انواع الجمادات باب تسبيح الحصي ج 2 ص 124)

**شوقِ ديدار:** جڏهن حضرت مصعب بن عمير رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ قرآن جي تلاوت ۽ تفسير ڪري رهيا هئا تہ حضرت ابو عبدالرحمٰن رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ سندن جي طرف متوجهہ ٿي ڪري ٻڌي رهيا هئا انهي دوران جڏهن بہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو ذڪر مبارڪ ايندو هو تہ ابو عبدالرحمٰن رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي اکين ۾ رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو شوقِ ديدار چمڪي اٿندو هو ۽ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي ملاقات جي لاءِ هو بي چين ٿي ويندا هئا. هڪ دفعي ابو عبدالرحمٰن رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ حضرت مصعب بن عمير رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي مخاطب ٿي ڪري چيو: رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي زيارت جي وڏي سِڪ آهي، ڪڏهن سال ويندو ۽ موسمِ حج ايندو ۽ اسان پنهنجي آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي زيارت سان مشرف ٿينداسين. حضرت مصعب بن عمير رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ مسڪرايو ۽ فرمايائون: ابوعبدالرحمٰن (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ)! صبر ڪر ڏينهن جلدي گذري ويندا. ابنِ مسلمہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ چيو حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي ديدار کانسواءِ مونکي سڪون حاصل ناهي. ڪڏهن هي ڏينهن گذرندا، پوءِ ڪجھ دير هو خاموش رهيا ۽ پوءِ فرمايائون مون کي انديشو آهي تہ ڪنهن سبب کان منهنجي حضور اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن سان ملاقات نہ ٿي سگهي، انهيءَ لاءِ چا اوهان اسان جي سامهون حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو حليو مبارڪ بيان ڪري سگهو ٿا، اوهان حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي صحبت ۾ رهيا آهيو ۽ حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي چهرہء اقدس جي زيارت سان مشرف ٿيا آهيو، سيني حاضرين هڪ زبان ٿي چيو ابن مسلمہ تو اسان جي دل جي ڳالھ چئي ڇڏي، ابنِ عمير! رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ حضورِ انور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو حليو مبارڪ بيان ڪريو.

حضرت مصعب بن عمير رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ قعدي ۾ (يعني گوڏن ڀر)
ويهي رهيا، پنهنجو مٿو جهڪائي نظرون هيٺ ڪيون جڏهن ته پاڻ
رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو حليو مبارڪ پنهنجي
ذهن ۾ آڻي رهيا هجن. پوءِ پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ پنهنجو مٿو کنيو ۽
فرمايائون رسول اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي رنگ ۾ سفيدي ۽
ڳاڙهاڻ جو خوبصورت ميلاپ آهي. اکيون مبارڪ تمام خوبصورت
آهن مبارڪ ڀرون مليل آهن، وار سڌا آهن گهينڊيدار ناهن، ڏاڙهي
مبارڪ گهاٽي آهي، ٻنهي ڪُلهن جي وچ ۾ فاصلو آهي، حضور
صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ڳچي مبارڪ جيئن چاندي جي گهُگهي، ۽
سندن جا هٿ ۽ قدم مبارڪ ٿُلها آهن. پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم
جن جڏهن هلندا آهن ته جڻ ائين لڳندو آهي جو سندن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ
وَسَلَّم مٿاهين ڪان هيٺ اچي رهيا آهن ۽ جڏهن بيٺل هوندا آهن تڏهن
ائين لڳندو آهي جڻ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪنهن چٽاڻ
مان نڪري پيا هجن. جڏهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن
ڪنهن جي طرف رخ ڪندا هئا ته مڪمل طور تي متوجهه هوندا
آهن، پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي چهري مبارڪ تي پگهر
مبارڪ موتين جيان هوندو آهي، نه پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم
ننڍي قد جا آهن نه ڊگها، سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ٻنهي
ڪلهن مبارڪن جي وچ ۾ مهرِ نُبُوت آهي. جيڪو پاڻ سڳورن صَلَّى
اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي يڪدم ڏسي ٿو مرعوب (رعب ۾ آيل) ٿي
وڃي ٿو ۽ جيڪو سڃاڻي ڪري سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن
جي صحبت ۾ رهي ٿو اهو سندن سان محبت ڪرڻ لڳي ٿو. پاڻ
سڳورا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڀ ڪان وڌيڪ سخي ۽ سڀ ڪان وڌيڪ
جرئت مند آهن. سندن جي ڳالهائڻ جو انداز سڀ ڪان سچو، واعدي
۾ سڀ ڪان پڪا طبيعت ۾ تمام نرم ۽ رهڻ سهڻ ۾ سڀ ڪان ڀلا

آهن. مون سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جهڙو نہ پهرين ڪنهن کي ڏٺو نہ بعد ۾.

جنهن وقت حضرت مصعب بن عمير رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ بيان ڪري رهيا هئا تہ صحابين سڳورن رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھُمۡ جي انهيءَ جماعت تي خاموشي ڇانيل هئي، اُهي سيئي حضرات توجهہ سان حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي انهيءَ حليي مبارڪ کي ٻڌي رهيا هئا. اجان حضرت مصعب بن عمير رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ پنهنجو بيان مڪمل بہ نہ ڪري سگهيا هئا تہ محفل وارا هڪ زبان تي پڪارڻ لڳا.

صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْكَ يَارَسُوْلَ اللّٰه

## محبت ۽ جان نثاري

جڏهن مدينہ طيبہ جي اندر اسلام سان وابستہ ٿيڻ وارن جي تعداد گهڻي وڌي وئي، قبيلہ اوس ۽ خزرج جا ماڻهو هڪ ٻي پٺيان اسلام قبول ڪرڻ لڳا تہ مديني وارن پنهنجي هادي ۽ آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي پنهنجي وطن مدينہ پاڪ تشريف وٺي اچڻ جي دعوت ڏني. انهي ڪانپوءِ انصار جا ماڻهو تمام بي چيني سان رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي انتظار جون گهڙيون ڳڻڻ لڳا، ان وقت انهن جي شوقِ ديدار مصطفيٰ جو عالم ڇا هو انهي کي بيان نٿو ڪري سگهجي، جنهن لمحي اها بشارت ملي تہ هاڻي رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن مديني جي ويجهو تشريف وٺي اچي چڪا آهن، حضور

صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا عشّاق ۽ محبت ڪندڙ استقبال جي لاءِ "**ثنية الوداع**" تائين پهچي ويا ته اجهو پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ديدار سان انهن جي معراج ٿيڻ واري آهي ۽ جنهن وقت انهن ماڻهن حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏٺو ته مرحبا جي صدائن سان پوري فضا گونجي اٿي، انهن استقبال ڪرڻ وارن ۾ حضرت عبدالله بن انيس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فداءِ رسول به هئا اهي ته خوشي وچان بي قابو ٿي رهيا هئا. اِهي ئي اُهي صحابيءِ رسول هئا جن رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي هڪ اشاري تي اسلام جي هڪ تمام وڏي دشمن ابو رافع سلام بن ابو الحقيق کي ان قلعي ۾ گهڙي ڪري قتل ڪيو هو.

واقعي جي ڪجهه تفصيل هينئن آهي ته سلام بن ابو الحقيق الله ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو سخت دشمن هو. هِن بنو نضير جي يهودين کي رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي قتل تي اياريو هيو. رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سامهون جڏهن اِها صورتحال پيش ڪئي وئي ته پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهيءَ دين جي دشمن کي پنهنجي انجام تائين پهچائڻ جي لاءِ صحابہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم جي هڪ جماعت منتخب ڪئي، انهن ۾ حضرت عبدالله بن انيس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ به هئا انهي جماعت جي قيادت حضرت عبدالله بن عتيڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي ڏني وئي. هي جماعت انهيءَ مهم لاءِ رواني ٿي. رات جو هلندو هو ۽ ڏينهن جو پناهه گاهن ۾ لڪيو رهندو هو، ايستائين جو هي جماعت سلام بن ابو الحقيق جي قلعي جي اندر داخل ٿي وئي. رات جو وقت هو قلعي جا سڀ ماڻهو ستا پيا هئا سلام بن ابو الحقيق قلعي جي هڪ مٿاهين گهر ۾ ستو پيو هو اڌ رات تائين هي ماڻهو ان تائين پهچڻ جي لاءِ آهسته آهسته هلندا رهيا،

جڏهن ان جي ڪمري تائين پهتا تہ ان جي زال جاڳي پئي، هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ اڳتي وڌيا ۽ هن کي ڊڄارڻ جي لاءِ ان تي تلوار ڪنئي، چوتہ رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وصيت ڪئي هئي تہ ابو رافع سلام کان سواءِ ڪنهن کي بہ قتل نہ ڪجو، اها عورت خاموش ٿي وئي ۽ ڏڪندي پنهنجي جڳهہ تي ويهي رهي.

ٻيا جان نثار اڳتي وڌيا سخت اونداهي هئي، ابو رافع جي صحيح جڳهہ جي خبر نہ پئي پئي، جانثارن جون تلوارون هلڻ لڳيون پر هن کي ڪو خاص گهرو زخم نہ لڳي سگهيو. حضرت عبدالله بن انيس رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ اڳتي وڌيا انهن جي سامهون ابو رافع هو، جيڪو رڙيون ڪري رهيو هو، پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ پنهنجي تلوار سان ان بدترين دشمن کي پنهنجي انجام تائين پهچائي ڇڏيو. جڏهن ابو رافع جي موت جو يقين ٿي ويو تہ پوءِ صحابہءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي هيءَ جماعت مسرّت ۽ شادماني سان مدينہ پاڪ جي لاءِ رواني ٿي. صحابہءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان مديني ڏانهن تيزي سان وڌي رهيا هئا تہ جيئن پنهنجي محبوب آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي انهيءَ دشمن جي هلاڪت جي خوشخبري ٻڌائن. هي قافلو مسجد نبوي عَلٰي صَاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي ويجهو پهتو تہ ڏٺاؤن تہ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن صحابہءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان سان گفتگو فرمائي رهيا آهن. حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن کي اِنهي عالَم ۾ ڏٺو تہ انهن جا چهرا خوشي سان مهڪي رهيا آهن، حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مسڪرائيندي فرمايو: اَفۡلَحَتِ الۡوُجُوۡه يعني هي چهرا ڪامياب آهن. رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مبارڪ زبان مان نڪتل اهي ڪلما ڪيترا عظيم آهن. صحابہءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي هن جماعت بہ بنا ڪنهن دير جي چيو اَفۡلَحَ وَجۡهُكَ يَارَسُوۡلَ اللّٰه يا رسول الله اوهان جو چهرو مبارڪ ڪامياب

آهي، ها! ها! اوهان جي برڪت سان ئي هي ڪاميابي ملي آهي جيڪڏهن سرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي هدايت ۽ رهنمائي نہ هجي ها تہ اسان ڪامياب نہ ٿيون ها.

ماڻهو هن ڪاميابي ڪان موٽڻ واري قافلي سان سلام بن ابو الحقيق جي قتل جي ڪيفيت معلوم ڪرڻ جي لاءِ سندن جي چوڌاري جمع ٿي ويا سڀ ئي مجاهدين چئي رهيا هئا منهنجي تلوار ابو رافع جو ڪم تمام ڪيو آهي. حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ڏسي مسڪرائي رهيا هئا جو اُنهيءَ شرفِ عظيم کي هر هڪ صحابي پنهنجي ئي حصي ۾ وٺڻ چاهي ٿو، حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن پنهنجي هٿ مبارڪ سان انهن کي خاموش رهڻ جو اشارو ڪيو پوءِ ارشاد فرمايائون: هر ماڻهو پنهنجي تلوار منهنجي سامهون پيش ڪري، حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن سيني تلوارن جو جائزو ورتو ۽ انهن جي طرف متوجهہ ٿي ڪري فرمايائون: عبدالله بن انيس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي تلوار هن جو ڪم تمام ڪيو آهي، انهي ۾ ان جو اثر اڃان بہ باقي آهي. (السيرية النبوة لابن هشام مقتل سلام بن ابو الحقيق ج 4 ص 235)

قبائل هذيل خالد بن سفيان جي قيادت ۾ رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان جنگ ڪرڻ جي لاءِ مقام ”نخلہ“ ۾ جمع ٿيا. نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن رَأسُ الۡفِتۡنَة (يعني فتني جي جڙ) خالد کي پنهنجي انجام تائين پهچائڻ جو مضبوط ارادو فرمائي ورتو. انهيءَ مهم جي لاءِ حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن حضرت عبدالله بن انيس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي منتخب ڪيو ۽ فرمايو: مون کي خبر پئي آهي تہ ابن سفيان مون سان جنگ ڪرڻ جي لاءِ ماڻهن کي جمع پيو ڪري ۽ هو هن وقت ”نخلہ“ جي مقام ۾ آهي تون اتي وڃي هن کي قتل ڪر.

سپاهيءَ پنهنجي آقا صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آواز تي لبيڪ چيو پر هن مهم کي پار ڪرڻ آسان نہ هو. دشمن پنهنجن هزارين سپاهين جي وچ ۾ آهي ۽ اتي پهچڻ تمام مشڪل آهي. هاڻي هتي سواءِ حڪمت ۽ فريب جي ٻيو ڪو طريقو ڪونهي ۽ انهي لاءِ بہ ڳالهيون ناهڻيون پونديون. ۽ اها شيءِ اسلام ۾ جائز ڪونهي مجبور ٿي انهن حضور صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان انهيءَ جي اجازت گهري. حضور صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن کي انهيءَ جي اجازت ڏني ۽ فرمايو ”**الحرب خدعة**“ جنگ ڏوکو آهي.

حضرت عبدالله بن انيس رَضِيَ اللہ تَعَالٰی عَنْهُ تلوار ڳچيءَ ۾ وجهي اها مهم پار ڪرڻ جي لاءِ نڪري پيا ۽ وچين (يعني عصر) جي وقت تي ”نخلہ“ واري مقام پهچي ويا اتي هنن دشمن جو زبردست هجوم ڏٺو پوءِ پنهنجي نشاني جي طرف متوجهہ ٿيا. خالد کي ڏٺائون تہ عورتن جي جهرمٽ ۾ آهي. حضرت عبدالله رَضِيَ اللہ تَعَالٰی عَنْهُ انهي وقت پنهنجو منصوبو مڪمل ڪرڻ چاهيو ٿي پر وچين جي نماز فوت ٿيڻ جو بہ انديشو هو، اهڙي وقت ۾ ان دشمن ڏانهن پيش قدمي ڪندي اشارن سان نماز پڙهي ۽ خالد وٽ پهچي ويا. خالد هن کان پڇيو تون ڪير آهين، حضرت عبدالله رَضِيَ اللہ تَعَالٰی عَنْهُ فرمايو عرب جو ئي هڪ رهاڪو آهيان مون ٻڌو آهي تہ تو مسلمانن جي ان عظيم انسان (حضور صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) سان جنگ ڪرڻ جو منصوبو ٺاهي رکيو آهي تہ آئون بہ انهيءَ جي لاءِ آيو آهيان. خالد چيو ها! ها! منهنجو بہ خيال آهي هاڻي تمام جلد اسان مديني تي چڙهائي ڪري فتح حاصل ڪنداسين. خالد پنهنجي عورتن کان نظر هٽائي ڪري حضرت عبدالله رَضِيَ اللہ تَعَالٰی عَنْهُ سان ڳالهيون ڪرڻ لڳو ۽ حضرت عبدالله رَضِيَ اللہ تَعَالٰی عَنْهُ پنهنجي ذهن ۾ نشانو فٽ ڪرڻ لڳا. حضرت

عبدالله رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي انداز جو طريقو تمام ئي سنو هو، خالد سندن کان مانوس ۽ مطمئن ٿي ويو. حضرت عبدالله رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ خالد سان ڳالهيون ڪري رهيا آهن ۽ موقعي جي انتظار ۾ آهن آخرڪار سندس کي موقعو ملي ويو، تلوار ميان مان ڪڍي ۽ خالد جو سِر لاهي ڇڏيو ان جو ڌڙ زمين تي وڃي ڪريو ۽ هڪ ڪڙڪو ٿيو. خالد جون عورتون متوجهه ٿيون ته ڇا ٿيون ڏسن جو ان جو سِر ان جي تن کان جدا پيو آهي پوءِ انهن عورتن رڙيون شروع ڪيون اتي پر ۾ موجود سڀ ماڻهو خالد جي لاش ڏانهن ڊوڙندا آيا ۽ هوڏانهن حضرت عبدالله بن انيس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڊوڙي نڪري ويا. هاڻي جڏهن خالد جا ماڻهو قاتل کي ڳولي رهيا هئا پر قاتل جو پتو ئي نه پيو. اجان هن کي دفنايو به نه ويو هو ته ان جي چوڌاري جمع ٿيڻ وارن جي رش گهٽجڻ لڳي، ۽ صبح ٿائيڻ پورو نخلہ خالي ٿي ويو.

هوڏانهن حضرت عبدالله رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي دل حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خواهش پوري ڪرڻ تي خوشي ۽ مسرت سان ڀريل هئي، ڊوڙندا سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ اچي رهيا هئا ۽ دل ئي دل ۾ چئي رهيا هئا ته زمين سوڙهي ڇو نه ٿي ٿئي ته جلدي مان پنهنجي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي دشمن جي هلاڪت جي بشارت ٻڌايان. حضرت عبدالله رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ مسجد نبوي عَلٰي صَاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۾ حاضر ٿيا، حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم جي وچ ۾ تشريف فرما هئا جڏهن حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن جي آمد محسوس ڪئي ته سندن جي طرف مسڪرائيندي نظر ڪنئي ۽ ارشاد فرمايو: اَفْلَحَ الْوَجْهُ هي چهرو ڪامياب آهي. حضرت عبدالله رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ عرض ڪيو اوهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو چهرو

مبارڪ ڪامياب آهي مون ان دشمن کي قتل ڪري ڇڏيو، حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو توهان سچ چيو.

انهي وقت حضرت عبدالله رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ هي اشعار پڙهڻ لڳا:

اقول له والسيف يعجم رأسه ۔ انا ابن انيس فارساً غير قعدد
وقلت له خذها بضربة ماجد ۔ حنيف على دين النبي محمد
وكنت اذا هم النبي لكافر ۔ سبقت اليه باللسان وباليد

(السيرة النبوية لابن هشام غزوة عبدالله بن انيس ج 4 ص 521)

"آئون انهي وقت چئي رهيو هئس جڏهن تلوار ان جي مٿي تي لڳي رهي هئي ته آئون ابن انيس شهسوار آهيان ڪو معذور نه آهيان." "۽ مون چيو مون جهڙي دينِ محمد صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي قائم رهڻ واري صاحب مجد جو هڪ ئي وار ڪافي آهي."

"۽ منهنجو حال ته هي آهي جو جڏهن نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪنهن ڪافر کي انجام تائين پهچائڻ جو ارادو فرمائن ٿا ته آئون ان جي طرف زبان سان ۽ هٿ سان سبقت ڪريان ٿو."

## حضرت حذيفه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي محبت ۽ جانثاري

حضرت حذيفه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا ته غزوهء خندق ۾ اسان جي هڪ طرف ته مڪي جي ڪافرن ۽ انهن سان گڏ ٻين ڪافرن جا ڪيترائي لشڪر جيڪي اسان تي چڙهائي ڪرڻ آيا هئا ۽ حملي جي تياري ۾ هئا ٻئي طرف خود مدينه منوره ۾ بنو قريظ جا يهودي اسان جي دشمني تي تيار هئا، جن مان هر وقت انديشو هو ته ڪٿي مديني کي خالي ڏسي ڪري هو اسان جي اهل و عيال کي بلڪل ختم نه ڪري ڇڏين، اسان مدينه منوره کان ٻاهر جنگ جي سلسلي ۾ پيل هئاسين.

منافقن جي جماعت گهر جي اڪيلي ۽ خالي هئڻ جو بهانو ڪري اجازت وٺي ڪري پنهجن گهرن ڏانهن واپس وڃي رهيا هيا ۽ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هر اجازت گهرڻ واري کي اجازت مرحمت فرمائي ڇڏيندا هئا.

۽ انهي حالت ۾ هڪ رات طوفان ايتري قدر شدت سان آيو جو نه ڪڏهن هن کان پهريائين آيو نه هن کان پوءِ. اونداهي ايتري قدر وڌي وئي جو ماڻهوءَ کي پر وارو ماڻهو ته ڇا پنهنجو هٿ به نظر نه ايندو هو ۽ هوا ايتري سخت هئي جو ان جو گوڙ بجلي وانگر گرجي رهيو هو. منافقين پنهنجي گهرن ڏانهن موٽي رهيا هئا، اسان 300 جي مقدار ۾ انهيءَ جڳهه تي هئاسين، حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هر هڪ جو حال پڇي رهيا هئا ۽ انهيءَ اونداهيءَ ۾ هر طرف تحقيق فرمائي رهيا هئا، ايتري ۾ مون وٽان حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو گذر ٿيو مون وٽ نه ته دشمن کان بچڻ جو هٿيار هو نه سِيءَ کان بچڻ لاءِ ڪو ڪپڙو، صرف هڪ ننڍڙي چادر هئي جيڪا ويڙهڻ ۾ گوڏن تائين آئي هئي ۽ اها به منهنجي نه گهرواري جي هئي انهي کي ويڙهي گوڏن پر زمين سان چنبڙيو وينو هئس. حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پڇيو ڪير آهي؟ مون عرض ڪيو حذيفه، پر مون کان سِيءَ جي ڪري اٿيو به نه ويو، شرم وچان زمين سان چنبڙي ويس. حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو اٿي بيهه ۽ دشمن جي ٽولي ۾ وڃي انهن جي خبر وٺي اچ ته ڇا ٿي رهيو آهي. آئون ان وقت گهبراهٽ ۽ خوف ۽ سِيءَ جي ڪري سيني کان ڪمزور حال هيس پر ارشاد جي تعميل ڪندي جلدي اٿي ڪري هلي پيس، جڏهن آئون وڃڻ لڳس ته حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن دعا ڏني. اَللّٰهُمَّ احْفَظْهُ مِنْ بَيْنِ يَدَيْهِ وَمِنْ خَلْفِهِ وَعَنْ يَمِيْنِهِ وَعَنْ شِمَالِهِ وَمِنْ فَوْقِهِ وَمِنْ تَحْتِهِ يعني اي الله عَزَّوَجَلَّ

تون هن جي حفاظت فرماءِ اڳيان کان پنيان کان ساڄي کان کاٻي کان مٿان کان ۽ هيٺان کان. حضرت حذيفه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ چون ٿا ته حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ايترو ارشاد فرمائڻ هو، جڻ مون کان خوف، سِيءُ بلڪل ويندو رهيو ۽ هر قدم تي معلوم ٿي رهيو هو ته جڻ گرمي ۾ هلي رهيو آهيان.

حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هلندي وقت هي به ارشاد فرمايو ته ڪا حرڪت نه ڪجان چپ چاپ ڏسي ڪري هليو اچجان ته ڇا ٿي رهيو آهي. آئون اتي پهتس ڏٺم ته باھ ٻري رهي آهي ۽ ماڻهو ان تي هٿ سيڪي رهيا آهن هڪ شخص باھ تي هٿ سيڪي ٿو پوءِ پنهنجا هٿ ڪُکِ (پاسراٽي) تي رکي ٿو ۽ هر طرف کان واپس هلو واپس هلو جون صدائون اچي رهيون آهن، هر شخص پنهنجي قبيلي وارن کي آواز ڏئي هي چوي ٿو ته واپس هلو ۽ هوا جي تيزي جي ڪري چؤ طرف کان پٿر انهن جي خيمن تي وسي رهيا آهن خيمن جون رسيون ٽٽنديون پيون وڃن ۽ گهوڙا وغيره جانور مرندا پيا وڃن، ابو سفيان جيڪو جڻ ان وقت سيني جماعتن جو سردار بڻجي رهيو هو باھ تي هٿ سيڪي رهيو هو منهنجي دل ۾ خيال آيو ته موقعو سٺو آهي تنهن جو ڪم تمام ڪري ڇڏيان ٿو، ترڪش مان تير ڪڍي ڪمان ۾ رکي به ڇڏيو پر حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ارشاد ياد اچي ويو ته ڪابه حرڪت نه ڪجان، صرف ڏسي هليو اچجان انهيءَ لاءِ مون تير ترڪش ۾ رکيو هن کي شڪ ٿي ويو چوڻ لڳو توهان ۾ ڪو جاسوس آهي، هر ماڻهوءَ پنهنجي پر واري جو هٿ جهليو مون جلديءَ سان پنهنجي پر واري جو هٿ جهلي پڇيو تون ڪير آهين؟ هن چيو مون کي ڪونه ٿو سڃاڻين فلاڻو آهيان. آئون اتان کان واپس آيس جڏهن اڌ رستي تي هئس ته تقريبًا ويهه سوار مونکي

عمامو بدليل مليا انهن چيو تہ پنهنجي آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي چئي ڇڏجان تہ الله عَزَّوَجَلَّ دشمنن جو انتظام کري ڇڏيو آهي بي فکر رهن.

آئون واپس پهتس تہ حضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ ننڍي چادر ويڙهي نماز پڙهي رهيا هئا اها هميشہ جي عادتِ مبارڪ هئي تہ جڏهن ڪا گهبراهٽ جي ڳالهہ پيش ايندي هئي تہ حضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نماز جي طرف توجهہ فرمائيندا هئا نماز کان فراغت کان بعد مون اتي جيڪو منظر ڏٺو عرض ڪيو. جاسوس جو قصو ٻڌي ڪري ڏند مبارڪ چمڪڻ لڳا حضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مون کي پنهنجي پيرن جي قريب ليٽائي ڇڏيو ۽ پنهنجي چادر جو تورو حصو مون تي وجهي ڇڏيو مون پنهنجي سيني کي حضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قدمن جي ترين سان ملائي ڇڏيو. (مدارج النبوة قسط سوم باب پنجم از هجرت حضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ج 2 ص 173 بالتصرف دلائل النبوة (مترجم) الامام ابو نعيم احمد بن عبدالله اصفهاني باب غزوهءِ خندق جا معجزات ص 447 بالتصرف)

## صحابہءِ کرام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھُم جو عشق ۽ وفا جو امتحان

یہ شہادت کہ الفت میں قدم رکھنا ہے
لوگ سمجھتے ہیں کہ آسان ہے مسلمان ہونا

### حضرت ابوبکر صديق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جو حال

اسلام جي شروعات ۾ جيڪو شخص مسلمان ٿيندو هو اهو پنهنجي اسلام کي حتي الامڪان لڪائي رکندو هو. حضور اقدس صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي طرف کان بہ لِڪائڻ جي تلقين هوندي هئي، تہ جيئن ڪافرن کان هنن کي تڪليف نہ پهچي، جڏهن مسلمانن جي تعداد 39 تي پهتي تہ حضرت ابو بکر صديق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ ظاهر ڪرڻ

جي درخواست ڪئي ۽ چاهيائون ته سرعام اسلام جي تبليغ ڪئي وڃي. حضور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پهريان منع فرمايو پر ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ جي اصرار تي قبول فرمائي ورتو ۽ ان سيني ماڻهن کي گڏ وٺي ڪري مسجد حرم شريف ۾ تشريف وٺي ويا. حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ خطبو شروع ڪيو هي سڀ کان پهريون خطبوهو جيڪو اسلام ۾ پڙهيو ويو ۽ حضور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي چاچي سيد الشهدآء حضرت سيدنا حمزه رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ جن انهيءَ ڏينهن ايمان آندو هو ۽ انهيءَ ٽن ڏينهَن بعد حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ مشرف به اسلام ٿيا آهن. خطبي جو شروع ٿيڻ هو ته چؤ طرف کان ڪافر ۽ مشركَ مسلمانن تي ٽُٽي پيا. حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ کي به باوجود مڪ مڪرمہ ۾ عام طور تي سندس جي عظمت ۽ شرافت ڄاڻيندا هئا.سندس کي ايتري قدر ماريائون جو سڄو چهرو مبارڪ رت ۾ پرجي ويو، نڪ ڪن سڀ رتو رت ٿي ويا سڃاڻڻ ۾ نه ايندا هئا، جوتن سان ماريو پيرن سان ٿڏا هنيا جيڪو ڪجھ نه ڪرڻو هو سڀ ڪجھ ئي ڪيائون. حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ بيهوش ٿي ويا، بنو تيم يعني حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ جي قبيلي جي ماڻهن کي خبر پئي ته اتان کان کڻي آيا، سيني کي يقين ٿي ويو هو ته حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ ان وحشياڻي حملي سان زنده نه بچي سگهندا، بنو تيم مسجد ۾ آيا ۽ اعلان ڪيائون ته حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ جي جيڪڏهن حادثي ۾ وفات ٿي وئي ته ان جي بدلي ۾ اسان عتبہ بن ربيعہ کي قتل ڪنداسين، عتبہ حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ کي مارڻ ۾ تمام گهڻي بدبختي جو اظهارڪيو هو. شام تائين حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ بيهوش رهيا آواز ڏيڻ جي باوجود به ڳالھ ٻولھ نه ڪندا هئا، شام

جو آواز ڏيڻ تي سندن ڪجهہ ڳالهايو تہ سڀ کان پهريان لفظ هي هئا تہ منهنجا آقا حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ڪهڙو حال آهي؟ ماڻهن ان تي گهڻوڪجهہ چيو حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ساٿ ڏيڻ جي سبب ئي اها مصيبت آئي اٿئي ۽ سڄو ڏينهن موت جي مُنهن ۾ رهي ڪري ڳالهايو اٿئي تہ پوءِ بہ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو جذبو ۽ انهي جو ئي فڪر اٿئي.

بي دل تي اهي ماڻهو ان وٽان اٿي هليا ويا، ۽ اهو اطمينان بہ هو تہ آخر ڪجهہ جان آهي تہ ڳالهائڻ جي نوبت آئي ۽ سندس جي والده ام خير کي چئي ويا تہ سندس جي کائڻ پيئڻ جو ڪو انتظام ڪري ڇڏيو. هو ڪجهہ تيار ڪري آيون ۽ کائڻ تي اصرار ڪيو پر حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي اها ئي هڪ صدا هئي تہ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ڪهڙو حال آهي؟ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڇا گذريو؟ سندن جي والده چيو تہ مون کي خبر ناهي تہ ڪهڙو حال آهي، فرمايائون: اُمِ جميل (حضرت عمر جي ڀيڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا) وٽ وڃي ڪري پڇي اچ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ڪهڙو حال آهي؟ هوءَ ويچاري پٽ جي هيءَ حالت ڏسي بي چين ٿي ويون هن جي درخواست پوري ڪرڻ جي لاءِ اُمِ جميل رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهَا وٽ ويون ۽ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو حال پڇيو. هوءَ (يعني ام جميل) بہ عام دستور جي مطابق ان وقت پنهنجي اسلام کي لڪائي وينيون هيون. فرمائڻ لڳيون مون کي ڪهڙي خبر ڪير محمد (صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ۽ ڪير ابو بڪر صديق (رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ) تنهنجي پٽ جي حالت بڌي ڏک ٿيو، جيڪڏهن توهان چاهيو تہ آئون هلي ڪري ان جي حالت ڏسان، اُم خير قبول ڪري ورتو انهن سان گڏ تشريف کڻي آيون ۽ حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي حالت ڏسي ڪري برداشت نہ ڪري سگهيون تمام گهڻو روئڻ لڳيون تہ بدڪردارن

ڪھڙو حال ڪري ڇڏيو. الله تعاليٰ انھن کي اهڙو حال ڪرڻ جي سزا ڏي. حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ وري پڇيو تہ حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو ڪھڙو حال آهي؟ اُم جميل رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھَا حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي والده طرف اشارو ڪندي فرمايو تہ هوءَ ٻڌي رهي آهي، فرمايائون انهيءَ کان ڊپ نہ ڪر. اُمِ جميل رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھَا خيريت ٻڌائي ۽ عرض ڪيائين تہ بالڪل صحيح سلامت آهن. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ پڇيو تہ هن وقت ڪٿي آهن ان عرض ڪيو تہ ارقم جي گھر تشريف فرما آهن. فرمايائون مون کي خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم آهي انهيءَ وقت تائين نہ ڪا شيءِ کائيندس نہ پيئندس جيستائين حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي زيارت نہ ڪري وٺان. ان جي والده کي تہ بيقراري هئي تہ ڪجھ کائي وٺي ۽ ان قسم کڻي ورتو تہ جيستائين حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زيارت نہ ڪري وٺان ڪجھ نہ کائيندس. انهيءَ لاءِ والده ان جو انتظار ڪيو تہ ماڻھن جي اچ وڃ بند ٿي وڃي، ائين نہ ٿئي ڪير ڏسي وٺي ۽ ڪجھ اذيت پھچائي، جڏهن رات جو ڪافي حصو گذري ويو تہ حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي وٺي ڪري حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ ارقم جي گھر پھتيون. حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن سان چنبڙي ويا حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بہ ڀاڪر پائي رُنا. ٻيا مسلمان بہ روئڻ لڳا ڇاڪاڻ جو حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي حالت ڏٺي نہ پئي وئي. انهي ڪانپوءِ حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ درخواست ڪئي تہ هيءَ منهنجي والده آهي توهان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هن جي لاءِ هدايت جي دعا فرمايو ۽ هن کي اسلام جي تبليغ بہ فرمايو حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن سندس جي والده کي اسلام جي ترغيب ڏني ۽ اهي ان وقت مسلمان ٿي ويون.

(البداية والنهاية ج 3 ص 30)

## حضرت ابُو ذَر غفاري رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جو جذبہء اسلام

حضرت ابُو ذَر غفاري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ مشهور صحابي آهن، جنهن جو شمار صحابہءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم جي جليل القدر زاهدن ۽ عظيم عالمن ۾ آهي، حضرت علي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو ارشاد آهي ته حضرت ابو ذر غِفاري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ اهڙي علم جا حامل آهن جنهن کان ماڻهو عاجز آهن پر هِن ان کي محفوظ رکيو آهي جڏهن ان کي حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي نُبُوت جي پهريان پهريان خبر پهتي ته هنن پنهنجي ڀاءُ کي حالات جي تحقيقات لاءِ مکي موڪليو ته جيڪو شخص دعوىٰ ڪري ٿو ته مون وٽ وحي اچي ٿي ۽ آسمان جون خبرون اچن ٿيون انهيءَ جا حالات معلوم ڪن ۽ انهيءَ جي ڪلام کي غور سان ٻڌن. هو مڪه مڪرمہ آيا ۽ حالتون معلوم ڪرڻ ڪانپوءِ پنهنجي ڀاءُ کي وڃي ڪري چيو ته مون اُن کي سٺين عادتن ۽ عمده خيال جو حڪم ڪندي ڏٺو ۽ هڪ اهڙو ڪلام ٻڌو جيڪو نه شعر آهي نه نجومين جون خبرون. حضرت ابو ذر غفاري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي ان ڳالھ جي خلاصي مان تسلي نه ٿي ته پاڻ سامان ٻڌي مَڪي مُڪرم پهتا ۽ سڌا مسجد حرام ۾ ويا حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سڃاڻيندا نه هئا ۽ ڪنهن کان پڇڻ مصلحت جي خلاف سمجهيائون. شام تائين انهيءَ حال ۾ رهيا. شام جو حضرت علي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڏٺو ته هڪ پرديسي مسافر آهي مسافرن، غريبن، پرديسين جي خبر گيري ۽ انهن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ حضرت علي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي عادت ۽ طبعيت هئي، انهيءَ لاءِ هن کي پنهنجي گهر وٺي آيا ميزباني فرمائي پر ان کان ڪجھ پڇڻ جي ضرورت نه سمجهي ته ڪير آهن ۽ ڇو آيا آهن مسافر به ڪجھ ظاهر نه ڪيو، صبح جو وري مسجد ۾ اچي ويا ته جيئن سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي متعلق ڪنهن کان ڪجھ پُڇن

پر ڪوبہ اهڙو شخص نظر نہ آيو جيڪو حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي متعلق ڪجھ ٻڌائي. ٻي شام جو بہ حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي خيال ٿيو تہ پرديسي مسافر آهي بظاهر جنهن ڪم لاءِ آيو آهي اهو پورو نہ ٿيو اتس انهيءَ لاءِ وري پنهنجي گهر وٺي ويا ۽ رات جو ڪارايائون سمهاريائون پر ٻي رات بہ پڇڻ جي نوبت نہ آئي.

ٽي رات جو وري اها صورتحال پيش آئي تہ حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ پڇيو تہ تون ڪهڙي ڪم سان آيو آهين ڪهڙو مقصد اٿئي؟ تہ حضرت ابوذر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ قسم ۽ عهد ۽ اقرار ڪانپوءِ ان کي پنهنجي اچڻ جو مقصد ٻڌايو. حضرت علي كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم فرمايو بيشڪ هو الله عَزَّوَجَلَّ جا رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن صبح جو جڏهن آئون وڃان تہ تون مون سان گڏ هلجان آئون اتي پهچائي ڇڏيندس. پر مخالفت جو زور آهي رستي ۾ جيڪڏهن مون سان ڪو اهڙو شخص مليو جنهن جي ڪري مون سان گڏ هلڻ ۾ توتي ڪو شڪ ٿئي تہ آئون استنجاء لاءِ رڪجي ويندس يا پنهنجو جوتو صحيح ڪرڻ لڳندس تون سڌو هليو وڃجان مون سان گڏ رڪجان نہ، جنهن جي ڪري تنهنجو منهجو گڏ هئڻ معلوم نہ ٿئي. پوءِ حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي پنيان پنيان حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ پهتا اتي وڃي ڪري ڳالھ ٻولھ تي انهيءَ وقت مسلمان ٿي ويا. حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان جي تڪليف جي خيال کان فرمايو تہ اجان پنهنجي اسلام کي ظاهر نہ ڪجانءِ چپ ڪري پنهنجي قوم ۾ هليو وڃجانءِ، جڏهن اسان جو غلبو ٿي ويندو تڏهن هليو اچجان، تنهن تي عرض ڪياؤن يا رسول الله! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهيءَ ذات جو قسم! جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي تہ انهيءَ توحيد جي ڪلمي کي انهن بي ايمانن جي وچ ۾ وڏو آواز ڪري پڙهندس

پوءِ انهي وقت مسجدِ حرام ۾ تشريف وٺي ويا ۽ بلند آواز سان اَشْهَدُ اَنْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًارَّسُوْلُ اللّٰه پڙهيو، پوءِ ڇا ٿيو جو چوڌاري ماڻهو اٿيا ۽ سندس کي ايتري قدر ماريو جو پاڻ زخمي ٿي ڪري پيا ۽ مرڻ جي ويجهو ٿي ويا.

حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو چاچو حضرت عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ (جيڪو اڃان مسلمان نه ٿيا هو) تنهن جي مٿان بچائڻ جي لاءِ ليٽي پيو ۽ ماڻهن کي چيائون کهڙو نه ظلم ٿا ڪريو هي شخص قبيلي غفار جو آهي ۽ هي قبيلو ملڪِ شام جي رستي ۾ پوي ٿو توهان جي تجارت وغيره سڀ ملڪِ شام سان آهي جيڪڏهن هي مري ويو ته شام جو اچڻ وڃڻ بند ٿي ويندو. انهيءَ تي انهن ماڻهن کي به خيال آيو ته ملڪ شام سڀ ضرورتون پوريو ٿين ٿيون اتان جو رستو بند ٿي ويو ته مصيبت اچي ويندي انهيءَ لاءِ تنهن کي ڇڏي ڏنو، ٻي ڏينهن وري ساڳي طرح وڏي آواز سان بلند ڪلمو پڙهيو ۽ ماڻهو ان ڪلمي جي برداشت نه ڪري سگهيا انهيءَ لاءِ هن تي ٽٽي پيا، ٻي ڏينهن به حضرت عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ ساڳيءَ طرح انهن کي سمجهائي ڪري هٽايو ته تجارت جو رستو بند ٿي ويندو. (صحيح البخاري كتاب المناقب باب قصة اسلام ابي ذر الغفاري الحديث 3522 ج 2 ص 480 ۽ كتاب مناقب الانصار باب اسلام ابي ذر الحديث 3861 ج 2 ص 586)

حضرت ابو ذر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جو اهو جوش حق کي سچي دل سان تسليم ڪرڻ جي لاءِ هو ۽ سرڪار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو منع اظهار شفقت جي بنياد تي هو پر حضرت ابو ذر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ ڏٺو ته سرڪار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن پاڻ مصيبتون برداشت ڪري رهيا آهن ته اسان کي پنيان رهڻ جي ڪهڙي ضرورت؟ انهيءَ لاءِ پنهنجي راحت تي سرڪار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اتباعِ عمل کي ترجيح ڏني ۽ پوءِ هميشه حق جي اطاعت ڪندا رهيا.

## حضرت عمار ۽ ان جا والدين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُم

حضرت عمار رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ۽ سندس جي ماءُ پيءُ کي بہ سخت تڪليفون ڏنيون ويون. مڪي جي سخت گرم ۽ تتل واريءَ تي ليٽائي سندس کي سخت تڪليف ڏني ويندي هئي ۽ حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو انهيءَ طرف کان گذر ٿيندو هو تہ صبر جي تلقين فرمائيندا هئا ۽ جنت جي بشارت ڏيندا هئا. آخر ان جو والد حضرت ياسر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ انهيءَ تڪليف جي حالت ۾ وفات ڪري ويا جو ظالمن مرڻ تائين سُک حاصل ڪرڻ نہ ڏنو ۽ ان جي والده حضرت سميہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا بہ سخت تڪليفون ڏنيون ابوجهل هن جي ڏُنّ جي هينيان برڇي هنئي جنهن سان هو شهيد تہ ٿي ويون پر اسلام کان نہ هٽيون، جڏهن تہ هوءَ پوڙهي هئي پر ابو جهل بد نصيب ڪنهن شيءِ جو خيال نہ ڪيو.

اسلام ۾ سڀ کان پهرين شهادت ان صحابيہ جي آهي ۽ اسلام ۾ سڀ کان پهرين مسجد حضرت عمّار رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي ناهيل هئي. جڏهن حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هجرت فرمائي ڪري مديني تشريف وٺي ويا تہ حضورصَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان حضرت عمّار رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ عرض ڪيو تہ حضورصَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن لاءِ هڪ ڇانوَ وارو گهر ناهڻ گهرجي جنهن ۾ تشريف رکو ۽ ٻپهريءَ جو آرام فرمايو ۽ نماز بہ ڇانوَ ۾ پڙهو، تہ قبا ۾ حضرت عمار رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ پهريان پٿر جمع ڪيا ۽ پوءِ مسجد ناهي. لڙائيءَ ۾ تمام جوش سان شريڪ ٿيندا هئا هڪ دفعي جذبي ۾ اچي چوڻ لڳا هاڻي وڃي دوستن سان ملنداسين. حضرت محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ ان جي جماعت سان ملنداسين، ايتري ۾ اڃ لڳي ۽ پاڻي ڪنهن کان گهرياؤن انهن کير سامهون ڪيو ان کي پيتاؤن ۽ پي ڪري چوڻ لڳا مون

حضور صَلَّى اللهُ تَعَالَى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پڏو آهي تہ دنيا ۾ سڀ کان آخري شيء کير پيئندين انهيءَ کانپوءِ شهيد ٿي ويا ان وقت 94 سالن جي عمر هئي کنهن وري هڪ اڌ سال گهٽ ٻڌائي آهي. (ماخوذ من اسدالغابة، ج4، ص 141)

سندن جي والده حضرت سميہ بنت خُبَّاط رَضِيَ اللهُ تَعَالَى عَنْهَا مظلومانہ شهادت کان علاوه ٻيون سختيون برداشت ڪري چڪيون هيون سندس کي گرمي جي وقت سخت اُس ۾ پٿرن تي رکيو ويندو هو، لوهه جي زرهہ (يعني لوهي پوشاڪ) پارائي ڪري اُس ۾ ٻيهاريو ويندو هو، جيئن اُس جي گرمي کان لوهہ تپڻ لڳي. حضور صَلَّى اللهُ تَعَالَى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو اتان کان گذرڻ ٿيندو هو تہ صبر جي تلقين ڪندا هئا ۽ جنت جو واعدو فرمائيندا هئا ايستائين جو سڀ کان وڏي اسلام جي دشمن ابوجهل جي هٿان سندن جي شهادت ٿي. رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا وَاَرضَاهَا عَنَا (اسدالغابته، ج 7، ص167)

## حضرت صهيب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو اسلام

حضرت صهيب رَضِيَ اللهُ تَعَالَى عَنْهُ ۽ حضرت عمار رَضِيَ اللهُ تَعَالَى عَنْهُ سان گڏ ئي مسلمان ٿيا. نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت ارقم صحابي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي گهر تشريف فرما هئا تہ هي ٻئي حضرات الڳ الڳ خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ گهر جي دروازي تي اتفاق سان گڏ ٿي ويا هر هڪ ٻئي کان اچڻ جو مقصد معلوم ڪيو تہ هڪ ئي مقصد يعني اسلام آڻڻ ۽ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالَى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي فيض سان فيضياب ٿيڻ ٻنهي جو مقصد هو. اسلام آنداؤن ۽ اسلام آڻڻ کانپوءِ جيڪو ڪجهہ ان زماني ۾ گهٽ ۽ ڪمزور جماعت کي پيش ايندو هو اُهو پيش آيو هر طرح سان ستايا ويا تڪليفون ڏنيون ويون. آخرڪار هجرت جو ارادو فرمايو تہ ڪافرن کي اها شيء بہ برداشت نہ پئي ٿئي جو هي ماڻهو ڪنهن ٻي جڳهہ تي وڃي ڪري آرام جي زندگي گذارين.

انھيءَ لاءِ جنھن جي ھجرت جو حال معلوم ٿيندو ھو انھيءَ کي روڪڻ جي ڪوشش ڪندا ھئا تہ جيئن تڪليفن کان نہ بچي سگھي. تنھنڪري ھنن جو بہ پيڇو ڪيو ويو، ۽ ھڪ جماعت ھنن کي جھلڻ لاءِ وئي انھن پنھنجو ترڪش سنڀاليو جنھن ۾ تير ھئا ۽ انھن کي چيائين تہ ڏسو توھان کي خبر آھي تہ آئون توھان کان وڌيڪ تير انداز جو ماھر آھيان، ھڪ بہ تير مون وٽ باقي رھندو تہ توھان مان ڪوبہ مون تائين نہ اچي سگھندو ۽ جڏھن ھڪ بہ تير نہ رھندو تہ آئون پنھنجي تلوار سان مقابلو ڪندس ايستائين جو تلوار بہ منھنجي ھٿ ۾ نہ رھي انھيءَ کان پوءِ توھان کان جيڪو ٿي سگھي ڪجو. انھيءَ لاءِ توھان جيڪڏھن چاھيو تہ پنھنجي جان جي بدلي ۾ پنھنجو مال ڏئي سگھان ٿو جيڪو مڪي ۾ آھي ۽ بہ ٻانھيون بہ آھن اھي سڀ توھان ڪٽي وٺو! انھيءَ تي اُھي ماڻھو راضي ٿي ويا. حضرت صهيب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ پنھنجو مال ڏئي جان ڇڏائي انھيءَ حق ۾ آيت پاڪ نازل ٿي.

وَ مِنَ النَّاسِ مَنۡ یَّشۡرِیۡ نَفۡسَہُ ابۡتِغَآءَ مَرۡضَاتِ اللّٰہِ ؕ وَ اللّٰہُ رَءُوۡفٌۢ بِالۡعِبَادِ ﴿۲۰۷﴾ (پ: 2 البقرة: 207)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ ڪو ماڻھو پنھنجي جان وڪڻي ٿو الله جي راضپي حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ الله ٻانھن تي وڏو مھربان آھي.

حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ان وقت قبا ۾تشريف فرما ھئا ھي صورت حال ڏسي ارشاد فرمايائون تہ نفعي جي تجارت ڪئي اٿئي. صهيب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ چون ٿا تہ حضورصَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انھي وقت ڪجور ڪائي رھيا ھئا ۽ منھنجي اک ڏکي رھي ھئي گڏ ڪائڻ لڳس حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو اک تہ ڏکي رھي آھي ۽ ڪجورون ڪائين ٿو.

مون عرض ڪيو: حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن اک جي طرف ڪاوان تو جيڪا صحيح آهي، حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهو جواب ٻڌي ڪري ڪلي پيا. (اسدالغابته،ج 3، ص39)

حضرت صهيب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ تمامگهڻو خرچ ڪرڻ وارا هئا. ايستائين جو حضرت عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ان کي فرمايو ته تون فضول خرچي ڪرين ٿو. تنهن تي عرض ڪياؤن ته ناحق ڪٿي خرچ نٿو ڪيان. حضرت عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو جڏهن وصال ٿيڻ لڳو ته صهيب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي ئي جنازي جي نماز پڙهائڻ جي وصيت فرمائي هئي. (اسدالغابته، ج 3 ص41)

## حضرت عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو ڀيڻيوئي ۽ ڀيڻ

سيدنا عمر فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي شخصيت کان ڪير واقف ناهي؟ اسلام قبول ڪرڻ کان اڳ به اهي نمايان هئا ۽ اسلام ۽ اهلِ اسلام جي عداوت ۾ سرگرم هئا ايستائين جو نبيءِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي قتل جي تاڙ ۾ رهندا هئا، هڪ ڏينهن ڪافرن مشوري جي ڪميٽي قائم ڪئي ته ڪو آهي جيڪو محمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کي قتل ڪري ڇڏي؟ عمر چيو آئون ڪندس! ماڻهن چيو بيشڪ تون ئي ڪري سگهين ٿو، عمر تلوار لٽڪائيندي اٿيا ۽ هليا ويا. انهيءَ فڪر ۾ وڃي رهيا هئا ته هڪ صاحب قبيلي بنو زهره جو جنهن جو نالو حضرت سعد بن ابي وقاص رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ آهي. ڪِن وري حضرت نعيم جو نالو لکيو آهي. ان پڇيو عمر ڪيڏانهن وڃي رهيو آهين؟ چوڻ لڳا محمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جن جي قتل جي ارادي سان وڃي رهيو آهيان. (نعوذبالله عَزَّوَجَلَّ)

سعد چيو: بنو هاشم ۽ بنو زهره کان ڪئين مطمئن ٿي وئين اُهي توکي بدلي ۾ قتل ڪري ڇڏيندا. انهيءَ جواب تي بگڙي ويا

۽ چوڻ لڳا تہ لڳي ٿو تون بہ بي دين (يعني مسلمان) ٿي ويو آهين اچ پهريان تنهنجو قصو ختم ڪريان. اهو چئي ڪري تلوار سڌي ڪيائين ۽ حضرت سعد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ بہ هي چئي ڪري تہ ها مان بہ مسلمان ٿي ويو آهيان تلوار سنڀالي ورتي ٻنهي طرفن کان تلوار هلڻ تي هئي جو حضرت سعد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ چيو تہ پهريان پنهنجي گهر جي خبر وٺ تنهنجي ڀيڻ ۽ ڀيٽيو ٻئي مسلمان ٿي چڪا اٿئي. اهو ٻڌڻو هو جو ڪاوڙ ۾ پرجي آيا ۽ سڌو ڀيڻ جي گهر ويا. اتي حضرت خباب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ڪوٺيءَ ۾ لڪي ٻنهي زال مڙس کي قرآن شريف پڙهائي رهيا هئا. عمر ڪوٺي ڪولرائي سندس جي آواز ٻڌي حضرت خباب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ تہ جلديءَ سان اندر لڪي ويا پر اُهو صحيفو جلدي ۾ ٻاهر رهجي ويو، جنهن تي قرآني آيتون لکيل هيون. ڀيڻ ڪوٺي ڪولي تہ عمر جي هٿ ۾ ڪا شيء هئي جنهن کي ڀيڻ جي مٿي تي هنيائين جنهن سان مٿي مان رت وهڻ لڳو ۽ چيائين پنهنجي جان جي دشمن تون بہ بد دين ٿي وئي آهين انهي ڪانپوءِ گهر ۾ آيا ۽ پڇيائون ڇا ڪري رهيا هيؤ ۽ هي آواز ڪنهن جو هو؟ ڀيٽئي چيو ڳالهہ ٻولهہ ڪري رهيا هئاسين. چوڻ لڳو ڇا توهان پنهنجي دين کي ڇڏي ٻيو دين اختيار ڪري ورتو آهي. ڀيٽئي چيو: جيڪڏهن ٻيو دين حق تي هجي تہ پوءِ؟ اهو ٻڌڻو هو جو ان جي ڏاڙهي جهلي ڇڪي ۽ ٻي انتها مارڻ لڳو، ۽ زمين تي ڪيرائي تمام گهڻو ماريائين. ڀيڻ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ان جي منهن تي هڪ ٿڦ اهڙي زور سان هنئي جو رت نڪري آيو. هُوءَ بہ آخر عمر جي ڀيڻ هئي، چوڻ لڳي اي عمر تون اسان کي ان ڪري مارين ٿو تہ اسان مسلمان ٿي ويا آهيون بيشڪ اسان مسلمان ٿي ويا آهيون جيڪو توکان ٿي سگهي تون ڪري وٺ.

انهيءَ ڪانپوءِ عمر جي نظر ان صحيفي تي پئي جيڪو خباب سان جلديءَ ۾ ٻاهر رهجي ويو هو ۽ ڪاوڙ ۾ مارڪٽ جي ڪري ٽڏي وئي هيس ۽ ڀيڻ جو رتو رت ٿي وڃڻ تي شرم اچي رهيو هئس چوڻ لڳو، ته نيڪ آهي مون کي هاڻي ڏيکاريو ته هي ڇا آهي؟ ڀيڻ چيو، تون ناپاڪ آهين ۽ هن کي ناپاڪ هٿ نٿا لڳائي سگهجن، گهڻي ڪوشش ڪئي پر هوءَ بي وضو ۽ بي غسل کي ڏيڻ لاءِ تيار نه ٿي، عمر غسل ڪيو ۽ انهي کي کڻي ڪري پڙهيو **سورة طٰهٰ** لکيل هئي انهيءَ کي پڙهڻ شروع ڪيو ۽

اِنَّنِیۡۤ اَنَا اللّٰہُ لَاۤ اِلٰہَ اِلَّاۤ اَنَا فَاعۡبُدۡنِیۡ ۙ وَ اَقِمِ الصَّلٰوۃَ لِذِکۡرِیۡ ﴿۱۴﴾ (پ16، طٰه: 14)

تائين پڙهيائين ته عمر جي حالت ئي بدلجي وئي چوڻ لڳو نيڪ آهي مون کي به مُحمّد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وٽ وٺي هلو اهي لفظ ٻڌي ڪري حضرت خَبّاب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ اندران نڪتا چيائين اي عمر! توکي خوشخبري ڏيان ٿو ته ڪلهه رات (اربع) حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن دعا گهري هئي ته ياالله عمر يا ابوجهل ٻنهي مان توکي جيڪو وڌيڪ پسند هجي انهيءَ سان اسلام کي قوّت عطا فرماءِ، (اهي ٻئي طاقت ۾ مشهور هئا) لڳي ٿو ته حضور اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي دعا تنهنجي حق ۾ قبول ٿي وئي. انهيءَ کان پوءِ حضور اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ جمعي جي صبح جو مسلمان ٿيا. (تاريخ الخلفاء،فصل في ال اخبار الواردة في اسلامه، ص87)

## حضرت زينب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهَا بنتِ رسول الله جي هجرت ۽ وفات

ٻنهي جهانن جي سردار حضور اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي وڏي صاحبزادي حضرت زينب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهَا اعلانِ نبوت کان ڏهه سال

پهرين جڏهن تہ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي عمر مبارڪ 30 سال هئي پيدا ٿيون ۽ ماسيءَ جي پُٽ ابوالعاص بن ربيع سان نڪاح ٿيو. هجرت جي وقت حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان نہ وڃي سگهيون، سندس جو مڙس بدر جي جنگ ۾ ڪافرن سان گڏ شريڪ ٿيو ۽ قيد ٿيو. مڪي وارا جڏهن پنهنجن قيدين جي رهائي جي لاءِ فديا ڏنا تہ حضرت زينب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهَا پنهنجي مڙس جي رهائي لاءِ مال موڪليو جنهن ۾ اهو هار بہ هو جيڪو حضرت خديجہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهَا جن ڏاج ۾ ڏنو هو، نبيءِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جڏهن ان هار کي ڏٺو تہ حضرت خديجہ جي ياد تازہ ٿي وئي روئڻ هارڪو ٿي ويا، صحابہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُم جي مشوري سان هي طئي ٿيو تہ ابوالعاص بنا فديي جي ڇڏيو وڃي، انهيءَ شرط تي تہ هو واپس وڃي ڪري حضرت زينب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهَا کي مدينہ طيبہ موڪلي ڇڏي. حضورصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ ماڻهو حضرت زينب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهَا کي وٺي اچڻ جي لاءِ گڏ ڪري ڇڏيا تہ هو مڪي کان ٻاهر ويهي رهن ۽ ابوالعاص حضرت زينب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهَا کي ان تائين پهچائي ڇڏي. اهڙي طرح حضرت زينب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهَا جو ڏير ڪنانہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهَا کي وٺي هليو، پاڻ اُٺ تي سوار ٿي روانا ٿيون ڪافرن کي جڏهن انهيءَ جي خبر پئي تہ غصي ۾ ڳاڙها ٿي ويا ۽ هڪ جماعت روڪڻ لاءِ پهچي وئي، جنهن ۾ هبّار بن اسود جيڪو حضرت خديجہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهَا جي سوٽ جو پٽ هو ۽ انهيءَ لحاظ سان حضرت زينب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهَا جو ڀاءُ ٿيو. اهو ۽ ان سان گڏ هڪ شخص ٻيو بہ هو انهن ٻنهي مان هڪ، ۽ گهڻن عالمن هبّار جي باري ۾ لکيو آهي، تہ ان حضرت زينب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهَا کي نيزو هنيو جنهن سان هوءَ زخمي ٿي اُٺ تان ڪِريون جيئن تہ پاڻ حامله هيون انهيءَ ڪري پيٽ جو ٻار بہ ضايع ٿي ويو. ڪنانہ تيرن سان مقابلو ڪيو. ابوسُفيان ان کي چيو تہ ائين

ڪيئن ٿو ٿي سگهي جو محمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي ڌيءُ سرعام وڃي هلي، اهو برداشت نہ ٿيندو. هن وقت واپس هلو پوءِ لِڪي موڪلي ڇڏجان.

ڪنانہ انهيءَ ڪي قبول ڪري ورتو ۽ واپس وٺي آيا ۽ ٿي ڏينهن ڪانپوءِ وري روانا ٿيا. حضرت زينب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا جو اهو زخم ڪيترن ئي سالن تائين رهيو ۽ ڪيترائي سال انهيءَ ۾ بيمار رهيون ۽ 8 هجري ۾ وفات فرمائي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو هي منهنجي سڀ کان سٺي ڌيءُ هئي جيڪا منهنجي محبت ۾ ستائي وئي. (الطبقات الكبريٰ لابن سعد، ذڪر بنات رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ج8، ص26-27، وسيرته النبويت لابن هشام خروج زينب الي المدينته ج 1 ص 576)

## حضرت خباب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي سڙيل پُٺي

اميرالمؤمنين حضرت عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کي هڪ دفعي صحابي رسول حضرت خباب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي پُٺي نظر اچي وئي. پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ ڏٺو تہ سڄي پٺي مبارڪ ۾ اڇن اڇن زخمن جا نشان هئا. پڇيائون تہ اي خباب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ! هي تنهنجي پٺيءَ تي زخمن جا نشان ڇو آهن؟ حضرتِ خباب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جواب ڏنو تہ يا اميرالمؤمنين اوهان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کي انهن زخمن جي ڪهڙي خبر ڏيان، هي انهيءَ وقت جي ڳالھ آهي جڏهن توهان اگهاڙي تلوار کڻي ڪري حضور رحمت للعالمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي قتل ڪرڻ جي لاءِ ڊوڙندا ڦرندا هيؤ. انهيءَ وقت اسان محبتِ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڏيئو پنهنجي دل ۾ ٻاريو ۽ مسلمان ٿياسين. انهيءَ وقت مڪي جي ڪافرن مون کي باھ جي ٻرندڙ ٽانڊن تي پٺي ڀر ليٽائي ڇڏيو منهنجي پٺي مان ايتري چربي پگهرجي جو ٽانڊا وسامي ويا ۽ آئون ڪلاڪن جا ڪلاڪ بيهوش رهيس پر ربّ ڪعبہ جو قسم! جڏهن مون کي هوش آيو تہ

سپ کان پهرين زبان مان ڪلمو لَااِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نڪتو.

اميرالمؤمنين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ حضرت خباب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي مصيبت ٻڌي ڪري روئڻ لڳا ۽ فرمايائون: اي خباب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ! ڪُرتو مٿي ڪڻ! تہ جيئن آءُ تنهنجي انهيءَ پٺي جي زيارت ڪيان. الله الله! هيءَ پُٺي ڪيڏي نہ مبارڪ ۽ مقدس آهي جيڪا محبتِ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪري باھ ۾ ساڙي وئي.

(الطبقات الڪبريٰ لابن سعد، خباب بن الارت ج 3 ص 123)

## حضرت عمّار رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ باھ جي ٿانڊن تي

اهڙي طرح حضرت عمّار بن ياسر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي پهرين لنن ۽ ڪوڙن جي مار سان ڪافرن بيحال ڪري ڇڏيو. پوءِ باھ جي گرم ٿانڊن تي پُٺي ڀر ليٽائي ڇڏيو. پر اُهي استقامت جو پهاڙ بڻجي اسلام تي ثابت قدم رهيا. ان حالت ۾ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي ويجهو گذريا تہ حضرت عمار رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چئي ڪري پڪاريو، حضرت عمار رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنہ جن جي اها مصيبت ڏسي رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو دل صدمي سان چور چور ٿي ويو ۽ فرمايائون:

يَا نَارُ كُوْنِيْ بَرْدًا وَّسَلٰمًا عَلٰى عَمَّارٍ كَمَا كُنْتِ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ

يعني اي باھ! تون عمار تي اهڙي طرح ٿڌي ۽ سلامتيءَ واري ٿي وڃ جهڙي طرح تون حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام تي ٿڌي ۽ سلامتيءَ واري ٿي وئي هوئينءَ. (الطبقات الڪبري لابن سعد، ج. 3، ص. 188)

رحمت عالم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت عمار رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي زخمن تي پنهنجو هٿ شفقت سان ڦيريندي فرمايو تہ ”**عمار طيب و مطيب**“ يعني عمار پاڪ ۽ خوشبودار آهي.

## هجرتِ حبشہ ۽ شعب ابي طالب:

مسلمانن کي ۽ انهن جي سردار فخرِ دو عالم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪافرن ڪان جڏهن تڪليفون پهچنديون ئي رهيون ۽ ڏينهون ڏينهن انهن ۾ گهٽجڻ جي بجائي اضافو ٿيندو رهيو تہ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن صحابہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھُم کي ان ڳالهہ جي اجازت مرحمت فرمائي تہ هو هتان ڪان ٻي جڳهہ هليا وڃن. گهڻن ماڻهن حبشہ جي طرف هجرت فرمائي. حبشہ جو بادشاهہ نصراني هو ۽ ان وقت مسلمان نہ ٿيو هو پر ان جي رحم دلي ۽ منصف (انصاف ڪندڙ) مزاج هئڻ جي شهرت هئي. ان ڪري اعلان نبوت جي پنجين سال رجب جي مهيني ۾ پهرين جماعت جا يارهن يا ٻارهن مرد ۽ چار يا پنج عورتن حبشہ جي طرف هجرت ڪئي. مڪي وارا انهن جي پويان بہ لڳا تہ هي نہ وڃي سگهن، پر هي ماڻهو هٿ نہ آيا اتي پهچي ڪري انهن کي خبر ملي تہ مڪي وارا سڀ مسلمان ٿي ويا ۽ اسلام  غالب ٿي ويو آهي ان خبر سان هي ماڻهو ڏاڍا خوش ٿيا ۽ پنهنجي وطن جي طرف موٽيا جڏهن مڪّي جي ويجهو پهتا تہ معلوم ٿيو تہ اها خبر غلط هئي ۽ مڪي وارا اُنهيءَ طرح پر ان ڪان بہ وڌيڪ دشمني ۽ ايذاء ڏيڻ ۾ مصروف آهن تہ انهن مان ڪجهہ ماڻهو اتان ڪان ئي واپس هليا ويا ۽ ڪجهہ ڪنهن جي پناهہ وٺي مڪي شريف ۾ داخل ٿيا. هِنَ حبشہ کي پهرين هجرت جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو.

ان ڪان پوءِ هڪ وڏي جماعت (جيڪي 83 مرد ۽ 18 عورتون ٻڌايا وڃن ٿا) گڏيل طور تي هجرت ڪئي ۽ هيءَ حبشہ جي ٻي هجرت

چورائيندي آهي. ڪجهه صحابہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُم ٻئي هجرتون ڪيون ۽ ڪن هڪ، ڪافرن جڏهن ڏٺو هي ماڻهو حبشہ ۾ سڪون جي زندگي گذاري رهيا آهن تہ انهن کي اجا بہ وڌيڪ ڪاوڙ آئي ۽ گهڻن تحفن سان گڏ نجاشي بادشاهہ حبشہ وٽ وفد موڪليو جيڪو بادشاهہ لاءِ گهڻا تحفا کڻي ويو. ۽ ان جي خاص ماڻهن ۽ پادرين لاءِ بہ گهڻا هديہ کڻي ويو. وڃي پادرين ۽ حاڪمن سان مليو ۽ هديہ ڏئي ان کان بادشاهہ جو هتي پنهنجي سفارش جو واعدو ورتو ۽ بادشاهہ جي خدمت ۾ هي وفد حاضر ٿيو. پهرين بادشاهہ کي سجدو ڪيائون ۽ پوءِ تحفہ پيش ڪري پنهنجي درخواست پيش ڪئي ۽ رشوت وٺندڙ حاڪمن تائيد ڪئي. انهن چيو اي بادشاهہ! اسان جي قوم جا ڪجهہ بيوقوف ڇوڪرا پنهنجي پراڻي دين کي ڇڏي هڪ نئي دين ۾ شامل ٿي ويا آهن، جنهن کي اسان سڃاڻون ٿا ۽ نہ توهان سڃاڻيو ٿا، توهان جي ملڪ ۾ اچي رهڻ لڳا آهن. اسان کي مڪي جي شريفن ۽ انهن جي پيءُ ڇاچن ۽ مائٽن موڪليو آهي تہ انهن کي واپس وٺي وڃون توهان انهن کي اسان جي حوالي ڪريو. بادشاهہ جواب ڏنو جن ماڻهن منهنجي پناهہ ورتي آهي بغير تحقيق انهن کي توهان جي حوالي نٿو ڪري سگهان انهن کي گهرائي تحقيق ڪري ونان جيڪڏهن اهو صحيح ٿيو تہ حوالي ڪري ڇڏيندس.

اهڙي طرح مسلمانن کي سڏايو ويو. مسلمان تمام گهڻا پريشان ٿيا تہ ڇا ڪن پر اللہ عَزَّوَجَلَّ جي فضل مدد ڪئي ۽ همت سان اهو طئي ڪيو ويو تہ هلڻ کپي ۽ صاف ڳالهہ ڪرڻ گهرجي. بادشاهہ وٽ پهچي سلام ڪيائون. ڪنهن اعتراض ڪيو تہ توهان بادشاهہ جي آدابِ شاهي جي مطابق سجدو ڇو نہ ڪيو، انهن ماڻهن چيو تہ اسان جي پياري نبي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اللہ عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي

سجدو ڪرڻ جي اجازت ناهي ڏني. ان ڪان پوءِ بادشاهه انهن ڪان حالات معلوم ڪرڻ لڳو. حضرت جعفر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ اڳيان وڌيا ۽ فرمايائين: اسان جهالت ۾ پيا هئاسين نہ الله عَزَّوَجَلَّ کي سڃاڻيندا هئاسين ۽ نہ ان جي رسول عَلَیۡہِ السَّلَام ڪان واقف هئاسين. پٿرن کي پوڄيندا هئاسين. مردار کائيندا هئاسين. بُرا ڪم ڪندا هئاسين رشتيداري ٽوڙيندا هئاسين اسان مان طاقتور ضعيف کي هلاڪ ڪري ڇڏيندو هو اسان انهي ئي حال ۾ هئاسين تہ الله عَزَّوَجَلَّ هڪ رسول صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم موڪليو جنهن جي نسب، جنهن جي سچائي، ۽ امانت داري کي اسان خوب ڄاڻون ٿا. ان اسان کي هڪ الله وحده لاشَريڪ جي عبادت جي طرف سڏيو ۽ پٿر ۽ بتن کي پوڄڻ ڪان منع فرمايو. ان اسان کي سنا ڪم ڪرڻ جو حڪم ڏنو. نماز، روزا، صدقو، خيرات جو حڪم ڏنو ۽ سٺن اخلاقن جي تعليم ڏني. زنا، بدڪاري، ڪوڙ ڳالهائڻ، يتيم جو مال کائڻ، ڪنهن تي تهمت هڻڻ ۽ ان قسم جي بُرن عملن ڪان منع فرمايو. اسان کي قرآن پاڪ جي تعليم ڏني اسان ان تي ايمان آندو ۽ ان جي فرمان جي پيروي ڪئي جنهن تي اسان جي قوم دشمن بڻجي وئي ۽ اسان کي هر طرح سان ستايائون اسان مجبور ٿي ڪري تنهنجي پناهہ ۾ پنهنجي نبي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي حڪم سان آيا آهيون.

بادشاهه چيو جيڪو قرآن توهان جو نبي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪٺي آيو آهي ان جون ڪجهہ آيتون مون کي ٻڌايو حضرت جعفر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ سورة مريم جون شروع واريون آيتون پڙهيون جنهن کي ٻڌي ڪري بادشاهه بہ روئي پيو ۽ ان جا پادري جيڪي ڪثرت سان موجود هئا سڀ جا سڀ ايتري قدر رُنا جو ڏاڙهيون آليون ٿي ويون انهيءَ ڪانپوءِ بادشاهه چيو خدا جو قسم! هي ڪلام ۽ جيڪو ڪلام حضرت عيسيٰ

عَلَيۡهِ السَّلَام کٽي آيا هئا هڪ ئي نور مان نڪتل آهن ۽ اُنهن ماڻهن کي صاف انڪار ڪري ڇڏيائين ته آئون هنن کي توهان جي حوالي نٿو ڪري سگهان. اُهي ماڻهو ڏاڍا پريشان ٿيا ته وڏي خواري ڪٽڻي پئي. پاڻ ۾ صلاح ڪيائون، هڪ شخص چيو ته سڀاڻي اهڙي اٽڪل ڪنداسين جو بادشاهه انهن جي پاڙ ئي پٽي ڇڏيندو. ساٿين چيو ائين نه ڪرڻ گهرجي، اهي ماڻهو جيتوڻيڪ مسلمان ٿي ويا آهن پر پوءِ به اسان جا رشتيدار آهن پر هن نه مڃيو. ٻئي ڏينهن وري بادشاهه وٽ ويا ۽ چيائون هي ماڻهو حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي شان ۾ گستاخي ڪن ٿا ان ڪي الله عَزَّوَجَلَّ جو پٽ نٿا مڃين. بادشاهه وري مسلمانن کي گهرايو.

صحابہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُم چون ٿا ته ٻئي ڏينهن سڏڻ سان اسان کي اڃان وڌيڪ پريشاني ٿي، بهرحال وياسين. بادشاهه پڇيو توهان حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي باري ۾ ڇا ٿا چئو؟ انهن چيو اهو ئي چئون ٿا جيڪو اسان جي نبي صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي انهن جي شان ۾ نازل ٿيو جو هو الله جا ٻانها آهن ۽ ان جا رسول آهن. هو روح الله آهن ۽ ڪلمة الله آهن جنهن کي خدا عَزَّوَجَلَّ ڪنواري ۽ پاڪ مريم رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهَا جي طرف وڌو. نجاشي چيو حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام به انهيءَ کان سواءِ ڪجهه نٿا چون، پادري پاڻ ۾ سُس ڦُس ڪرڻ لڳا نجاشيءَ چيو توهان جيڪو چاهيو چئو. انهيءَ کانپوءِ نجاشيءَ مڪي جي وفد جا تحفه واپس ڪري ڇڏيا ۽ مسلمانن کي چيائين توهان امن سان رهو جيڪو توهان کي ستائي ان کي جرمانو ڏيڻو پوندو ۽ انهيءَ جو اعلان به ڪرائي ڇڏيائين ته جيڪو شخص هنن کي ستائيندو انهيءَ کي جرمانو ڏيڻو پوندو. (السيرت النبوية، ذکر الهجرة الاوليٰ ج 1 ص 300، ارسال القريش الي الحبشة، ج1 ص 310)

انھيءَ ڪري مسلمانن جي اتي عزت اجان بہ وڌيڪ ٿيڻ لڳي انھيءَ وفد کي ذلّت سان واپس اچڻو پيو. انھيءَ واقعي سان ڪافرن جي ڪاوڙ اجا بہ وڌي وئي. ٻي طرف حضرت عمر رضی اللہ تعالٰی عنہ جي ايمان آڻڻ انھن کي اجا بہ ساڙي رکيو ھو، تنھنڪري ھر وقت انھيءَ فڪر ۾ رھندا ھئا تہ ھنن ماڻھن جو انھن سان ملڻ جلڻ بند ٿي وڃي ۽ اسلام جو ڏيئو ڪھڙي طرح وسامي وڃي. انھيءَ ڪري مڪي جي سردارن جي ھڪ وڏي جماعت پاڻ ۾ مشورو ڪيو تہ ھاڻي اعلانيہ محمد (صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کي قتل ڪيو وڃي پر قتل ڪرڻ بہ آسان ڪم نہ ھو انھيءَ ڪري جو بنو ھاشم بہ وڏي لشڪر ۽ وڏي طبقي جي ماڻھن ۾ شمار ٿيندو ھو، انھن ۾ جيتوڻيڪ گھڻا مسلمان نہ ٿيا ھئا پر جيڪي مسلمان نہ ٿيا ھئا اُھي بہ حضور صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي قتل ٿيڻ تي راضي نہ ھئا.

انھيءَ ڪري انھن سيني ڪافرن ملي ڪري ھڪ معاھدو ڪيو تہ سڀني بنو ھاشم ۽ بنو عبدالمطلب جو بائيڪات ڪيو وڃي. نہ انھن کي ڪو شخص پاڻ وٽ ويھڻ ڏي نہ انھن کان ڪا شيءِ وٺي نہ ڏي نہ ڳالھ ٻولھ ڪري نہ انھن جي گھر وڃي نہ انھن کي پنھنجي گھر اچڻ ڏي ۽ ان وقت تائين صلح نہ ڪئي وڃي جيستائين جو ھو حضور صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي قتل ڪرڻ جي لاءِ اسان جي حوالي نہ ڪري ڇڏين، ھي معاھدو زباني گفتگوءَ تي ئي ختم نہ ٿيو بلڪ پھرين محرم سن7 نبوي تي ھڪ معاھدو تحريري لکي ڪري بيت اللّٰه جي پٽ تي لٽڪايو ويو تہ جئين ھر شخص ان جو احترام ڪري ۽ انھيءَ کي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ۽ انھيءَ معاھدي جي ڪري ٽن سالن تائين اھي ماڻھو ٻن جبلن جي وچ ۾ ھڪ گھاٽي ۾ نظر بند رھيا. نہ ڪو شخص انھن سان ملي سگھندو ھو نہ ھي ڪنھن سان ملي

سگھندا هئا نہ مڪي جي ڪنهن ماڻهو کان ڪا شيءِ خريد ڪري سگھندا هئا نہ ٻاهر کان اچڻ واري ڪنهن تاجر سان ملي سگھندا هئا. جيڪڏهن ڪو شخص ٻاهر نڪرندو هو تہ ماريو ويندو هو ۽ ڪنهن سان ضرورت جو اظهار ڪندو تہ صاف جواب ملندو هو. معمولي سامان اناج وغيره جيڪو انهن ماڻهن وٽ هو اهو ڪيستائين ڪم ڏيندو. آخر فاقن تي فاقہ گذرڻ لڳا ۽ عورتون ۽ ٻار بک کان بيتاب ٿي ڪري روئندا ۽ رڙيون ڪندا هئا ۽ انهن جي مائٽن کي پنهنجي بک ۽ تڪليف کان وڌيڪ انهن ٻارن جون تڪليفون تڙپائينديون هيون، آخر ٽن سالن کانپوءِ اهو معاهدي وارو صحيفو اڏهيءَ جي نذر ٿيو ۽ انهن ماڻهن جي اها مصيبت ختم ٿي. ٽن سالن جو زمانو اهڙي سخت بائيڪاٽ ۽ نظربندي ۾ گذريو ۽ اهڙي حالت ۾ انهن ماڻهن تي ڪهڙيون ڪهڙيون تڪليفون گذريون هونديون پر انهيءَ کانپوءِ بہ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُم نهايت ثابت قدميءَ سان گڏ پنهنجي دين تي اٽل رهيا بلڪ انهي جي اشاعت فرمائيندا رهيا. (شرح العلامة الزرقاني، دخول الشعب و خبر الصحيفة،ج 2، ص 12 السيرة النبوية لابن هشام، خبرالصحيفة ج 2، ص 325)

## حضرت ابو سلمہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي زال ۽ فرزند

حضرت ابو سلمہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ صاحب الهجرتين آهن پهريان حبشہ ڏانهن هجرت ڪيائون پوءِ اتان کان واپس ٿي ڪري مديني منوره هجرت ڪري ويا. مديني منوره جي طرف هجرت ڪرڻ وقت ان پنهجي زال ۽ اڪيلي پُٽ سلمہ کي اُٺ تي ويهاريو ۽ پاڻ لغام جهلي روانا ٿيا. ان جي سهري واري خاندان بنو مغيره جا ماڻهو اچي ويا ۽ چيائون خبردار! اي ابو سلمہ! تون پاڻ وڃي سگھين ٿو پر اسان پنهنجي نياڻي اُمّ سلمہ کي هرگز توسان گڏ مديني نہ وڃڻ ڏينداسين ۽ زبردستي ظالمن اُمّ سلمہ ۽ سندس پٽ کي اُٺ تان لاهي ورتو. ماڻهو

سمجهندا هئا تہ زال ۽ ٻچي جي محبت ابو سلمہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ کي هجرت کان روڪي ڇڏيندي، پر واهہ ڙي محبتِ رسول جو جذبو جو زال ۽ ٻچي جي جدائي جي سبب سينو ڦاٽو تي پر قدم نہ لُڏا، زال ۽ ٻچي کي خدا حافظ چئي ڪري اڪيلا مديني هلي ويا.

پوءِ ابو سلمہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ جي خاندان وارن بني عبدالاسد ننڍڙي سلمہ کي اهو چئي ڪري بني مغيره کان کسي ورتو تہ ڇوڪري توهان جي آهي پر پار اسان جي خاندان جو آهي اهڙي طرح بيبي اُمِّ سلمہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہَا پنهنجي مڙس ۽ لخت جگر ٻنهي کان جدا ٿي وئي ۽ هڪ سال تائين مڙس ۽ ٻچي جي جدائي ۾ روئندي رهي بالآخر سندن جي چاچي جي پٽ سيني کي سمجهائي ڪري راضي ڪري ورتو تہ اُمِّ سلمہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہَا پنهجي ٻار کي وٺي ڪري ابو سلمہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ وٽ هلي وڃي. بيبي ام سلمہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہَا جو هجرت جو جذبو ڏسو جو ٻار کي وٺي اڪيلي مديني روانا ٿي وئي. مقامِ تنعيم وٽ عثمان بن طلحہ مليا جيڪي اجا مسلمان نہ ٿيا هئا پر تمام شريف انسان ۽ ابو سلمہ جا دوست هئا. پڇيائون تون اڪيلي ڪيڏانهن وڃي رهي آهين؟ ان چيو مديني، پڇيائين توسان گڏ ڪير ڪونهي؟ بيبي اُمِّ سلمہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہَا چيو اسان سان گڏ الله تعاليٰ جي ذات کانسواءِ ڪوبہ نہ آهي. عثمان بن طلحہ چوڻ لڳو اهو ممڪن ناهي تون هڪ شريف جي زال ٿي ڪري اڪيلي ايترو وڏو سفر ڪرين. پاڻ اُٺ جو لغام جهلي ڪري بيبي اُمِّ سلمہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہَا کي مديني منوره پهچائي ڇڏيو.

رستي ۾ اُٺ تي سامان رکي ڪري اُٺ کي ويهاري ڇڏيندا هئا ۽ پاڻ ڪنهن وڻ جي پنيان لڪي ويندا هئا. جڏهن ام سلمہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہَا سوار ٿي ويندي هيون تہ هي اُٺ جو لغام جهلي پوندا هئا. اهڙي طرح بيبي اُمِّ سلمہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہَا مديني منوره پنهنجي مُڙس ابو

سلمہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ وٽ پهچي ويون. پوءِ جڏهن 4 هجري ۾ حضرت ابو سلمہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ هڪ جنگ ۾ زخمي ٿي ڪري شهيد ٿي ويا تہ حضور رحمة للعالمين صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن حضرت بيبي اُمّ سلمہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهَا سان نڪاح فرمائي ورتو ۽ ان کي اُمّت مسلمہ جي مقدس ماءُ ٿيڻ جو شرف بخشيو رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ وارضاها عنا. (اسدالغابة، ام سلمة بنت ابي أميه ج 7 ص 371)

نوٽ: هجرت جو سفر هر هڪ تي فرض هو، محرم جو گڏ هجڻ يا مڙس جي شرط بہ نہ هئي. ۽ پردو ڪرڻ جون آيتون انهيءَ وقت تائين اجا نازل نہ ٿيون هيون. حضرت اُمّ سلمہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهَا جي سفر تي ڪو بہ اعتراض ڪونهي.

## عشق ۽ وفا جو عجيب منظر

رسول اڪرم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن هڪ دفعي 6 يا 10 ماڻهن جي جماعت کي مڪي وارن جي خبر آڻڻ لاءِ موڪليو، رستي ۾ بنو لحيان جي بہ سو ماڻهن سان مقابلو ٿيو جنهن جي تفصيل اڳيان اچي رهي آهي ڪجهہ روايتن مان خبر پوي ٿي تہ ڪافرن اُحد ۾ پنهنجي قتل ٿيل ڪافر عزيزن جي جوشِ انتقام ۾ انهن ماڻهن کي ڌوڪي سان پاڻ وٽ گهرايو. سلافہ نالي هڪ عورت جنهن جا بہ پٽ اُحد ۾ ماريا ويا هئا،ان باس باسي هئي تہ جيڪڏهن منهنجي پٽن جي قاتل عاصم جو سِر هٿ ۾ اچي وجي تہ ان جي کوپڙي ۾ شراب پيئندس. هن اعلان ڪري ڇڏيو تہ جيڪو عاصم جو سِر آڻيندو انهيءَ کي 100 اٺ انعام طور ڏيندس.

سفيان بن خالد 100 اٺن جي لالچ ۾ قبيلي عضل وقاره جي ڪجهہ ماڻهن کي مديني منوره موڪليو ان اتي وڃي پاڻ کي مسلمان ظاهر ڪيو ۽ سرڪار صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي چئي ڪري ڪجهہ ماڻهن جي

جماعت پاڻ وٽ دين جي تبليغ جو مقصد ٻڌائي ڪري گڏ وٺي آيا انهن ۾ حضرت عاصم حضرت خبيب، حضرت زيد بن الدَّثِنّہ حضرت عبدالله بن طارق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھُم به هئا. رستي ۾ وٺي وڃي ڪري واعدي خلافي ڪئي ۽ ٻه سو ماڻهن ڪي مقابلي لاءِ سڏي ورتو جنهن ۾ سو ماڻهو مشهور تير انداز هئا.

ڏهن يا ڇهن بزرگن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھُم جي اها مختصر جماعت دشمنن جي بد نيّتي ڏسي ڪري ”فد فد“ نالي هڪ پهاڙيءَ تي چڙهي وئي. ڪافرن چيو اسان توهان کي قتل ڪرڻ نٿا چاهيون. صرف مڪي وارن کان اوهان جي بدلي ڪجھ مال وٺڻ چاهيون ٿا توهان اسان سان گڏ اچي وڃو پر هنن چيو اسان ڪافرن جي عهد ۾ نٿا اچڻ چاهيون ۽ ترڪش مان تير ڪڍي ڪري مقابلو ڪيو. جڏهن تير ختم ٿي ويا ته نيزن سان مقابلو ڪيو. حضرت عاصم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ ساٿين کي جوش ۾ چيو توهان سان ڌوڪو ڪيو ويو آهي، پر گهبرائڻ جي ڪا ڳالھ ناهي شهادت کي غنيمت سمجهو توهان جو محبوب توهان سان گڏ آهي ۽ جنت جون حورون توهان جون منتظر آهن اهو چئي ڪري جوش سان مقابلو ڪيو ۽ جڏهن نيزو به ٽٽي ويو ته تلوار سان مقابلو ڪيو. دشمنن جو هجوم گهڻو هو آخر شهيد ٿي ويا ۽ دعا ڪئي ياالله عَزَّوَجَلَّ! پنهنجي رسول صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اسان جي حال کان آگاهه فرمائي ڇڏجانءِ.

سرڪار صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ان وقت انهيءَ واقعي جو علم ٿي ويو. حضرت عاصم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ هي به ٻڌي چڪا هئا ته سلافہ منهنجي مٿي جي کوپڙي ۾ شراب پيئڻ جي باس باسي آهي انهيءَ لاءِ مرڻ وقت دعا ڪيائين، ياالله عَزَّوَجَلَّ! منهنجو سِر تنهنجي راهه ۾ ڪٽيو پيو وڃي تون ئي ان جو محافظ آهين. اهڙي طرح شهادت کانپوءِ ڪافرن

جڏهن سِر ڪپڻ جو ارادو ڪيو تہ الله تعاليٰ ماکي جي مکين ۽ ڪجھ روايتن ۾ آهي تہ ڪگرين (ڏينين) جو هڪ لشڪر موڪلي ڇڏيو جنهن انهن جي بدن کي چؤطرف گهيري ورتو ڪافرن جو خيال هو تہ رات جي وقت جڏهن اهي اڏامي ويندا تہ سِر ڪپي وٺنداسين پر رات جو زوردار مينهن آيو ۽ ان جي لاش کي وهائي ڪري ڪٽي ويو. اهڙي طرح ست ماڻهو يا ٽي ماڻهو شهيد ٿيا ٽي باقي بچيا. حضرت خبيب ۽ زيد بن الدَّثِنَّہ ۽ عبدالله بن طارق رضی اللہ تعالٰی عنھم. انهن ٽنهي حضرات سان پوءِ انهن واعدو ۽ اقرار ڪيو تہ توهان هيٺ اچي وڃو اسان توهان سان بدعهدي نہ ڪنداسين، هي ٽئي حضرات رضی اللہ تعالٰی عنھم هيٺ لهي آيا ۽ هيٺ اچڻ تي ڪافرن انهن جي ڪمانن جي تار لاهي انهن جون مشڪون ٻڌيون.

حضرت عبدالله بن طارق رضی اللہ تعالٰی عنہ جن فرمايو تہ هي پهرين بدعهدي آهي آئون توهان سان هر گز نہ هلندس انهن شهيد ٿي وڃڻ وارن جي اقتدا ئي مونکي پسند آهي انهن زبردستي ان کي ڇڪڻ چاهيو پر هي نہ هليا تہ انهن هُن کي بہ شهيد ڪري ڇڏيو. صرف بہ حضرات رضی اللہ تعالٰی عنھم انهن سان گڏ رهيا جن کي وٺي ڪري انهن ماڻهن مڪي وارن جي هٿ وڪڻي ڇڏيو. هڪ حضرت زيد بن الدَّثِنَّہ رضی اللہ تعالٰی عنہ جنهن کي صفوان بن اميہ پنجاه اٺن جي بدلي ۾ خريد ڪيو جو پنهنجي پيءُ اميّہ جي بدلي قتل ڪري ڇڏيو. بخاري شريف جي روايت ۾ آهي تہ حضرت خبيب رضی اللہ تعالٰی عنہ کي حارث بن عامر جي اولاد خريد ڪيو جو انهن بدر ۾ حارث کي قتل ڪيو هو. صفوان تہ پنهجي قيدي حضرت زيد رضی اللہ تعالٰی عنہ کي فورن ئي حرم کان باهر پنهنجي غلام سان گڏ موڪلي ڇڏيو جو قتل ڪيا وڃن.

حضرت زيد رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ کي قتل ڪرڻ جي لاءِ حرم جي حد کان ٻاهر وٺي ويا ان جو تماشو ڏسڻ لاءِ ٻيا بہ ڪيترائي ماڻهو جمع ٿي ويا جنهن ۾ ابو سفيان بہ هو (جنهن اجا اسلام بہ نہ آندو هو) ابو سفيان حضرت زيد رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ کي ائين چيو: ”اي زيد رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ! آئون توکي خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم ڏئي ڪري پڇان ٿو ڇا تون هي پسند ڪرين ٿو تہ هن وقت اسان وٽ تنهنجي عوض محمد (صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) هجن جنهن کي اسان قتل ڪري ڇڏيون ۽ تون آرام سان پنهنجي گهر وارن ۾ وينو هجين.

حضرت زيد رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جواب ڏنو: اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جو قسم! آئون پسند نٿو ڪريان تہ محمد (صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) هن وقت جنهن گهر ۾ تشريف رکن ٿا انهن کي هڪ ڪنڊي لڳڻ جي بہ تڪليف ٿئي ۽ آئون آرام سان پنهنجي گهر وارن ۾ وينو هجان.

اهو ٻڌي ڪري ابو سفيان چيو: ”مون ماڻهن ۾ ڪنهن کي ناهي ڏٺو جيڪي ٻين سان ايتري محبت رکندا هجن جيئن محمد صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا اصحاب رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُم، محمد صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان رکن ٿا. انهي جي غلام نِسطاس حضرت زيد رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ کي شهيد ڪري ڇڏيو. (السيرة النبوية ذکر يوم الرجيع في سنت ثلاث، ج 4 ص 147)

حضرت خبيب رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ هڪ عرصي تائين قيد رهيا. حجير بن ابي اهاب تميمي جن جي ٻانهي جيڪا بعد ۾ مسلمان ٿي وئي چون ٿيون: ”تہ حضرت خبيب رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ اسان ماڻهن جي قيد ۾ هئا تہ اسان ڏٺو تہ خبيب رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ هڪ ڏينهن انگور جو تمام وڏو ڇڳو ماڻهوءَ جي مٺي برابر هٿ ۾ کڻي انگور کائي رهيا آهن ۽ مکي ۾ ان وقت انگور بلڪل نہ هئا“ اهي چون ٿيون جڏهن ان جي قتل

جو وقت ويجهو آيو تہ ان صفائي جي لاءِ اُسترو گهريو اهو ڏنو ويو، اتفاق سان ان وقت هڪ ننڍڙو ٻار خبيب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ وٽ پهچي ويو. ماڻهن ڏٺو تہ اُسترو ان جي هٿ ۾ آهي ۽ ٻار ان وٽ، اهو ڏسي ڪري گهٻرائجي ويا، خبيب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ چيو ڇا توهان هي سمجهو ٿا تہ آئون ٻار قتل ڪري ڇڏيندس، ائين نٿو ڪري سگهان. انهيءَ ڪانپوءِ ان کي حرم کان ٻاهر آندو ويو ۽ ڦاهيءَ تي لٽڪائڻ وقت آخري خواهش جي طور پڇيو ويو تہ ڪا خواهش هجي تہ ٻڌاءِ. پاڻ فرمايو مون کي ايتري مهلت ڏيو تہ آئون ٻہ رڪعتون نماز پڙهي وٺان جو دنيا مان وڃڻ جو وقت آهي الله عَزَّوَجَلَّ جي ملاقات ويجهي آهي پوءِ مهلت ڏني وئي ان ٻہ رڪعتون وڏي اطمينان سان پڙهڻ بعد فرمايائون تہ مون کي اهو خيال نہ هجي ها جو توهان ماڻهو هي سمجهندا تہ آئون موت جي ڊپ کان دير ڪري رهيو آهيان تہ ٻہ رڪعتون اڃان ٻہ پڙهان ها. انهيءَ ڪانپوءِ ڦاهي تي لٽڪايا ويا.

## حضرت خبيب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ تختي تي

جڏهن مڪي جي مشرڪن حضرت خبيب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ کي تختي تي بيهاريو تہ حضرت خبيب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ مڪي وارن لاءِ بد دعا ڪئي، حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمائن ٿا تہ مون کي منهنجي پيءُ زمين تي ليٽائي ڇڏيو چو تہ ان جو خيال هو تہ انهيءَ بد دعا سان حضرت سفيان رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ تي بيچيني واري ڪيفيت طاري تي وئي. مون تي ان بد دعا جو اهو اثر ٿيو جو ڪيترن سالن تائين منهنجي شهرت ختم رهي، چون ٿا تہ هڪ سال جي اندر جيترا بہ ماڻهو ڦاهي تي چاڙهڻ وقت موجود هئا سڀ مري ختم ٿي ويا.

سعيد بن عامر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ ڪڏهن ڪڏهن بيهوش ٿي ويندا هئا. اميرالمومنين حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ ان کي هڪ عمل ٻڌايو ۽ ڳڏ ئي

پڇيو تہ غشيءَ (بيهوشيءَ) جو سبب ڇا آهي؟ انهن ٻڌايو تہ جڏهن خبيب رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ کي ڦاهيءَ تي بيهاريو ويو تہ آئون اتي موجود هيس. جيئن ئي ان جو نقشو منهنجي سامهون ايندو آهي تہ منهنجا حواس هليا ويندا آهن. تختي تي حضرت خبيب رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ چيو: اي الله عَزَّوَجَلَّ! اسان پنهنجي آقا ۽ مولٰي جنابِ محمد رسول الله صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي تبليغ تي عمل ڪيو، هتي ڪو بہ ڪونهي جيڪو منهنجو پيغام انهن تائين پهچائي ڇڏي، تون قادر ۽ قيوم آهين. منهنجو سلام انهن تائين پهچائي ڇڏ. حضرت اُسامہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ چون ٿا آئون مديني ۾ حضور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن سان گڏ ويٺو هئس تہ وحيءَ جا آثار ظاهر ٿيا ۽ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: وعليہ السلام و رحمۃ الله انهيءَ ڪانپوءِ حضور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي اکين ۾ لڙڪ پرجي آيا ۽ ٻڌايائون تہ خدا عَزَّوَجَلَّ خبيب رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ جو سلام مون کي پهچايو آهي. پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن بشارت ڏني جيڪو شخص حضرت خبيب رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ کي تختي تان لاهيندو ان جي جڳهہ بهشت آهي. (شواهدالنبوة رڪن رابع ص 100)

## حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ جو عشق رسالت:

حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ اهي صحابيءِ رسول آهن جن کي اسلام جي آغاز ۾ مشرف بہ اسلام هئڻ جو اعزاز حاصل آهي. اهڙي خوفناڪ ماحول ۾ جڏهن اسلام آندائون تہ سخت ترين مصيبتون درپيش آيون، حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ کي مڪي جا ڪافر سخت ڪان سخت اذيتون ڏيندا هئا. ان کي جهلي ڪٺي ويندا هئا ۽ اُس ۾ ليٽائي ڇڏيندا هئا ۽ پٿر ڪٺي ان جي پيٽ تي رکندا هئا ۽ چوندا هئا تنهنجو دين لات ۽ عزا جو دين آهي. حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ چوندا هئا منهنجو پروردگار الله عَزَّوَجَلَّ آهي، اهڙيون اهڙيون مصيبتون سهندا هئا پر

سيني ۾ عشقِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهڙي طرح ڳنڍيل هو جو مصيبتون ۽ تڪليفون ان جي سامهون معمولي ٿڄي ويون هيون.

(السيرة النبوية، ذكر عدوان المشركين علي المستضعفين، ج 1،ص 297)

هڪ ڏينهن حضرت بلال رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ خانہ ڪعبہ ۾ داخل ٿيا قريشن کي ان جو علم نہ هو پاڻ هيڏانهن هوڏانهن ڏٺاؤن تہ ڪير بہ نظر نہ آيو بس پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ بتن وٽ اچي انهن تي ٿڪڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا اُهي ماڻهو ناڪام ۽ خساري ۾ آهن جيڪي تنهنجي پوڄا ڪن ٿا. قريشن انهن کي گرفتار ڪرڻ چاهيو پر پاڻ ڀڄڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ۽ پنهنجي مالڪ عبدالله بن جدعان جي گهر ۾ لِڪي ويا. قريش جا ماڻهو عبدالله وٽ آيا ۽ ان کي سڏ ڪيو، هو ٻاهر آيو تہ ان کي انهن ماڻهن چيو: ڇا تون بي دين ٿي ويو آهين؟ ان چيو: مون جهڙي شخص سان بہ اهڙي ڳالھ ٿئي وڃي ٿي هاڻي تہ ان جي ڪفاري ۾ لات ۽ عزيٰ جي لاءِ 100 ڏاچيون قربان ڪندس. قريش جي ماڻهن چيو: تنهنجي ڪاري (بلال رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ) هي هي ڪري ڇڏيو آهي. ان بلال کي ڳولهرايو. ماڻهو ان کي ڳولي عبدالله وٽ وٺي آيا هي انهن کي سڃاڻندو نہ هو. هن خوليہ کي سڏائي پڇيو هي ڪير آهي؟ ڇا آئون توهان کي هي حڪم نہ ڏئي رکيو هو تہ مڪي جي غلامن مان ڪنهن کي هتي رهڻ نہ ڏجان، خوليہ چيو هي تنهنجون ٻڪريون چاريندو هو ۽ انهيءَ کان علاوه ٻيو ڪو بہ انهن کي سڃاڻندو نہ هو، انهيءَ لاءِ مون ان کي ڇڏي ڏنو هو. انهيءَ ڪانپوءِ عبدالله ابو جهل ۽ اميہ بن خلف کي چيو بلال (رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ) توهان جي حوالي آهي توهان ماڻهو هن سان جيڪو چاهيو ڪريو. هي ٻئي سندن کي بطحا جي تپيل واريءَ تي گهليندا هئا ۽ ان جي ٻنهي ٽنگهن ۽ ٻانهون کي ڇڪيندا هئا ۽ چوندا هئا اڪفر محمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)! محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ

وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو انڪار ڪر. هي چوندا هئا ائين نٿو ٿي سگهي جو دامنِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڇڏيان ۽ پوءِ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي توحيد جو اعلان ڪندا هئا.

انهيءَ عذاب جو سلسلو ختم نہ ٿيو هو جو اتان ڪان حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو گذر ٿيو انهن فرمايو: انهي اسود (ڪاري) کي ڇا ڪرڻ چاهيو ٿا خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! توهان هن کان بدلو وٺي ئي نٿا سگهو.

اميہ بن خلف پنهنجي ماڻهن کي چيو ڏسو! آئون ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ سان هڪ اهڙي راند ڪيڏان ٿو جو اڄ تائين هن سان اها راند نہ ڪيڏي وئي هوندي. پوءِ هن کِلي ڪري چيو ابوبڪر! (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ) تنهنجو مون تي قرض آهي تون مون کان بلال (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ) کي خريد ڪري وٺ. پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايو: ها (چا وٺندين) ان چيو ان جي بدلي تنهنجو غلام نسطاس وٺندس. حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايو جيڪڏهن آئون انهيءَ کي ڏئي ڇڏيان تہ تون بلال مون کي ڏئي ڇڏيندين ان چيو ها! حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايو مون ائين ڪري ورتو. پوءِ هو کِلي ڪري چوڻ لڳو نہ تو کي ان سان گڏ ان جي زال کي بہ ڏيڻو پوندو. حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايو نيڪ آهي.

پوءِ هن وري اُها ئي شرارت ڪئي تہ نہ توکي هن جي زال سان گڏ هن جي ڌيءُ کي بہ ڏيڻو پوندو. حضرت ابو بڪر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايو نيڪ آهي ائين بہ سهي. پوءِ هن وري کلي ڪري چيو نہ ايتري ۾ بہ نٿو ٿي سگهي جيستائين توهان انهن سان گڏ بہ سو دينار نہ ڏيو. حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايو توکي ڪوڙ ڳالهائڻ کان ڪجھ شرم نہ ٿو اچي. هن لات ۽ عزيٰ جو قسم کڻي چيو جيڪڏهن

توھان اھي ﭘ سو دينار ﭘ ڏيو تہ ضرور پنھنجي ڳالھ پوري ڪندس.
حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايو اھو نيڪ آ قبول آھي.
ھاڻي وجي اھو سودو مڪمل ٿئي ٿو ۽ حضرت ابوبڪر صديق
رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ ايتري وڏي قيمت تي حضرت بلال رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي خريد
ڪري رضاءِ الٰھي عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آزاد ڪري ڇڏن ٿا. حضرت بلال
رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي سخت مصيبتن کان ڇوٽڪارو ملي ٿو.

## سرڪارِمدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جا ننڍڙا پھلوان:

غابہ مدينہ طيبہ کان چار پنج ميلن تي واقع ھڪ آبادي آھي اتي
حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا ڪجھ اُٺ چرندا ھئا. ڪافرن جي ھڪ ھجوم
سان گڏ عبدالرحمٰن فزاري انھن کي لُٽي ورتو جيڪو صاحب اٺ
چاريندو ھو ان کي قتل ڪري ڇڏيائين ۽ اُنن کي ڪاھي ويو. ھي
ڌاڙيل گھوڙي تي سوار ھئا ۽ ھٿيارن سان گڏ ھئا اتفاق سان حضرت
سلمہ بن اڪوع رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ صبح جي وقت پيادل تير ڪمان کڻي غابہ
جي طرف وڃي رھيا ھئا ۽ اوچتو انھن ڌاڙيلن تي نظر پيئي، ٻار ھئا
ھي ڊوڙڻ ۾ تمام تيز ھئا چون ٿا تہ سلمہ بن اڪوع جي ڊوڙ بيمثال
۽ مشھور ھئي ھي پنھنجي ڊوڙ ۾ گھوڙي کي جھلي وٺندا ھئا ۽
گھوڙو ھنن کي جھلي نہ سگھندو ھو. انھيءَ سان گڏ ھي تير اندازيءَ
۾ بہ تمام گھڻو مشھور ھئا. حضرت سلمہ بن اڪوع رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ مدينہ
منوره ڏانھن منھن ڪري ھڪ پھاڙي تي چڙھي ڪري ڦُر جو اعلان
ڪيو ۽ پاڻ انھن ڌاڙيلن جي پنيان ڊوڙيا تير ڪمان گڏ ھو ايستائين
جو انھن وٽ پھچي ويا ۽ تير ھڻڻ شروع ڪيا ۽ انھيءَ ڦُڙتيءَ سان
ھڪبئي پنيان تير وسايا جو ھنن ماڻھن وڏو لشڪر سمجھيو ۽ ڇو
جو پاڻ اڪيلا ھئا ۽ پيادل بہ ھئا انھيءَ لاءِ جڏھن ڪو گھوڙو موٽائي
پنيان لڳندو ھو تہ ڪنھن وڻ جي آڙ ۾ لڪي ويندا ھئا ۽ آڙ مان

انھيءَ گھوڙي کي تيز تير ھٹندا ھئا جنھن سان ھو زخمي ٿي ويندو ھو ۽ ھو انھيءَ خيال کان واپس ويندو ھو تہ گھوڙو ڪِري پيو تہ آئون پڪڙجي پوندس.

حضرت سلمہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ چون ٿا تہ مطلب ھو ڀڄندا رھيا ۽ آئون پويان ايندو رھيس ايستائين جو جيترا اُٺ حضور اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا لُٽيا ويا ھئا اھي سڀ مون ڇڏرائي ورتا ۽ اھي ٽيھ برڇيون ۽ ٽيھ چادرون پنھنجيون ڇڏي ويا ايتري ۾ عيينہ بن حصن جي ھڪ جماعت مدد جي لاءِ انھن وٽ پھچي وئي ۽ انھن ڌاڙيلن کي قوت ملي وئي ۽ انھن کي اھو بہ معلوم ٿي ويو تہ آئون اڪيلو آھيان انھن جا ڪيترائي ماڻھو ملي ڪري منھنجي پنيان لڳا آئون ھڪ جبل تي چڙھي ويس ۽ ھو بہ چڙھي ويا. جڏھن منھنجي ويجھو ٿي ويا تہ مون چيو ٺورو بيھو! پھرين منھنجي ھڪڙي ڳالھ ٻڌو، توھان مون کي سڃاڻو بہ ٿا تہ آئون ڪير آھيان انھن چيو ٻڌاء تون ڪير آھين؟ مون چيو تہ آئون ابن الاڪوع آھيان. انھيءَ پاڪ ذات جو قسم! جنھن محمد صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عزت ڏني توھان مان ڪو جھلڻ چاھي تہ بہ نٿو جھلي سگھي ۽ آئون توھان مان جنھن کي جھلڻ چاھيان اھو مونکان ڪڏھن بہ ڇڏائي نٿو سگھي، انھن جي متعلق چو تہ عام مشھور ھو تہ تمام تيز ڊوڙن ٿا ايستائين جو عربي گھوڙو بہ انھن جو مقابلو نٿو ڪري سگھي انھيءَ لاءِ اھا دعويٰ ڪا عجيب (وڏي ڳالھ) نہ ھئي. سلمہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ چون ٿا تہ آئون اھڙي طرح انھن سان ڳالھيون ڪندو رھيس ۽ منھنجو مقصد ھي ھو تہ انھن ماڻھن وٽ تہ مدد پھچي وئي آھي مسلمانن جي طرفان منھنجي مدد بہ اچي وڃي جو آئون بہ مديني ۾ اعلان ڪري آيو ھئس مطلب انھن سان آئون ائين ڳالھيون ڪندو رھيس ۽ وڻن جي وچ مان مدينہ منوره جي طرف غور سان ڏسندو ھئس تہ مونکي ھڪ جماعت گھوڙي

سوارن جي ڊوڙندي نظر آئي انهن ۾ سڀ کان اڳيان اخرم اسدي هو انهن اينديئي عبدالرحمٰن فزاري تي حملو ڪيو ۽ عبد الرحمٰن ٻه انهن ڏانهن متوجه ٿيو انهن عبدالرحمٰن جي گهوڙي تي حملو ڪيو ۽ پير ڪٽي ڇڏيا جنهن سان اهو گهوڙو ڪريو ۽ عبد الرحمٰن ڪرندي ئي حضرت سلمه بن اڪوع رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ تي حملو ڪيو جنهن سان هو شهيد ٿي ويا ۽ عبدالرحمٰن انهن جي گهوڙي تي سوار ٿي ويو انهن جي پٺيان ابو قتاده رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ هئا انهن حملو شروع ڪري ڇڏيو. عبدالرحمٰن جلدي ابو قتاده رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي گهوڙي جي پيرن تي حملو ڪيو جنهن سان اُهي ڪريا ۽ ڪرندي ئي انهن عبدالرحمٰن تي حملو ڪيو جنهن سان هو قتل ٿي ويو ۽ ابو قتاده رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جلدي ان جي گهوڙي تي سوار ٿي ويا جيڪو پهرين اخرم اسدي جو هو جنهن تي عبدالرحمن سوار هو. (صحيح مسلم كتاب الجهاد والسير، باب غزوة ذي قرد وغيرها، الحديث: 1807 ص 1000)

**مجاهدانه جواب:** قريشِ مڪه مسلمانن کي تنگ ڪرڻ لاءِ جڏهن جنگِ بدر جي بنياد وڌي ته حضور سرورِ عالم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم صحابه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھُم کي ارشاد فرمايو ته دشمن وڙهڻ تي آماده آهن ٻڌايو اوهان جي ڇا مرضي آهي صحابهِ ڪرام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھُم مان مهاجرين جواب ڏنو يا رسول اللّٰه: صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اوهان اُهو ئي ڪريو جنهن ڳالهه جو خدا عَزَّوَجَلَّ اوهان صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي حڪم ڏنو آهي اسان اوهان سان گڏ آهيون، خداعَزَّوَجَلَّ جو قسم! اسين ائين نه چونداسين جيئن بني اسرائيل وارن پنهنجي پيغمبر موسيٰ عَلَیْہِ السَّلَام کي چيو هو.

فَاذْهَبْ اَنْتَ وَ رَبُّكَ فَقَاتِلَاۤ اِنَّا هٰهُنَا قٰعِدُوْنَ ﴿۲۴﴾ (پ: 6 المائده: 24)

ترجمو ڪنزالايمان: تون ۽ تنهنجو رب توهان ٻئي وڙهو اسان هت وينا آهيون.

يا رسول الله! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي نالي تي قربان ٿيڻ لاءِ تيار آهيون. انصارين عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان اوهان تي ايمان آڻي چڪا آهيون انهي خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! جنهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي مبعوث فرمايو آهي جيڪڏهن اوهان اسان کي درياء ۾ ٻه ٽپو ڏيڻ جو ارشاد فرمائيندا ته اسان ان ۾ ٽپو ڏيڻ جي لاءِ تيار هونداسين. يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان اسان کان مشورو ڇو طلب فرمايو تا اسان بي وفائي ڪرڻ وارا ناهيون.

تعالیٰ اللہ یہ شیوہ ہی نہیں ہے باوفاؤں کا
پیا ہے دودھ ہم لوگوں نے غیرت والی ماؤں کا
نبی کا حکم ہو تو کود جائیں ہم سمندر میں
جہاں کو محو کر دیں نعرہ اللہ اکبر میں

حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي صحابہء ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو اهو مجاهداڻو جواب ٻڌي ڏاڍا خوش ٿيا. (مدارج النبوت قسم سوم ذکر سال دوم از هجرت مذکور جنگ بدر ج 2 ص 83)

**حضرت ڪعب** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ **جي درد ڀري ڪهاڻي:** ٽي صحابي حضرت ڪعب بن مالڪ، هلال بن اميہ ۽ مراره بن ربيع رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهم بنا ڪنهن خاص عذر جي سستي جي ڪري جنگِ تبوڪ ۾ شريڪ نہ ٿي سگهيا. حضرت ڪعب بن مالڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ پنهنجو احوال تمام تفصيل سان پاڻ ئي بيان فرمائن ٿا تہ آئون جنگِ تبوڪ کان پهريائين ڪنهن جنگ ۾ بہ ايترو مالدار نہ هئس جيترو تبوڪ جي وقت هيس. انهيءَ وقت مون وٽ پنهجيون ذاتي ٻہ ڏاچيون هيون ان کان پهريان ڪڏهن بہ ٻہ ڏاچيون نہ هيون. جنگِ تبوڪ جي موقعي

تي چاڪاڻ تہ سفر پري جو هو ۽ گرمي بہ گهڻي هئي انهيءَ لاءِ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن صاف اعلان فرمايو هو تہ ماڻهو تياري ڪري وٺن. پوءِ مسلمانن جي ايتري وڏي جماعت حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان گڏ تي وئي جو رجسٽر ۾ انهن جو نالو لکڻ بہ مشڪل هو ۽ جماعت جي ڪثرت جي سبب ڪان ڪو شخص لڪڻ چاهي ها لڪي سگهي پيو تہ آئون نہ وڃان ۽ خبر بہ نہ پئجي سگهي ها. مان بہ سفر جي سامان جي تياري جو ارادو صبح جو ئي ڪيان پر شام تي ويندي هئي ۽ ڪنهن بہ قسم جي تياري جي نوبت نہ ايندي. پنهنجي دل ۾ خيال ڪندو هئس تہ مون ڪي وسعت حاصل آهي پختو ارادو ڪندس تياري يڪدم تي ويندي.

انهيءَ طرح ڏينهن گذرندا ويا ايستائين جو حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم روانا بہ تي ويا ۽ مسلمان حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان گڏ گڏ هئا پر منهنجو سامانِ سفر تيار نہ ٿيو. پوءِ مون کي هي خيال آيو تہ هڪ ٻن ڏينهن ۾ تيار تي لشڪر سان وڃي ملندس. اهڙي طرح اڄ ڪلهہ تي ٽاريندو رهيس ايستائين جو حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ مسلمان تبوڪ لاءِ روانا تي ويا. انهيءَ وقت مون ڪوشش بہ ڪئي پر سامان نہ تي سگهيو. هاڻي جڏهن مدينہ منوره ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڏسان ٿو تہ اُهي ئي ماڻهو ملن ٿا جنهن جي مٿان نفاق جو ڪِنو داغ لڳل هو يا معذور هئا. هوڏانهن حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تبوڪ پهچي پڇيو تہ ڪعب (رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ) نظر نٿا اچن ڇا ڳالهہ آهي؟ هڪ صاحب عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهيءَ کي مال ۽ جمال جي فخر روڪي ڇڏيو. حضرت معاذ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جن فرمايو تہ غلط چئو ٿا اسين جيستائين سمجهون ٿا اُهي سنا ماڻهو آهن. حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن بالڪل خاموش رهيا ۽ ڪجهہ بہ ارشاد نہ فرمايائون ايستائين جو

ڪجھ ڏينهن بعد حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي واپسي جي خبر ٻڌي تہ مون کي رنج ۽ غم ٿيو ۽ فڪر پيدا ٿيو دل ۾ ڪوڙا ڪوڙا عذر ايندا هئا تہ هن وقت ڪنهن فرضي عذر سان جان ڇڏائي وٺان پوءِ ڪنهن وقت معافي جي درخواست ڪندس ۽ انهيءَ باري ۾ خاندان جي هر هڪ سمجهدار سان مشورو ڪندو رهيس پر مون کي جڏهن خبر پئي تہ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف وٺي ئي آيا تہ منهنجي دل فيصلو ڪيو تہ بغير سچ جي ڪابہ شيءِ نجات نہ ڏيندي ۽ مون سچ سچ عرض ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو.

حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي عادت هئي تہ سفر کان موٽي ايندا هئا تہ پهرين مسجد ۾ تشريف وٺي ويندا هئا ۽ ٻہ رڪعتون تحية المسجد پڙهندا ۽ اتي ٿوري دير تشريف رکندا هئا جيئن ماڻهن سان ملاقات فرمائن. پوءِ معمول مطابق حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تشريف کڻي آيا تہ مسجد ۾ تشريف فرما رهيا ۽ منافق ماڻهو ڪوڙا ڪوڙا عذر ڪندا ۽ قسمون کڻندا رهيا جو حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن جي ظاهري حال کي قبول فرمائيندا رهيا جو ايتري ۾ آئون بہ حاضر ٿيس ۽ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي سلام ڪيو، حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ناراضگيءَ واري انداز ۾ مسڪرايا ۽ مُنهن موڙي ڇڏيو. مون عرض ڪيو يا نبي الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اوهان ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مُنهن موڙي ڇو ڇڏيو، خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! نہ تہ آئون منافق آهيان نہ منهنجي ايمان ۾ ڪو لوڏو آهي. ارشاد فرمايائون: تہ هيڏانهن اچ. آئون ويجهو وڃي ويهي رهيس، حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو توکي ڪهڙي شيءِ روڪيو؟ مون عرض ڪيو، يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جيڪڏهن آئون ڪنهن دنيا دار وٽ هجان ها تہ مون کي يقين آهي تہ آئون انهيءَ ڪاوڙ مان ڪا

نہ ڪا ڳالھ ناھي نجات حاصل ڪري وٺان ھا، جو مون کي ڳالھ ڪرڻ جو سليقو الله عَزَّوَجَلَّ عطا فرمايو آھي. پر يارسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اوھان جي باري ۾ مون کي علم آھي تہ اوھان جي سامھون ڪوڙ ٺٽو ھلي سگھي ۽ جيڪڏھن آئون اوھان سان سچي ڳالھ عرض ڪريان جنھن سان پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن مون کان ناراض ٿي وڃن تہ مون کي اميد آھي تہ خدا عَزَّوَجَلَّ جي ذات پاڪ اوھان صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي ڪاوڙ کي ختم ڪري ڇڏيندي. حضور آئون سچ ئي عرض ڪريان ٿو تہ والله عَزَّوَجَلَّ مون کي ڪو بہ عذر نہ ھو ۽ جھڙو فارغ ۽ وسعت وارو آئون ھن زماني ۾ ھئس ڪنھن زماني ۾ بہ انھي کان پھرين نہ ٿيو ھئس حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو! ھن سچ چيو پوءِ فرمايائون تہ نيڪ آ اُٿي وڃ، تنھنجو فيصلو اللّٰہ تعاليٰ پاڻ فرمائيندو. آئون اُٿان اٿيس تہ منھنجي قوم جي گھڻن ماڻھن مون کي چيو: خدا جو قسم! اسان ننا ڄاڻون تہ تو ھن کان پھرين ڪو گناھ ڪيو ھجي. جيڪڏھن تون ڪو عذر ڪري حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کان استغفار جي درخواست ڪرين ھا تہ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو استغفار تنھنجي لاءِ ڪافي ھو. مون انھن کان پڇيو تہ ڪو ٻيو اھڙو شخص آھي جنھن سان اھو معاملو ٿيو ھجي ماڻھن ٻڌايو تہ ٻہ ماڻھو ٻيا بہ آھن جن سان اِھو معاملو پيش آيو آھي جو انھن بہ اھا گفتگو ڪئي جيڪا تو ڪئي ۽ اھو ئي جواب انھن کي بہ مليو جيڪو توکي مليو، ھڪ ھلال بن اميہ ٻيو مراره بن ربيع رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا مون ڏٺو تہ ٻہ صالح شخص جيڪي ٻئي بدري آھن اھي بہ منھنجا شريڪِ حال آھن، حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اسان ٽنهي سان ڳالھائڻ جو بہ منع فرمائي ڇڏيو جو ڪو بہ شخص اسان سان ڪلام نہ ڪري، ھاڻي ان ارشاد جي صحابہ ڪرام عَلَیۡہِمُ الرِّضۡوَان تعميل ھن طرح ڪري ڏيکاري جو ڪعب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن

ٿا تہ حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي منع ڪرڻ تي ماڻھن اسان سان ڳالھائڻ ڇڏي ڏنو ۽ اسان ڪان پرھيز ڪندا رھيا، جڻ تہ دنيا ئي بدلجي وئي ايستائين جو زمين باوجود پنھنجي وسعت جي اسان کي سوڙھي محسوس ٿيڻ لڳي. سڀ ماڻھو پرايا محسوس ٿيڻ لڳا در ۽ ديوار اجنبي ٿي ويا مونکي سڀ ڪان وڏيڪ فڪر ان ڳالھ جي ھئي تہ آئون جيڪڏھن ھن حال ۾ مري ويس تہ حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن تہ جنازي جي نماز بہ نہ پڙھندا ۽ خدانخواستہ حضور اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو وصال ٿي ويو تہ آئون ھميشہ ھميشہ لاءِ ائين رھندس، نہ مون سان ڪير ڳالھائيندو نہ منھنجي جنازي جي نماز پڙھندو جو حضور اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي ارشاد جي خلاف ڪير ڪري سگھي ٿو. مطلب اسان ٽنھي پنجاھ ڏينھن ان حال ۾ گذاريا منھنجا ٻئي ساٿي شروع ڪان ئي گھرن ۾ لڪي ويھي رھيا ھئا. آئون سيني ۾ قوت وارو ھئس، ھلندو ڦرندو بازار ۾ ويندو، نماز ۾ شريڪ ٿيندو رھيس پر مون سان ڪير بہ نہ ڳالھائيندو ھو. حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مجلس ۾ حاضر ٿي سلام ڪندو ھئس ۽ تمام غور سان خيال ڪندو ھئس تہ چَپ مُبارڪ جواب لاءِ ھِليا يا نہ؟ نماز ڪانپوءِ حضور اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي ويجھو ويھي ڪري نماز پوري ڪندو ھئس ۽ ٽيڏي اک سان ڏسندو ھئس تہ حضور اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن مون کي ڏسن بہ ٿا يا نہ، جڏھن آئون مشغول ھوندو ھئس تہ حضور اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن مونکي ڏسندا ھئا ۽ جڏھن آئون ھيڏانھن ڌيان ڏيندو ھئس تہ حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن مون ڪان چھرو مبارڪ ڦيري ونندا ھئا ۽ مون ڪان منھن موڙيندا ھئا.

مطلب اهي حالات گذرندا رهيا ۽ مسلمانن جو ڳالهه ٻولهه بند ڪرڻ مون تي تمام ئي ڳرو ٿي ويو ته آئون ابو قتاده رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي ديوار تي چڙهيس، هو منهنجو رشتي ۾ چاچي جو پُٽ هو ۽ مون سان تعلقات به تمام گهڻا هئا مون مٿي چڙهي ڪري سلام ڪيو ته تنهن به سلام جو جواب نه ڏنو، مون ان کي قسم ڏئي ڪري پڇيو ته ڇا توکي خبر ڪونهي ته مون کي الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن سان محبت آهي، انهن ان جو جواب نه ڏنو مون ٻيهر قسم ڏنو ۽ پڇيو وري به چُپ ئي رهيا مون ٽي دفعا قسم ڏئي ڪري پڇيو ته انهن صرف ايترو چيو ته الله عَزَّوَجَلَّ ڄاڻي ۽ ان جو رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم. اها ڳالهه ٻڌي ڪري منهنجي اکين مان لڙڪ اچي ويا ۽ آئون اتان موٽي آيس.

انهيءَ دوران آئون هڪ دفعي مديني جي بازار مان وڃي رهيو هيس ته هڪ قبطي کي جيڪو نصراني هو ۽ شام کان مدينہ منوره پنهنجو اناج وڪڻڻ آيو هو اِهو چوندي ٻڌو ته ڪو ڪعب بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جو پتو ٻڌائي. ماڻهن ان کي منهنجي طرف اشارو ڪري ٻڌايو، هو نصراني مون وٽ آيو ۽ غسان جي ڪافر بادشاھ جو خط مون کي آڻي ڏنو انهي ۾ لکيل هو ته ”اسان کي خبر پئي آهي ته تنهنجي آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن تو تي ظلم ڪري رکيو آهي توکي الله عَزَّوَجَلَّ ذلت جي جڳهه تي نه رکي ۽ ضايع نه ڪري تون اسان وٽ هليو اچ اسان تنهنجي مدد ڪنداسين.“ حضرت ڪعب بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا مون اهو خط پڙهي ڪري اِنَّا لِلّٰہِ پڑهيو ته منهنجي حالت ايستائين پهچي وئي آهي جو ڪافر به مون ۾ لالچ ڪرڻ لڳا آهن ۽ مون کي اسلام کان هٽائڻ جون تدبيرون ڪيون پيون وڃن، هيءَ هڪ ٻي مصيبت آئي ۽ ان خط کي مون تندور ۾ اڇلائي ڇڏيو

۽ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڏي وڃي ڪري عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! هاڻي ته اوهان جي منهن موڙڻ جي ڪري ڪافر به مون ۾ لالچ رکڻ لڳا آهن.

انهيءَ حالت ۾ اسان تي چاليهه ڏينهن گذريا هئا ته حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو قاصد مون وٽ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو هي ارشاد مبارڪ ڪٺي آيو ته پنهنجي زال کي به ڇڏي ڏي مون پڇيو ته ڇا مرضي آهي انهيءَ کي طلاق ڏئي ڇڏيان؟ چيائون نه بلڪ انهيءَ کان عليحدگي اختيار ڪر ۽ منهنجي ٻنهي ساٿين وٽ به انهي ئي قاصد جي معرفت اِهوئي حڪم پهتو، مون پنهنجي زال کي چئي ڇڏيو ته تون پنهنجي مائٽن ۾ هلي وڃ جيستائين الله تعاليٰ هن معاملي جو فيصلو نه فرمائي اتي ئي رهجان، هلال بن اميه جي زال حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي ۽ عرض ڪيو يا رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! هلال بلڪل پوڙهو شخص آهي ڪو خبر وٺڻ وارو نه هوندو ته مري ويندا، جيڪڏهن اوهان اجازت ڏيو ته آئون ڪجهه ڪم ڪار ان جو ڪري ڇڏيندي ڪريان. حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو نيڪ آهي انهيءَ ڳالهه جي توکي اجازت آهي پر قربت نه ٿئي ان عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! انهيءَ ڳالهه جي طرف ته ان جو ذهن به ڪونهي جنهن ڏينهن کان هي واقعو پيش آيو آهي، اڄ تائين ان جو وقت روئندي ئي گذريو آهي.

حضرت ڪعب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا ته انهي حال ۾ ڏهه ڏينهن ٻيا گذريا جو اسان سان ڳالهه ٻولهه ميل ميلاپ ڇڏيندي پنجاهه ڏينهن ٿي ويا. پنجاهون ڏينهن صبح جي نماز پنهنجي گهر جي ڇت تي پڙهي ڪري آئون تمام غمگين ويٺو هئس ته زمين مون تي بالڪل سوڙهي هئي ۽ زندگي تباهه ٿي رهي هئي ته سلع جبل جي چوٽي

تي هڪ زور سان سڏڻ واري آواز ڏنو ته ڪعب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ توکي خوشخبري هجي تو کي آئون ايترو ٿي ٻڌي سجدي ۾ ڪِري پيس ۽ خوشي وچان روئڻ لڳس ۽ سمجهيم ته تنگي ختم ٿي وئي. حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن صبح جي نماز کان پوءِ اسان جي معافي جو اعلان فرمايو جنهن تي هڪ شخص جبل تي چڙهي ڪري زور سان آواز ڏنو جيڪو سڀ کان پهريائين پهچي ويو. انهيءَ کان پوءِ هڪ صاحب گهوڙي تي سوار ڀڄندو آيو، مون پنهنجا پائڻ وارا ڪپڙا ان بشارت ڏيڻ واري کي ڏنا ۽ پوءِ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيس اهڙي طرح منهنجي ٻنهي ساٿين وٽ به خوشخبري ڪٽي ماڻهو ويا. آئون جڏهن مسجد نبوي ويس ته ماڻهو خدمتِ اقدس ۾ حاضر هئا مبارڪباد ڏيڻ لاءِ ڊوڙيا ۽ سڀ کان پهريان ابو طلحه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ وڌي ڪري مبارڪباد ڏني ۽ هٿ ملايو جيڪو هميشه ئي يادگار رهندو. مون حضور اڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بارگاهه ۾ وڃي ڪري سلام ڪيو ته چهرو انور چمڪي رهيو هو ۽ خوشي جا انوار چهري مبارڪ مان ظاهر ٿي رهيا هئا، حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو چهرو مبارڪ خوشي جي وقت چنڊ وانگر چمڪڻ لڳندو هو.

مون عرض ڪيو يارسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! منهنجي توبه جي پُڄاڻي هي آهي ته منهنجي جيتري به جائيداد آهي اها سڀ الله عَزَّوَجَلَّ جي راهه ۾ صدقو آهي (انهي لاءِ جو اها اميري ۽ مال جي گهڻائي ئي انهيءَ مصيبت جو سبب بڻي هئي) حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته انهيءَ ۾ توهان کي تنگي ٿيندي ڪجهه حصو پاڻ وٽ به رکو مون عرض ڪيو بهتر آهي ڪجهه حصو مون وٽ به رهڻ ڏنو وڃي مون کي سچ ئي نجات ڏني انهيءَ لاءِ مون اقرار

ڪيو تہ هميشہ سچ ئي ڳالهائيندس. (صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب حديث كعب بن مالك....... الخ الحديث 4418 ج 3 ص 145)

## فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جو فيصلو:

حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي زماني ۾ هڪ يهودي ۽ هڪ منافق ۾ ڪنهن ڳالهہ تي جهڳڙو ٿي پيو يهوديءَ چاهيو ٿي تہ جهڳڙي طرح بہ ٿئي آئون انهي کي حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ وٺي هلان. پوءِ يهودي ڪوشش ڪري انهيءَ کي حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي بارگاهہ عاليہ ۾ وٺي آيو. حضور انور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم واقعو ٻڌي فيصلو يهوديءَ جي حق ۾ ڏنو. هو منافق يهوديءَ کي چوڻ لڳو آئون تہ حضرت عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ وٽ ويندس ۽ ان جو ئي فيصلو منظور ڪندس، يهوديءَ چيو عجيب ابتو ماڻهو آهين. ڪو وڏي عدالت مان وڃي ڪري ننڍي عدالت ۾ بہ ويندو آهي جڏهن تنهنجي پيغمبر (محمّد صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) فيصلو ڏئي ڇڏيو آهي تہ هاڻي عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ وٽ وڃڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

پر هن منافق نہ مڃيو ۽ انهيءَ يهوديءَ کي وٺي ڪري حضرت عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ وٽ آيو ۽ حضرت عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان فيصلو طلب ڪرڻ لڳو. يهودي چيو جناب پهرين هيءَ ڳالهہ ٻڌي وٺو تہ اسان هن کان پهريان حضرت محمّد صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان فيصلو ڪرائي آيا آهيون ۽ انهن فيصلو منهنجي حق ۾ ڏئي ڇڏيو آهي پر هي شخص انهيءَ فيصلي کان مطمئن ڪونهي ۽ هاڻي هتي اوهان رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ وٽ پهتو آهي. حضرت عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ اها ڳالهہ ٻڌي تہ منافق کان پڇيائين تہ يهودي جيڪو ڪجهہ بيان ڪري رهيو آهي صحيح آهي؟ منافق چيو ها، سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هن جي حق ۾ فيصلو ڏئي چڪا آهن. فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمايو: نيڪ آهي بيهہ آئون

اڃان تو ۽ تنهنجو فيصلو ڪريان تو اهو چئي ڪري پاڻ اندر تشريف وٺي ويا ۽ پوءِ هڪ تلوار کڻي نڪتا ۽ ان منافق جي ڳچي تي هي چئي ڪري هڻئي ته جيڪو حضور انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فيصلو نه مڃي انهيءَ جي لاءِ منهنجو فيصلو هي آهي.

حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تائين اها ڳالهه پهتي ته پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو واقعي عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي تلوار ڪنهن مومن تي نٿي ڪڄي سگهي پوءِ الله تعاليٰ هيءَ آيت نازل فرمائي ڇڏي.

فَلَا وَرَبِّكَ لَا يُؤْمِنُوْنَ حَتّٰى يُحَكِّمُوْكَ فِيْمَا شَجَرَ بَيْنَهُمْ

(پ: 5 النساء: 65)

ترجمو ڪنزالايمان: ته اي محبوب تنهنجي رب جو قسم اهي مسلمان نه ٿيندا جيستائين پنهنجي جهيڙن ۾ توکي حاڪم نه بڻائن

(الدر المنثور، النساء 65، ج 2،ص585)

## حضرت عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي تلوارِ سندس مامي جو سر:

جنگ بدر ۾ حضرت عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو سڳو مامو عاص بن هشام بن مغيره ڪاوڙ ۾ ڀريل جنگ جي لاءِ ميدان ۾ پهتو ته حضرت فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ وڌي ڪري مقابلو ڪيو. ۽ پاڻيجي مامي جي مٿي تي اهڙي تلوار هڻئي جو مٿي کي ڪٽيندي ڄاڙي تائين لهي وئي ۽ فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ قيامت تائين اهو مثال قائم ڪري ڇڏيو ته قبيلو ۽ رشتيداري سڀ ڪجهه محبتِ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي قربان آهي.

## پُٽ جي تلوارپيءُ جو مٿو:

5 هجري ۾ بنوالمصطلق جي مشهور جنگ تي انهيءَ ۾ هڪ مهاجر ۽ هڪ انصاريءَ جي وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو، معمولي ڳالهه هئي پر

وڏي وئي هر هڪ پنهنجي پنهنجي قوم ڪان ٻئي جي خلاف مدد گهري ۽ ٻہ ٽولا ٿي ويا. ذري گهٽ ٻنهي ۾ جنگ ٿي وڃي ها پر ڪجھ ماڻهن وچ ۾ اچي ڪري صلح ڪرائي ڇڏي. عبدالله بن ابي منافقن جو سردار مسلمانن جو سخت مخالف هو پر چاڪاڻ تہ هو پاڻ کي مسلمان ظاهر ڪندو هو انڪري انهيءَ سان خلاف وارو ورتاءُ نہ ڪيو ويندو هو ۽ اهڙو ان وقت جي منافقن سان عام ورتاءُ ڪيو ويندو هو. ان کي جڏهن انهيءَ قصي جي خبر پئي تہ هن حضور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي شان ۾ گستاخانہ لفظ استعمال ڪيا ۽ پنهنجي دوستن کي خطاب ڪندي چيائين تہ هي سڀ ڪجھ توهان جو پنهنجو ئي ڪيل آهي توهان انهن ماڻهن کي پنهنجي شهرن ۾ نڪاڻو ڏنو، پنهنجي مال کي هنن جي وچ ۾ اڌ اڌ ورهائي ڇڏيو جيڪڏهن توهان انهن ماڻهن جي مدد ڪرڻ ڇڏي ڏيو تہ هينئر ئي سڀ هليا وڃن ۽ هي بہ چيائين تہ خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! جيڪڏهن اسان مديني پهچي وياسين تہ اسان عزت وارا ملي ڪري انهن ذليلن کي اتان ڪڍي ڇڏينداسين.

حضرت زيد بن ارقم رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ ننڍا ٻار هئا. اتي موجود هئا اهو ٻڌي ڪري برداشت نہ ڪري سگهيا چوڻ لڳا خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! تون ذليل آهين تون پنهنجي قوم ۾ ٽيڏي نظرن سان ڏٺو وڃين ٿو. تنهنجو ڪير بہ حمايتي ڪونهي ۽ محمّد صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم عزت وارا آهن. رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جي طرفان بہ عزت ڏني وئي اٿن، پنهنجي قوم ۾ بہ عزت وارا آهن. عبدالله بن ابي چيو نيڪ آهي ماٺ ڪر آئون تہ ائين مذاق ۾ چئي رهيو هئس. پر حضرت زيد رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ وڃي ڪري حضورِ اقدس صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ٻڌائي ڇڏيو. حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ درخواست بہ ڪئي تہ هن ڪافر جي ڳچي اڏائي وڃي پر حضور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن اجازت مرحمت نہ فرمائي.

عبدالله بن ابي کي جڏهن انهيءَ ڳالهه جي خبر پئي ته حضور تائين اها ڳالهه پهچي چڪي آهي ته خدمت ۾ حاضر ٿي ڪري ڪوڙا قسم کڻڻ لڳو ته مون ڪو اهڙو لفظ نه چيو آهي زيد رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ ڪوڙ ٻڌايو آهي. انصارين جي به ڪجھ ماڻهن خدمت ۾ حاضر ٿي انهن به سفارش ڪئي ته يا رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم عبدالله قوم جو سردار آهي، وڏو ماڻهو شمار ڪيو ويندو آهي جو هڪ ٻار جي ڳالهه هن جي مقابلي ۾ قابلِ قبول ناهي ممڪن آهي ته ٻڌڻ ۾ ڪا غلطي ٿي هجي يا سمجهڻ ۾ ڪا غلطي ٿي هجي، حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ان جو عذر قبول فرمائي ورتو.

حضرت زيد رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي جڏهن انهيءَ جي خبر پئي ته عبد الله ڪوڙن قسمن سان پاڻ کي سچو ثابت ڪري ڇڏيو آهي ۽ زيد کي ڪوڙو ثابت ڪيو آهي ته شرم وچان ٻاهر نڪرڻ ڇڏي ڏنائين. آخرڪار سورة منافقون نازل ٿي جنهن سان حضرت زيد رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي سچائي ۽ عبدالله بن ابي جي ڪوڙن قسمن جو راز کلي ويو. حضرت زيد رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي ساک پنهنجن ۽ دشمنن سڀني جي نظرن ۾ وڌي وئي ۽ عبدالله بن ابي جو قصو به سڀني تي ظاهر ٿي ويو. عبدالله بن ابي جي پٽ جو نالو به عبدالله هو ۽ وڏا پڪا مسلمان ۽ سچا عاشقِ رسول هئا، جنگ کان واپسي جي وقت مدينہ منوره کان ٻاهر تلوار مضبوطي سان جهلي بيهي رهيا ۽ پيءُ کي چوڻ لڳا: ان وقت تائين مديني ۾ داخل ٿيڻ ڪونه ڏيندس جيستائين تون ان جو اقرار نه ڪرين ته تون ذليل آهين ۽ محمّد صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم عزت وارا آهن. هن کي تمام گهڻو تعجّب ٿيو جو ته هي هميشه کان پيءُ سان نيڪيءَ وارو ورتاءُ ڪرڻ وارا هئا، پر حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي مقابلي ۾ پيءُ جي ڪا به عزت ۽ محبت دل ۾ نه رهي آخر ان مجبور

تي ڪري اقرار ڪيو تہ والله مان ذليل آهيان ۽ محمّد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عزيز آهن انهيءَ ڪانپوءِ مديني ۾ داخل تي سگهيو. (السيرة النبوية، جهجاه وسنان و ماكان من ابن ابي، ج 3،ص 248 کان 249)

اهڙي طرح جنگِ بدر ۾ ڪافرن جو سپہ سالار عتبہ بن ربيعہ جڏهن ميدان ۾ نڪتو تہ انهي جي فرزند حضرت ابو حذيفہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ تلوار مضبوطي سان جهلي ڪري ان جي مقابلي لاءِ نڪتا، پر رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهيءَ کي پسند نہ فرمايو تہ پٽ جي تلوار پيءُ جي رت سان رنگين ٿئي، انهيءَ لاءِ ابو حذيفہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ مقابلي کان هٽايا ويا ۽ عتبہ بن ربيعہ حضرت حمزه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي تلوار سان قتل ٿيو.

## پيءُ ناپاڪ بسترو پاڪ

اُمّ الْمؤمنين حضرتِ اُمّ حبيبہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جو والد ابو سفيان صلح حديبيہ جي زماني ۾ مديني شريف آيو، پنهنجي ڌيءُ سان ملڻ ويا ۽ بستري تي ويهڻ لڳا تہ بيبي اُمّ حبيبہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا بسترو ويڙهي ڇڏيو ۽ فرمايائين تہ هي الله عَزَّوَجَلَّ جي حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو پاڪ بسترو آهي ۽ تون مشرڪ آهين انهيءَ ڪري تون هن بسترِ نبوت تي نٿو ويهي سگهين. ابوسفيان کي انهيءَ ورتاءُ تي ڏاڍو ڏک ٿيو پر حضرت اُمّ حبيبہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جن جي دل ۾ جيڪا عظمت ۽ محبتِ رسول هئي انهيءَ لحاظ سان هو ڪڏهن برداشت نہ ٿي ڪري سگهيون تہ بسترِ نبوت تي هڪ مشرڪ ويهي. الله اڪبر! حضرتِ اُمّ حبيبہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا پنهنجي پيءُ جي عظمت ۽ محبت کي محبتِ رسول تي قربان ڪري ڇڏيو ڇو تہ اها ئي ايمان جي شان آهي تہ پيءُ ڇڏجي تہ ڇڏجي وڃي پر

عظمتِ مصطفيٰ ۽ محبت رسول جو دامن نہ ڇڏجي. (الطبقات الکبريٰ، ام حبيبة بنت سفيان رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا ج 8 ص 78)



## احد جي جنگ ۾ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُم جي جانثاري

### حضرت علي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ

جنگِ اُحد ۾ مسلمانن کي ڪجهه شڪست جو منهن ڏسڻو پيو ان وقت مسلمان چئني طرفن کان ڪافرن جي گهيري ۾ اچي ويا، جنهن سان ڪيئي مسلمان شهيد به ٿي ويا ۽ ڪجهه ڀڳا. نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي به ڪافرن گهيري وِڌو ۽ هي مشهور ڪيو ويو تہ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم شهيد ٿي ويا. صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُم ان خبر سان ڏاڍا پريشان ٿيا ۽ جنهن سبب گهڻا هيڏانهن هوڏانهن ٽُٽي ويا. حضرت علي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا تہ ڪافرن جڏهن مسلمانن کي گهيري وڌو ۽ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منهنجي نظر کان نڪري ويا تہ مون پاڻ سڀني صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي پهريان جيئرن ۾ ڳوليو تہ اتي نہ مليا پوءِ شهيدن ۾ ڳوليو اتي بہ نہ مليا تہ مون پنهنجي دل ۾ چيو تہ اهو نٿو ٿي سگهي جو حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جنگ مان ڀڄي وڃن. بظاهر حق تعاليٰ اسان جي اعمال جي ڪري اسان تي ناراض ٿيو آهي ان ڪري پنهنجي پاڪ رسول صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي آسمان تي کڻي ورتو. انڪري هاڻي ان کان بهتر ڪابہ صورت ڪونهي جو آئون تلوار کڻي ڪافرن جي ٽولي ۾ گهڙي پوان ايتري تائين جو ماريو وڃان. مون تلوار کڻي حملو ڪيو ايتري تائين جو ڪافر وچ مان هٽڻ لڳا منهنجي نگاهہ حضور اڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي پئجي وئي تہ ڏاڍي خوشي ٿي ۽ مون

سمجهو تہ الله تعاليٰ ملائڪن جي ذريعي پنهنجي محبوب صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي حفاظت ڪئي ۽ آئون حضور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وٽ وڃي بيهي رهيس. حضورصَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: علي! انهن کي روڪيو. مون اڪيلي ان جماعت جو مقابلو ڪيو ۽ انهن جا منهن ڦيري ڇڏيا ۽ گهڻن کي قتل ڪيو ان کان پوءِ وري هڪ ٻي جماعت حضورصَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي حملي لاءِ وَڌي پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وري حضرت علي رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جي طرف اشارو ڪيو ان وري ٻہ اڪيلي ان جماعت جو مقابلو ڪيو ان کان پوءِ حضرت جبرائيل عَلَیْہِ السَّلَام اچي ڪري حضرت علي رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جي بهادريءَ ۽ مدد جي ساراهہ ڪئي تہ حضورصَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو. (انہ مني و انا منہ) بيشڪ علي مون مان آهي ۽ آئون علي مان آهيان، يعني ڪمال اتحاد جي طرف اشارو فرمايو تہ حضرت جبرائيل عَلَیْہِ السَّلَام عرض ڪيو "و انا منڪما" ۽ آئون توهان ٻنهي مان آهيان. (مدارج النبوت، قسم ٽيون،باب چوٿون، ج 2، ص 121، 122)

## غسيل الملائڪ

جنگِ احد جي ڏينهَن ۾ حضرت حنظلہ بن ابي عامر رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جي شادي ٿي هُئي. جنهن رات پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ شادي ڪري پنهنجي گهر واريءَ کي وٺي آيا انهيءَ رات حضورصَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي طرف کان اعلان ڪيو ويو تہ مڪي جا ڪافر مدينہ منوره تي حملو ڪرڻ وارا آهن انهن جي مقابلي لاءِ ميدانِ جهاد ۾ هلو. حضرت حنظلہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ نوجوان هئا ۽ شادي جي پهرين رات هئي پر حضور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي طرف کان اعلانِ جهاد ٻڌي سڀ ڪجهہ ڀُلجي ويا پنهنجي ڪنوار کي بہ نظر انداز ڪيائون، جڻ هي شعر پڙهندي تہ:

سب سے بیگانہ رہے یا روشنا سا تیرا
حور پر آنکھ نہ ڈالے کبھی شیدا تیرا

ميدانِ جهاد ۾ هلڻ لاءِ اٿي بيهي رهيا ۽ ان بي خبريءَ جي عالَم ۾ سندن کي پنهنجي غسل جي ضرورت بہ ياد نہ رهي. انهيءَ حالت ۾ جنگ ۾ تشريف وٺي ويا ۽ ان ڏينهن حضور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون شهيد ٿي ويا جڏهن لڙائي ختم ٿي تہ شهيدن جي لاشن کي گڏ ڪرڻ جو حڪمِ نبوي ٿيو! سڀ لاش ملي ويا پر حضرت حنظلہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ جو لاش مبارڪ نہ مليو. يڪدم حضور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آسمان جي طرف نظر ڪٽي ملاخط فرمايو ڏٺو تہ حضرت حنظلہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ جي لاش کي فرشتا مٿي ڪٽي وڃي هڪ نوراني تختي تي ليٽائي آبِ رحمت (رحمت جي پاڻي) سان غسل ڏئي رهيا آهن ان ڏينهن کان سندن جو لقب ”غسيل الملائڪ“ ٿيو. (الاستيعاب، حضرت حنظلہ بن ابي عامر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ، ج1، ص433)

## شوقِ شهادت:

حضرت عبدالله بن جحش رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ جنگِ اُحد ۾ حضرت سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ کي چيو اي سعد رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ! اچو ملي ڪري دعا ڪريون هر هڪ پنهنجي ضرورت جي مطابق دعا ڪري ۽ ٻيو آمين چئي. پوءِ ٻنهي حضرات هڪ ڪنڊ ۾ وڃي دعا گهري. پهريان حضرت سعد رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ دعا گهري. ياالله عَزَّوَجَلَّ! جڏهن سڀاڻي لڙائي ٿئي تہ منهنجي مقابلي ۾ هڪ وڏي بهادر کي مقرر فرمائجان آئون ان کي تنهنجي راهہ ۾ قتل ڪريان. حضرت عبدالله رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ آمين چيو. ان کان پوءِ حضرت عبدالله رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ دعا گهري اي الله عَزَّوَجَلَّ! سڀاڻي ميدانِ جهاد ۾ منهنجو هڪ بهادر سان مقابلو ٿئي جيڪو سخت حملي وارو هجي آئون ان تي سختيءَ سان حملو ڪريان اهو بہ مون تي زور سان حملو ڪري ۽ آئون گهڻن کي قتل ڪري پوءِ آئون بہ شهيد ٿي وڃان ۽ شهيد ٿيڻ کان پوءِ ڪافر منهنجا

نڪ، ڪن ودين پوءِ قيامت ۾ جڏهن آئون تنهنجي حضور ۾ پيش ڪيو وڃان تہ تنهنجو فرمان ٿئي عبدالله! تنهنجا نڪ، ڪن ڇو وڍيا ويا تہ آئون عرض ڪريان ياالله! عَزَّوَجَلَّ تنهنجي ۽ تنهنجي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي راھ ۾ وڍيا ويا پوءِ تون چوين تہ سچ آهي منهنجي راھ ۾ وڍيا ويا. حضرت سعد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ آمين چيو. ٻي ڏينهن لڙائي ٿي تہ ٻنهي حضرات جون دعائون اهڙي طرح قبول ٿيون جهڙي طرح گهريون هيون. (الاستيعاب، باب حرف العين،ج3،ص15)

## قدمِ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي شهادت:

جنگ اُحد ۾ هلندڙ لڙائي ۽ بد حواسي ۾ جڏهن مهرِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪافرن جي هجوم گهيري ورتو ۽ ان وقت سيد المحبوبين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو تہ ڪير مون تي جان ڏيندو تہ حضرت زياد بن سڪن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڪجھ انصارن کي وٺي اها خدمت ادا ڪرڻ جي لاءِ اڳتي وڌيا. هر هڪ جانبازي سان وڙهندي پنهنجون جانيون فدا ڪري ڇڏيون پر هڪ زخم بہ رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي لڳڻ نہ ڏنو ۽ زياد بن سڪن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي اهو شرف حاصل ٿيو جو زخمن ڪان چور چور ٿي ڪري دم توڙي رهيا هئا تہ رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حڪم ڪيو تہ ان کي منهنجي ويجهو ڪٺي اچو، ماڻهو ڪٺي آيا اجان ڪجھ ساھ باقي هو پاڻ زمين تي رڙهجي پنهنجو منهن محبوب خدا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قدمن تي رکي ڇڏيو ۽ انهي حالت ۾ سندن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو روح پرواز ٿي ويو. سبحان الله! ان موت تي هزارين زندگيون قربان. (اسد الغابة في معرفة الصحابة، حضرت زياد بن سڪن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ، ج2، ص321)

تیرے قدموں پہ سر ہو اور تارِ زندگی ٹوٹے
یہی انجامِ الفت ہے یہی مرنے کا حاصل ہے

## اسّي زخم:

حضرت انس بن نضر رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ جيڪو حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ جا چاچو هُو. وڙهندي وڙهندي تمام اڳتي نڪري ويا ڏٺائون تہ ڪجھ ماڻهن هٿيار اڇلي ڇڏيا آهن. انس بن نضر رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ پڇيو تہ هتي توهان ڇا تا ڪيو؟ رسول اللّٰہ صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ڪا خبر ناهي! ماڻهن چيو هاڻي وڙهي ڇا ڪنداسين؟ جنهن جي لاءِ وڙهندا هئاسين اهو ئي نہ رهيو. اسان ٻڌو آهي تہ رحمت عالم صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم شهيد ٿي ويا. انس بن نضر رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ اهو ٻڌي تڙپي پيا ۽ فرمايائون پوءِ اسان انهن کان بعد زنده رهي ڪري ڇا ڪنداسين. اهو چئي ڪري دشمنن جي فوج ۾ گهڙي پيا ۽ وڙهي ڪري شهادت ماڻيائون. جنگ کان پوءِ جڏهن انهن جي لاش ڏٺي وئي تہ 80 کان گهڻا تير، تلوار ۽ نيزي جا زخم هئا، ڪوبہ شخص سڃاڻي نہ سگهيو سندس جي ڀيڻ آڱر ڏسي لاش کي سڃاتو.

(اسد الغابة في معرفة الصحابة، انس بن نضر، ج 1، ص 198)

## حضرت وهب بن قابس رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ جو ڪارنامو:

حضرت وهب بن قابس رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ هڪ صحابي آهن جيڪي ڪنهن وقت ۾ مسلمان ٿيا هئا ۽ ڳوٺ ۾ رهندا هئا ٻڪريون چاريندا هئا. پنهنجي ڀائيٽي سان گڏ هڪ رسيءَ ۾ ٻڪريون ٻڌي مديني منوره پهتا، پڇيائون تہ حضور صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪٿي تشريف وٺي ويا آهن خبر پئي تہ اُحد جي لڙائي تي ويل آهن، اُهي ٻڪرين کي اتي ڇڏي حضور صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وٽ پهچي ويا، ايتري ۾ ڪافرن جي هڪ جماعت حملو ڪندي آئي حضور صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو جيڪو انهن کي ڌار ڌار ڪري ڇڏي اهو جنت ۾ منهنجو رفيق هوندو. حضرت وهب رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ زور سان تلوار هلائڻ لڳو ۽ سيني کي هٽائي ڇڏيو

ٻيو پيرو بہ ساڳي صورت پيش آئي ٽيون پيرو بہ وري ائين ٿيو، حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان کي جنت جي خوشخبري ڏني اهو ٻڌڻو هو ۽ تلوار کڻي ڪافرن جي جٿي ۾ ڪاهي پيا ۽ شهيد ٿي ويا.

حضرت سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ چون ٿا تہ حضرت وهب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جهڙي دليري ۽ بهادري مون ڪنهن بہ جنگ ۾ ڪانہ ڏٺي ۽ شهيد ٿيڻ کان پوءِ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي مون ڏٺو تہ وهب جي سيراندي بيٺا هئا ۽ ارشاد فرمائي رهيا هئا: الله توسان راضي ٿئي مان بہ توسان راضي آهيان. ان کان پوءِ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم خود پنهنجي مبارڪ هٿن سان دفن فرمايو باوجود ان جي جو ان لڙائي ۾ خود حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بہ زخمي هئا. حضرت عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا تہ مون کي ڪنهن جي عمل تي ايترو رشڪ نہ آيو جيترو وهب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي عمل تي آيو منهنجي دل چوي ٿي الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ ان جهڙو عمل کڻي پهچان.

(الاصابة في تمييز الصحابة، وهب بن قابس، ج6،ص492)

## حضرت اُمِّ عَمارہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہَا:

هي جنگ اُحد ۾ پنهنجي مڙس حضرت زيد بن عاصم ۽ پنهنجي ٻن پٽن حضرت عماره ۽ حضرت عبدالله رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُم کي گڏ وٺي ميدان ۾ ڪاهي پيون. ۽ جڏهن ڪافرن حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي حملو ڪري ڏنو تہ هڪ خنجر کڻي ڪافرن جي مقابلي ۾ بيهي رهيون. ڪافرن جي تير ۽ تلوار جي هر هڪ وار کي روڪينديون رهيون. ايتري تائين جو جڏهن ابن قميئه ملعون رحمت عالم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي تلوار سان وار ڪيو تہ حضرت اُمِّ عماره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہَا ان تلوار جي وار کي پنهنجي پٺيءَ سان روڪي ڇڏيو ان ڪري ان جي ڪلهي تي وڏو زخم لڳو جوڪڏو نهي ويو. پوءِ پاڻ وڌي ڪري ابن قميئه جي ڪلهي تي زور سان تلوار هنئي جو هو بہ ٽڪر ٿي وڃي ها پر هن

ملعون ﮬ زرهون پاتيون هيون انڪري بچي ويو. ان جنگ ۾ بيبي ام عماره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا جي سِر ۽ ڪنڌ تي 13 زخم لڳا هئا. حضرت بيبي اُمِّ عماره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا جي فرزند حضرت عبدالله رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جو بيان آهي ته مون کي هڪ ڪافر جنگ اُحد ۾ زخمي ڪري وڌو ۽ منهنجي زخم مان رت بند نه پئي ٿيو منهنجي والده اُمِّ عماره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا جلدي پنهنجو ڪپڙو ڦاڙي منهنجو زخم ٻڌي ڇڏيو ۽ چيائين اُٿ پٽ وري جهاد ۾ شروع ٿي وڃ. اتفاق سان اهو ساڳيو ڪافر سامهون اچي ويو حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو اي اُمِّ عماره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا! ڏس تنهنجي پٽ کي زخمي ڪرڻ وارو اهو ئي آهي اُهو ٻڌي حضرت اُمِّ عماره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا سٽ ڏيئي ان ڪافر جي ٽنگ تي تلوار جو اهڙو سخت وار ڪيو جو اهو ڪافر ڪِري پيو ۽ پوءِ وري هلي نه سگهيو پر ريڙهيون پائيندو ڀڳو. اهو منظر ڏسي حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مسڪرايو ۽ فرمايو اي اُمِّ عماره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا! تون خدا عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪر جو ان توکي ايتري طاقت ۽ همت عطا فرمائي جو تون خدا عَزَّوَجَلَّ جي راهه ۾ جهاد ڪري رهي آهين. حضرت اُمِّ عماره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا عرض ڪيو يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان دعا فرمايو ته الله تعالٰي اسان کي جنت ۾ توهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت گذاري جو شرف عطا فرمائي ان وقت پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي لاءِ ۽ ان جي مڙس ۽ ان جي پٽن لاءِ هن طرح دعا فرمائي ته. اللهم اجعلهم رفقا ئی فی الجنة يااللہ عَزَّوَجَلَّ انهن سڀني کي جنت ۾ منهنجو رفيق بڻائي ڇڏ.

حضرت بيبي اُمِّ عماره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا سڄي زندگي اعلان ڪندي رهيون ته رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ان دعا کان پوءِ دنيا ۾ مون تي وڏي ۾ وڏي مصيبت اچي وڃي ته مون کي ان جي ڪا ﮬ پرواهه نه آهي. (الطبقات الكبري لا بن سعد، ام عمارة، ج 8،ص 403)

## پيغامِ سعد رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ:

ساڳيءَ اُحد جي لڙائي ۾ حضورِ اقدس صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڇا ڪئي تہ سعد بن ربيع رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جو حال معلوم نہ ٿيو تہ ڇا گذريو، هڪ صحابي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کي ڳولڻ جي لاءِ موڪليو اهو شهيدن جي جماعت ۾ ڳولي رهيو هو ۽ آواز بہ ڏيئي رهيو هو تہ شايد هو زنده هجي پوءِ پُڪاري چيائون تہ مون کي حضورصَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم موڪليو آهي جو سعد بن ربيع رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي خبر وٺي اچان تہ هڪ جڳهہ تان آهستہ آواز آيو هي ان آواز جي طرف وڌيا وڃي ڏسن تہ ست مقتولن جي وچ ۾ پيا آهن ۽ ٿورڙو ساهہ باقي هو. جڏهن هي ويجهو پهتا تہ حضرت سعد رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ چيو تہ حضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي منهنجو سلام چئجو. ۽ عرض ڪجو تہ الله تعالٰي منهنجي طرف کان پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ان کان افضل ۽ بهتر بدلو عطا فرمائي، جيڪو ڪنهن نبي عَلَیۡهِ السَّلَام کي ان جي اُمتيءَ جي طرف کان بهتر کان بهتر عطا ڪيو هجي ۽ مسلمانن کي منهنجو هي پيغام ڏجان تہ جيڪڏهن ڪافر حضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تائين پهچي وڃن ۽ توهان مان هڪ اک بہ چمڪي رهي هجي يعني اهو زنده رهيو تہ الله تعالٰي وٽ ڪوبہ عذر اوهان جو نہ هلندو ۽ اهو چئي وفات ڪري ويا. (الاصابة في تمييز الصحابة، سعد بن ربيع رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ، ج3،ص49)

## حضرت جابر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جو شوق ۽ سر صدقو ڪرڻ

اُحد جي لڙائي مان فارغ ٿي مدينہ طيبہ پهتا. جنگ جي ٿڪاوٽ هئي. پر مدينہ منوره پهچندي ئي اطلاع ملي تہ ابو سفيان لڙائي کان واپسي تي مقامِ حمراء الاسد تي پهچي ڪري ساٿين سان مشورو ڪيو ۽ راءِ قائم ڪئي تہ احد جي لڙائي ۾ مسلمانن کي شڪست تي آهي اهڙي موقعي کي غنيمت سمجهڻ گهرجي جو ڪهڙي خبر اهڙو

وقت اچي نہ اچي، ان کري حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي (نعوذ بالله) قتل کري موٽڻ گهرجي ها ان ارادي سان هُن واپسي جو مشورو ڪيو.

حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اعلان ڪري ڇڏيو تہ جيڪي ماڻهو اُحد ۾ گڏ هئا صرف اُهي گڏ هجن ۽ بيهر حملي جي لاءِ هلڻ گهرجي. پر مسلمان ان وقت ٿڪل هئا ان جي باوجود سمورا تيار ٿي ويا ڇو تہ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اعلان فرمائي ڇڏيو هو تہ صرف اهي ئي ماڻهو گڏ هلن جيڪي اُحد ۾ گڏ هئا ان ڪري حضرت جابر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ عرض ڪيو: يا رسول الله! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مهنجي تمنا اُحد ۾ بہ شرڪت جي هئي پر والد اهو چئي اجازت نہ ڏني تہ مون سان گڏ ڀينرون آهن ڪوبہ مرد ٻيو نہ آهي ان فرمايو هو تہ اسان ٻنهي مان هڪ جو رهڻ ضروري آهي ۽ پاڻ وڃڻ جو ارادو فرمائي چڪا هئا ان ڪري مون کي اجازت نہ ڏني هئي. اُحد جي لڙائي ۾ ان جي شهادت ٿي وئي. هاڻ توهان سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اجازت مرحمت فرمايو تہ آئون بہ توهان سان گڏ هلان، حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اجازت مرحمت فرمائي ڇڏي. انهن کان سواءِ ڪوبہ اهڙو شخص نہ ويو جيڪو اُحد ۾ شريڪ نہ هو.

(السيرة النبوية لابن هشام، خروج الرسول في اثر العدو......الخ،ج 2، ص 87)



# ذات سرور كائنات ﷺ
# سان صحابہ کرام رضی اللہ تعالٰی عنہم
# جي تعلق تي هڪ نظر

## اسوه صحابه رضی اللہ تعالٰی عنہ جو چمڪندڙ باب

## صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُم ۽ بارگاھِ رسالت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

**برڪت حاصل ڪرڻ:** صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہُم مختلف طريقن سان رسول صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ذات مان برڪت حاصل ڪندا رهندا هئا. مثلاً ٻار بيمار ٿيا يا پيدا ٿيا تہ انهن کي سرڪارمدينہ صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ڪندا هئا، پاڻ سڳورن صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٻارن جي مٿي تي هٿ ڦيريندا ۽ پنهنجي مبارڪ وات ۾ کجور وجهي ڪري وري ان ٻار جي وات ۾ وجهندا ۽ ان جي لاءِ برڪت جي دعا فرمائندا هئا.

حضرت سائب بن يزيد رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہُ چون ٿا تہ آئون بيمار ٿيس تہ منهنجي ماسي مون کي حضور صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ وٺي وئي. سرڪار صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منهنجي مٿي تي هٿ ڦيريو ۽ برڪت جي دعا ڪئي ان کان پوءِ حضُور صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وضو ڪيو تہ مون سندن صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وضو جو پاڻي پيتو. (صحيح البخاري، ڪتاب الدعوات، باب الدعاء للصبيان بالبرڪة..... الخ، الحديث 6352، ج 4، ص 204)

حضرت ابو موسيٰ اشعري رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہُ کي پٽ پيدا ٿيو تہ حضور صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ وٺي آيا، نبي ڪريم صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان جو نالو رکيو، پنهنجي مبارڪ وات ۾ کجور وجهي ڪري ان جي وات ۾ وڌي ۽ ان کي برڪت جي دعا ڏني. (صحيح البخاري، ڪتاب الدعوات، باب الدعاء للصبيان بالبرڪة...... الخ الحديث 6352، ج 4، ص 203)

حضرت عبداللہ بن زبير رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہُ پيدا ٿيا تہ سندس جي والده حضرت اسماء رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہَا ان کي کڻي آيون ۽ حضور صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي جهوليءَ ۾ رکي ڇڏيائون. پاڻ ڪريم صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کجور ڪُهرائي چٻاڙي ۽ ان کي انهن جي وات ۾ وجهي ڇڏيائين

پوءِ برڪت جي دعا ڏني. سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻارن جي وات ۾ لُعاب وجهي ڇڏيندا هئا ۽ ڪنهن جي اکين تي هٿ ڦيريندا هئا.
(صحيح البخاري،كتاب العقيقة،باب تسمية المولود.... الخ، الحديث. 5467، ج3، ص546)

حضرت زُهره بن سعيد رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ هڪ صحابي هئا. ننڍپڻ ۾ ئي ان جي والده ان کي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ آندو. سرڪارمدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي مٿي تي هٿ ڦيريو ۽ دعا ڏني. اهڙي طرح جڏهن ان کي وٺي ان جو ڏاڏو اناج خريد ڪرڻ لاءِ بازار ويندو هو ۽ حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ ۽ حضرت ابن زبير رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ سان ملاقات ٿيندي هئي ته چوندا هئا ته اسان کي بہ شريڪ ڪريو ڇو تہ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان کي برڪت جي دعا ڏني آهي. (صحيح البخاري، كتاب الشركة، باب الشركة في الطعام وغيره، الحديث 2501..2502، ج2، ص 145)

علامہ ابنِ حجر رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ان جي شرح ۾ لکن ٿا: ”ان حديث مان ثابت ٿئي ٿو تہ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان برڪت حاصل ڪرڻ لاءِ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُم کي آقا ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ پنهنجي اولاد کي حاضر ڪرڻ جو وڏو شوق هو.
(فتح الباري شرح صحيح البخاري ،كتاب الشركة ،باب الشركة في الطعام وغيره، ج 6 ، ص 115)

فجر جي نماز کان پوءِ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُم جن جا نوڪر ٿانوَن ۾ پاڻي کڻي حاضر ٿيندا هئا، حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن ۾ هٿ مبارڪ وجهندا هئا تہ اهو متبرڪ ٿي ويندو هو. جڏهن ميوا پچندا هئا تہ پهريون ميوو پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ پيش ڪندا هئا. سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم برڪت جي دعا فرمائيندا هئا ۽ سڀ کان ننڍو ٻار جيڪو موجود هوندو هو ان کي ڏئي ڇڏيندا هئا. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي وضوءَ جو

بچيل پاڻي صحابن سڳورن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھُم جي لاءِ آبِ حيات هوندو هو جنهن تي هو جان نچاور ڪندا هئا.

هڪ ڀيري حضرت بلال رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ آقا ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وضو جو بچيل پاڻي ڪڍيو ته تمام صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھُم ان پاڻيءَ کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ وڌڻ لڳا.

(سنن النسائي، ڪتاب الطهارة، باب الانتفاع بفضل الوضو، ج. 1، ص 87)

هڪ ڏينهن پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن وضو ڪيو. پاڻي بچي پيو ته تمام صحابه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھُم ان کي ڪٺي جسم تي ملي ڇڏيو. (صحيح البخاري، ڪتاب الوضوء، باب استعمال فضل وضوء الناس، الحديث. 187، ج 1، ص 88)

هڪ ڀيري پاڻ سڳورا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي مبارڪ مٿي جا وار لاهرائي رهيا هئا، صحابه ڪرام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھُم سرڪار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي گهيري ورتو ۽ مٿان ڪان ئي وارن کي ڪسي رهيا هئا.
(صحيح مسلم، ڪتاب الوضوء، باب قرب النبي عَلَیۡہِ السَّلَام من الناس وتبرڪهم به، الحديث 2325،ص 1270)

هڪ ڀيري حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت ابو محذوره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي پيشاني تي هٿ ڦيريو، ان کان پوءِ ان  پوري عمر نه مٿي جا اڳيان وار ڪترايا ۽ نه ئي سينڌ ڪڍي.

(سنن ابي داؤد، ڪتاب الصلوٰة، ڪيف الاذان، تحت الحديث 501، ج1، ص212)

بلڪ ان کي تبرڪ ۽ يادگار جي طور تي باقي رکيائين.

حضور پاڪ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جڏهن صحابه ڪرام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھُم جي گهر تشريف کڻي ويندا ته اُهي سندن کان برڪت حاصل ڪرڻ جي درخواست ڪندا هئا.

هڪ ڀيري پيارا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ صحابي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ جي گھر تشريف وٺي ويا. ان دعوت ڪئي، جڏهن هلڻ لڳا گھوڙي جو لغام جھلي عرض ڪيائين منهنجي لاءِ دعا فرمايو، حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم برڪت جي دعا ۽ مغفرت جي دعا فرمائي. (سنن ابي داؤد،ڪتاب الاشربة، باب في النفخ في الشراب، الحديث 3729، ج3، ص 475)

هڪ ڀيري آقا ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت سعد رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ جي گھر تشريف فرما ٿيا ۽ دروازي تي بيهي سلام ڪيائو. ان آهستي جواب ڏنو. تنهن تي سندس جي صاحبزادي چيو ته رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اجازت چو نٿا ڏيو؟ چيائون چپ ڪر منهنجو مقصد ته صرف اهو آهي ته پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان تي بار بار سلام ڪن. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ٻيهر سلام ڪيو. وري انهيءَ قسم جو جواب مليو. ٽيون ڀيرو سلام ڪري پاڻ واپس موٽڻ لڳا، ته حضرت سعد رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ پويان پويان ڊوڙندا آيا ۽ چيائون ته مون توهان جو سلام ٻڌو پئي پر جواب ان ڪري آهستي ڏيان پيو ته جيئن توهان اسان تي بيشمار سلام ڪريو. (سنن ابي داؤد، ڪتاب الادب، باب ڪم مرة يسلم الرجل في الاستئذان، الحديث: 5185،ج4، ص 445)

## حفاظتِ يادگارِ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

صحابہِ ڪرام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُم جي زماني ۾ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون يادگارشيون محفوظ هيون جن کي هو جان کان گھڻو عزيز رکندا هئا ۽ ان مان برڪت حاصل ڪندا هئا.

حضرت علي بن حسين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ جو بيان آهي ته جڏهن اسان حضرت امام حسين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ جي شهادت جي زماني ۾ يزيد جي درٻار مان موٽي مديني ۾ آياسين ته حضرت مِسوَرْ بن مخرمه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ مليا ۽ مون کي چيائون ته رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي

تلوار مون کي ڏيو ائين نہ ٿئي جو اهي ماڻهو ان کي ڦري وڃن. خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! جيڪڏهن توهان مون کي اها تلوار ڏني تہ جيستائين جسم ۾ جان باقي هوندي ڪوبہ شخص ان جي طرف هٿ وڌائي نہ سگهندو. (سنن ابي داؤد، كتاب النكاح ،باب مايكره ان يجمع بينهن من النساء، الحديث 2069،ج 2، ص 327)

حضرتِ عائشہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا وٽ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو هڪ جبو محفوظ هو. جڏهن ان جو انتقال ٿيو تہ حضرت اسماء رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا ڪٽي ورتو ۽ محفوظ رکيو. جڏهن انهن جي خاندان ۾ ڪو بہ شخص بيمار ٿيندو هو تہ شفاء حاصل ڪرڻ لاءِ ان کي ڌوئي ان جو پاڻي پياريندا هيون. (المسند لامام احمد بن حنبل، حديث اسماء بنت ابي بكر صديق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا، الحديث 27008،ج 10، ص 271)

ڪيترائي صحابہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُم انهن يادگيرين کي آخرت جو سامان سمجهندا هئا ۽ انهن کي مرڻ کان پوءِ بہ پاڻ کان جدا ڪرڻ مناسب نہ سمجهندا هئا.

جڏهن رسولِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي گهر تشريف ڪٽي ايندا هئا تہ انهن جي والده پاڻ ڪريمصَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پگهر کي هڪ شيشي ۾ پري پنهنجي خوشبوءِ ۾ ملائي ڇڏيندي هئي جيئن تہ حضرت انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ انتقال ڪيو تہ وصيت ڪيائين تہ اها خوشبو منهنجي حنوط (ڪجهہ خوشبوءِ وارين شين جو هڪ مرڪب، جيڪو مردي کي غسل ڏيڻ کان پوءِ مٿس مليندا آهن) ۾ شامل ڪئي وڃي. روايت ۾ هي بہ آهي تہ حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وارن مبارڪن کي بہ شيشي ۾ پريندا هيون. (صحيح البخاري ، كتاب الاستئذان، باب من زارقو ما فقال عندهم، الحديث 6281، ج4، ص182)

پر علامہ ابنِ حجر رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ان حديث جي شرح ۾ پهرين تہ ان کي هڪ بي جوڙ شيء سمجهيو آهي پر ان کان پوءِ لکيو آهي تہ

گھڻن ماڻھن جي ويجهو ان مان اُهي وار مبارڪ مراد آهن جيڪي ڪنگي ڪرڻ سان سرڪار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي متي مبارڪ مان جدا ٿي ويندا هئا پوءِ حضرت انس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان هڪ روايت نقل ڪئي آهي تہ رسول صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جڏهن مِنٰي ۾ پنهنجا وار مبارڪ لهرايا تہ حضرت ابو طلحہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا وار مبارڪ ڪٺي ورتا ۽ ان کي حضرت انس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي والده جي حوالي ڪيا جن کي ان پنهنجي خوشبو ۾ شامل ڪري ڇڏيو. ان مان هي نتيجو نڪري ٿو تہ جنهن خوشبو ۾ هي وار مبارڪ شامل هئا ان ۾ ئي اهي پگهر کي بہ شامل ڪري وٺنديون هيون. (فتح الباري، شرح البخاري، كتاب الاستئذان، باب زارقو ما فقال عندهم، تحت الحديث 6281، ج12، ص59)

خيبر جي جنگ ۾ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ صحابيہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھَا کي پنهنجي مبارڪ هٿن سان هڪ هار پارايو اهي ان هار جو ايترو قدر ڪنديون هيون جو پوري عمر ڳچي مان نہ لاٿائون ۽ جڏهن انتقال ڪرڻ لڳيون تہ وصيت ڪيائون تہ ان سان گڏ هار بہ دفن ڪيو وڃي.(المسند لامام احمد بن حنبل، حديث امرأة من بني غفار رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھَا، الحديث27206، ج 10، ص 324)

حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ وٽ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو هڪ ڪرتو، هڪ گوڏ، هڪ چادر ۽ ڪجھ وار مبارڪ هئا ان وفات جي وقت وصيت ڪئي تہ ڪپڙا ڪفن ۾ لڳايا وڃن ۽ وار مبارڪ منهن ۽ نڪ ۾ وِڌا وڃن. (تاريخ الخلفاء، معاويه بن ابي سفيان، ص 158 بتصرف)

رسول اللہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جنهن ڪپڙن ۾ انتقال فرمايو هو، حضرت عائشہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھَا انهن کي محفوظ ڪري رکيو هو. ان هڪ ڏينهن هڪ صحابي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي هڪ يمني گوڏ ۽ هڪ ڪمبل ڏيکاري چيو خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! سرڪار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هنن ئي ڪپڙن ۾انتقال فرمايو هو. (سنن ابي داود، كتاب اللباس، باب لباس الغليظ، الحديث 4036، ج 4، ص 63)

هڪ صحابي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کي حضورصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خَزّ (پشمّ ۽ ريشم سان نهيل ڪپڙو) جو هڪ ڪارو عمامو عطا فرمايو هو.تنهن ان کي محفوظ رکيو هو ۽ ان تي فخر ڪندا هئا، هڪ دفعو بخارا ۾ خچر تي سوار تي نڪتا تہ عمامو ڏيکاري چيائين تہ هي رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي عنايت فرمايو هو. (سنن ابي داؤد، ڪتاب اللباس ،باب ماجاء في الخز، الحديث 4038، ج 4 ،ص 64)

حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ڪجهه مبارڪ وار حضرت اُمِّ سلمہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا نشاني جي طور رکيا هئا ۽ جڏهن ڪو شخص بيمار ٿيندو هو تہ هڪ ٿانوَ ۾ پاڻي پري موڪليندو هو ۽ هو ان ۾ وار مبارڪ ڌوئي واپس ڪري ڏينديون هيون جنهن کي اُهو شفاء حاصل ڪرڻ لاءِ پي ويندو هو (يا ان سان غسل ڪري ڇڏيندو هو) (صحيح البخاري، ڪتاب اللباس، باب مايذڪر في الشيب، الحديث 5896، ج 4، ص 76)

خلفاءِ راشدين اُنهن تبرڪات جي تمام گهڻي عزت ڪندا هئا، ۽ ان مان برڪت حاصل ڪندا هئا، هڪ ڀيري حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن عجمي بادشاهہ جي نالي خط لکڻ چاهيو تہ ماڻهن چيو تہ جيستائين خط تي مهر نہ هوندي عجم وارا ان خط کي ناهن پڙهندا ان ڪري پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ چاندي جي منڊي تيار ڪرائي جنهن جي نگيني تي محمد رسول الله (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) اُڪريل هو، ان منڊي کي ٽنهي خليفن محفوظ رکيو هو، آخر ۾ اها حضرت عثمان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي هٿ مان هڪ کوهہ ۾ ڪري پئي تنهن سڄي کوهہ جو پاڻي ڪيرايو پر اها ناياب موتي نہ ملي سگهي. (سنن ابي داؤد، ڪتاب الخاتم، باب ماجاء في اتخاذ الخاتم، الحديث: 4214، ج 4، ص119)

حضرت ڪعب بن زهير رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کي قصيدي جي صلي ۾ بطور انعام رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خود پنهنجي چادر عنايت

فرمائي هئي. اها چادر امير معاويہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ ان جي صاحبزادي کان خريد ڪري ورتي ۽ ان کان پوءِ تمام خليفا عيدن تي اها ئي چادر ويڙهي نڪرندا هئا. (الاصابة،تذكرة كعب بن زهير،ج5 ص 443)

پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنهن پيالي ۾ پاڻي پيئندا هئا، اهو حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ وٽ محفوظ هو هڪ دفعو اهو ٽُٽي پيو تہ انهن ان کي چاندي جي تار سان جوڙايو، ان ۾ هڪ لوهہ جو ڪڙو بہ لڳل هو، بعد ۾ حضرت انس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ ان ۾ سون ۽ چاندي جو ڪڙو لڳائڻ چاهيو پر حضرت طلحہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ منع ڪيو تہ جيڪو ڪم رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيو هجي ان ۾ تبديلي نہ ڪرڻ ڪپي.

سندس صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا بہ بيا پيالا حضرت سهل رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ ۽ حضرت عبدالله بن سلام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ وٽ محفوظ هئا. (صحيح البخاري، كتاب الاشربة، باب الشرب من قدح النبي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آنيته، الحديث 5637- 5638،ج3،ص595)

هڪ ڏينهن پاڻ سڳورا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت اُمِّ سليم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهَا جي گهر تشريف کڻي آيا گهر ۾ هڪ کِلِي لٽڪي رهي هئي سرڪار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کلي جو منهن پنهنجي وات سان لڳايو ۽ ان مان پاڻي پيتائون، حضرت اُمِّ سليم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهَا ان کلي جي حصي کي ڪٽي پاڻ وٽ بطورِ يادگار رکي ڇڏيو.
(طبقات الكبري، تذكرة ام سليم بنت ملحان،ج8 ،ص 315 )

پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت شفاء بنت عبدالله رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا گهر ۾ ڪڏهن ڪڏهن آرام فرمائيندا هئا تنهن ان ارادي سان سرڪار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ هڪ خاص بسترو ۽ تهبند نهرايو هو جن کي پائي نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آرام فرمائيندا هئا اُهي يادگيريون

هڪ مدت تائين ان وٽ محفوظ رهيون آخر ۾ مروان ان کان کسي ورتيون. (اسد الغابة، تذكرة الشفاءبنت عبدالله،ج7،ص 177)

انهن يادگيرين کان علاوه صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُم پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هر شيء کي يادگار سمجهندا هئا ۽ ماڻهن کي ان جي زيارت ڪرائيندا هئا. حضرت نافع رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ جو بيان آهي ته مون کي حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ مسجد ۾ اها جڳهه ڏيکاري جتي پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اعتڪاف ڪندا هئا. (سنن ابي داؤد كتاب الصوم،باب اين يكون الاعتكاف؟،الحديث:2465،ج2 ،ص 489)

## ادبِ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُم جنهن طرح رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو احترام ڪندا هئا ان جو تعداد سوين طريقن سان ٽيندو هو. جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيندا هئا ته دربارِ نبوت جي ادب ۽ عظمت جي لحاظ سان خاص ڪري ڪپڙا زيب تن ڪندا هئا. هڪ صحابيہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهَا فرمائن ٿيون ته جمعت عليَّ ثيابي حين امْسَيْتُ فاتيتُ رسولَ الله صلى الله تعالیٰ عليه وآلہ وسلم شام ٿي ته مون سڀ ڪپڙا پائي ورتا ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيس.
(سنن ابي داؤد، كتاب الطلاق، باب في عدة الحامل، الحديث: 2306، ج2 ، ص 427)

صحابي سڳورا بنا طهارت جي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان هٿ ملائڻ پسند نہ ڪندا هئا، مديني جي ڪنهن رستي تان پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ گذري رهيا هئا ته حضرت ابو هريره جي پاڻ ڪريمن تي نظر پئجي وئي، ان کي غسل ڪرڻ جي ضرورت هئي پسند نہ ڪيائون ته اهڙي حالت ۾ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون اچان، ان ڪري پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏٺائون ته ٽتائي ويا

۾ غسل ڪري خدمتِ اقدس ۾ حاضر ٿيا. سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏنو تہ فرمايائون: اي ابو هريره! رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ ڪٿي هئا؟ چيائون مون ڪي غسل جي حاجت هئي ان ڪري توهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ ويهڻ پسند نہ ڪيم. (سنن ابي داؤد،كتاب الطهارة، باب في الجنب يصافح، الحديث:231،ج1،ص110)

حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون ويهندا هئا تہ ادب جي ڪري ٽڙ ٻڌجي ويندا هئا، حديثن ۾ انهن جي حالت جو نقشو هنن لفظن ۾ چڪيو ويو آهي. كانما على رؤسهم الطير يعني صحابہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اڳيان اهڙي طرح ويهندا هئا جيئن انهن جي مٿان جهرڪيون وينيون آهن. (سنن ابي داؤد ،كتاب الطب،باب في الرجل يتداوي، الحديث :3855، ج 4، ص 5)

گهر ۾ ٻار پيدا ٿيندا هئا تہ ادب مان انهن جو نالو محمد نہ رکندا هئا، هڪ دفعو هڪ صحابي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي گهر ۾ ٻار پيدا ٿيو تہ ان "**محمد**" نالو رکيو پر ان جي قوم چيو اسان نہ اهو نالو رکڻ ڏينداسين ۽ نہ ان ڪنيت سان تو کي سڏينداسين ان جي متعلق خود رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان مشورو ڪر. هو ٻار کي وٺي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ واقعو بيان ڪيو، پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايائون تہ منهنجي نالي تي نالو رکو پر منهنجي ڪنيت تي ڪنيت نہ رکو. (صحيح مسلم، كتاب الأداب، باب النهي عن التكني بابي القاسم....... الخ، الحديث:2133، ص 1178)

جيڪڏهن رستي ۾ ڪڏهن گڏ تي ويندا هئا تہ ادب جي ڪري پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ سواري تي سوار ٿيڻ پسند نہ ڪندا هئا. هڪ دفعو حضرت عقبہ بن عامر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو خچر هڪلي رهيا هئا، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کي فرمايو: سوار ڇو نٿا ٿيو. پر ان تنهن کي وڏي ڳالهہ سمجهي جو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خچر تي سوار

تين. امتثالا للامر (حڪم کي مڃڻ لاءِ) ڪجهه پري تائين سوار ٿي ويا. (سنن النسائي، كتاب الاستعاذة،ج 8،ص253)

گهڻي ادب جي ڪري ڪنهن ڳالهه ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان اڳتي وڌڻ پسند نہ ڪندا هئا. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنگِ تبوڪ جي سفر ۾ قضائي حاجت جي لاءِ صحابہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُم کان الڳ ٿي ويا، نمازِ فجر جو وقت اچي ويو تہ صحابہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُم پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اچڻ کان پهرين حضرت عبدالرحمٰن بن عوف رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي امامت ۾ نماز شروع ڪري ڇڏي. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پهتا تہ هڪ رڪعت نماز ٿي چڪي هئي ان ڪري پاڻ ٻي رڪعت ۾ شريڪ ٿيا. نماز ٿي وئي تہ تمام صحابہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُم ان کي بي ادبي ۽ گناهہ سمجهہ ۽ سڀ جا سڀ ڪثرت سان تسبيح ڪرڻ لڳا. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نماز کان فارغ ٿيا تہ فرمايائون توهان سٺو ڪيو.
(سنن ابي داؤد، كتاب الطهارة، باب المسح علي الخفين، الحديث: 149 ج1، ص 83)

هڪ دفعو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪو معاملو حل ڪرڻ لاءِ قبيلي بنو عمرو بن عوف ۾ تشريف وٺي ويا. نماز جو وقت اچي ويو تہ مؤذن حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي خدمت ۾ آيو ۽ چيائين تہ نماز پڙهايو، پاڻ نماز پڙهائي رهيا هئا تہ سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اچي جماعت ۾ شريڪ ٿي ويا. ماڻهن تصفيق ڪئي (يعني ڪبي هٿ جي پني تي سڄي هٿ جون آڱريون اهڙي طرح هڻڻ جو آواز پيدا ٿئي، تصفيق چورائيندو آهي) حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جيئن تہ ڪنهن ڏانهن متوجہ نہ ٿيندا هئا، جڏهن ماڻهن لڳاتار تصفيق ڪئي تہ مُڙي ڏٺائون تہ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن، حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اشارو ڪيو تہ پنهنجي جڳهہ تي قائم رهو. انهن پهرين تہ خدا عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪيو تہ سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي امامت کي پسند

فرمايو، پوءِ پوئتي هٽي آيا ۽ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اڳي وڌي نماز پڙهائي، نماز مان فارغ ٿي فرمايائون جڏهن مون حڪم ڏنو ته توهان جو پنهنجي جڳهه تان هٽي آيا؟ چيائون ته ابن ابي قحافه جي ڪهڙي مجال جو رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اڳيان نماز پڙهائي. (سنن ابي داؤد،ڪتاب الصلاة،باب التصفيق في الصلاة، الحديث 940، ج1، ص 354)

هڪ دفعو پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پيادل وڃي رهيا هئا، انهي حالت ۾ هڪ صحابي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ گڏهه تي سوار ٿي آيا. پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي پيادل ڏٺائين ته پاڻ ادب وچان پوئتي هٽي ويا ۽ سندن کي اڳيان سوار ڪرڻ چاهيو، پر پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو ته تون اڳيان ويهڻ جو گهڻو مستحق آهين، ها جيڪڏهن تنهنجي اجازت هجي ته آئون اڳيان ويهي سگهان ٿو. (سنن ابي داود، ڪتاب الجهاد، باب رب الدابة أحق بصدرها، الحديث 2572، ج3، ص 40)

جيڪڏهن ڪٿي پاڻ ڪريمصَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان ماني کائڻ جو اتفاق ٿيندو هو ته جيستائين پاڻ سڳورا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کائڻ شروع نه ڪندا هئا، تمام صحابه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُم گهٽي ادب خاطر مانيءَ ۾ هٿ نه وجهندا هئا. (سنن ابي داود، ڪتاب الاطعمة، باب التسمية علي الطعام، الحديث 3766، ج3، ص،487)

ادب جي ڪري پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اڳيان هلڻ پسند نه ڪندا هئا. هڪ سفر ۾ حضرت ابن عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ هڪ مغرور اُٺ تي سوار هئا، جيڪو رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اڳيان نڪري ويندو هو، حضرت عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ ان کي دڙڪو ڏنو ته ڪير به پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اڳيان نه وڃي. (صحيح البخاري، ڪتاب الهبة، باب من أهدي له هديةٌ، وعنده جلساؤه...........الخ، الحديث 2610، ج 2، ص 179)

ڪنهن شيءِ ۾ سندن سان مقابلي جي جرأت نه ڪندا هئا. هڪ دفعو ڪجهه صحابه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُم جيڪي قبيلي اسلم سان تعلق رکندا هئا

پاڻ ۾ تير اندازي ۾ مقابلو ڪري رهيا هئا، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اي بنو اسمٰعيل تير هڻو ڇو ته توهان جو پيءُ تير انداز هئو ۽ آئون فلاڻي قبيلي سان گڏ آهيان. ٻئي ٽولي جا ماڻهو فوراً رڪجي ويا. حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڇيو ته تير ڇو نه ٿا هڻو؟ چيائون هاڻي ڪيئن ٿا مقابلو ڪري سگهون جڏهن ته توهان انهن سان گڏ آهيو. فرمايائون: تير هڻو آئون توهان سڀني سان گڏ آهيان.
(صحيح البخاري، كتاب الجهاد والسير، باب التحريض علي الرمي، الحديث 2899،ج2، ص 282)

علامہ ابن حجر رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡه ان حديث جي شرح ۾ لکن ٿا ته اُهي ماڻهو اُن ڪري رڪجي ويا ته جيڪڏهن هو پنهنجي فريق (ڌِر) تي غالب اچي ويا ۽ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم به انهن سان گڏ آهن  ته پاڻ به مغلوب ٿي ويندا ان ڪري انهن ادب جي ڪري مقابلو ڪرڻ ڇڏي ڏنو، ان ادب ۽ احترام جو سبب اهو هو جو صحابي سڀ٘ورا پاڻ سڀ٘ورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طرف ڪنهن قسم جي بي ادبي پسند نه ڪندا هئا. (فتح الباري شرح صحيح البخاري، كتاب الجهاد والسير، باب التحريض علي الرمي، تحت الحديث. 2899، ج 7، ص77)

نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هجرت ڪري مديني شريف تشريف فرما ٿيا ته حضرت ابو ايوب انصاري رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي گهر قيام فرمايائون ۽ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هيٺين حصي ۾ ۽ ان جو گهر مٿين حصي ۾ هو. هڪ رات حضرت ابو ايوب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ سجاڳ ٿيا ۽ سوچياؤن اسان مٿاهون ۽ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان جي هيٺياهون اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي. ان خيال سان تمام گهر وارن کي هڪ ڪنڊ ۾ ڪري ڇڏيو. صبح جو سندس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ گذارش ڪئي ته توهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مٿي قيام فرمايو ارشاد ٿيو ته هيٺيون حصو منهنجي لاءِ وڌيڪ مناسب آهي.

هڪ روايت ۾ آهي تہ حضرت ابو ايوب رَضِيَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ برابر اُن ڳالهہ تي قائم رهيا تہ حضور صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مٿين منزل تي رهن ۽ پاڻ هيٺين منزل ۾ رهن.

سوچڻ لڳا تہ جنهن ڇت جي هيٺ حضور صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هجن اسان ان تي ننڍا چڙهي سگهون، تنهن ڪري پاڻ ڪريم صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مٿين ڪوٺيءَ تي قيام فرمايو.
(مدارج النبوت،قسم دوم، باب چهارم،بيان قضيه هجرت آنحضرت، ج 2، ص 65)

ڪجهہ صحابي رَضِيَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُم حضور صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان عمر ۾ وڏا هئا پر انهن کي ادب خاطر اهو پسند نہ هو تہ انهن کي سندس کان وڏو چيو وڃي. هڪ دفعو حضرت عثمان رَضِيَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ هڪ صحابي رَضِيَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان پڇيو توهان وڏا آهيو يا، رسول الله صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم؟ چيائون وڏا تہ رسول الله صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهن، پر آئون رسول الله صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان پهريان پيدا ٿيو هئس.

(سنن الترمذي،كتاب المناقب،باب ما جاء في ميلاد النبي،الحديث:3639،ج5،ص356)

جيڪڏهن اٽڪاتي ۾ بہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي شان ۾ ڪا نہ مناسب ڳالهہ نڪري ويندي هئي تہ ان جي بہ معافي وٺندا هئا.

هڪ صحابيہ رَضِيَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہَا جو ٻار مري ويو ۽ هو ان تي روئي رهيون هيون، پاڻ ڪريم صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو گذر ٿيو، تہ فرمايائون: خدا کان ڊڄو ۽ صبر ڪريو، چيائين توکي منهنجي مصيبت جي ڪهڙي پرواهہ آهي، پاڻ سڳورن صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هليا ويا تہ ماڻهن چيو رسول الله صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هئا، پڇندي آيون ۽ عرض ڪيائون تہ مون حضور صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ڪونہ سڃاتو هو. (سنن ابي داؤد، كتاب الجنائز،باب الصبر عند الصدمة، الحديث: 3124،ج 3، ص 258)

جيڪڏهن ڪنهن ٻئي شخص کي حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي متعلق بي ادبي ڪندي ڏسندا هئا ته صحابه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم سخت ڪاوڙ ۾ اچي ويندا هئا. هڪ دفعو حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ بارگاهِ اقدس ۾ آيا ڏٺائون ته حضرت عائشه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا وڏي آواز ۾ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ڳالهائي رهيون هيون، ته پاڻ پنهنجي نياڻيءَ کي زوردار چماٽ هنئي ۽ چيائون هاڻ ڪڏهن به سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون آواز بلند نه هئڻ گهرجي. (سنن ابي داؤد، كتاب الادب، باب ماجاء في المزاح، الحديث: 4999،ج 4، ص 390)

حضُور ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي هڪ شخص جو ڪجهه قرض هو، ان غلط طريقي سان قرض گهريو، ته تمام صحابه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم ان تي ڪاوڙجي پيا ته نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: بيهو! قرض واري کي قرض وٺندڙ تي مطالبي ڪرڻ جو ان وقت تائين حق آهي جيستائين هو قرض ادا نه ڪري. (سنن ابن ماجه،كتاب الصدقات،باب صاحب الحق سلطان،الحديث 2425، ج 3، ص 150)

هڪ دفعو نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سفر ۾ هئا ته هڪ اعرابي آيو ۽ وحشي طريقي سان آواز بلند ڪيو ۽ سڏيائين يا محمد، يا محمد. صحابي سڳورن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم چيو هي ڇا؟ (ان طرح چوڻ) منع آهي. (سنن الترمذي،كتاب الدعوات، باب في الفضل التوبة والاستغفار.......الخ الحديث 3547، ج5، ص316)

هڪ دفعو پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ته انصارن جي خاندانن مان سڀ کا افضل بنو نجار آهن، پوءِ بنو عبدالاشهل، پوءِ بنو حارث بن الخزرج، پوءِ بنو ساعده، انهن کان سواءِ انصار جا تمام خاندان سنا آهن، حضرت سعد بن عباده قبيلي بنو ساعده مان هئا، انهن کي جڏهن خبر پئي ته پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي قبيلي کي چوٿين نمبر تي رکيو آهي انهن کي ڪجهه پسند نه

آيو، چيائون منهنجي ڳڌھ تي ڪجائو رکو آئون خود رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ان متعلق ڳالهائندس، پر انهن جي پائتي حضرت سهل رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ چيو چا توهان رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مخالفت لاءِ وڃي رهيا آهيو؟ حالانڪ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فضيلت ۾ سڀ کان وڏا عالم آهن اهو چا گهٽ آهي جو توهان جو چوٿون نمبر آهي. (صحيح مسلم، كتاب الفضائل،باب في خير دور الانصار.....الخ، الحديث2511، ص 1361)

صلح حديبيہ کان پوءِ ڪافرن جو مسلمانن ۾ ميل جول ٿي ويو، حضرت سلمہ آيا ۽ هڪ وڻ جي هيٺ سمهي رهيا، چار مشرڪ بہ ان جڳهہ تي آيا ۽ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳا، انهن کي پسند نہ آيو، اٿي ٻي جڳهہ تي هليا ويا ۽ چارئي مشرڪ بہ تلوارون لٽڪائي اتي سمهي رهيا، ان حالت ۾ گوڙ ٿيو تہ ابن زنيم قتل ڪيو ويو حضرت سلمہ موقعو ڏسي تلوار مياڻ مان ڇڪي ورتي ۽ چئني تي ننڊ جي حالت ۾ حملو ڪري انهن جي تمام هٿيارن تي قبضو ڪري ورتو ۽ چيائون تہ ان ذات جو قسم جنهن محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عزت ڏني توهان مان جيڪو شخص مٿو کڻندو ان جو دماغ ذرو ذرو ڪيو ويندو. (صحيح مسلم، كتاب الجهاد، باب غزوة ذي قرد وغيرها........الخ، الحديث 1807، ص 1000)

هڪڙي شخص جو نالو محمد هو حضرت عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڏٺو تہ هڪ ماڻهو ان کي گاريون ڏئي رهيو هو ان کي گهرائي چيائون تہ ڏس تنهنجي ڪري محمد کي گار ڏني پئي وڃي، هاڻي مرڻ گهڙيءَ تائين ان نالي سان ڪونہ سڏبين، تنهنڪري ان وقت ان جو نالو عبدالرحمٰن رکيو ويو. پوءِ بنو طلحہ ڏانهن پيغام موڪليائون جيڪي ماڻهو ان نالي جا هجن انهن جا نالا بدلي ڪيا وڃن. اتفاق سان اهي ماڻهو ست هئا ۽ انهن جي سردار جو نالو محمد هو پر ان چيو تہ منهنجو نالو

خود رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم محمد رکيو آهي، چيائون ان تي منهنجو کو بہ زور نہ هلي سگهندو. (المسند الامام احمد بن حمبل،حديث محمد بن طلحة بن عبيد الله رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ، الحديث 17916،ج 4، ص 267)

ننڍا ننڍا ٻار بہ جيڪڏهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ڪنهن قسم جي خوشمزاجي ڪندا هئا تہ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُم انهن کي دڙڪا ڏيندا هئا. حضرت اُمِّ خالد رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا پنهنجي پيءُ سان گڏ حاضرِ خدمت ٿيون ۽ ننڍپڻ جي ڪري خاتمُ النبوة سان کيڏڻ لڳيون، انهن جي والد دڙڪا ڏنا،پر پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو کيڏڻ ڏيو. (صحيح البخاري، كتاب الجهاد، باب من تكلم بالفارسية والرطانة، الحديث3071، ج2، ص 331)

جيڪا شيء شانِ نبوت جي خلاف هوندي هئي صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُم پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون ذڪر ڪرڻ بي ادبي سمجهندا هئا.حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن قضا عمرو ادا فرمايو تہ حضرت عبدالله بن رواحہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اڳيان اڳيان شعر پڙهندا هلندا هئا، حضرت عمر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ ٻڌو تہ فرمايو: رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون ۽ حرم جي حد جي اندر شعر پڙهو ٿا؟ پر حضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ ان کي مستحسن فرمايو. (سنن النسائي، كتاب مناسك الحج، باب انشاد الشعر في الحرم والمشي بين يدي الامام،ج 5 ،ص 202) (ترمذي ۾ آهي تہ شعر حضرت مالک رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ پڙهيا هئا ۽ اهو ئي صحيح بہ آهي)

هڪ دفعو ڪجهہ ماڻهن جمعي جي ڏينهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي منبر جي سامهون گوڙ ڪرڻ شروع ڪيو حضرت عمر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ دڙڪا ڏنا تہ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي منبر جي سامهون آواز وڏو نہ ڪريو. (صحيح مسلم،كتاب الامارة، باب فضل الشهادة في سبيل الله تعالیٰ، الحديث 1879، ص 1044)

اهڙي تعظيم، اهڙو ادب، اها عزت، سندن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زندگي سان ڳڏ ئي مخصوص نہ هئي سندن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وصال کان پوءِ بہ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھُم سندن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو اهڙي طرح ادب ڪندا هئا. سندن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وصال کان پوءِ قبر جي باري ۾ اختلاف ٿيو تہ لحد کوٽي وڃي يا صندوق، ان تي ماڻهن گوڙ ڪرڻ شروع ڪيو، حضرت عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمايو: سندن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سامهون وفات ۽ حيات ٻنهي حالتن ۾ گوڙ نہ ڪريو. (سنن ابن ماجہ، کتاب الجنائز، باب ماجاء في الشق، الحديث 1558،ج 2، ص 245)

صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھُم جي ادب ۽ احترام جو منظر صلح حديبيہ ۾ عروه بن مسعود کي نظر آيو تہ هو سخت متاثر ٿيو، ان صلح جي متعلق پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان گفتگو ڪئي تہ عرب جي طريقي مطابق ريش (ڏاڙهيءَ) جي طرف هٿ وڌائڻ چاهيو، پر جڏهن جڏهن هٿ وڌائيندو هو تہ حضرت مغيره بن شعبہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ تلوار جي ذريعي روڪي ڇڏيندا هئا، ان واقعي سان عروه جي ان طرف توجہ ٿي وئي ۽ ان صحابين سڳورن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھُم جي طرزِ عمل کي غور سان ڏسڻ شروع ڪيو تہ ان تي اهو اثر پيو جو واپس موٽيو تہ ڪافرن سان بيان ڪيائين تہ مون قيصر ۽ ڪسريٰ ۽ نجاشين جا دربار ڏٺا آهن. پر محمد صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا اصحاب جهڙي طرح محمد صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي تعظيم ڪندا آهن ان طرح سان ڪنهن بہ بادشاهہ جا رفيق نٿا ڪن. جيڪڏهن هو مبارڪ ٿُڪ تا اڇلين تہ اها تڪ انهن ماڻهن جي هٿن ۾ ڪري ٿي ۽ هو پنهنجي جسم ۽ مُنهن تي ملي ڇڏيندا آهن، جيڪڏهن هو ڪو حڪم ڏين ٿا تہ جان قربان ڪري ڇڏين ٿا ۽ اهي ماڻهو بچيل پاڻي لاءِ پاڻ ۾ وڙهي

پوندا آهن جيڪڏهن انهن جي سامهون ڳالهائن ٿا ته انهن جا آواز ڪمزور ٿي وڃن ٿا ۽ هو ان ڏانهن اک کڻي نٿا ڏسن. (صحيح البخاري، ڪتاب الشروط، باب الشروط في الجهاد والمصالحة مع اهل الحرب و ڪتابة الشروط، الحديث: 2731، ج 2، ص 223)

## جان نثاري

صلح حديبيه ۾ جڏهن عروه بن مسعود رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي چيو ته آئون پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون اهڙا چهرا ۽ مخلوط (مليل جليل) ماڻهو ڏسان ٿو جيڪي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڇڏي ڀڄي ويندا، ته حضرت ابو بڪر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي دل تي اُن طنز آميز جملي اهڙو گرم اثر ڪيو جو ڪاوڙ مان چيائون ته ڇا اسان پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڇڏي ڀڄي ويندا سين؟ (صحيح البخاري، ڪتاب الشروط، باب الشروط في الجهاد والمصالحة مع اهل الحرب ...الخ الحديث 2731، ج2، ص223)

هي هڪ قول هو جنهن جي تائيد هر موقعي تي صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُم پهنجي عمل سان ڪئي.

اسلام جي شروعات ۾ هڪ ڀيري پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نماز پڙهڻ ۾ مشغول هئا، عقبہ بن ابي معيط آيو ۽ سندن جو گلو گهوٽڻ چاهيو، حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ ان کي ڌِڪو ڏنو ۽ چيائون ته هڪ ماڻهوءَ کي صرف ان لاءِ قتل ڪرڻ چاهيو ٿا جو هو چوي ٿو ته منهنجو معبود صرف هڪ الله آهي حالانڪ هو خدا جي طرف کان دليل کڻي آيو آهي. (صحيح البخاري، ڪتاب فضائل اصحاب النبي، باب قول النبي لو ڪنت متخذا خليلا، الحديث 3678،ج2، ص524)

هجرت کان پوءِ خطرا اجان به وڌيڪ ٿي ويا هئا مڪي جي ڪافرن کان سواءِ هاڻ منافق ۽ يهودي نوان دشمن ٿي ويا هئا جن جو رات

ڏينهن ڊپ لڳو پيو هوندو هو، پر صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْھُم حضور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي حفاظت لاءِ پنهنجو پاڻ کي سيني خطرن ۾ وجهي ڇڏيندا هئا. هجرت جي شروع ۾ حضور نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ رات جاڳيا ته فرمايائون ڪاش! اڄ جي رات ڪو صالح ٻانهو منهنجي حفاظت ڪري ها. ٿوري دير کان پوءِ هٿيار جي ڇڙڪاٽ جو آواز آيو. آقا ڪريمصَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آواز ٻڌي فرمايو ڪير آهي؟ جواب مليو آئون سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايائون ڇو آيا آهيو؟ چيائون منهنجي دل ۾ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نسبت خوف پيدا ٿيو ان ڪري حفاظت لاءِ حاضر ٿيو آهيان. (سنن الترمذي، كتاب المناقب، باب مناقب ابي اسحاق سعد بن ابي وقاص، الحديث3777،ج5، ص 419)

انهن خطرن جي سبب جيڪڏهن پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٿوري دير اکين کان پري ٿي ويندا هئا ته جان نثارن جون دليون ڌڙڪڻ لڳنديون هيون.

پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ ڏينهن صحابہ ڪرام جي حلقي ۾ رونق افروز هئا. ڪنهن ضرورت تحت اٿيا ته واپس اچڻ ۾ دير ٿي وئي. صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْھم گهٻرائجي ويا ته ڪٿي دشمنن جي طرف کان ڪو آزار نه رسيو اٿن. حضرت ابو هريره رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ انهي پريشاني جي حالت ۾ گهٻرائي حضور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ڳولا ۾ انصار جي هڪ باغ ۾ پهتا، دروازو ڳولهائين ته نه مليو، ديوار مان پاٽيءَ جي هڪ نالي نظر آئي ان ۾گهڙي پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وٽ پهتا ۽ صحابہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْھُم جي پريشانين جي داستان ٻڌائي.
(صحيح مسلم،كتاب الايمان،باب دليل علي ان من مات علي التوحيد دخل الجنة قطعاً،الحديث31، ص37)

جنگين ۾ هي خطرا اجان به وڌيڪ وڌندا ويندا هئا، ان ڪري صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُم جي جان نثاري ۾ به وڌيڪ ترقي ٿيندي ويندي هئي.

غزوهء ذات الرقاع ۾ هڪ صحابيءَ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ هڪ مشرڪ جي زال کي گرفتار ڪيو. ان انتقام وٺڻ لاءِ قسم کنئيو ته جيستائين اصحابِ محمد مان ڪنهن صحابي جي خون سان زمين رنگين نه ڪندس سُک سان نه ويهندس. انڪري جڏهن نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم واپس ٿيا، اهي پويان لڳا. سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن منزل تي رُڪيا ته فرمايائون ڪير منهنجي نگرانيءَ جي ذميداري پنهنجي مٿي تي کڻندو، مهاجرن ۽ انصارن مان هڪڙو هڪڙو  بهادر اهو شرف حاصل ڪرڻ لاءِ اٿيو، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حڪم ڏنو واديءَ جي اڳيان وڃي چوبند ٿي وڃو (ته اها ئي ڪافرن جي لڪڻ جي جاءِ ٿي سگهي ٿي) ٻئي بزرگ اتي پهتا ته مهاجر بزرگ سمهي رهيو ۽ انصاريءَ نماز پڙهڻ شروع ڪئي مشرڪ آيو ۽ جلدي سمجهي ويو ته اهي محافظ ۽ نگهبان آهن، ٿي تير هنيا جو ٿئي جا ٿئي جسم ۾ آر پار ٿي ويا. (سنن ابي داؤد، كتاب الطهارة، باب الوضوء من الدم، الحديث، 198، ج1، ص 99) پر اُهي پنهنجي جڳهه تان نه هٽيا.

پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنگِ حنين جي لاءِ نڪتا ته هڪ صحابي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ شام جي وقت خبر ڏني ته مون اڳيان وڃي پهاڙ جي مٿان ڏنو خبر پئي ته قبيلي هوازن جون عورتون ۽ مرد پنهنجا مال ڪاهي آيا آهن. پاڻ ڪريمصَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مسڪرايو ۽ فرمايو: ته الله عَزَّوَجَلَّ چاهيو ته سڀاڻي مسلمانن لاءِ اهو غنيمت هوندو ۽ فرمايائون: اج منهنجي پاسباني ڪير ڪندو؟ حضرت انس بن ابي مرثد غنوي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ عرض ڪيو، آئون! يارسول الله!صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ

وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، ارشاد فرمايائون تہ پوءِ سوار ٿي وڃو، هو پنهنجي گهوڙي تي سوار ٿي آيو، تہ فرمايائون ان وادي جي مٿان چڙهي وڃو، حضورِ اکرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نمازِ فجر لاءِ اٿيا تہ صحابہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُم کي فرمايائون توهان کي پنهنجي گهوڙي سوار جي ڪجهه خبر بہ آهي. صحابہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُم عرض ڪيو تہ اسان کي ڪجهه بہ خبر نہ آهي، جماعت قائم ٿي وئي تہ نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نماز پڙهائيندا ويا ۽ مڙي مڙي واديءَ جي طرف ڏسندا رهيا، جڏهن نماز ادا ڪري چڪا تہ فرمايائون: مبارڪ هجي توهان جو گهوڙي سوار اچي ويو. صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُم وادي جي وڻن جي وچ مان ڏٺو تہ هو اچي پهتو ۽ خدمتِ مبارڪ ۾ حاضر ٿي سلام ڪيائين ۽ عرض ڪيائين: آئون واديءَ جي بلند ترين حصي تي جنهن تي پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مامور ڪيو هو چڙهي ويس صبح جو ٻئي واديون بہ ڏٺيون تہ هڪ جاندار بہ نظر نہ آيو. سرڪار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اي انس! ڪڏهن هيٺ بہ لٿا هيئو، چيائون تہ صرف نماز ۽ قضائي حاجت جي لاءِ، ارشاد ٿيو: توکي جنت ملي وئي ان کان پوءِ جيڪڏهن ڪوبہ عمل نہ ڪرين تہ ڪوبہ حرج نہ آهي. (سنن ابي داؤد، ڪتاب الجهاد، باب في فضل الحرس في سبيل الله عَزَّوَجَلَّ الحديث:2501،ج3،ص14)

هڪ جنگ ۾ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُم هڪ دڙي تي قيام فرمايو اهڙو شديد سيءُ پيو جو ڪجهه ماڻهن زمين ۾ کڏا کوٽيا ۽ ان جي اندر ويهي مٿان گاهہ وجهي ڇڏيو. پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اها حالت ڏٺي تہ فرمايائون: اڄ جي رات منهنجي حفاظت ڪير ڪندو؟ آئون ان کي دعا ڏيندس، هڪ انصاريءَ عرض ڪيو تہ آئون! يا رسول الله! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ويجهو سڏي ان جو نالو پڇيو ۽ دير تائين دعا ڏيندا رهيا، حضرت ابو ريحانہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی

عَنْہُ اھا دعا ٻڌي تہ عرض گذار ٿيا تہ ٻيو آئون نگھبان ٿيندس، پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ويجھو گھرائي ان کي بہ دعا ڏني.

(المسند الامام احمد بن حنبل، حديث ابي ريحانة ،الحديث.17213،ج6، ص 99)

وَ اللّٰهُ يَعْصِمُكَ مِنَ النَّاسِ ؕ

(پ: 6 المائدۃ: 67)

ترجمو کنزالايمان: ۽ الله توھان جي نگھباني فرمائيندو ماڻھن کان

نازل ٿيڻ کان پوءِ پاڻ ڪريمن صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم نگھبان مقرر ڪرڻ بند ڪري ڇڏيا.

جنگِ بدر ۾ جڏھن پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪافرن جي مقابلي لاءِ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُم کي طلب ڪيو تہ حضرت مقداد رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ چيو، اسان اھي نہ آھيون جيڪي موسيٰ عَلَیْہِ السَّلَام جي قوم وانگر چئون، تون ۽ تنھنجو خدا ٻئي وڃي وڙھو، پر اسان نبيءِ اڪرم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ساڄي کان کاٻي کان اڳيان کان پويان کان وڙھنداسين. پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جڏھن اھي جان نثاراڻا جملا ٻڌا تہ چھرو مبارڪ مسرت مان چمڪي پيو. (صحيح البخاري، ڪتاب المغازي، قول الله تعالٰي، الحديث. 3952، ج 3 ،ص 5)

صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُم جي جان قربان ڪندڙ جذبات جو ظھور سڀ کان وڌيڪ جنگ اُحد ۾ ٿيو. ان جنگ ۾ ڪنھن مقام تي رسول الله صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ صرف نوَ صحابہ (جنھن ۾ ست انصاري ۽ ٻہ قريشي يعني حضرت طلحہ ۽ حضرت سعد رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُمَا) رھجي ويا. ان حالت ۾ ڪافر حُضور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي ڪڙڪي پيا. تہ پاڻ ڪريمن صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انھن جان نثارن جي طرف خطاب ڪري فرمايو: جيڪو انھن بد بختن کي مون کان پري ھٽائيندو ان لاءِ جنت آھي. ھڪ انصاري فورًا اڳيان وڌيو ۽ وڙھندي سرڪار صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

تي قربان ٿي ويو. اهڙي طرح ڪافر برابر حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي حملا ڪندا ويا ۽ پاڻ بار بار پڪاريندا ويا، ۽ هڪ هڪ انصاري وڌي ڪري نبيءِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي پنهنجي جان قربان ڪندا ويا، ايتري تائين جو ست ئي بزرگ شهيد ٿي ويا. (صحيح مسلم، ڪتاب الجهاد ولسير، باب غزوة احد، الحديث: 1789، ص 989)

حضرت ابو طلحه ۽ حضرت سعد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا جي جانِ نِثاري جو وقت آيو تہ حضرت سعد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي سامهون پاڻ پنهنجو ترڪش وکيري ڇڏيو ۽ فرمايائون تہ تير اڇليو منهنجا ماءُ پيءُ توهان تي قربان. (صحيح البخاري،ڪتاب المغازي، باب اذهمت طائفتان منكم أن تفشلا والله وليهما الخ،الحديث:4055، ج3، ص 37)

حضرت ابو طلحه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڍال ڪٽي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون بيهي رهيا ۽ تير هلائڻ لڳا اهڙي شديد تير اندازي ڪئي جو ٻہ ٽي ڪمانون ٽُٽي پيون، جيڪڏهن پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنڌ مٿي ڪري ڪافرن ڏانهن ڏسندا هئا تہ هي عرض ڪندا هئا تہ منهنجا ماءُ پيءُ توهان تي قربان، ڪنڌ ڪٽي نہ ڏسو، ٿي سگهي ٿو ڪو تير لڳي وڃي منهنجو سينو توهان جي سيني جي سامهون آهي. (صحيح البخاري، ڪتاب المغازي، "باب اذهمت طائفتان منكم أن تفشلا والله وليهما" الخ، الحديث:4064، ج 3، ص 38)

ان جنگ ۾ حضرت شماس بن عثمان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي وفاداريءَ جو اهو عالم هو جو رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ساڄي، کاٻي جنهن طرف نگاهہ ڪٽي ڏٺو ٿي تہ انهن جي تلوار چمڪندي نظر اچي رهي هُئي، ان پنهنجو پاڻ کي سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڍال بڻائي ڇڏيو، ايتري تائين جو انهي حالت ۾ شهيد ٿي ويا.

(الطبقات الكبري،تذكرة شماس بن عثمان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ، ج3، ص 186)

انهيءَ جنگ ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ صحابي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي حضرت سعد بن ربيع انصاري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي تلاش ۾ روانو

فرمايو: هي لاشن جي وچ ۾ ان کي ڳولڻ لڳا، تہ حضرت سعد بن ربيع رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ خود ڳالهائڻ لڳا، ڪهڙو ڪم آهي؟ جواب ڏنائون تہ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مونکي توهان کي ئي ڳولڻ لاءِ موڪليو آهي، چيائين وڃو، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ منهنجو سلام عرض ڪريو، ۽ چئو تہ مون کي نيزي جا ٻارهن زخم لڳا آهن، ۽ قبيلي ۾ اعلان ڪريو تہ جيڪڏهن رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شهيد ٿي ويا ۽ ان مان هڪ بہ مجيندڙ زنده بچو تہ خدا عَزَّوَجَلَّ وٽ ان جو ڪوبہ عذر ٻُڌڻ جي قابل نہ هوندو .

(الموطاالامام مالک، کتاب الجهاد، باب الترغيب في الجهاد، الحديث:1035، ج 2، ص 24)

نہ صرف مرد پر عورتون بہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جان نِثاري جي آرزو رکنديون هيون، حضرت طليب بن عمير رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ اسلام آندو ۽ پنهنجي ماءُ اروىٰ بنت عبد المطلب کي ان جي خبر ڏني تہ چيائين تو جنهن شخص جي مدد ڪئي، هو ان جو سڀ کان گهڻو مستحق هو، جيڪڏهن مردن وانگر اسان بہ ايتري طاقت رکنديون هجون ها تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حفاظت ڪريون ها ۽ سندن جي طرف کان وڙهون ها. (الاستيعاب، تذکره طليب بن عمير ج 2، ص 323)

## خدمتِ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُم رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت کي پنهنجو سڀ کان وڏو شرف سمجهندا هئا، ان ڪري گهڻن بزرگن پنهنجو پاڻ کي رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو، حضرت بلال رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ رسالت جي شروع ۾ ئي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي گهر جي تمام ڪاروبار جو انتظام پنهنجي ذمي کڻي ورتو هو ۽ ان جي لاءِ طرح طرح جون تڪليفون برداشت ڪندا هئا، پر سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شرفِ خدمت

کي ڇڏڻ ڪڏهن پسند نہ ڪندا هئا. حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو معمول هو تہ جڏهن ڪو غريب مسلمان خدمت ۾ حاضر ٿيندو هو ۽ ان جي بدن تي ڪپڙا نہ هوندا هئا تہ حضرت بلال رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي حڪم ڏيندا هئا ۽ اهي قرض کڻي ان جي خوراڪ ۽ لباس جو انتظام ڪندا هئا.

هڪ ڀيري ڪنهن مشرڪ کان ان مقصد لاءِ قرض ڪنيائون. هڪ ڏينهن ان ڏٺو تہ انتهائي سخت انداز ۾ چيائين، اي حبشي! توکي خبر آهي تہ هاڻي مهيني ۾ ڪيترا ڏينهن رهجي ويا آهن صرف چار ڏينهن انهيءَ عرصي ۾ قرض ادا ڪر، نہ تہ جيئن پهرين ٻڪريون چاريندو هئين تيئن ئي ٻڪريون چارڻيون پوندئي. حضرت بلال رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي سخت رنج پهتو، عشاء کان پوءِ نبيءِ اڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ آيا ۽ چيائون تہ مشرڪ مون کي هي ڪجهہ چيو آهي ۽ هو مون کي ذليل ڪري رهيو آهي، اجازت فرمايو جيستائين قرض ادا نٿو ٿئي تيستائين مسلمان قبيلن ۾ ڀڄي وڃي پناهہ وٺان. گهر واپس آيا تہ ڀڄڻ جو تمام سامان تيار ڪري ورتائون. پر رب تعالٰي صبح سوير ئي قرض ادا ڪرڻ جو تمام سامان ڪري ڇڏيو. (سنن ابي داؤد، ڪتاب الخراج والفيء والامارة، باب في الامام يقبل هدايا المشرڪين الحديث: 3055، ج 3، ص 230)

حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي اهو شرف حاصل هو تہ جڏهن پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪيڏانهن ويندا هئا تہ هو پهريان پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي جُتي پارائيندا هئا، پوءِ اڳيان اڳيان لٺ کڻي هلندا هئا، پاڻ سڳورا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مجلس ۾ ويهڻ چاهيندا هئا تہ سندن جي پيرن مان جُتي لاهيندا هئا پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي لٺ ڏيندا هئا جڏهن پاڻ سڳورا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اٿندا هئا تہ اهڙي طرح جتي پارائيندا هئا اڳيان اڳيان لٺ کڻي هلندا ۽ حُجري مبارڪ تائين پهچي ويندا هئا.

پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وهنجندا هئا، تہ پردو ڪندا هئا، سمهندا هئا تہ جاڳائيندا هئا، پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سفر ۾ ويندا هئا تہ بسترو، مسواڪ، جُتي ۽ وضو جو پاڻي سندن سان گڏ هوندو هو، تنهنڪري هو صاحب سواد رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم يعني پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ميرِ سامان (يعني کاڌ خوراڪ جو انتظام ڪندڙ) سڏجڻ لڳا. (الطبقات الڪبري،عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ج3، ص 113)

حضرت ربيعہ اسلمي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ بہ رات ڏينهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ مصروف رهندا هئا، جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عشاء جي نماز کان فارغ ٿي دولت سراءِ اقدس ۾ تشريف کڻي ويندا هئا تہ هو دروازي تي ويهي رهندا هئا، متان پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪا ضرورت پيش اچي. هڪ دفعو پاڻ ڪريمن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي نڪاح ڪرڻ جو مشورو ڏنو، چيائون اهو تعلق اوهان جي خدمت گذاري ۾ خلل آڻيندو جنهن کي آئون پسند نٿو ڪريان، پر پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بار بار اصرار تي شادي ڪرڻ لاءِ راضي ٿي ويا. (المسند الامام احمد بن حنبل حديث ربيعہ بن ڪعب الاسلمي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ، الحديث:16577، ج 5، ص 569)

حضرت عقبہ بن عامر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا مستقل خدمت گذار هئا، ان جو ڪم هي هو تہ سفر ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڏاچيءَ کي هڪليندا هئا. (مدارج النبوت،قسم پنجم، باب چهارم، ج2، ص495)

حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي ننڍپڻ کان ئي ان جي والده پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو.

(الصابة، انس بن مالڪ بن النضر،ج 1، ص 276 ملخصًا)

حضرت سلمٰي رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهَا هڪ صحابيہ هيون، جن اهڙي استقلال سان پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ڪئي جو تنهن ڪي رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ٻانهيءَ جو لقب نصيب ٿيو.

(سنن ابي داؤد، ڪتاب الطب، باب في الحجامة، الحديث: 3858، ج4، ص6)

حضرت سفينہ حضرت سلمٰي رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُمَا جي والده جا غلام هئا ان ڪي اِن شرط تي آزاد ڪرڻ چاهيو تہ هو جيستائين منهنجي حياتي آهي پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ گذارين، ان چيو تہ جيڪڏهن توهان اها شرط نہ بہ رکو ها تڏهن بہ آئون پوري عمر پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت کان جدا نہ ٿيان ها.

(سنن ابي داؤد، ڪتاب العتق، باب العتق علي الشرط، الحديث:3932، ج4، ص31)

انهن بزرگن کان سواءِ اڪثر صحابہ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُم جيڪي پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر رهندا هئا انهن ڪي بہ اڪثر شرفِ خدمت حاصل ٿيندو رهندو هو. هڪ دفعي پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رفع حاجت (حاجت دور ڪرڻ) جي لاءِ وينا تہ حضرت عمر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ سندن جي پويان پاڻي جو ڪوزرو پري بيٺا رهيا پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڇيو اي عمر ڇا آندو اٿئي؟ چيائون وضو جو پاڻي، فرمايائون تہ هر وقت ان جي ضرورت ناهي. (سنن ابي داؤد، ڪتاب الطهارة، باب في الاستبراء، الحديث :42، ج 1 ص 49)

حضرت ابو هريره رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جيڪي هميشہ خدمت مبارڪ ۾ حاضر رهندا هئا انهن ڪي اڪثر اهو شرف حاصل هوندو هو تہ جڏهن حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رفع حاجت لاءِ تشريف کڻي ويندا هئا تہ هو ٿالهہ يا ڪوزري ۾ پاڻي آڻيندا ۽ سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وضو ڪندا هئا.

(سنن ابي داود،ڪتاب الطهارة، باب الرجل يدلڪ يده في با لأرض اذا استنجي، الحديث:45، ج1، ص 50)

حضرت ابو سمح رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ هميشہ نبيءِ اکرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ مصروف رهندا هئا، جڏهن حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم غسل فرمائيندا هئا تہ هو پٺ ڦيري بيهي رهندا هئا ۽ سندن انهن جي آڙ ۾ وهنجي وٺندا هئا. (اسد الغابة، تذکرة ابو السمح مولي النبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ج6، ص 166)

جڏهن نبيءِ اکرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حجة الوداع ۾ رمي جمره کرڻ چاهي تہ دربار ۾ خادمن مان حضرت اُسامہ ۽ حضرت بلال رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا گڏ گڏ هئا هڪ جي هٿ ۾ ڏاچيءَ جي مهار هئي ۽ ٻيو بزرگ پاڻ کريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مٿي تي پنهنجو ڪپڙو جهلي هلندا هئا تہ سج جي روشني چهري مبارڪ کي گرم نگاهہ سان نہ ڏسي سگهي.
(سنن ابي داود، کتاب المناسک،باب في المحرم يظلل،الحديث:1834 ،ج2، ص 242 )

## محبتِ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

حديث شريف ۾ آهي تہ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو جيستائين آئون توهان کي توهان جي پيءُ اولاد ۽ تمام ماڻهن کان گهڻو محبوب نہ ٿي وڃان، توهان ماڻهو (ڪامل) مومن نٿا ٿي سگهو، ۽ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم کي ايمان جو اهو ڪمال درجو حاصل هو، حضرت جابر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جا والد جڏهن جنگِ اُحد لاءِ روانا ٿيا تہ پٽ کي چيائون آئون ضرور شهيد ٿيندس ۽ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان سواءِ مون کي توکان گهڻو ڪوئي عزيز نہ آهي. تون منهنجو قرض ادا ڪجان، پنهنجي ڀائرن سان نيڪ سلوڪ ڪجان. (اسد الغابة، تذکرة عبدالله بن عمرو بن حرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ، ج. 3، ص، 354)

ان کان سواءِ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم اجان بہ مختلف طريقن سان پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت جو اظهار ڪندا هئا.

هڪ ڀيري هڪ صحابي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيا، جوشِ محبت ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قميص هيٺ متي ڪرڻ لڳا ۽ اندر گهڙي ويا سندن ڪي چميائون ۽ پاڻ ڪريمن سان چنبڙي ويا.
(سنن ابي داود، كتاب الزكاة، باب مالايجوز منعه، الحديث:1669، ج2، ص 177)

حضرت اُسيد بن حُضير رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ هڪ خوش مزاج صحابي هئا، هڪ ڏينهن ڪِل يوڳ جون ڳالهيون ڪري رهيا هئا تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي پُنن تي هڪ سنهي لَڪڻ جي چهنب هنئي ان تنهن جو بدلو وٺڻ چاهيو، پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان تي راضي ٿي ويا، پر انهن چيو اوهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بدن تي ڪُرتو آهي، پر منهنجي بدن تي ڪُرتو ڪونهي، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪرتو بہ متي ڪٽي ورتو، ڪرتي جو ڪڻڻ هو تہ سندن سان چنبڙي ويا ۽ سندن جي مبارڪ پيٽ کي چمي ڏني، ۽ عرض ڪيائون: يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهو ئي مقصد هو. (سنن ابي داود، كتاب الادب، باب في قبلة الجسد، الحديث: 5224، ج، 4، ص 456)

جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ وفد عبدالقيس حاضر ٿيو تہ سواريءَ تان لهڻ سان ئي سڀ جا سڀ ڊوڙيا ۽ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هٿن پيرن کي چميائون.

(المرجع السابق، باب في قبلة الرجل، الحديث:5225، ج، 4، ص 456)

حضرت ڪردم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ حجة الوداع جي موقعي تي نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪئي تہ انهن حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا قدم چمي ورتا ۽ سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رسالت جو اقرار ڪيو ۽ حضور جون ڳالهيون ٻڌندا رهيا.

(سنن ابي داود، كتاب النكاح، باب تزويج من لم يولد، الحديث:2103 ، ج2، ص 340)

حضرت زاهر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ هڪ اعرابي صحابي هئا، جيڪي رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گهڻي محبت رکندا هئا حضُور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ هديو موڪليندا هئا، پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم به ان سان محبت رکندا هئا ۽ فرمائيندا هئا ته زاهر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ اسان جو ڳوٺاڻو آهي ۽ اسان ان جا شهري آهيون.

هڪ ڏينهن هو پنهنجو سودو وڪڻي رهيا هئا، پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پويان اچي ان کي ڀاڪر ۾ جهليو، ان چيو ڪير آهي؟ ڇڏيو! پر جڏهن مڙي ڏٺو ۽ خبر پئي ته پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن ته بار بار پنهنجي پُٺ کي سندن جي سيني سان لڳائيندا هئا پر سڪون اجان پورو نه ٿيندو هو. (شمائل ترمذي، باب ماجاء في صفة مزاح رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، الحديث: 238، ج5، ص545)

عرب ۾ اهو خيال هو ته جيڪڏهن ڪنهن جا پير سُن (ساڻا) ٿي وڃن ته پنهنجي محبوب کي ياد ڪن ته اها ڪيفيت ختم ٿي ويندي آهي. هڪ دفعو حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا جا پير سُن ٿي ويا ته ڪنهن چيو پنهنجي محبوب کي ياد ڪريو، چيائون! يا محمداه (صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) (الادب المفرد ، باب ما يقول الرجل اذا خدرت رجله ، الحديث: 993، ص 261)

حضرت ام عطيه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهَا هڪ صحابيه هيون، جڏهن اهي پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪر ڪنديون هيون ته خوشيءَ مان چونديون هيون ”بِاَبِيۡ“ يعني منهنجو پيءُ توهان تان قربان.

(سنن النسائي، ڪتاب الحيض والاستحاضة، باب شهود الحيض العيدين ودعوة المسلمين، ج 1 ص 193)

عزت ۽ محبت جي ڪري صحابه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُم سرڪار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آرام ۽ آسائش جو تمام گهڻو خيال رکندا هئا ۽ پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪنهن به قسم جي تڪليف برداشت نه ڪندا هئا.

پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ سفر ۾ هئا جنهن ۾ هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ تمام گهڻي اهتمام سان نبيءِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ پاڻي ٺڏو ڪندا هئا.

(صحيح مسلم، ڪتاب الزهد والرقائق ،باب حديث جابر الطويل ،الحديث 3006، ص 1602)

هڪ عورت هميشه مسجد نبوي عَلٰي صَاحِبِهَاالصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۾ ٻهاري ڏيندي هئي ان جو انتقال ٿي ويو ته صحابه ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُم ان کي دفن ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اطلاع نه ڏني وئي، پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي معلوم ٿيو ته فرمايائون: مون کي ڇو نه خبر ڏني وئي چيائون اسان تڪليف ڏيڻ پسند نه ڪيو، اهڙي طرح هڪ ٻئي صحابي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جو انتقال ٿي ويو ته صحابه ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُم، حضورصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي خبر نه ڏني چيائون ته اونداهي رات هئي، اوهان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي تڪليف اچي ها. (سنن ابن ماجه، ڪتاب الجنائز، باب ماجاء الصلواة علي القبر،الحديث:1528-1530، ج 2، ص 233-234)

نبيءِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي جيڪا شيءِ محبوب هوندي هئي اها حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت جي ڪري صحابه ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُم کي به محبوب ٿي ويندي هئي، "**ڪدو**" پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي تمام گهڻو پسند هو ان ڪري حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ به ان کي گهڻو پسند فرمائندا هئا. هڪڙي ڏينهن ڪدو کائي رهيا هئا پنهنجو پاڻ ئي چوڻ لڳا ته رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي تو سان محبت هئي تون مون کي ڪيتري قدر محبوب آهين. (سنن الترمذي، ڪتاب الاطعمة،باب ماجاء في اکل الدباء، الحديث: 1856، ج3، ص336)

پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت صحابه ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُم جي نزديڪ سندن جي هر شيءِ محبوب ڪري ڇڏيو هو، حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى

عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو معمول هو تہ هر ڪم ابتدا ۾ ساڄي پاسي کان ڪرڻ فرمائيندا هئا.

هڪ ڀيري حضرت ميمونہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھا جي گهر ۾ عبدالله بن عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھما پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ساڄي طرف ۽ حضرت خالد بن عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھُمَا کاٻي طرف ويٺا هئا، حضرت ميمونہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھا کير کڻي آيون تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پي ڪري حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھُمَا کي فرمايائون تہ حق تہ تنهنجو آهي پر جيڪڏهن ايثار ڪريو تہ حضرت خالد کي ڏئي سگهو ٿا. چيائون، آئون اوهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اوبَر ڪنهن کي نٿو ڏيئي سگهان. (سنن الترمذي،كتاب الدعوات،باب ما يقول اذا اكل طعاما، الحديث:3466، ج 5، ص 283)

هڪ ڀيري پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻي يا کير پي ڪري حضرت اُمِّ هاني رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھا کي عنايت فرمايائون. عرض ڪيائون: آءُ جيئن تہ روزي سان آهيان پر اوهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اوبَر واپس ڪرڻ پسند نہ ڪنديس. (المسند الامام احمد بن حنبل،حديث ام هانيء بنت ابي طالب واسمها فاختة، الحديث: 26958، ج 10،ص 260)

هڪ ڀيري هڪ صحابي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ خدمت مبارڪ ۾ حاضر ٿيا. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ماني کائي رهيا هئا، ان کي بہ شريڪ ڪرڻ چاهيائون، اهي روزي سان هئا ان ڪري ان کي افسوس ٿيو تہ هائي رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ماني نہ کاڌي. (سنن ابن ماجه، كتاب الاطعمة، باب عرض الطعام، الحديث:3299، ج 4 ص 26)

ڪنهن تڪليف جي سبب پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي رنج ٿيندو هو تہ تمام صحابہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھم کي رنج ٿيندو هو، سندن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي خوشي ٿيندي هئي تہ تمام صحابہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھُم بہ ان ۾ شريڪ ٿيندا. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ مهيني جي لاءِ ازواج

مطهرات کان عليحدگي اختيار ڪئي ته تمام صحابي سڳورن رَضِيَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُم مسجد ۾ اچي ڪري گريو ڪندا رهيا. (صحيح مسلم، ڪتاب الطلاق، باب في الا يلاء واعتزال النساء...الخ، الحديث: 1479،ص 784)

پاڻ سڳورن صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن مرض الموت ۾ حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ الله تَعَالٰى عَنۡه کي امام ناهڻ چاهيو ته حضرت عائشه رَضِيَ الله تَعَالٰى عَنۡهَا چيو ته اهي نرم دل ماڻهو آهن، جڏهن اوهان صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي نه ڏسندا ته پاڻ به روئيندا، ۽ تمام صحابه رَضِيَ الله تَعَالٰى عَنۡهم به. (سنن ابي ماجه، ڪتاب الصلوة، باب ماجاء في صلاة رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم في مرضه، الحديث: 1232، ج 2، ص 74)

حضرت عمرو بن الجموح رَضِيَ الله تَعَالٰى عَنۡهُ هڪ سخي صحابي هئا، ان کي پاڻ سڳورن صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ايتري قدر محبت هئي جو جڏهن پاڻ سڳورن صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نڪاح ڪندا هئا ته اهي سندن صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طرفان وليمي جي دعوت ڪندا هئا. (اصابة، تذکرة عمرو بن الجموح، ج 4، ص 507)

پاڻ سڳورن صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن ڪنهن جنگ ۾ تشريف کڻي ويندا هئا ته صحابيات رَضِيَ الله تَعَالٰى عَنۡهُنَّ فرطِ محبت سان پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي واپسي ۽ سلامتي لاءِ باسون باسينديون هيون.

هڪ ڀيري پاڻ ڪنهن جنگ تان واپس آيا ته هڪ صحابيه (جاريه سوده رَضِيَ الله تَعَالٰى عَنۡهَا) چيو ته يا رسول الله صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون باس باسي هئي ته جيڪڏهن خدا اوهان صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي صحيح سلامت واپس آڻيندو ته آئون اوهان صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون دف وڄائي ڳائيندي س. (سنن الترمذي، ڪتاب المناقب،باب ابي حفص عمر بن خطاب،الحديث:3710، ج5، ص 386)

پاڻ سڳورن صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خاص ڪري محتاجي ۽ مفلسي ۾ زندگي گذاريندا هئا، صحابہ ڪرام رَضِيَ الله تَعَالٰى عَنۡهم جي سامهون سندن

صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذاتي زندگي جو اهو منظر اچي ويندو هو ته فرطِ محبت سان روئي ويهندا هئا.

هڪ ڀيري حضرت عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ دولتِ اقدس ۾ تشريف کڻي ويا ته ڏٺائون پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تڏي تي ليٽيا پيا هئا. جنهن تي ڪو به بسترو نه هو جسم مبارڪ تي گوڏ کان سواءِ ڪجهه به نه هو، پُٺيءَ مبارڪ تي تڏي جا نشان پئجي ويا هئا، سندن گهر ۾ مٺ جي برابر جَوَن کان سواءِ ڪجهه به نه هو، حضرت عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي اکين مان نير وهي آيا، جنابِ رسالت شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو اي عمر ڇو ٿو روئين؟ عرض ڪياؤن يارسول الله ڇو نه روئان اوهان جي هيءَ حالت آهي ۽ قيصر و ڪسريٰ وارا دنيا جا مزا لُٽي رهيا آهن، فرمايائون ڇا توکي اهو پسند نه آهي ته اسان جي لاءِ آخرت ۽ انهن جي لاءِ دنيا هجي. (صحيح مسلم، ڪتاب الطلاق، باب في الايلاء واعتزال النساء وتخيير هن، الحديث: 1479، ص 784)

جنهن ڏينهن پاڻ ڪريم آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن دنيا مان پردو مٽائي رهيا هئا ته سندن جي مبارڪ گهر ۾ سوجهرو ڪرڻ جي لاءِ ڏيئي ۾ تيل نه هو سندن جي گهر واري مومنن جي ماءُ پاڙي مان اوڌارو تيل وٺي آئي، جنهن سان ان شهنشاهه جي گهر کي روشن ڪيو، جنهن پوري ڪائنات کي ڪفر جي انڌيري مان ڪڍي روشني ۾ آندو.

پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وصال کان پوءِ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم کي جڏهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اها حالت ياد ايندي هئي ته اکين مان لڙڪ نڪري ايندا هئا. هڪ دفعي حضرت ابو هريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي سامهون مانيون آيون ته ڏسي روئي ڏنائين ته سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي اکين سان ڪڏهن ماني ڪونه ڏٺي. (سنن ابن ماجه،ڪتاب الاطعمة،باب الرقاق، الحديث 3338، ج4، ص 43 )

هڪ ڏينهن حضرت عبدالرحمٰن رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ پنهنجي دوستن کي گوشت ماني کارائي ته روئي پيا ۽ چيائون ته پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو وصال تي ويو پر پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پيٽ پري جَوَن جي ماني ڪڏهن نه کاڌائين. (شمائل ترمذي،باب ماجاء في عيش النبي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم، الحديث:378، ج5، ص 575 )

جيڪڏهن پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪنهن شيء مان فائدو نه وٺندا هئا ته صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُم به فائدو وٺڻ پسند نه ڪندا هئا. سندن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو وصال ٿيو ته سندن جي ڪفن لاءِ هڪ حلو (ڪپڙو) خريد ڪيو ويو پر پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ٻئي ڪپڙي جو ڪفن ڏنو ويو، ۽ اهو ڪپڙو حضرت عبدالله بن ابي بڪر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ان خيال سان کڻي ورتو ته ان کي پنهنجي ڪفن لاءِ محفوظ ڪري رکندا، پر پوءِ سوچيائون ته الله عَزَّوَجَلَّ جي مرضي نه هئي ته اهو رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ڪفن ٿئي، ته منهنجو ڇو ٿئي، اهو چئي ان کي وڪڻي ان جي قيمت صدقو ڪري ڇڏيائين.
(صحيح مسلم، ڪتاب الجنائز،باب في ڪفن الميت،الحديث:941، ص 469)

جنگِ تبوڪ سخت گرمين ۾ ٿي هئي، حضرت ابو خَيثمه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ هڪ صحابي هئا جيڪي ان جنگ ۾ شريڪ نه ٿي سگهيا. هڪ ڏينهن هو گهر ۾ آيا ۽ ڏٺائون ته سندن جي گهر وارين ان جي آسائش لاءِ تمام گهڻو سامان گڏ ڪيو آهي سندن جي لاءِ مٿي ماڙيءَ تي ڇٽڪار ڪئي آهي پاڻي ٿڌو ڪيو آهي، عمده کاڌو تيار ڪيو آهي پر اهو تمام سامانِ عيش ڏسي چيائين ته رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اهڙي گرم هوا ۽ گرمي ۾ کُليل ميدان ۾ هجن ۽ ابو خيثمه ڇانوَ، ٿڌي پاڻي، عمده کاڌي، ۽ خوبصورت عورتن سان گڏ لطف وٺي. خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! اهو انصاف نه آهي، آئون ڪجهه به ٿي پوي مٿين ماڙيءَ

تي نہ ايندس تنهنکري انهي وقت رستي جو سامان کنيائين ۽ تبوک جي طرف روانا ٿي ويا. (اسد الغابة، تذکرة مالک بن قيس بن خيثمة، ج 5، ص 47)

وصال کان پوءِ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ياد ايندا هئا تہ صحابہ کرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم بي اختيار روئي پوندا هئا هڪ دفعي حضرت عبدالله ابن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا فرمايو: ۽ خميس جو ڏينهن ڪيترو سخت هو ان کان پوءِ ايتري قدر رُنا جو زمين جون پٿريون لڙڪن سان آليون ٿي ويون. حضرت سعيد بن جبير رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ پڇيو خميس جو ڏينهن مطلب ڇا؟ چيائين ان ڏينهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مرض الموت ۾ شدت آئي هئي. (صحيح مسلم، کتاب الوصية، ترک الوصية لمن ليس لہ شيء يو صي فيہ الحديث: 1637،ص888)

پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صحبتن جي ياد ايندي هئي تہ صحابہ کرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهم جي اکين مان بي اختيار لڙڪ جاري ٿي ويندا هئا، هڪ دفعي حضرت ابو بکر ۽ حضرت عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا انصار جي هڪ مجلس ۾ ويا تہ ڏٺائون سڀ ماڻهو روئي رهيا آهن، سبب پڇڻ ويو تہ چيائون اسان کي سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مجلس ياد اچي وئي، علامہ ابن حجر رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان حديث جي شرح ۾ لکن ٿا تہ هي واقعو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي علالت جي زماني جو آهي جن ۾ انصارن کي اهو خوف پيدا ٿيو تہ جيڪڏهن ان مرض ۾ سندن جو وصال ٿيو تہ سندن جي مجلس ميسر نہ هوندي انکري ان غم ۾ روئي پيا. حضرت عبدالله بن عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جڏهن رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو تذڪرو فرمائيندا هئا تہ اکين مان لڙڪ جاري ٿي ويندا هئا. (الطبقات الكبري،تذكرة عبدالله بن عمر بن خطاب، ج ،4، ص 127)

## قرابتِ رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عزت ۽ محبت

رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعلق جي سبب صحابہ کرام اهل بيت رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُم جي بہ تمام گهڻي عزت ۽ محبت ڪندا هئا. هڪ دفعو حضرت امام باقر، حضرت جابر بن عبدالله رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهم جي خدمت ۾ حجة الوداع جي ڪيفيت پڇڻ جي لاءِ حاضر ٿيا. جڏهن تہ ان وقت هو بحيثيت طالب علم ۽ سوالي جي حالت ۾ آيا هئا، پوءِ بہ حضرت جابر بن عبدالله رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا تمام سٺي نموني سان ان جو خير مقدم ڪيو پهرين انهن جي مٿي تي هٿ ڦيريو ۽ سيني تي هٿ رکيو ۽ مرحبا چيو، پوءِ اصل مسئلي تي ڳالهائڻ جي اجازت ڏني. (سنن ابي داؤد، ڪتاب المناسڪ،باب صفة حجة النبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الحديث:1905،ج 2، ص 265)

هڪ دفعي هڪ عراقي حضرت عبدالله بن عمر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عنهما کان پڇيو تہ مڇر جو رت جيڪو ڪپڙي تي لڳي ويندو آهي ان جو ڪهڙوحڪم آهي؟ اهو ٻڌي فرماياؤن رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڏوهٽي کي تہ شهيد ڪري ڇڏيوَ ۽ هاڻي مڇر جي رت جو حڪم پڇڻ آيا آهيو. (سنن الترمذي، ڪتاب المناقب،باب مناقب الحسن والحسين رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا، الحديث:3795، ج 5، ص 427)

رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وصال کان ڪجهہ ڏينهن پوءِ هڪ دفعي حضرت ابو بڪر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ هڪ رستي تان گذري رهيا هئا، ڏٺائون تہ حضرت حسن رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کيڏي رهيا آهن ڪٽي ڪري پنهنجي ڪلهي تي رکيائون ۽ هي شعر پڙهياؤن.

**وا!بأبي شبه النبي    ليس شبيها بعلي**

منهنجا ماءُ پيءُ توهان تي قربان جو رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا همشڪل آهيو، علي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ وانگر نہ آهيو، حضرت علي كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم بہ گڏ هئا اهي ڪِلڻ لڳا. (المسند لامام احمد بن حنبل، مسند ابي بڪر الصديق، الحديث: 40، ج1، ص 28)

هڪ ڏينهن حضرت ابو هريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ امام حسن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ سان مليا ۽ چيائون تہ توهان پيٽ کوليو جتي رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چُمي ڏني هئي اُتي آئون بہ چُمي ڏيندس، ۽ پوءِ انهن پيٽ کوليو ۽ حضرت ابو هريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ اُتي چُمي ڏني.

(المسند لامام احمد بن حنبل، مسند ابي هريرة،الحديث 9515، ج 3، ص 415)

هڪ ڀيري گهڻا ماڻهو مسجدِ نبوي عَلٰي صاحِبِهَاالصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۾ ويٺا هئا اتفاق سان حضرت امام حسين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ اچي پهتا ۽ سلام ڪيائون، سڀني سلام جو جواب ڏنو، پر حضرت عبدالله بن عمرو بن العاص رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ خاموش رهيا، جڏهن سڀ چپ ٿي ويا تہ وڏي آواز ۾ چيائين السلام عليكم ورحمة الله وبركاته. اهو چئي سڀني جي طرف مخاطب ٿي چيائون، آئون توهان کي ٻڌايان تہ زمين جي رهڻ وارن ۾، آسمان وارن کي سڀ کان محبوب شخص ڪير آهي؟ اهو ئي جيڪو وڃي رهيو آهي، جنگِ صفين کان پوءِ اِنهن مون سان ڳالهہ ٻولهہ ناهي ڪئي، جيڪڏهن هو مون سان راضي ٿي وڃن تہ اهو مون کي ڳاڙهي اُٺن کان بہ گهڻو محبوب آهي.

(اسد الغابة، تذكرة عبدالله بن عمرو بن العاص، ج 3، ص 358)

حضرت ابو الطفيل رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ حضرت علي كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم جا تمام گهڻا حامي هئا، حضرت علي كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم جي انتقال کان پوءِ هڪ دفعو حضرت امير معاويہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ ان کان پڇيو تہ تنهنجي دوست ابو الحسن جي غم ۾ تنهنجو ڪهڙو حال آهي؟ چيائون، موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي غم ۾ جيڪو حال ان جي ماءُ جو هو.

(اسد الغابة، تذكرة ابو الطفيل عامر بن واثلة، ج 6 ،ص 192)

حضرت فاطمہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا جڏهن حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کان رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وراثت جو مطالبو ڪيو، ۽

حضرت علي كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰي وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رشتيداريءَ جا حقوق ٻڌايا تہ حضرت ابو بکر صديق رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جيڪا تقرير ڪئي ان ۾ خاص طور تي اهلبيت جي محبت جو بيان ڪيو ۽ فرمايائون تہ ان ذات جو قسم جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي، رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رشتيدارن جي حقن جو لحاظ مونکي پنهنجي رشتيدارن کان وڌيڪ آهي. اُنهن ماڻهن کي بہ اِنهن جي حقن جو لحاظ رکڻ جو حڪم ڏنو. (صحيح البخاري، ڪتاب الفضائل اصحاب النبي، باب مناقب قرابة رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الحديث:3712،ج 2، ص 538)

هڪ ڀيري حضرت عباس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ هڪ معاملي ۾ حضرت عمر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ سان اصرار ڪيو ۽ چيائين يا امير المومنين! جيڪڏهن موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جو چاچو توهان وٽ مسلمان ٿي اچي تہ توهان چا ڪندا؟ چيائون ان سان حسنِ سلوڪ ڪندس، حضرت عباس چيو پوءِ آئون رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو چاچو آهيان، چيائون اي ابو الفضل توهان جي چا راءِ آهي، خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! توهان جا پيءُ مونکي پنهنجي پيءُ کان گهڻا محبوب آهن، ڇو تہ مون کي خبر آهي تہ هو رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي منهنجي پيءُ کان گهڻا محبوب هئا ۽ آئون رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت کي پنهنجي محبت تي ترجيح ڏيان ٿو.

حضرت عباس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جو انتقال ٿيو تہ بنو هاشم الڳ ۽ حضرت عثمان رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ الڳ انصارن جي تمام آبادين ۾ اعلان ڪرائي ڇڏيو. ماڻهو ايتري ڪثرت سان جمع ٿيا تہ ڪوبہ ماڻهو تابوت (جنازه مبارڪ) تائين پهچي نٿي سگهيو، خود بنو هاشم جي ماڻهن اهڙو گهيري ورتو جو حضرت عثمان رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ سپاهين جي ذريعي سان انهن کي هٽايو. (الطبقات الڪبري، تذڪرة عباس بن عبدالمطلب ج 4، ص 23)

عرب ۾ جڏهن ڏڪار ايندو هو تہ حضرت عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ انهن يعني حضرت عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ جي وسيلي سان برسات جي دعا ڪندا هئا ۽ چوندا هئا تہ اي خدا اسان پهرين پنهنجي پيغمبر صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي وسيلو بڻائيندا هئاسين ۽ تون مينهن وسائيندو هئين، ۽ هاڻي پنهنجي پيغمبر صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چاچي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ کي وسيلو بڻايون ٿا اسان جي لاءِ مينهن وساءِ. (صحيح البخاري، كتاب فضائل اصحاب النبي، باب ذكر العباس بن عبدالمطلب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ، الحديث: 3710، ج 2 ،ص 537)

هڪ دفعي حضرت عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ شفاء بنت عبدالله العدويہ کي گهرائي ورتو، هو آيون تہ ڏٺائون عاتڪہ بنت اُسيد پهرين کان موجود آهن، ڪجهہ دير کان پوءِ حضرت عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ ٻنهي کي هڪ هڪ چادر ڏني، پر شفاء جي چادر گهٽ درجي جي هئي، انڪري ان چيو تہ آئون عاتڪہ کان وڏيڪ قديم الاسلام ۽ توهان رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ جي سؤٽِ (چاچي جي ڌيءُ) آهيان، توهان رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ مون کي خاص انهي مقصد لاءِ گهرايو هو ۽ عاتڪہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهَا تہ ائين ئي اچي ويون هيون، چيائون مون هيءَ چادر توهان کي ئي ڏيڻ جي لاءِ رکي هئي، پر جڏهن عاتڪہ اچي ويون تہ مون کي رسول الله صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قرابت جو لحاظ ڪرڻو پيو. (الاصابة في تمييزالصحابة، كتاب النساء، تذكرة عاتكة بنت اسيد، الحديث:11450، ج 8، ص 226_227)

حضرت هند بن ابي هالا حضرت خديجہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهَا جا پٽ هئا صرف ايتري تعلق سان تہ رسول الله صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي پرورش فرمائي هئي. جڏهن ان جي پٽ جو بصره ۾ طاعون جي مرض ۾ انتقال ٿيو تہ پهرين ان جو جنازو بنا ڪنهن همدرديءَ جي حالت ۾ ڪنيو ويو پر ان حالت کي ڏسي هڪ عورت پڪاريو: وَاهَند بن هنداه وابن ربيب رسول الله. (هائي هند بن هند هائي رسول الله صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا پاليل پٽ) اهو

ٻڌڻ هيو جو ماڻهو پنهنجي مُردن جي تجهيز ۽ تڪفين ڇڏي ان جي جنازي ۾ شريڪ ٿي ويا. (الاستيعاب في معرفة الصحابة،باب هند، تذكرة هندبن هالة التميمي، ج 4، ص 106)

قبيلي بنو زهره جيئن تہ رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ناناڻا هئا، انڪري حضرت عائشه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا ان قبيلي جو گهڻو لحاظ ڪنديون هيون، جڏهن اُهي حضرت عبداللّٰه بن زبير رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان خفا ٿيون تہ ان انهي ئي قبيلي جي ڪجهه بزرگن کي سفارشي بڻايو. (صحيح البخاري، ڪتاب المناقب، باب مناقب قريش، الحديث: 3503 ج 2 ص 475)

## رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عزت ۽ محبت

رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ماڻهن سان محبت رکندا هئا صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْھُم بہ انهن جي تمام گهڻي تعظيم ۽ عزت ڪندا هئا.

حضرت عمر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ حضرت اسامہ بن زيد رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو عطيو ساڍا ٽي هزار ۽ پنهنجي پٽ حضرت عبداللّٰه بن عمر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا جو ٽي هزار مقرر فرمايو، تنهن تي سندس پٽ اعتراض ڪيو تہ اوهان رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ اسامہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي مون تي ترجيح ڇو ڏني، اهي تہ ڪنهن جنگ ۾ مون کان اڳيان نہ رهيا. چيائون اسامہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جا پيءُ تنهنجي پيءُ کان وڌيڪ رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي محبوب هئا ۽ اسامہ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي توکان وڌيڪ محبوب هئا، ان ڪري مون پنهنجي محبوب تي رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبوب کي ترجيح ڏني. (سنن الترمذي، كتاب المناقب،باب مناقب زيد بن حارثة،الحديث: 3839، ج 5، ص 445)

هڪ دفعي حضرت عبداللّٰه بن عمر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا ڏٺو تہ هڪ ماڻهو مسجد جي حصي ۾ قميص جو اڳيو ڪنارو گهليندي ڦري رهيا آهن، چيائون هي ڪير شخص آهي؟ هڪڙي ماڻهو چيو: توهان هن

ڪي نتا سڃاڻو؟ هي محمد بن اسامہ آهن، حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡھُما اهو ٻڌي ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو، ۽ زمين تي هٿ هڻي چيو: جيڪڏهن رسول الله صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اِنهيءَ ڪي ڏسن ها تہ اِنهيءَ سان محبت فرمائن ها. (صحيح البخاري، ڪتاب فضائل الصحاب النبي صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم، باب ذڪر اسامة بن زيد، الحديث:3734، ج 2 ص 543)

صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡھُم نہ صرف پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي دوستن جي عزت ڪندا هئا، پر پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن غلامن ڪي آزاد ڪري پنهنجو موليٰ (آزاد ڪيل غلام) ٻڻائي ڇڏيو هو، انهن سان بہ نهايت نرميءَ سان پيش ايندا هئا. هڪ دفعي پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو تہ جن غلامن جا نڪ ڪن ڪٽيا ويا آهن يا انهن ڪي ساڙيو ويو آهي، اهي آزاد آهن، ۽ اُهي الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا موليٰ آهن. ماڻهن اهو ٻڌي ڪري ڪدڙي ڪي وٺي آيا جنهن جو نالو "سندر" هو، پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ان ڪي آزاد ڪري ڇڏيو، پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وفات کان پوءِ اهو حضرت ابو بڪر ۽ حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡھُما جي زمانہ خلافت ۾ ايندو هو تہ ٻئي بزرگ ان سان سٺو سلوڪ ڪندا هئا، ان هڪ دفعي مصر وڃڻ چاهيو تہ حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ حضرت عمرو بن العاص رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ ڏانهن خط لکيو تہ رسول الله صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وصيت مطابق ان سان سٺو سلوڪ ڪجان. (المسند لامام احمد بن حنبل، حديث عبدالله بن عمرو بن العاص، الحديث:6722، ج2، ص 603)

ٻي روايت ۾ آهي تہ حضرت ابو بڪر رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ ان جي ۽ ان جي گهر وارن جي بيت المال مان ڪفالت ڪندا هئا ۽ حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ مصر جي گورنر ڪي لکيو هو تہ ان ڪي ڪجھ زمين ڏني وڃي. (المرجع السابق)

پر ان روايت ۾ ان جي نالي جي وضاحت نہ آھي تي سگھي ٿو
کو ٻيو غلام ھجي.

## شوقِ زيارتِ رسول صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صحابہ کرام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھُم جون دليون رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زيارت جي شوق سان پرپور ھونديون ھيون، ان کري جڏھن زيارت جو وقت ويجھو ايندو ھو تہ اھو جذبو اجان بہ وڌيک تي ويندو ھو، ۽ ان جو اظھار مقدس سنئي تراني جي صورت ۾ ٿيندو ھو،

حضرت ابو موسيٰ اشعري رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جڏھن پنھنجي رفيقن سان گڏ مديني پھتا تہ سڀ جا سڀ ھک تي زبانِ شوق سان ھي لفظ پڙھڻ لڳا ھئا.

غدا نلقى الاحبه          محمدا وحزبه

اسان سڀاڻي پنھنجي دوستن يعني محمد صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۽ ان جي ٽولي سان ملنداسين.
ھت ملائڻ جي رسم سڀ کان پھرين انھن ماڻھن ايجاد کئي جيکا اظھارِ شوق ۽ محبت جو ھک لطيف ذريعو آھي.

دربارِ نبوت جي غير حاضري صحابہ کرام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھُم جي ويجھو وڏو جرم ھو. ھک ڏينھن حذيفہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي والده پڇيو تہ "تون کڏھن کان رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زيارت ناھي کئي، چيائون، ھيترن ڏينھن کان وني زيارت ناھي کئي". انھيءَ تي سندس جي والده ان کي ڏاڍو گھڻ وڏ ڳالھايو تہ چيائين، ڇڏيو آئون حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ وڃان ٿو، ان سان گڏ مغرب جي نماز پڙھندس پنھنجي ۽ توھان جي لاءِ استغفار جي درخواست کندس.

(سنن الترمذي، كتاب المناقب، باب مناقب الحسن والحسين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا، الحديث:3806، ج 5، ص431)

نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وصال کان پوءِ اهو ئي شوق هو جيڪو صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم کي مزار جي طرف ڇڪي ايندو هو. هڪ دفعي حضرت ابو ايوب انصاري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ آيا ۽ مزار پاڪ تي پنهنجا رخسار رکي ڇڏيا. مروان ڏٺو تہ چيو، ڪجهه خبر اَٿوَ، هي ڇا پيا ڪريو؟ فرمايائون مان ڪنهن سِرَ يا پٿر وٽ ناهيان آيو، رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ آيو آهيان. (المسند للامام احمد بن حنبل،مسند ابو ايوب انصاري، الحديث:23646، ج 9، ص 148)

## شوقِ ديدارِ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ديدار ايمان جو سبب هوندو هو انهي ڪري صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم ديدار جي لاءِ مشتاق رهندا هئا. جڏهن سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هجرت ڪري مديني آيا تہ ديدار جي خواهش ۾ جن ماڻهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي نہ ڏٺو هو اهي سڃاڻي نہ سگهيا، پر جڏهن سج جي اس جي سبب حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي پنهنجي چادر جي ڇانوَ ڪئي تہ سيني ان ڇانوَ ۾ آفتابِ نبوت جي ديدار سان پنهنجو ايمان تازو ڪيو. (صحيح البخاري، ڪتاب مناقب الانصار، باب هجرة النبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وصحابه الي المدينة، الحديث: 3906، ج 2 ، ص 593)

حجّة الوداع ۾ ديدار جي عاشقن آفتابِ نبوت کي پنهنجي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو، اعرابي اچي شربتِ ديدار سان سيراب ٿيندا هئا ۽ چوندا هئا تہ: "مبارڪ چهرو آهي". حضورصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مرض الموت جي زماني ۾ جڏهن حجري مبارڪ جو پردو کنيو ۽ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم کي نماز جي حالت ۾ ڏسي مسڪرايو تہ ان آخري ديدار سان صحابہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم تي خوشي جي اهڙي ڪيفيت طاري ٿي

وئي جو سوچين تہ نماز ئي ٽوڙي ڇڏين ۽ ان بي مثال جمال جو اڄ دل پري ديدار ڪري ونن. حضرت انس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا:

كان وجهه ورقة مصحف ما راينا منظرا كان

اعجب الينا من وجه النبى صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حين وضح لنا.

(صحيح البخاري، كتاب الاذان، باب اهل العلم والفضل احق بالا مامة، الحديث: 681، ج 1 ص 243)

پاڻ سڳورن صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو چهرو قرآن جي ورقن جيان صاف هو اسان ڪوبہ منظر اهڙو نہ ڏٺو جيڪو اسان کي رخ انور جي ان منظر کان گهڻو خوشگوار هجي جڏهن چهرو مبارڪ اسان تي ظاهر ٿيو.

ڪجهہ صحابي سڳورن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُم کي اکيون ان ڪري عزيز هيون جو ان جي ذريعي رسول الله صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ديدار ٿيندو هو. پر جڏهن خدا عَزَّوَجَلَّ انهن کي ان شرف کان محروم ڪري ڇڏيو تہ هو اکين کان بہ بي نياز ٿي ويا.

هڪ صحابي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ نابينا ٿي ويا، ماڻهو عيادت لاءِ آيا تہ اُن چيو تہ اِنهن اکين جو مقصود تہ صرف رسول الله صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ديدار هو. پر جڏهن سرڪار صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پڙدو فرمايو، تہ جيڪڏهن هاڻي منهنجي بدلي "تبالہ" جون هرڻيون انڌيون ٿي وڃن ۽ منهنجي نظر موٽي اچي تڏهن بہ مون کي پسند ناهي. (الادب المفرد، باب العيادة من الرمد، الحديث: 543. ص 153)

## شوقِ صحبتِ رسول صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

رسول الله صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فيض هڪ اهڙي تہ هميشہ واري دولت هئي جنهن تي صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُم دنياوي مال ۽ ملڪيتون قربان ڪري ڇڏيندا هئا.

هڪ ڀيري پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت عمرو بن العاص رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کي فرمايو تہ آئون توکي هڪ مُهِم تي موڪلڻ چاهيان ٿو. خدا عَزَّوَجَلَّ مالِ غنيمت ڏيندو تہ توکي تمام گهڻو حصو ڏيندس. چيائون تہ آئون مال جي لاءِ مسلمان نہ ٿيو آهيان صرف ان ڪري اسلام آندو آهي تہ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فيضِ صحبت حاصل ٿئي. (الادب المفرد، باب المال الصالح للمرء الصالح،الحديث:302، ص 96)

جيڪي صحابہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُم دنياوي تعلقات کان آزاد ٿي ويندا هئا اُهي صرف نبوت جي آستاني سان وابستگي پيدا ڪري پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صحبت ۾ فيض ياب ٿيندا هئا. حضرت قيلہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا بيوه ٿي ويون تہ ٻارن کي سندس جي چاچي پاڻ وٽ رکيو. هاڻي هوءَ تمام دنياوي جهڳڙن کان آزاد ٿي ڪري هڪ صحابي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ سان گڏ خدمتِ مبارڪ ۾ حاضر ٿيون ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعليم ۽ تلقين مان پوري عمر فائدو وٺنديون رهيون. (الطبقات الکبري، تذکرة قيلة بنت مخرمة ،ج 8، ص 240)

حضرت عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ گهڻو پري مقام عاليہ ۾ رهندا هئا انڪري روز پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فيضِ صحبت مان فائدو حاصل نہ ڪري سگهندا هئا تڏهن بہ اهو معمول ٺاهي ڇڏيائون تہ هڪ ڏينهن خود ايندا هئا ۽ ٻي ڏينهن پنهنجي اسلامي ڀاءُ حضرت عتبان بن مالڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کي موڪليندا هئا تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعليم ۽ ارشاد کان محروم نہ رهجي وڃون. (صحيح البخاري، کتاب العلم، باب التناوب في العلم، الحديث: 89، ج1، ص 50)

دنيا ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فيضِ صحبت ڪٽڻ سان گڏ ڪجهہ صحابين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُم خواهش ڪئي تہ آخرت ۾ بہ اها بقاء

واري دولت نصيب ٿئي، حضرت ربيعہ بن ڪعب ۽ حضرت ثوبان رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھُمَا تمنا ظاهر ڪئي ۽ راحت ڏيندڙ خوشخبريءَ سان سرفراز ٿيا.

## رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي صحبت جو اثر

صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡھُم جيئن تہ وڏي خلوص ۽ قلب جي صفائي سان ڳڌ پاڻ سڳورن صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي ارشاد ۽ هدايت مان فيضياب ٿيڻ لاءِ پاڻ سڳورن صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيندا هئا. ان ڪري انهن تي سندن جي صحبت جو اثر گهڻو ٿيندو هو. هڪ ڀيري حضرت ابو هريره رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہُ عرض ڪيو تہ ”يا رسول الله صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هي ڇا ڳالھ آهي جو جڏهن اسان اوهان صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان ڳڏ هوندا آهيون تہ اسان جون دليون نرم ٿي وينديون آهن، پرهيزگاري ۽ آخرت جو خيال غالب ٿي ويندو آهي، پوءِ جڏهن اوهان وٽان هليا ويندا آهيون گهر وارن سان ملندا جُلندا آهيون ۽ ٻارن وٽ ويندا آهيون تہ اها ڳالھ باقي ناهي رهندي“ ارشاد ٿيو تہ جيڪڏهن اها ئي حالت قائم رهي ها تہ فرشتا خود توهان جي گهرن ۾ توهان جي زيارت لاءِ اچن ها.

(سنن الترمذي،كتاب صفة الجنة،باب ماجاء في صفة الجنة و نعيمها،الحديث: 2534،ج 4، ص 236)

هڪ ڀيري حضرت حنظلہ اسيدي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ حضرت ابوبڪرصديق رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہُ وٽان روئيندي گذريا. حال پڇڻ تي چيائون ”حنظلہ منافق ٿي ويو، اسان رسول الله صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وٽ هوندا آهيون ۽ پاڻ سڳورا جنت ۽ دوزخ جو ذڪر فرمائيندا آهن تہ اسان جي سامهون ان جي تصوير ڇڪجي ويندي آهي پوءِ گهر ۾ اچي اهل عيال سان ملندا آهيون ۽ ٻني ٻاري جي ڪم ۾ مصروف ٿي ويندا آهيون تہ ان حالت کي وساري ڇڏيندا آهيون.“ حضرت ابو بڪر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ چيو، اسان جو بہ اهو ئي حال هوندو آهي، هلو تہ اسين رسول الله صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

وٽ هلون، سندن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ واقعو بيان ڪيو، ته سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪڏهن اها حالت قائم رهي ها ته فرشتا توهان جي مجلسن ۾، توهان جي بسترن تي، ۽ توهان جي رستن تي اچي توهان سان هٿ ملائين ها ان حالت جو هميشه قائم رهڻ ضروري ڪونهي. (سنن الترمذي،كتاب صفة الجنة،باب 124، الحديث: 2522، ج 4، ص 230)

## استقبالِ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هجرت ڪئي ته سندن سان گڏ نغارو ۽ علَم، فوجي جٿا، تنبو ڪجهه به نه هئا. صرف سواري جون به ڏاچيون هيون ۽ گڏ هڪ جانثار رفيقِ سفر هو. پر اهو بي سرو سامان قافلو جنهن ڏينهن مديني پهتو، مدينو خوشگوار ٿي ويو. عورتن، ٻارن ۽ ٻانهين جي زبان تي هي جملا هئا، رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اچي ويا، رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اچي ويا، هجرت جي خبر پهرين ئي مديني ۾ پهچي چڪي هئي ان ڪري تمام مسلمان صبح سوير گهرن مان نڪري مديني جي ٻاهر استقبال ڪرڻ لاءِ جمع ٿيندا هئا ۽ ٻپهريءَ تائين انتظار ڪري واپس هليا ويندا هئا.

هڪ ڏينهن ماٺهو انتظار ڪري واپس هليا ويا ته هڪ يهودي قلعي کان ٻاهر منهن ڪڍي وڏي آواز سان پڪاريو ته اي اهل عرب! توهان جو صاحب اچي ويو، تمام صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُم اٿي پيا ۽ هٿيارن سان سَجي ڪري گهرن مان نڪري آيا، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مسجد قباء ۾ تشريف ڪٽي آيا ۽ خاندانِ بنو عمرو بن عوف وٽ لٿا، سيني خاندانن الله اڪبر جو نعرو هنيو. انصار هر طرف کان ايندا ۽ سلام عرض ڪندا ويا. (الطبقات الكبري، تذكرة خروج رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وابي بكر الي المدينة للهجرة،ج 1، ص 180)

انصارن مان جن ماڻهن رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي نہ ڏٺو هو اهي شوقِ ديدار لاءِ بي تاب هئا پر پاڻ کي سڃاڻي کونہ ٿي سگهيا، حضرت ابو بکر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ اُس کان بچائڻ جي لاءِ پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مٿان پنهنجي چادر سان ڇانوَ ڪئي تہ سيني کي ان ڇانوَ ۾ آفتابِ نبوت نظر آيو.

نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قباء کان مديني جي خاص آبادي جي طرف هليا تہ جانثارن جو جهڳٽو ساڻن گڏ هو. هڪ مقام تي پاڻ سڳورا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بيهي رهيا ۽ انصارن کي گهرايائون، سڀ ماڻهو حاضر ٿياءِ سلام عرض ڪيو، ۽ عرض ڪيائون تہ توهان سوار ٿيو، ڪوبہ خطرو ناهي. اسان ماڻهو فرمانبرداريءَ جي لاءِ حاضر آهيون. حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم روانا ٿيا ۽ انصار آقا ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چوڌ طرف هٿيارن سان گڏ هلي رهيا هئا.

قباء کان مديني تائين ٻنهي طرف جان نثارن جون صفون هيون. رستي ۾ انصارن جا خاندان ايندا هئا تہ هر قبيلو سامهون اچي عرض ڪندو هو تہ حضور هي گهر آهي، هي مال آهي جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شهر جي سامهون پهتا تہ هڪ عام گوڙ ٿي ويو ماڻهو گهرن جي ماڙين تان ڏسي رهيا هئا ۽ چوندا هئا "رسول الله اچي ويا، رسول الله اچي ويا. (صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) (صحيح البخاري،ڪتاب المناقب الانصار، باب هجرة النبي واصحابه الي المدينة،الحديث 3911، ج 2، ص 596)

پرديدار عورتون خوشي مان هي ترانو ڳائينديون هيون

طلع البدر علينا من ثنيات الوداع
وجب الشكر علينا ما دعا لله داع

"وداع جي گهاٽين مان چوڏهين جو ڪامل چنڊ طلوع ٿيو
جيستائين دعا ڪرڻ وارا دعا ڪن اسان تي شڪر واجب آهي"

جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڏاچي حضرت ابو ايوب انصاري رَضِیَ اللّٰه تَعَالٰى عَنْهُ جي دروازي تي ويهي رهي ته قبيلي بنو نجار جون ڇوڪريون دف وڄائي هي شعر ڳائڻ لڳيون.

نحن جوار من بنی النجار　　يا حبذا محمد من جار

”اسان نجار خاندان جون ڇوڪريون آهيون، محمد (صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ڪهڙا نه سنا پاڙيسري آهن.“ (وفا الوفاء،الباب الثالث، الفصل الحادي عشر، ج1، ص 262)

## ضيافتِ (دعوت) رسول

جيڪڏهن خوش قسمتي سان ڪڏهن صحابهِ ڪرام رَضِیَ اللّٰه تَعَالٰى عَنْهم کي رسول الله صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ضيافت ۽ ميزباني جو شرف حاصل ٿيندو هو ته هو تمام عزت، محبت، ادب ۽ احترام سان ان فرض کي نڀائيندا هئا.

هڪ ڀيري هڪ انصاري خدمت مبارڪ ۾ عرض ڪيو ته تمام ٿُلهو متارو ماڻهو آهيان، پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ نماز ۾ شريڪ نٿو ٿي سگهان، توهان منهنجي گهر تشريف فرما ٿي نماز ادا فرمايو ته آئون اهڙي طرح نماز پڙهندو ڪريان، انهن ڀهرين کان ڪاڏو به تيار ڪري رکيو هو، اهڙي طرح سرڪارصَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف وٺي آيا ۽ ٻه رڪعت نماز ادا فرمائي.(سنن ابي داؤد، ڪتاب الصلوة، باب الصلوة علي الحصير، الحديث: 657، ج، 1، ص 263)

هڪ ڏينهن حضور صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت عمر ۽ حضرت ابو بڪر رَضِیَ اللّٰه تَعَالٰى عَنْهُمَا سان گڏ حضرت ابو هيثم بن تيهان انصاري رَضِیَ اللّٰه تَعَالٰى عَنْهُ جي گهر تشريف وٺي ويا، هو ٻاهر ويل هئا. جڏهن گهر آيا ته پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان چنبڙي ويا ۽ قربان ٿيڻ لڳا، پوءِ سيني کي باغ ۾ وٺي ويا ٿڏو وڇايو ۽ کجورُون پٽي حضور پاڪ صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي

سامهون رکي ڇڏيون تہ جيئن پاڻ پنهنجي مبارڪ هٿن سان چوندي چوندي کائن، ان کان پوءِ اتيا ۽ ٻڪري ذبح ڪئي ۽ سيني خوب ڍؤ ڪري ماني ڪاڏي. (سنن الترمذي، كتاب الزهد، باب ماجاء في معيشة اصحاب النبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الحديث: 3276، ج 4، ص 163)

هڪ ڏينهن حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت جابر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ جي گهر تشريف وٺي وڃڻ جو واعدو ڪيو، ان تمام اهتمام سان پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دعوت جو سامان ڪيو ۽ زال کي چيائين تہ ڏس رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اچي رهيا آهن تنهنجو چهرو نظر نہ اچي، سندن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪابہ تڪليف نہ ڏجان، سندن سان ڳالهہ ٻولهہ نہ ڪجان، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف وٺي آيا تہ بسترو وڇايو، وهاڻو لڳايو، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آرام ۾ مصروف ٿي ويا تہ غلام کي چيائون تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جاڳڻ کان اڳئي هن ٻڪري جي ٻچي کي ذبح ڪري ۽ گوشت پچائي وٺ، ائين نہ ٿئي جو سندن هٿ منهن ڌوئي ۽ روانا ٿي وڃن، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جاڳي هٿ منهن ڌوئي فارغ ٿيا تہ دستر خوان اڳيان آندو ويو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ماني پيئي ڪاڏي ۽ قبيلي بنو سلم جي ماڻهن پري کان ئي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ديدار جو شرف حاصل ڪيو. ويجها انڪري نہ آيا تہ متان اوهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪا تڪليف ٿئي. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ماني کان فارغ ٿي ڪري روانا ٿيا تہ حضرت جابر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ جي زال پردي مان عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي ۽ منهنجي مڙس تي رحمت نازل ٿيڻ جي دعا ڪندا وڃو، پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو! خدا عَزَّوَجَلَّ توتي ۽ تنهنجي مڙس تي رحمت نازل فرمائي.

هڪ ڀيري پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت سعد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي گهر تشريف وٺي ويا ان پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي غسل ڪرايو، غسل کان پوءِ زعفراني رنگ جي چادر پارائي، پوءِ ماني کارائي، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وڃڻ لڳا ته سواري حاضر ڪئي، ۽ پنهنجي پٽ کي گڏ روانو ڪيائون ته جيئن گهر تائين ڇڏي اچن. (سنن ابي داؤد، ڪتاب الادب، باب کم مرة يسلم الرجل في الاستيذان، الحديث:5185، ج 4، ص 445)

ڪڏهن ڪڏهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خود ڪنهن شيءِ جي خواهش ظاهر فرمائيندا هئا ۽ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُم ان کي تيار ڪري پيش ڪندا هئا. هڪ ڀيري پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ڪاش مون وٽ ڪڻڪ جي اڇي ماني گيهه ۽ کير ۾ سٽيي ٿيل هجي ها، هڪ صحابي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ اٿيا ۽ جلدي تيار ڪرائي آندي. (سنن ابي داؤد،ڪتاب الاطعمة، باب في الجمع بيب لونين من الطعام،الحديث:3818، ج 3، ص 503)

ڪجھ صحابيات رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُنَّ پاڻ ئي ڪا نئين شيءِ پچائي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ پيش ڪنديون هيون. هڪ دفعي حضرت اُم ايمن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا اٽو ڇاڻيو، ۽ ان جون مانيون تيار ڪري پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ پيش ڪيون. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: هي ڇا آهي؟ چيائين اسان جي ملڪ ۾ ان جو رواج آهي، مون چاهيو ته پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ به اهڙي قسم جون مانيون تيار ڪريان. پر سنڌن پرهيزگاري جي ڪري فرمايو ته اٽي ۾ ڇاڻ ملايو پوءِ ڳوهيو. (سنن ابن ماجه، ڪتاب الاطعمة، باب الحوارِي،الحديث:3336، ج4، ص42)

## نعتِ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

قرآن پاڪ جي نصيحتن ۽ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ ڪلمن توڙي جو صحابہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُم دؤر ۾ شاعريءَ جي دفتر تي پاڻي ڦيري ڇڏيو هو. تڏهن به محبوب جي باغ جا بلبل پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى

عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مدح ۾ ڪڏهن نغمہ خوان ٿي ويندا هئا، چاڪاڻ ته هي شعر سچي دل سان نڪرندا هئا ۽ سچي تعريف تي مشتمل هوندا هئا ان ڪري دلين تي اثرڪندا هئا. حضرت عبدالله بن رواحہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ، حضرت ڪعب بن زبير، ۽ حضرت حسان بن ثابت رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُم جي ته هي خاص ونڊر هوندو هو، حضرت عبدالله بن رواحہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جا ڪجهه تعريف ڪيل شعر بخاري ۾ موجود آهن.

وفينا رسول الله يتلو كتاب

اذا انشق معروف من الفجر ساطع

”يعني اسان ۾ خدا عَزَّوَجَلَّ جو پيغمبر صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي جڏهن صبح نمودار ٿيندي آهي ته خدا عَزَّوَجَلَّ جي ڪتاب جي تلاوت ڪندو آهي“.

ارانا الهدى بعد العمى فقلوبنا — به موقنات ان ماقال واقع

”گمراهي کان بعد هن اسان کي سڌو رستو ڏيکاريو، انڪري اسان جي دلين کي يقين آهي ته جيڪو ڪجهه انهن فرمايو اهو ضرور ٿي رهندو.“

يبيت يجافي جنبه عن فراشه

اذا استثقلت بالمشركين المضاجع

”هو راتين جو جاڳندو آهي، جڏهن ته ان وقت مشرڪ گهري ننڊ سمهندا آهن.“ (صحيح البخاري، كتاب التهجد، باب فضل من تعار من الليل فصلي، الحديث: 1155، ج 1، ص 391)

حضرت ڪعب بن زبير رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جڏهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ پنهنجو مشهور قصيدو ”بانت سعاد“ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون پڙهيو، ته پاڻ سڳورن صَلَّى

اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي ٻڌي صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُم کي فرمايو: تہ ان کي ٻڌو! جنگِ تبوڪ کان واپسي تي حضرت عباس بن عبد المطلب رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُما نعت ٻڌائڻ جي اجازت طلب ڪئي ۽ ان نعت پيش ڪئي. اهڙي طرح ڪيترن ئي صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُم نعتِ رسول صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چيئي، جن مان گهڻيون نعتون "المديح النبوي" ۾ موجود آهن.

## رضاءِ رسول صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُم رسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ناراضگي کان سخت گهبرائيندا هئا ۽ ان کان پناهہ گهرندا هئا.

هڪ ڀيري هڪڙي ماڻهوءَ حضرت عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي مائٽن منجهان ڪنهن کي برو ڀلو چيو، پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي خبر پئي تہ فرمايائون: "عباس مون مان آهي ۽ آئون عباس مان آهيان، اسان جي مُردن کي بُرو ڀلو نہ چؤ جنهن سان اسان جي زنده جا دل ڏکن." اهو ٻڌي صحابہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُم چيو اسان توهان جي ناراضگي کان پناهہ گهرون ٿا اسان لاءِ استغفار ڪريو.

(سنن النسائي، ڪتاب القسامة، باب القود من اللطمة،ج4، الجزءالثامن، ص 33)

هڪ ڏينهن ڪنهن پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان سندن جي روزي جي باري ۾ پڇيو، پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ناپسند لڳو. حضرت عمر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ اها حالت ڏسي تہ چيائون: رضينا بالله ربا وبالاسلام دينا وبمحمد نبيا، نعوذ بالله من غضب الله وغضب رسوله ترجمو: "اسان خدا عَزَّوَجَلَّ کي پنهنجو پروردگار، اسلام کي پنهنجو دين، ۽ محمد صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجو پيغمبر مڃيو آهي، ۽ خدا عَزَّوَجَلَّ ۽ خدا جي رسول صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي غضب کان پناهہ گهرون ٿا." ان جملي کي بار بار چوندا رهيا ايتري

تائين جو پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ناراضگي ختم ٿي ويئي.

(سنن ابي داود، كلتاب الصوم، باب في صوم الدهر، الحديث:2425، ج2، ص 473)

ان ڪري جيڪڏهن پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪنهن ناگوار واقعي ڪان اُداس ٿيندا هئا، ته صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھُم هر ممڪن تدبير سان سندن کي راضي ڪرڻ چاهيندا هئا. پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ازواج مطهرات رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھُنَّ سان صحبت نہ ڪرڻ جي قسم کنئي تہ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھُم تي مصيبت جو پهاڙ ٽُٽي پيو. حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي راضي ڪرڻ چاهيو، ۽ درِ دولت تي تشريف وٺي ويا، دربان روڪي ڇڏيو، سمجهيائين تہ شايد حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي اهو خيال آهي تہ حضرت حفصہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھَا جي لاءِ آيا آهن. انڪري دربان کي چيائون تہ جيڪڏهن سرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو اهو خيال آهي تہ چئي ڇڏيو تہ خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! توهان حڪم ڏيو تہ حفصہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھَا جو ڪنڌ لاهي ڇڏيان.

حضرت ابو بڪر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ پهرين اچي چڪا هئا. حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ آيا تہ حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ رسول اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي کِلائڻ لاءِ چيو تہ جيڪڏهن منهنجي بنت خارجہ (حضرت ابو بڪر جي گهر واري) مون سان خرچ پکو طلب ڪري ها تہ آئون اٿي ان جو ڪنڌ ٽوڙي ڇڏيان ها، پاڻ کِلي پيا ۽ گهر وارين رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھُنَّ جي طرف اشارو ڪري فرمايائون: هي مون کان خرچ ئي تہ گهري رهيون آهن. ٻئي بزرگ اٿيا ۽ حضرت عائشہ ۽ حضرت حفصہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھُمَا جو ڪنڌ ٽوڙڻ چاهيو ۽ چيائون رسول اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان اها شيءِ گُهرو ٿيون جيڪا (ان وقت) سندن وٽ (موجود) نہ آهي.

(صحيح مسلم، كتاب الطلاق، باب بيان ان تخيير امراته لايكون طلاقا الا بالنية، الحديث: 1478، ص 783)

حضرت ڪعب بن مالڪ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ سان جڏهن پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو ۽ تمام صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُم کي بہ اهو حڪم ڏنائون، تہ ان کي سڀ ڪان گهٽي سندن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي رضا مندي جي فڪر هئي. پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم نماز ڪان پوءِ ٿوري دير مسجد ۾ ويهي رهندا هئا، ان حالت ۾ هو ايندا ۽ سلام ڪندا هئا ۽ دل ۾ چوندا هئا تہ چپَ مبارڪ سلام جي جواب ۾ حرڪت ڪن ٿا يا نہ؟ پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ويجهو نماز پڙهندا هئا ۽ تيڏين اکين سان پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ڏسندا هئا. (صحيح البخاري، ڪتاب المغازي، باب حديث ڪعب بن مالڪ........الخ ،الحديث:4418، ج 3، ص 147)

پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حجة الوداع جي لاءِ تشريف وٺي ويا تہ تمام ازواج مطهرات رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُنَّ گڏ هيون، اتفاق سان رستي ۾ حضرت صفيہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہَا جو اٺ ٿڪجي ويهي رهيو، هو روئڻ لڳيون، پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي خبر پئي تہ خود تشريف وٺي آيا ۽ مبارڪ هٿن سان ان جا ڳوڙها اُگهياؤن، پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جيئن ان کي روئڻ ڪان منع فرمائين پيا تيئن هو وڌيڪ روئن پيون. جڏهن ڪنهن طرح چپ نہ ٿيون تہ ان کي ملامت فرمائي، ۽ سيني ماڻهن کي منزل ڏانهن هلڻ جو حڪم ڏنو، ۽ سندن بہ پنهنجو خيمو لڳرايو. ۽ حضرت صفيہ کي خيال ٿيو تہ سندن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ناراض ٿي ويا، ان ڪري پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي راضي ڪرڻ جون تدبيرون ڪرڻ لڳيون. ان ارادي سان حضرت عائشہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہَا وٽ ويون ۽ چيائين تہ توهان کي خبر آهي تہ آئون پنهنجي واريءَ جو ڏينهن ڪنهن شيءُ جي معاوضي ۾ نٿي ڏيئي سگهان پر جي توهان پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي مون سان راضي ڪرايو تہ آئون پنهنجو وارو توهان کي ڏيان، حضرت عائشہ

رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا آمادگي ظاهر ڪئي، ۽ هڪ پوتي ويڙهي جيڪا زعفراني رنگ مان رنگيل هئي پوءِ ان تي پاڻي ڇڙڪيائين ان ۾ خوشبو ويتر وڌي وئي، ان کان پوءِ پاڻ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وٽ ويون ۽ خيمي جو پردو مٿي ڪيو، پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو ته اي عائشه! رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا هي توهان جو ڏينهن ناهي چيائون:

ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ یُؤْتِیْهِ مَنْ یَّشَآءُؕ

(پ: 6المائده:54)

ترجمو ڪنزالايمان: هيءَ الله جو فضل آهي جنهن کي گهري ڏي

(المسند لامام احمد بن حنبل،حديث صفيةام المومنين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ، الحديث:26930، ج 10، ص 253)

حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم گهٽو ڪري پنهنجي ناراضگيءَ جو اظهار اعلانيه طور نه ڪندا هئا، پر جڏهن صحابه ڪرام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُم کي سندن جي انداز مان ان جو احساس ٿي ويندو هو ته فورًا سندن کي راضي ڪندا هئا. هڪ دفعو پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ رستي تان گذريا، رستي ۾ هڪ وڏو قبو نظر مان گذريو ته فرمايائون هي ڪنهن جو آهي، ماڻهن هڪ انصاري جو نالو ٻڌايو سندن کي اها شان ۽ شوڪت ناگوار لڳي، پر ان جو اظهار ڪونه فرمايائون، ڪجهه دير کان پوءِ اهو انصاري بزرگ آيو، ۽ سلام ڪيائين پر پاڻ ڪريمن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم چهرو مبارڪ ڦيري ڇڏيو، بار بار اهو واقعو پيش آيو ته ان بين صحابين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُم کان حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ناراضگي جو سبب معلوم ٿيو ته ان قُبي کي ڪيرائي زمين جي برابر ڪري ڇڏيو. (سنن ابي داود، كتاب الادب،باب ماجاء في البناء،الحديث: 5237، ج 4، ص 460)

ناراضگيءَ کان پوءِ جيڪڏهن حضورصَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم خوش ٿي ويندا هئا ته جڻ صحابه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہم کي هميشه واري دولت ملي ويندي هئي. هڪ دفعو پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سفر ۾ هئا حضرت ابو رُهم رَضِیَ

اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ جي ڏاچي سندن جي ڏاچيءَ جي پاسي ۾ پاسو وني وجي رهي هئي، حضرت ابو رُهم رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ جي پيرن ۾ چمڙي جا سخت جوتا پاتل هئا، ڏاچن ۾ ويڙهه ٿي ته ان جي جوتي جي چُهنب سان سرڪار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي گوڏي مبارڪ ۾ رهڙ اچي وئي، حضور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان جي پير ۾ ڪوڙو هڻي فرمايو: توهان مون کي ڏک ڏنو آهي، پير هٽايو، اهي سخت گهبرائجي ويا ته ڪٿي منهنجي باري ۾ آيت نه نازل ٿي وڃي.

مقام "جعرانہ" تي پهتا ته حالانڪ ان جي اُٺن چارڻ جو وارو نه هو تڏهن به هن خوف مان ته متان رسول صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو قاصد مون کي سڏڻ جي لاءِ اچي وڃي، رڱپٽ ۾ اُٺ چارڻ لاءِ نڪري ويا شام جو موٽيا، خبر پئي ته حضور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم طلب فرمايو هو، حاضرِ خدمت ٿيا، پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مون کي توهان اذيت پهچائي، ۽ مون به توهان کي ڪوڙو هنيو، جنهن سان توهان کي اذيت پهتي، ان جي عوض ۾ هي ٻڪريون وٺو، ان جو بيان آهي ته پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اها رضامندي منهنجي لاءِ دنيا ومافيها کان گهڻي محبوب هئي. (الطبقات الکبري، تذکرة ابو رُهم الغفاري، ج4، ص 184)

## غمِ هجرِ رسول صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

رسول الله صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡھُم کي جيڪا محبت هئي، ان جو اثر سندن جي زندگي ۾ جن طريقن سان ظاهر ٿيندو هو ان جو حال مٿي بيان ٿي چڪو آهي. پر نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وفات کان پوءِ ان محبت جو اظهار صرف روح راڻي دانهن فرياد جي ذريعي ٿي سگهيو ٿي ۽ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡھُم سندن صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي غم ۾ هي درد مند صدائون اهڙي زور سان

بلند کيون جو مدينو جا پرسجي عرب جا در ۽ پتيون لُڏي ويون، حضور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي موت جا آثار ظاهر ٿيا. خميس جي ڏينهن بيمارءَ ۾ شدت پيدا ٿي. حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُمَا کي جڏهن اهو ڏينهن ياد ايندو هو، ته چوندا هئا هاءِ خميس جو ڏينهن، هاءِ خميس جو ڏينهن، اُهو جنهن ۾ سندن صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي علالت ۾ شدت آئي، نزع جو وقت ويجهو آيو ته غشي طاري ٿي ويئي. (صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب مرض النبي ووفاتہ،الحديث:4431،ج 3، ص152)

حضرت فاطمه رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہَا اها حالت ڏٺي ته بي اختيار چئي ڏنو، ”واکرباه“ سندن صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو وصال ٿيو ته هي الفاظ چئي پاڻ ڏاڍو رُنيون، ياابتاه! اجاب ربا دعاهٗ يا ابتاه! من جنة الفردوس ماواه يا ابتاه! الیٰ جبرئيل عليه السلام ننعاه۔

”ماڻهو پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي تدفين کري آيا ته ان حضرت انس رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ کان تمام درد انگيز لهجي ۾ پڇيو، ”اي انس، ڪيئن رسول الله صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي مٽي ڏيڻ توهان کي برداشت ٿي؟ (المرجع السابق، الحديث:4462، ص160)

حضرت عائشه رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہَا فرمائن ٿيون ته رسول الله صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وفات کان پوءِ مون کي ڪنهن جو مرض الموت ناگوار نٿو لڳي. (المرجع السابق، الحديث: 4446، ص 156)

اِها ته اهل بيت جي حالت هئي. اهل بيت کان سواءِ ٻيا تمام صحابہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہم رنج ۽ ڏک جي تصوير بڻجي مسجدِ نبوي عَلٰي صاحِبِهاالصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۾ روئيندا هئا ۽ حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ ماڻهن کي يقين ڏياري رهيا هئا ته هينئر پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو وصال نٿو ٿي سگهي، حضرت ابو بکر رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ اها حالت اچي ڏٺي ته ڪنهن سان ڳالهه

ٻولھ نہ ڪئي سِڌا سندن جي جسدِ اطهر مبارڪ وٽ هليا ويا، چهري انور تان ڪپڙو هٽائي پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چهري مبارڪ کي چُمي ڏني ۽ رُوئڻ لڳا، اتان نڪري ماڻهن کي سمجهايائون تہ سيني کي پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي موت جو يقين آيو. (المرجع السابق،الحديث:4453_4454،ج 3، ص 158)

هڪ شخص صحابہ رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰى عَنْهم جي ڏک ۽ بي قراريءَ جو اهو عالَم ڏسي مديني کان عمان آيو ۽ ماڻهن کي پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وصال جي خبر ڏني ۽ چيائين تہ آئون مديني جي ماڻهن کي اهڙي حال ۾ ڇڏي آيو آهيان جو انهن جا سينا ديڳڙي وانگر ابري رهيا هئا. حضرت عبدالله ابن ابي ليليٰ انصاري رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰى عَنْهُ چون ٿا تہ رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وصال وقت آئون ٻار هئس، ماڻهو پنهنجي مٿن ۽ ڪپڙن تي خاڪ وجهي رهيا هئا ۽ آئون انهن جي روج راڙي کي ڏسي روئيندو هئس. (اسد الغابة، تذكرة عبدالله بن ابي ليليٰ، ج3، ص 383)

مديني کان ٻاهر جڏهن اها غمناڪ خبر پهتي تہ قبيلي ٻاهلا جي ماڻهن ان غم ۾ پنهنجا خيما ڪيرائي ڇڏيا ۽ مسلسل ست راتين تائين انهن کي نہ لڳايائون. (الاصابة،تذكرة جهم بن كلدة الباهلي ، ج 1، ص 640)

## تَفْوِيْض اِلَى الرَّسُوْل صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰى عَنْهُم پنهنجي ذاتي حيثيت بالڪل فنا ڪري ڇڏي هئي ۽ پنهنجي ذات ۽ پنهنجي آل ۽ اولاد کي رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حوالي ڪري ڇڏيو هو. حضرت فاطمہ بنت قيس رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰى عَنْهَا هڪ صحابيہ هيون، ان سان هڪ طرف تہ حضرت عبدالرحمٰن بن عوف رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰى عَنْهُ جيڪي تمام دولتمند صحابي هئا نڪاح ڪرڻ چاهيو ٿي، پر ٻي طرف پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت اسامہ بن زيد رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰى عَنْهُ جي باري ۾ ان سان ڳالھ ڪئي هئي، جنهن جي

فضيلت هي هئي ته پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو هو ته جيڪو مون کي دوست رکندو آهي ان کي کپي ته حضرت اسامه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي به دوست رکي. پر حضرت فاطمه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي قسمت جو مالڪ بڻائي ڇڏيو ۽ چيائين منهنجو معاملو اوهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هٿ ۾ آهي جنهن سان کپي نڪاح ڪري ڇڏيو. (سنن النسائي، ڪتاب النڪاح، باب الخطبة في النڪاح، ج 6، ص 70_71)

حضرت ابو امامه اسعد بن زراره انصاري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ پنهنجين ٽن ڇوڪرين جي نڪاح متعلق پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي وصيت ڪري ويا هئا جن مان پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت فريعه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جو نڪاح نبيط بن جابر سان ڪري ڇڏيو. (اسد الغابة، تذڪرة فريعة بنت ابي امامة، ج 7 ،ص 253)

انصارن جو اهو معمول هو ته سندن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضا مندي ڄاڻڻ کان بغير پنهنجي بيواهن جي شادي نه ڪندا هئا هڪ ڏينهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ انصاريءَ کي فرمايائون: تون پنهنجي ڇوڪريءَ جو نڪاح ڪري ڇڏ، هو ته منتظر ئي هئا، هو نهايت خوش ٿي ويا پر پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: آئون پنهنجي لاءِ نه پر جُلَيبِب جي لاءِ پيغام ڏيان ٿو جُلبِيب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ هڪ ظريف الطبع (يوڳائي طبيعت) صحابي هو جيڪو عورتن سان خوش طبعي ۽ مذاق جون ڳالهيون ڪندو هو، ان ڪري صحابي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم عمومًا ان کي پسند نه ڪندا هئا ان جُلَيبِب جو نالو ٻڌو ته چيائين ان جي ماءُ سان مشورو ڪريان، ماءُ جُلَيبِب جو نالو ٻڌو ته انڪار ڪري ڇڏيو، پر ڇوڪريءَ چيو، رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڳالهه نامنظور نٿي ڪري سگهجي مون کي سندن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حوالي ڪري ڇڏيو پاڻ ڪريم مون کي ضايع ڪونه ڪندا.

(المسند لامام احمد بن حنبل،مسند البصريين، حديث ابي برزة الاسلمي،الحديث: 19805، ج 7، ص 184)

## هيبتِ رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وقار ۽ عظمت جي ڪري صحابہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُم سندن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون ايتري قدر مرعوب (يعني هيسجي) ويندا هئا جو جسم ۾ ڏڪڻي پئجي ويندي هئي.

هڪ دفعي هڪ صحابي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ سندن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ نماز پڙهي. پر ہ ماڻهو جيڪي مسجد جي ڪنڊ ۾ هئا، نماز ۾ شريڪ نہ ٿيا. سندن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کي ڳالهہ ٻولهہ لاءِ گهرايو تہ هو ايتري قدر مرعوب ٿيا جو جسم ڏڪڻ لڳن. (سنن ابي داود، ڪتاب الصلوة، باب فيمن صلي في منزلہ........الخ،الحديث: 575،ج 1، ص237)

هڪ صحابي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ سندن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿي ڪري سندن سان ڪچهري ڪئي پر ان تي ايتري قدر رعب طاري ٿيو جو جسم ۾ ڏڪڻي پئجي وئي. پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: گهبرايو نہ آئون تہ ان عورت جو پُٽ آهيان جيڪا گوشت جا سُڪا ٽڪرا کائيندي هئي.

هڪ دفعو هڪ صحابيہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهَا سندن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي مسجد ۾ اوڪڙو وينل ڏٺو ان تي سندن جي ان خشوع ۽ خضوع جي حالت جو اهو اثر پيو جو ڏڪي ويون. (سنن الترمذي، الشمائل، باب ماجاء في جلسة رسول اللّٰه، الحديث: 126، ج5، ص525)

ان رعب ۽ دٻدٻي جو اهو اثر هو جو صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُم پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون ڳالهائڻ جي جرأت نہ ڪندا هئا. هڪ دفعي پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عصر يا ظهر جي نماز ۾ صرف ہ رڪعتون ادا فرمايون، گهڻا صحابي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُم اهو چوندا مسجد مان نڪري آيا تہ نماز جي رڪعتن ۾ گهٽتائي ڪئي وئي، جماعت ۾ حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ ۽ عمر فاروق رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ

۾ شامل هئا. پر پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي هَيبَت کان ڪجھ پُڇي نہ سگھيا آخرڪار حضرت ذوالیدين رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ سندن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان معلوم ڪيو تہ توهان پلجي ويا يا نماز ۾ گھٽتائي ٿي آهي، تمام صحابہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھُم انهن جي تائيد ڪئي پر زبان نہ هلي سگھي، پر اشارن ۾ حضرت ذواليدين رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي تصديق ڪئي. (سنن ابي داود، كتاب الصلوة، باب السهو في السجدتين، الحديث: 1008، ج 1، ص 377)

حضرت عمرو بن العاص رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ وڏي رتبي جا صحابي هئا. پر ان جو بيان آهي تہ آئون پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو حليو نٿو بيان ڪري سگھان. ڇو تہ مون سندن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ڪڏهن اکيون وجهي ڏسڻ جي جرئت ناهي ڪئي. (صحيح مسلم، كتاب الايمان، باب كون الاسلام يهدم ما قبلہ.......الخ،الحديث:121، ص 74)

صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھُم جي ٻارن جي رڳ رڳ ۾ سندن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو رعب ۽ دٻدٻو سرايت ڪري ويو هو. هڪ دفعي حضرت اياد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ ننڍپڻ ۾ پنهنجي پيءُ سان گڏ حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ ويا، حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ديدار ٿيو تہ ان جي پيءُ پڇيو تہ سڃاڻو ٿا ڪير آهن؟ ان چيو نہ، چيائون تہ "رسول اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهن." اهو ٻڌڻ سان ئي ان جي بدن جا وار اُڀا ٿي ويا. ان جو خيال هو تہ سندن جي شڪل ۽ صورت ماڻهن کان مختلف هوندي، پر ان کي نظر آيا تہ سندن بہ ماڻهو ئي آهن ۽ سندن جي مٿي تي زلفون آهن. (المسند الامام احمد بن حنبل، مسند ابي رمثة،الحديث: 7131، ج2، ص 698)

## اطاعتِ رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھُم جنهن لگن ۽ رضامنديءَ سان پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي اطاعت ڪندا هئا انهيءَ جي متعلق حديثن ۾ ڪثرت سان واقعا بيان ڪيل آهن. هيٺ ڏنل ڪجھ واقعن مان ان

جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

هڪ دفعي حضرت زينب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھَا پنهنجي ڪپڙن کي رنگ ڏياري رهيون هيون، آقا ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن گهر ۾ آيا ۽ پنهنجي پير واپس هليا ويا، پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن مُنهن سان ڪجهه به نه فرمايو هو، پر پوءِ به حضرت زينب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھَا سندن جي نگاهِ عتاب کي سڃاڻي ويون ۽ سڀني ڪپڙن جي رنگ کي ڌوئي ڇڏيو.

پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن هڪ صحابي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ کي هڪ رنگين چادر پاتل ڏٺي ته فرمايائون هي ڇا آهي؟ هو سمجهي ويا ته پاڻ سڳورن ناپسند فرمايو آهي. جلدي گهر ۾ آيا ۽ ان کي چُلهه ۾ وجهي ڇڏي. (سنن ابي داؤد كتاب اللباس باب في الحمرة الحديث 4071 ج 4 ص 74)

حضرت خريم اسدي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ هڪ صحابي هئا جيڪي گوڏ هيٺ ٻڌندا هئا ۽ وڏا وار رکندا هئا، هڪ ڀيري سرڪار مدينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: خريم اسدي ڪيترو سنو ماڻهو آهي، جيڪڏهن وار وڏا نه رکي ها، ۽ گوڏ هيٺ نه ٻڌي ها، جڏهن ان کي خبر پئي ته جلدي قينچي گهرائي ان سان وار ڪٽائين ۽ گوڏ مٿي ڪري ڇڏيائين. (سنن ابي داؤد كتاب اللباس باب ماجاء في اسبال الازار الحديث 4089 ج 4 ص 80)

زال سڀني کي عزيز هوندي آهي پر جڏهن پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جنگِ تبوڪ رهجي وڃڻ جي ڪري سڀني مسلمانن کي حضرت ڪعب بن مالڪ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ سان تعلق ختم ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ آخر ۾ ان کي زال کان عليحدگي جي هدايت فرمائي ته چيائون طلاق ڏئي ڇڏيان يا اجان ٻيو ڪجهه؟ پر پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي قاصد چيو صرف عليحدگي مقصود آهي تنهنڪري ان جلدي زال کي مائٽن ۾ موڪلي ڇڏيو. (صحيح البخاري كتاب المغازي باب حديث كعب بن مالك ...الخ الحديث 4418 ج 3 ص 148)

شادي جو معاملو تمام نازڪ هوندو آهي، پر صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھُم کي اطاعتِ رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي معاملن ۾ غور ۽ فڪر ڪرڻ کان بي نياز بڻائي ڇڏيو هو، حضرت ربيعه اسلمي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ هڪ تمام مفلس صحابي هئا. هڪ دفعي پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ان کي نڪاح ڪرڻ جو مشورو ڏنو ۽ فرمايائون: وڃو انصار جي فلاڻي قبيلي ۾ نڪاح ڪريو، اهي آيا ۽ چيائون ته رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون کي توهان وٽ فلاڻي ڇوڪريءَ سان نڪاح ڪرڻ لاءِ موڪليو آهي سيني ان جو خير مقدم ڪيو ۽ چيو ته رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو قاصد ناڪام نٿو وڃي سگهي انهيءَ ڪري فورًا ان جي شادي ڪرائي تحفا ڏنا. (المسند الامام احمد بن حنبل حديث ربيعة بن كعب الاسلمي رضی اللہ تعالٰی عنہ حديث 16577 ج 5 ص 569)

## احڪامِ رسول جي پابندي

رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جا جيڪي احڪام وقتي هوندا هئا. صحابهءِ ڪرام عَلَیۡہِمُ الرِّضۡوَان فورًا ان جي تعميل ڪندا هئا ۽ جيڪي دائمي هوندا هئا هميشه ان جا پابند رهندا هئا ۽ انهيءَ جي خلاف ڪڏهن انهن کان ڪا حرڪت صادر نه ٿيندي هئي. پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي دور ۾ عورتون به جماعت ۾ شريڪ ٿينديون هيون. ان حالت ۾ پاڪدامني ۽ عصمت جي لحاظ جو طريقو هي هو ته انهن جي لاءِ مسجد جو هڪ الڳ دروازو مخصوص ڪيو وڃي انهيءَ بنا تي حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن هڪ ڏينهن ارشاد فرمايو: لوترکنا هذا الباب للنسآء ڪاش اسان هي دروازو صرف عورتن لاءِ ڇڏي ڏيون.

حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا ان شدت سان انهيءَ جي پابندي ڪئي جو مرڻ گهڙيءَ تائين انهيءَ دروازي مان مسجد ۾ داخل نه ٿيا. (سنن ابي داود كتاب الصلوة باب التشديد في ذالك الحديث 571 ج 1 ص 235)

هڪ دفعي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالَى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جنهن شخص جنابت جي غسل ۾ هڪ وار کي بہ خشڪ ڇڏي ڏنو انهيءَ تي دوزخ ۾ عذاب ٿيندو. حضرت علي كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم ان تي ان شدت سان عمل ڪيو انهيءَ کي خود اُن بيان ڪيو آهي فَمِنْ ثَمَّ عَادَيْتُ رَأْسِي يعني ان ڏينهن کان مون پنهنجي مٿي سان دشمني ڪري ورتي ۽ لڳاتار وار ڪترائيندا رهيا حديث ۾ آهي تہ اهو جملو ان ٽي دفعا فرمايو. (سنن ابي داود ڪتاب الطهارة باب في الغسل من الجنابة الحديث 249 ج 1 ص 117)

رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالَى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مڙس کان علاوه بين عزيزن جي سوڳ جي لاءِ ٽي ڏينهن مقرر فرمايا هئا. صحابيات رَضِيَ اللهُ تَعَالَى عَنْهُنَّ انهيءَ تي پابندي سان عمل ڪنديون هيون. جڏهن حضرت زينب بنت جحش رَضِيَ اللهُ تَعَالَى عَنْهَا جي ڀاءُ جو انتقال ٿي ويو تہ غالبًا چوٿين ڏينهن ان خوشبو لڳائي، ۽ چيو تہ مون کي خوشبو جي ضرورت نہ هئي پر مون پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالَى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان منبر تي ٻڌو آهي تہ ڪنهن مسلمان عورت کي مڙس کان سواءِ ٽي ڏينهَن کان وڌيڪ ڪنهن جو سوڳ جائز ڪونهي، ان لاءِ هي انهيءَ حڪم جي تعميل ڪئي.

جڏهن حضرت اُم حبيبہ رَضِيَ اللهُ تَعَالَى عَنْهَا جي والد جو انتقال ٿيو تہ تنهن ٽن ڏينهن کان پوءِ پنهنجن ڳلن تي خوشبو ملي ۽ چيو تہ مون کي خوشبو جي ضرورت نہ هئي صرف حضور صَلَّى اللهُ تَعَالَى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي انهيءَ حڪم جي تعميل مقصود هئي. (سنن ابي داؤد ڪتاب الطلاق باب احداد المتوفي عنها زوجها الحديث 2299 ج 2 ص 422)

پهرين هي رواج هو تہ جڏهن صحابۂ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جهاد جي سفر ۾ ڪنهن منزل تي قيام فرمائيندا هئا تہ هيڏانهن هوڏانهن ڦيلجي ويندا هئا، هڪ دفعي آقا ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالَى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ اهو منتشر ٿيڻ شيطان جو ڪم آهي انهيءَ کان پوءِ صحابۂ ڪرام عَلَيْهِمُ

الرِّضْوَان انهيءَ تي پابندي سان عمل ڪندا رهيا جو جڏهن بہ منزل تي پهچندا هئا تہ ايتري قدر ڳڏ تي ويندا هئا جو جيڪڏهن هڪ چادر جهلي وڃي تہ سڀ جا سڀ ان جي هيٺ اچي وڃن. (سنن ابي داؤد كتاب الجهاد باب ما يؤمرمن انضمام العسكر الحديث 2628 ج 3 ص 58)

رسول اللّٰه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تجارت جي متعلق جيڪي احڪام جاري فرمايا هئا انهن مان هڪ هي هو لايبع حاضر لباد شهري ماڻهو ڳوناڻن جو مال نہ وڪڻائي (يعني انهن جو دلّال نہ بڻجي).

هڪ دفعي هڪ ڳوناڻو ڪجهہ مال ڪڻي آيو تہ حضرت طلحہ بن عبيداللّٰه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ وٽ لٿو پر ان چيو آئون پاڻ تہ تنهنجو سودو نٿو وڪڻائي سگهان، ها بازار ۾ وڃ خريدار جي تلاش ڪر آئون صرف مشورو ڏئي سگهان ٿو. (سنن ابي داؤد كتاب الاجارة باب في النهي ان يبيع حاضر لباد، الحديث: 3441 ج 3 ص 371)

حضرت حذيفہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي سامهون مدائن جي هڪ رئيس چاندي جي ٿانوَ ۾ پاڻي پيش ڪيو، هنن اُن کي ڪڻي اڇلائي ڇڏيو، ۽ فرمايائون تہ مون هن کي منع ڪيو هو، پر پوءِ بہ نہ مُڙيوءِ رسول اللّٰه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهيءَ جي ممانعت فرمائي آهي. (سنن ابي داؤد، كتاب الاشربة، باب في شرب في آنية الذهب والفضة، الحديث 3723 ج 3 ص 473)

رسول اللّٰه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پهرين يمن جي گورنري لاءِ حضرت ابو موسٰي اشعري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي روانو فرمايو، انهيءَ ڪانپوءِ حضرت معاذ بن جبل رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي موڪليو، حضرت معاذ بن جبل رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ آيا تہ حضرت ابو موسٰي اشعري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي سامهون هڪ مجرم کي ڏٺائون، حضرت ابو موسٰي اشعري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ سواري تان لهڻ لاءِ چيو پر انهن مجرم جي طرف اشارو ڪندي پڇيو هي ڪير آهي؟ ٻڌايائون يهودي هو اسلام آندائين پوءِ مرتد ٿي ويو آهي، فرمايائون جيستائين خدا عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي

حڪم مطابق قتل نہ ڪيو وڃي، آئون نہ ويھندس انھن ويھڻ تي اصرار ڪيو، پر ھنن جو اھو ئي جواب ھو، پوءِ جڏھن اھو قتل ٿي چڪو تڏھن سواري تان لٿا. (سنن ابي داؤد كتاب الحدود باب في الحكم في من ارتد "الحديث 4354 ج 4 ص 169)

پر انھي کان پوءِ واري روايت ۾ آھي تہ حضرت ابو موسٰي اشعري رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جن انھيءَ کي تقريبًا ويھہ ڏينھن تائين سمجھايو پر جڏھن ھو سڌي رستي تي نہ آيو تہ قتل ڪري ڇڏيو. (المرجع السابق الحديث 4356 ج 4 ص 170)

ھڪ دفعي حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ ھڪ مجلس ۾ تشريف کڻي آيا ھڪ شخص اٿي ڪري سندس لاءِ جڳھ خالي ڪري ڇڏي تہ ھنن ان جي جڳھ تي ويھڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيائون تہ رسول اللہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن منع فرمايو آھي. (سنن ابي داؤد كتاب الصلوٰة باب في الرجل يقوم للرجل من مجلسه الحديث 4827 ج 4 ص 339)

ھڪ دفعي حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهَا وٽ ھڪ سوال ڪرڻ وارو آيو ان ھن کي ماني جو ھڪ ٽڪڙو ڏئي ڇڏيو انھيءَ کانپوءِ ھڪ خوش لباس شخص آيو تہ ھنن ان کي ويھاري کاڌو کارايو ماڻھن انھيءَ ورتاءُ تي اعتراض ڪيو تہ چيائين رسول اللہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو آھي: انزلو الناس منازلھم ھر شخص سان ان جي درجي جي مطابق ورتاءُ ڪريو. (سنن ابي داود كتاب الادب باب في تنزيل الناس منازلهم الحديث 4842 ج 4 ص 343)

ھڪ دفعي پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن مسجد مان نڪري رھيا ھئا ڏنائون تہ رستي ۾ مرد عورتون گڏ ھلي رھيا آھن. عورتن جي طرف مخاطب ٿي ڪري فرمايائون پنيان رھو توھان وچ رستي تان نٿيون گذري سگھو، ان کانپوءِ ھي حال ٿي ويو جو عورتون ايتري قدر گھٽي جي ڪناري سان لڳي ڪري ھلنديون ھيون جو انھن جا

ڪپڙا ديوارن سان ڦاسي پوندا هئا. (المرجع السابق باب في مشي النساء مع الرجال في الطريق الحديث 5272 ج 4 ص 470)

حضرت محمد بن اسلم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہٗ تمام ڪبيرُ السّن (پوڙها) صحابي هئا پر جڏهن بازار مان موٽي ڪري گهر ايندا هئا ۽ چادر لاهڻ کان پوءِ ياد ايندو هئن تہ انهن مسجد نبوي عَلٰي صاحِبِهَاالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ۾ نماز ناهي پڙهي تہ چوندا هئا تہ خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! مون رسول اللّٰہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مسجد ۾ نماز ناهي پڙهي، جڏهن تہ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن اسان کي فرمايو هو تہ جيڪو شخص مديني ۾ اچي تہ جيستائين انهيءَ مسجد ۾ ٻہ رڪعتون نماز نہ پڙهي وٺي گهر واپس نہ وڃي. اهو چئي ڪري چادر کڻندا هئا ۽ واپس وڃي مسجدِ نبوي عَلٰي صاحِبِهَاالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ۾ ٻہ رڪعتون نماز پڙهي ڪري گهر واپس ايندا هئا. (اسد الغابة، تذكرة محمد بن اسلم الانصاري، ج 5، ص 80)

احزاب جي جنگ ۾ سرڪار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت حذيفہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہٗ کي حڪم ڏنو تہ ڪافرن جي خبر آڻين، پر ان سان ڇيڙ ڇاڙ نہ ڪن، اُهي آيا ڏٺن تہ ابو سفيان باهہ تي هٿ سيڪي رهيو آهي، ڪمان ۾ تير لڳائي ورتو ۽ نشانو لڳائڻ چاهيو پر رسول اللّٰہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو حڪم ياد اچي ويو ۽ رڪجي ويا. (صحيح مسلم، كتاب الجهاد والسير، باب غزوة الاحزاب، الحديث: 1788 ص 988)

جيڪي صحابہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہم ابو رافع بن ابي الحقيق کي قتل ڪرڻ ويا هئا، انهن کي رسول اللّٰہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن حڪم ڏنو تہ هُن جي ٻارن ۽ عورتن کي قتل نہ ڪريو، انهن ماڻهن اهڙي سختي سان پابندي ڪئي جو ابن ابي الحقيق جي عورت ايتري قدر گوڙ ڪيو جو ويجهو هو انهن جو راز کُلي وڃي ها، پر هنن ماڻهن صرف سندن جي حڪم جي ڪري انهي تي هٿ کڻڻ پسند نہ ڪيو. (الموطا للامام مالک، كتاب الجهاد، باب النهي عن قتل النساء والولدان في الغزو، الحديث: 1002، ج 2، ص 8)

## ادبِ حرمِ رسول صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي تعلق جي سبب صحابہ کرام ازواجِ مطهرات رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُنَّ جو ايتري قدر ادب ڪندا هئا جو جڏهن پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي هڪ زوجہءِ محترمہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہَا وفات ڪئي تہ حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا سجدي ۾ ڪِري پيا، ماڻهن چيو توهان هن وقت سجدو ڪندا آهيو؟ چوڻ لڳا: رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو آهي جڏهن قيامت جي ڪا نشاني ڏسو تہ سجدو ڪري وننڊا ڪريو، پوءِ ازواجِ مطهرات رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُنَّ جي موت کان وڌيڪ ڪهڙي نشاني هوندي. (سنن ابي داؤد،ڪتاب الصلوٰة الاستسقاء، باب السجود عند الآيات الحديث: 1197،ج1، ص440)

مقام ”سرف“ ۾ حضرت ميمونہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہَا جو جنازو کنيو ويو تہ حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا بہ گڏ هئا چيائون تہ هي ميمونہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہَا آهن انهن جو جنازو کڻو تہ ڪابہ چرپر ۽ لوڏو نہ ڏيو. (سنن النسائي، ڪتاب النڪاح، باب ذڪر امر رسول صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم في النڪاح..الخ،ج 3،الجزء السادس، ص53)

ڪجهہ صحابہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُم عزت ۽ محبت جي ڪري ازواجِ مطهرات تي پنهنجون ملڪيتون وقف ڪري ڇڏيندا هئا، جيئن تہ حضرت عبدالرحمٰن بن عوف رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ ازواجِ مطهرات رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُنَّ کي جائيداد ڏني هئي جيڪا 40 هزار دينار ۾ وڪي وئي ۽ هڪ باغ بہ وقف ڪيو هيو، جيڪو چار لک درهمن ۾ وڪڻيو ويو. (سنن الترمذي، ڪتاب المناقب، باب مناقب عبدالرحمٰن بن عوف.....الخ، الحديث: 3770_3771، ج 5، ص 417)

خليفاء سڳورا ازواجِ مطهرات رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُنَّ جي ادب ۽ احترام جو ايتري قدر لحاظ رکندا هئا جو حضرت عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ پنهنجي خلافت جي زماني ۾ ازواجِ مطهرات رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُنَّ جي تعداد جي لحاظ

ڪان نَوَ (9) پيالا تيار ڪرايا هئا، جڏهن انهن وٽ ميوو يا ٻي ڪا شيءِ ايندي هئي ته انهن پيالن ۾ سيني ازواجِ مطهرات رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُنَّ جي خدمت ۾ موڪليندا هئا. (الموطا لامام مالک، كتاب الزكواة، باب جذية اهل الكتاب والمجوس الحديث: 630، ج 1، ص 257)

23ھ ۾ حضرت عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جڏهن حج ڪيو ته ازواج مطهرات رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُنَّ کي نهايت ادب ۽ احترام سان گڏ ونئي ويا، حضرت عثمان ۽ حضرت عبدالرحمٰن بن عوف رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُمَا کي سوارين سان گڏ ڪري ڇڏيو هو. هي ماڻهو اڳيان اڳيان هلندا هئا ۽ ڪنهن کي سوارين جي ويجهو اچڻ نه ڏيندا هئا. ازواجِ مطهرات رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُنَّ منزل تي لهنديون هيون، ته پاڻ حضرت عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي نگراني ۾ قيام ڪنديون هيون. حضرت عثمان ۽ حضرت عبد الرحمٰن بن عوف رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُمَا ڪنهن کي قيام گاهه جي ويجهو اچڻ جي اجازت نه ڏيندا هئا. (الطبقات الكبريٰ، تذكرة تولية عبدالرحمٰن الشوريٰ والحج، ج3، ص 99)

## حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي وصال جو صحابہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھُم تي رد عمل

**حيرت ۾ پوڻ واري حالت:-** مسلمانن کي جڏهن حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رحلت جي خبر ملي ته هو ڏڪندي خاموش ٿي ويا. ان مان حضرت عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جن جو خيال هو ته حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وصال نه فرمايو آهي صرف بيهوشي جي حالت ۾ آهن. پوءِ ان مسجد ۾ خطاب ڪندي چيو: ڪجهه منافق هيءَ خبر هلائي رهيا آهن ته حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو وصال ٿي ويو آهي پر اها ڳالهه بلڪل غلط آهي. هو حضرت موسيٰ بن عمران عَلَيۡهِ السَّلَام جي طرح پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ وٽ ويا آهن. حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام به پنهنجي قوم ۾ چاليهه ڏينهن موجود نه رهيا هئا ۽ انهن جي غير حاضري ۾ ماڻهن چوڻ شروع ڪري ڏنو

هو تہ هو وفات ڪري ويا، پر جهڙي طرح حضرت موسيٰ عَلَیۡہِ السَّلَام واپس اچي ويا اهڙي طرح محمد رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن واپس ايندا. ۽ اهي ماڻهو جيڪي پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي وصال جي خبر مشهور ڪري رهيا آهن انهن جا هٿ پير ڪٽيندا سين.

**حقيقت جو انڪشاف:-** ايتري ۾ حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ ماڻهن کي پنهنجي طرف مخاطب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي چيائين خاموش ٿي وڃو، پر هو پنهنجي تقرير ۾ لڳا رهيا، تڏهن حضرت ابو بڪرصديق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ ماڻهن کي چيو: جيڪو ڪجهه آئون چوان ٿو انهيءَ کي غور سان ٻڌو! سڀ ماڻهو ڌيان ڏيڻ لڳا، حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ ارشاد فرمايو: اي انسانو توهان مان جيڪو شخص محمد صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي تعظيم ڪندو هو اهو ٻڌي وٺي تہ حضرت محمد صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وصال فرمائي ويا پر جيڪو شخص الله تعاليٰ جي عبادت ڪندو هو تہ يقيناً الله تعاليٰ زنده آهي ان کي موت ناهي. انهيءَ کانپوءِ سورة آل عمران جي هيءَ آيت تلاوت فرمائي:

وَ مَا مُحَمَّدٌ اِلَّا رَسُوۡلٌ ۚ قَدۡ خَلَتۡ مِنۡ قَبۡلِهِ الرُّسُلُ ؕ اَفَاۡئِنۡ مَّاتَ اَوۡ قُتِلَ انۡقَلَبۡتُمۡ عَلٰۤی اَعۡقَابِکُمۡ ؕ وَ مَنۡ یَّنۡقَلِبۡ عَلٰی عَقِبَیۡهِ فَلَنۡ یَّضُرَّ اللّٰهَ شَیۡـًٔا ؕ وَ سَیَجۡزِی اللّٰهُ الشّٰکِرِیۡنَ

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ محمد تہ هڪ رسول آهي ان کان اڳ رسول گذري چڪا آهن ڇا جيڪڏهن اهو انتقال فرمائي يا شهيد ٿي وڃي تہ اوهان پوئين پير ڦري ويندا ۽ جيڪو پوئين پير ڦري ويندو سو الله جو ڪو نقصان نہ ڪندو ۽ سِگهو الله شڪر گذارن کي صلو ڏيندو.

(پ: 4 آل عمران: 144) ۱۴۴

ابو هريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ چون ٿا تہ ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جڏهن اها آيت پڙهي تہ ماڻهو ائين ٿي ويا ڄڻ انهن ڪڏهن پهريان اها آيت ٻڌي ئي نہ هئي. انهيءَ وقت ماڻهن حضرت ابو بڪر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان انهيءَ آيت کي ٻڌي ڪري پنهنجي ياد تازي ڪري ورتي، ۽ حضرت عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جو پنهنجو بيان آهي تہ جنهن وقت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي زبان مان هي آيت ٻڌي مون کي ائين معلوم ٿيو ڄڻ منهنجا پير زمين تان نڪري ويا آهن آئون بيهي نہ سگهيس انهيءَ وقت زمين تي ڪِري پيس ۽ مون ڄاڻيو تہ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو وصال ٿي ويو آهي. (مدارج النبوة، باب دوم درذڪر وقائع.....الخ ، ج 2، ص 433 کان 434)

## غم ۽ ڏک جي ڪڪرن جو ڇانئجي وڃڻ

(1) پاڪ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي صاحبزادي حضرت سيده فاطمة الزهره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہَا انهيءَ ڏک ۽ صدمي جي عالم ۾ هي لفظ ارشاد فرمايا: ”منهنجي پياري پيءُ دعوتِ حق کي قبول فرمايو ۽ جنت جي اعليٰ مقام ۾ نزول فرمايو، آه! جبرائيل عَلَیۡہِ السَّلَام کي حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي وصال جي خبر ڪير پهچائي؟ الٰهي عَزَّوَجَلَّ! روحِ فاطمہ (رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہَا) کي روحِ محمد صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وٽ پهچائي ڇڏ. الٰهي عَزَّوَجَلَّ! مونکي ديدارِ رسول صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان مسرور ڪري ڇڏ. الٰهي عَزَّوَجَلَّ! مون کي ان مصيبت کي برداشت ڪرڻ جي ثواب کان بي نصيب نہ رکجان ۽ روز محشر محمد صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي شفاعت کان محروم نہ فرمائجان.

(2) نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي زوجہءِ محترمہ حضرت بيبي عائشہ صديقہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہَا انهيءَ عظيم سانحي تي پنهنجي رنج ۽ غم جو اظهار ڪندي چيو: هائي افسوس! اُهو نبي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جنهن

فقيريءَ کي اميري تي ۽ مسڪينيءَ کي دولتمندي تي ترجيح ڏني، افسوس! اهو معلّمِ دين جيڪو گنهگار اُمت جي فڪر ۾ ڪڏهن پوري رات آرام سان نہ ستاء اسان کان رخصت ٿي ويا. جنهن هميشہ صبر ۽ قرار سان پنهنجي نفس سان مقابلو ڪيو، جنهن برائين جي طرف ڪڏهن توجهہ نہ ڪئي، جنهن نيڪي ۽ احسان جا دروازا ڪڏهن ضرورتمندن تي بند نہ ڪياء جن پنهنجي مبارڪ روشن ضمير جي دامن تي دشمنن جي ايذاءُ جو بغض ڪڏهن نہ وينو.

(3) حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي آخري غسل ڏيندي جيڪي تاريخي لفظ چيا اُهي سچي اُمت جي جذبات رنج ۽ غم جا ترجمان آهن.

”منهنجا ماءُ پيءُ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي نثار، اوهان جي موت سان اُها شيء ويندي رهي جيڪا ڪنهن ٻئي جي وفات سان نہ وئي هئي، يعني غيب جي خبرن ۽ آسماني وحي جو سلسلو جدا ٿي ويو. پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي موت عظيم صدمو آهي. جيڪڏهن پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن صبر جو حڪم نہ ڏنو هجي ها ۽ روڄ ۽ راڙي کان منع نہ ڪيو هجي ها تہ اسان پاڻ ڪريمن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي لڙڪ وهائي ڇڏيون پوءِ بہ انهيءَ درد جو علاج ۽ زخم جي پرائي نہ ٿئي ها.“ (السيرة النبوية لا بن هشام، باب جهاز رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ودفنه، ج 4، ص 555)

(4) حضرت انس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي تہ جنهن ڏينهن حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مديني ۾ تشريف وٺي آيا هئاء ان ڏينهن کان وٺي مديني جي هر شيء روشن ٿي وئي هئي ۽ جنهن ڏينهن سرڪار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وفات ٿي ان ڏينهن هر شيء اُداس ٿي وئي هئي ۽ تدفين کان پوءِ اڃان مِٽيءَ وارا هٿ بہ صاف نہ ڪيا هئا جو اسان پنهنجي دلين ۾

تبديلي ڏني. (چو تہ هاڻي انهن کي مرشد ڪامل جي صحبت جا ِ ڪامل انوار ڏسڻ ۾ نہ ايندا هئا) (شرح العلامة الزرقاني، الفصل الاول في اتمامه تعاليٰ.....الخ ،ج 12، ص 176)

(5) دربارِ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا شاعر حسان بن ثابت رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ جن جيڪو مرثيو لکيو انهيءَ جي ڪجهہ درد ڀريل شعرن جو ترجمو هيٺ پيش ڪجي ٿو. جنهن سان ان جي رنج ۽ غم جي مضبوط ۽ سچن جذبن جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

”تنهنجي ننڊ جي ڦٽڻ جو سبب انهيءَ عظيم انسان جي جدائي آهي. جيڪو اسان جو هادي ۽ رهنما آهي صد افسوس!جو اُهي جيڪي زمين تي بهترين هستي هئا اڄ زمين ۾ دفن آهن. اي منهنجا پيارا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڪاش ائين هجي ها تہ آئون اوهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پهرين بقيع غرقد ۾ دفن ٿي وڃان ها. منهنجا ماءُ پيءُ ان ڪامل نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي فدا ٿين جيڪي سومر جي ڏينهن اسان کي جدائي جو داڳ ڏئي ويا. مديني جي سر زمين مون کي ويران ۽ سنسان ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ڪاش! آئون اڄ جي ڏينهن جي لاءِ پيدا ئي نہ ٿيو هجان ها. اي منهنجا محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڇا آئون پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بغير مديني ۾ رهي سگهان ٿو. حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو وصال مون لاءِ زهر جي جام کان بہ وڌيڪ ڏکيو آهي. منهنجا آقا! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اوهان جو پاڪ وجود اهڙو نور هو جنهن سڄي زمين کي روشن ڪري رکيو هو جنهن بہ انهيءَ نور مان فائدو حاصل ڪيو ان هدايت ماڻي.“

”اي اسان جا رب عَزَّوَجَلَّ! اسان کي پنهنجي پياري رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ جنت الفردوس ۾ گڏ ڪري ڇڏ . خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! جيستائين زنده رهندس پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم لاءِ روئندو ۽ تڙپندو رهندس.“ (السيرة النبوية شعر حسان بن ثابت في مرثيته، ج 4، ص 558، _562)

(6) حضرت اُمِ ايمن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهَا هڪ ڏينهن حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ياد ڪري روئڻ لڳي. حضرت ابو بڪر صديق ۽ حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُمَا عرض ڪيو توهان چو ٿيون روئو؟ ڇا رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي لاءِ خدا تعاليٰ وٽ (هتان کان) بهتر نعمتون موجود ناهن؟ انهن بہ تصديق ڪئي، پر پنهنجي روئڻ جو هي سبب ٻڌايو تہ آسماني وحيءَ جو سلسلو جدا ٿي ويو آهي انهيءَ تي ابو بکر ۽ عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُمَا بہ گڏ غم ۾ روئڻ لڳا. (الوفا في احوال المصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (مترجم) باب وصال مصطفيٰ کيفيت صحابه ص 817)

ايتري ٿائين جو صحابہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُم ۽ اُمت محمديہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مان هر شخص حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي وصال تي سوڳوار هو ۽ مايوسي ۽ نا اُميديءَ جي تصوير بڻيل هو.

## فراقِ رسول صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي حضرت عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ جا تاثرات:

حضرت صديقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ جو خطاب ٻڌي ڪري جڏهن فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ کي يقين ٿي ويو تہ نبي اڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو وصال ٿي چڪو آهي تہ هڪ وقت ڏنو ويو حضرت عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ روئي رهيا آهن ۽ هيئن عرض ڪري رهيا آهن.

السلام عليک يارسول اللّٰہ بابي انت وامي لقد کنت تخطبنا علی جذع نخلة فلما کثر الناس اتخذت منبرًا لتسمعهم فحن الجذع لفراقک حتی جعلت يدک عليه فسکت فامتک اولی بالحنين اليک لما فَارَقتها بابي انت و امي يارسول اللّٰہ لقد بلغ من فضيلتک عنده ان جعل طَاعتک طَاعته فقال عزوجل: مَنْ يُّطِعِ الرَّسُوْلَ فَقَدْ اَطَاعَ اللّٰهَ ۚ (پ5،النساء: 80) بابي انت وامي يارسول اللّٰہ لقد بلغ من فضيلتک عنده ان بعثک آخر الانبياء وذکرک فی اولهم

فقال عزوجل: وَ اِذْ اَخَذْنَا مِنَ النَّبِیّٖنَ مِیْثَاقَهُمْ وَ مِنْكَ وَ مِنْ نُّوْحٍ وَّ اِبْرٰهِیْمَ
وَ مُوْسٰى وَ عِیْسَى ابْنِ مَرْیَمَ ۪ وَ اَخَذْنَا مِنْهُمْ مِّیْثَاقًا غَلِیْظًا ۙ﴿۷﴾ (پ21،الاحزاب:7) بأبى
انت و امى يارسول الله لقد بلغ من فضيلتك عنده ان اهل النار يودون ان
يكونوا قد اطاعوک و هم بين اطباقها يعذبون: یَقُوْلُوْنَ یٰلَیْتَنَاۤ اَطَعْنَا اللّٰهَ
وَ اَطَعْنَا الرَّسُوْلَا ﴿۶۶﴾ (پ22،الاحزاب:66)

بأبى انت و امى يارسول الله لئن كان موسى بن عمران اعطاه الله حجرا
تفجر منه الانهار فليس ذلک باعجب من اصابعک حين نبع منها الماء
صلى الله عليک ياسيدى يارسول الله۔

بأبى انت و امى يارسول الله لئن كان عيسٰى بن مريم اعطاه الله احياء الموتى
فما هذا باعجب من الشاة المسمومة حين كلمتک و هى مشوية فقالت لک
الذراع لا تاكلنى فانى مسمومة۔

بأبي انت و امي يارسول الله لقد دعا نوح علي قومه
رَبِّ لَا تَذَرْ عَلَى الْاَرْضِ مِنَ الْكٰفِرِیْنَ دَیَّارًا ﴿۲۶﴾ (پ29،نوح:26) ولو دعوت علينا
بمثلها لهلكنا كلنا فلقد وطئ ظهرک عقبة ابن ابی معيط و انت تصلى و ادمى
وجهک وكسرت رباعيتک يوم احد فابيت ان تقول الا خيرا فقلت اللّٰهم
اغفر لقومى فانهم لايعلمون

بأبى انت و امى يا رسول الله لقد بلغ من تواضعک انک جالستنا و
تزوجت منا واكلت معنا ولبست الصوف وركبت الدواب واردفت خلفک

ووضعت طعامک علی الارض تواضعا منک صلی اللّٰہ علیک وسلم رضی اللّٰہ عنک یا عمر یا من احببت رسول اللّٰہ واحبک اللّٰہ ورسوله.

ترجمو: ”يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان تي سلام هُجن. اوهان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي منهنجا ماءُ پيءُ قربان ٿين، اوهان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کجور جي هڪ ٿڙ تي اسان کي خطبو ڏيندا هئا، جڏهن ماڻهن جي ڪثرت ٿي تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ منبر ٺهرايو جيئن سيني تائين آواز پهچي سگهي. اوهان ان منبر تي رونق افروز ٿيو تہ ٿڙ اوهان جي جدائي سبب بي چين ٿي ويو. پوءِ توهان پنهنجو هٿ مبارڪ رکيو تہ هُن کي سڪون نصيب ٿيو. جڏهن کجور جي ٿڙ جو هي حال آهي تہ اوهان جي امت کي اوهان جي جدائيءَ ۾ روئڻ تڙپڻ جو وڌيڪ حق ٿئي ٿو. يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم!اوهان تي منهنجا ماءُ پيءُ قربان ٿين! خدا عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فضيلت انهيءَ حد تائين پهتل آهي جو ان ربّ عَزَّوَجَلَّ اوهان جي اطاعت کي پنهنجي اطاعت قرار ڏنو ارشاد باري عَزَّوَجَلَّ آهي:

مَنۡ يُّطِعِ الرَّسُوۡلَ فَقَدۡ اَطَاعَ اللّٰهَ ۚ
(پ: 5 النساءِ: 80)

**ترجمو كنزالايمان:** جنهن رسول جو حڪم مڃيو بيشڪ ان الله جو حڪم مڃيو

يا رسوالله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم !اوهان تي منهنجا ماءُ پيءُ قربان ٿين!خدا جي نزديڪ اوهان جي فضيلت انهيءَ حد تائين پهتل آهي جو ان اوهان کي آخري نبي بڻائي ڪري مبعوث فرمايو ۽ ذڪر ۾ اوهان کي سڀ کان پهرين رکيو، ارشاد فرمايائين:

وَ اِذْ اَخَذْنَا مِنَ النَّبِیّٖنَ مِیْثَاقَهُمْ وَ مِنْكَ وَ مِنْ نُّوْحٍ وَّ اِبْرٰهِیْمَ وَ مُوْسٰى وَ عِیْسَى ابْنِ مَرْیَمَ ۪ وَ اَخَذْنَا مِنْهُمْ مِّیْثَاقًا غَلِیْظًا ۟ (پ: 21 الاحزاب: 7)

ترجمو كنزالايمان: ۽ اي محبوب ياد كر جڏهن اسان نبين كان عهد ورتو ۽ تو كان ۽ نوح ۽ ابراهيم ۽ موسيٰ ۽ عيسيٰ ابنِ مريم كان ۽ اسان انهن كان پڪو واعدو ورتو.

يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان تي منهنجا ماءُ پيءُ قربان تين. خدا عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو اوهان جي فضيلت هيءَ آهي ته دوزخ وارن كي جڏهن جهنّم جي طبقن ۾ عذاب ڏنو ويندو ته ان وقت هيءَ خواهش كندا ته كاش انهن اطاعت كئي هجي ها!

يَقُوْلُوْنَ یٰلَیْتَنَاۤ اَطَعْنَا اللّٰهَ وَ اَطَعْنَا الرَّسُوْلَا ۟

**ترجمو:** چئي رهيا هوندا هائي مصيبت كهڙي طرح ہہ اسان الله جو حكم مڃيو هجي ها ۽ رسول جو حكم مڃيو هجي ها.

(پ 22، احزاب؛66)

يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان تي منهنجا ماءُ پيءُ قربان تين! جيكڏهن حضرت موسيٰ بن عمران عَلَيْهِ السَّلَام كي الله عَزَّوَجَلَّ اهڙو پٿر عطا كيو جنهن مان نهرون نكرنديون هيون پر هي اوهان جي مبارك آڱرين كان وڌيك عجيب كونهي جڏهن ته ان مان پاڻي جو چشمو جاري ٿيو.

يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان تي منهنجا ماءُ پيءُ قربان تين! جيكڏهن حضرت عيسيٰ بن مريم عَلَيْهِ السَّلَام كي الله تعاليٰ مرده زنده كرڻ جو اعجاز بخشيو هو پر هي وڌيك عجيب كونهي جو اُنهي

زهر سان پريل ٻڪري ڪان، جنهن جو گوشت پڳل هو ۽ ان پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ڪلام ڪيو ان ٻڪري جي پڪل ٻانهن عرض ڪيو: ”مون کي نه کائو ڇو ته آئون زهر سان پريل آهيان.“

يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان تي منهنجا ماءُ پيءُ قربان ٿين! بيشڪ حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي قوم جي خلاف دعا فرمائي ته عرض ڪيو:

رَبِّ لَا تَذَرْ عَلَى الْاَرْضِ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ دَيَّارًا ﴿۲۶﴾ (پ: 29 نوح: 26)

ترجمو ڪنزالايمان: اي منهنجا ربّ زمين تي ڪافرن مان ڪو به وسندڙ گهر نه ڇڏ.

جيڪڏهن آقا اوهان به اسان تي اهڙي نقصان واري دعا ڪري ڇڏيو ها ته يقيناً اسان سيئي هلاڪ ٿي وڃون ها. بيشڪ عقبه بن ابي معيط توهان جي پُٺيءَ مبارڪ تي وزن وڌو جڏهن ته اوهان نماز جي حالت ۾ هئا. جنگِ اُحد جي ڏينهن اوهان جو مبارڪ چهرو زخمي ۽ رتو رت ڪيو ويو، اوهان جا ڏند مبارڪ شهيد ڪيا ويا پوءِ به توهان خير ڪانسواءِ ڪجهه چوڻ پسند نه ڪيو،بلڪ توهان عرض ڪيو خدايا عَزَّوَجَلَّ! منهنجي قوم کي معاف فرماءِ جو اِهي مون کي سڃاڻن نٿا.

يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان تي منهنجا ماءُ پيءُ قربان ٿين! اوهان جو تواضع ۽ عاجزي ان حد تي پهتل هئي جو اوهان اسان سان گڏ وينٺ، اسان مان نڪاح ڪيا، اسان سان گڏ کاڌو تناول فرمايو، رڍ جي وارن (يعني پشم) جو لباس پهريو، جانورن جي سواري ڪئي، ڪنهن کي پنهنجي پٺيان به سوار ڪرڻ پسند فرمايو، ۽ پنهنجو کاڌو

زمين تي رکڻ پسند ڪيو، هي سڀ ڪجھ پاڻ سڳورن جي عاجزي هئي.

يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! الله عَزَّوَجَلَّ توهان کان راضي ٿئي، اي عمر! اي اُهي جن الله عَزَّوَجَلَّ جي رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان محبت ڪئي، ۽ اي اُهي! جن سان خود الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن محبت رکي.

**جدائي وارو غم:** حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان تمام گهڻي محبت هئي. حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو جڏهن وصال ٿي ويو تہ سندن مديني جي گهٽين ۾ هي چوندا ڦرندا هئا تہ اي انسانو! توهان ڪٿي رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ڏٺو آهي تہ مون کي بہ ڏيکاريو يا مون کي سندن جي جڳهہ ٻڌائي ڇڏيو. پوءِ پاڻ انهيءَ جدائي واري غم ۾ مديني کي ڇڏي ڪري ملڪِ شام جي شهر حلب ۾ هليا ويا. هڪ سال کانپوءِ حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ خواب ۾ حضور اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي ڏٺاؤن، پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سندس فرمايو اي بلال! تو اسان سان ملڻ جو ڇڏي ڏنو آهي؟ ڇا تنهنجو دل اسان سان ملڻ لاءِ نٿو چوي؟

حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ اهو خواب ڏسي، لبيڪ يا سيدي! اي آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم غلام حاضر آهي، چوندي اُٿيا ۽ انهيءَ وقت رات جو ئي ڏاچيءَ تي سوار ٿي ڪري مديني ڏانهن روانا ٿيا. رات ڏينهن برابر هلي ڪري مدينه منوره ۾ داخل ٿيا. حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ پهريان سِڌا مسجدِ نبوي عَلٰی صَاحِبِہَا الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام پهتا ۽ حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي تلاش ڪيو، پر حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي نہ ڏٺو، پوءِ حُجرن ۾ ڳوليو جڏهن اتي بہ نہ مليا تڏهن مزارِ انور تي حاضر ٿيا ۽ روئي ڪري

عرض ڪيائون: يا رسول الله! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حلب مان غلام ڪي ھي چئي ڪري گھرايو اٿوَ تہ اسان سان ملي وڃ، جڏھن اوان جو غلام زيارت لاءِ حاضر ٿيو آھي تہ آقا اوھان پردي ۾ لڪي ويؤ. اھو چئي ڪري پاڻ بي ھوش ٿي قبر انور وٽ ڪري پيا، گھڻي دير ڪانپوءِ جڏھن سندن ڪي ھوش آيو تہ ماڻھو قبر انور کان ڪٽي ڪري ٻاھر وٺي آيا.

انھيءَ ڏينھن حضرت بلال رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي اچڻ جي خبر سڄي مديني ۾ ڦھلجي وئي. تہ اڄ رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جا مؤذن بلال رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ آيا آھن. سيني ملي ڪري حضرت بلال رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي درخواست ڪئي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي واسطي ھڪ دفعو اُھا اذان ٻڌايو جيڪا رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي ٻڌائيندا ھيؤ. حضرت بلال رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائڻ لڳا دوستو! اِھا ڳالھ منھنجي طاقت کان ٻاھر آھي چو تہ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي حياتِ ظاھري ۾ اذان ڏيندو ھئس تہ جنھن وقت "اشھد ان محمّدا رسول الله" چوندو ھئس تہ رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو چھرو مبارڪ اکين جي سامھون ھوندو ھو جنھن کي ڏسي وٺندو ھئس. ھاڻي ٻڌايو تہ ڪنھن کي ڏسندس؟ مون کي ان خدمت کان معاف رکو ماڻھن تمام گھڻيون ڪوششون ڪيون پر حضرت بلال رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ انڪار ئي ڪيو.

ڪجھ صحابن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُم اھو مشورو ڏنو تہ حضرت بلال رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ ڪنھن جو بہ چوڻ نہ مڃيندا توھان ڪنھن کي موڪلي ڪري حضرت حسن ۽ حسين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُم کي سڏائي وٺو، جيڪڏھن ھو اچي ڪري حضرت بلال رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي اذان جي فرمائش ڪندا تہ حضرت بلال رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ ضرور مڃي وٺندا، چوتہ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي اھل بيت رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُم سان حضرت بلال رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي

عشق آهي. اهو ٻڌي ڪري هڪ صاحب وڃي حضرت حسن ۽ حسين رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُمَا کي وٺي آيو. حضرت امام حسين رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ اچي حضرت بلال رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جو هٿ جهلي ڪري فرمايو اي بلال رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ! اڄ اسان کي بہ اها اذان ٻڌاء جيڪا اسان جي نانا جان کي ٻڌائيندا هيؤ. حضرت بلال رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ حضرت امام حسين رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کي هنج ۾ کڻي چيو توهان منهنجي محبوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي جگر جا ٽڪڙا آهيو، نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي باغ جا گل آهيو، جيڪو ڪجھ توهان چوندا منظور ڪندس، توهان کي رنجيده نہ ڪندس جو ائين حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي مزارِ مبارڪ ۾ رنج پهچندو ۽ پوءِ فرمايائون: حسين! رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ مون کي وٺي هل جتي چوندين اتي اذان ڏيندس.

حضرت امام حسين رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ حضرت بلال رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جو هٿ جهلي ڪري مسجد جي ڇت تي بيهاري ڇڏيو. حضرت بلال رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ اذان چوڻ شروع ڪئي الله اڪبر! الله اڪبر! مديني پاڪ ۾ هي وقت عجيب غم ۽ صدمي جو وقت هو. اڄ مهينن کانپوءِ حضرت بلال رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي اذان جي آواز کي ٻڌي ڪري حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي دنياوي زندگي مبارڪ جو نقشو ٻڌجي ويو. حضرت بلال رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي اذان ٻڌي ڪري مديني شريف جي بازارن، گهرن ۽ گهٽين مان ماڻهو اچي ڪري مسجد ۾ جمع ٿيا، هر هڪ شخص گهر مان نڪري آيو. پردي واريون عورتون ٻاهر اچي ويون پنهنجي ٻارن کي گڏ آنديائون. جنهن وقت حضرت بلال رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ اَشۡهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوۡلُ اللّٰهِ ڪلمو پڙهيو، هزارين رڙيون يڪدم نڪتيون ان وقت روئڻ جو ڪو نڪاڻو نہ هو. عورتون روئينديون رهيون ٻار پنهنجي مائرن کان پڇندا رهيا تہ تون ٻڌاءِ حضرت بلال، رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جن جا مؤذن نہ اچي ويا. پر رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪڏهن مديني تشريف ڪٺي ايندا.

حضرت بلال رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جڏهن اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ منهن مان ڪڍيو ۽ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي اکين سان نہ ڏٺو تہ جدائي جي غم ۾ بيهوش ٿي ڪِري پيا ۽ پوءِ گهڻي دير ڪانپوءِ هوش ۾ اچي ڪري اٿيا ۽ روئندا رهيا. پوءِ ملڪ شام هليا ويا .
(مدارج النبوة باب دهم، در ذکر مؤذنين ....الخ ج 2 ص 583)

**روضہء رسول تي:** حضرت عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي بارگاه ۾ هڪ عورت حاضر ٿي ۽ اچي ڪري عرض ڪيائين تہ مون کي حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي قبر انور جي زيارت ڪرايو، حضرت عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا حجرو شريف کوليو ان زيارت ڪئي ۽ زيارت ڪندي روئنديون رهيون ۽ روئندي روئندي دم پرواز ٿي ويس. (الشفا للقاضي عياض، ڪتاب في لزوم محبة عَلَيْهِ السَّلَام فصل فيماروي ...الخ ج 2 ص 44)

## رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم
## صحابہءِ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُم جي نظر ۾:

رسولِ خدا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ماڻهن ۾ سڀ کان وڌيڪ باوقار هئا. پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي هر ادا پُروقار هئي.
(حضرت خارجہ بن زيد رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ)

حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خاموشي، حلم ۽ قوت، فڪر ۽ سياڻپ جي آئينہ دار هئي. (حضرت ابن ابي هالہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ)

رسولِ خدا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ڪلام ۾ ترتيل ۽ ترسيل جي صفت هئي يعني رڪي رڪي ڪري گفتگو فرمائيندا هئا. (حضرت جابر بن عبدالله رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ)

رسولِ خدا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پردي دار ڪنواري ڇوڪرين کان وڌيڪ باحيا هئا جڏهن حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن شيء کان ڪراهيت فرمائيندا هئا ته اسان پاڻ ڪريمن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي چهري مان سڃاڻي وٺندا هئاسين. (حضرت ابو سعيد خدري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ)

حضورِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حيا جي سبب ڪنهن جي چهري تي نظرون ڄمائي ڪري ڳالهه نه ڪندا هئا. حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مڪروهه شين جو ذڪر اشارن ۾ فرمائي ڇڏيندا هئا. (حضرت عمرو بن العاص رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ)

نبيءِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي صحابہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُم سان خوش ڪلامي فرمائيندا، انهن ۾ ملي جلي ڪري رهندا هئا، ۽ انهن جي ٻارن کي هنج ۾ ويهاريندا ۽ پيار ڪندا هئا. (حضرت جرير بن عبدالله رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ)

حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي صحابہ سان هٿ ملائيندا هئا ۽ جيڪو حاضرِ خدمت ٿيندو هو انهيءَ جي عزت ڪندا هئا. (حضرت انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ)

صحابہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُم حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ حاجتمند ٿي ڪري حاضر ٿيندا هئا پيٽ ڀري رخصت ٿيندا هئا ۽ فقيهه ٿي نڪرندا هئا. (حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ)

جاهليت جي زماني ۾ بہ ماڻهو حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وٽ پنهنجي جهيڙن جا فيصلا ڪٽي ويندا هئا. (حضرت ربيع ابن خُثَيم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ) (نسيم الرياض القسم الاول فصل و اما عدله ج 2 ص 378)

حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اهڙي حال ۾ وصال فرمايو جو پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سندن جي گهر وارن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُم ڪڏهن جَوَ سان پيٽ نہ ڀريو هو. (حضرت عبدالرحمٰن بن عوف رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ)

اسان آلِ محمد جو هي حال هو تہ هڪ هڪ مهينو گهر ۾ باھ روشن نہ ٿيندي هئي صرف ڪجور ۽ پاڻيءَ تي گذارو هوندو هو. (حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہَا) (شمائل الترمذي باب ماجآء في عيش النبي، الحديث 371 ج 5 ص 573)

رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ايتري عبادت فرمائيندا هئا جو پاڻ ڪريمن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا پير مبارڪ سُجي پوندا هئا. (حضرت مغيره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ) (صحيح البخاري ڪتاب التهجد، باب قيام النبي حتي ترم قدماه الحديث 1130 ج 1 ص 384)

حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي عرض ڪيو ويو اوهان ايتري نماز ڇو پڙهندا آهيو؟ ارشاد فرمايائون ڇا مان اللّٰه تعالٰي جو شڪرگذار ٻانهو نہ ٿيان. (حضرت ابو سلمہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ) (المرجع السابق)

هڪ دفعي مان حاضر خدمت ٿيس. حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن نماز پڙهي رهيا هئا ۽ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مبارڪ سيني مان اهڙو آواز اچي رهيو هو جيئن ديڳڙي رڌجي رهي هجي. (حضرت عبداللّٰه بن شخير رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ)

الله تعالىٰ پنهنجي ٻانهن مان بهترين شخص کي منتخب ڪيو جيڪو سڀ کان وڌيڪ بهترين نسب وارو، سچي ڳالهه ڪرڻ وارو ۽ شريف النفس هو ۽ هو سڀني عالم جو انتخاب هو. (حضرت ثابت بن قيس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ)

حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن نه فحش گو هئا، نه لعنت ڪرڻ وارا هئا نه گار ڏيڻ وارا هئا. (حضرت انس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ)

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بيمار جي عيادت ڪندا، جنازي سان گڏ هلندا، جيڪڏهن ڪو غلام دعوت ڪندو هو ته ان کي قبول فرمائيندا هئا. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سڀني ماڻهن کان بهتر، سڀ کان وڌيڪ سخي ۽ سڀ کان وڌيڪ بهادر هئا. (حضرت انس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ)

حضورِانور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عاجزي ۽ انڪساري ڏسي ڪري مونکي يقين ٿي ويو ته پاڻ پيغمبر آهن بادشاه نه. (حضرت عدي بن حاتم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ)

رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام ماڻهن کان وڌيڪ سخي ۽ وڏي دل وارا هئا، ۽ سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سخاوت جو اظهار رمضان مبارڪ ۾ سڀ کان وڌيڪ هوندو هو. (حضرت ابن عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا)

رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن (ظاهري پردو فرمائڻ وقت) نه ڪو دينار ڇڏيو نه درهم، نه ٻڪري نه اُٺ. (حضرت اُمّ المؤمنين عائشه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهَا)

رسول اکرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ورثي ۾ سواءِ هٿيارن ۽ هڪ خچر جي ڪجھ نہ ڇڏيو. (حضرت عمر بن حارث رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ)

مون محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي هڪ اهڙو شخص ڏٺو جيڪو نيڪين ڪرڻ جو ۽ شر کان بچڻ جو حڪم ڏيندو آهي. (حضرت انيس (ڀاءُ ابو ذر غفاري ) رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُمَا)

جڏهن جنگ ۾ لاشن جا ڍير لڳي ويندا ۽ وڙهڻ وارن جي اکين ۾ خون لهي ايندو هو، ان وقت اسين نبيءِ اکرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اوٽ وٺندا هئاسين ۽ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان سيني کان اڳي دشمن جي طرف هوندا هئا. (حضرت علي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰى عَنْهُ) (نسيم الرياض ، القسم الاول ، فصل وما الشجاعة ..... الخ ، ج2 ، ص 301)

جيڪو حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي پهرين نظر ڏسي وٺندو، رعب هيٺ اچي ويندو ۽ جيڪو پاڻ سڳورن جي مجلسن ۾ ويهندو ان کي پاڻ ڪريم سان محبت ٿي ويندي هئي. جيڪڏهن سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ثنا خوان اهو چئي ڇڏي تہ حضور صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جهڙو نہ ڪڏهن پهرين ڏٺو ۽ نہ ئي ڪڏهن ڏسڻ

جي اميد آهي تہ ڪجھ مبالغو ناهي. (حضرت علي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ)

عقلمندن تي واضح ٿي چڪو آهي تہ جناب محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نہ شاعر آهن نہ جادوگر، انهن جو ڪلام رب العٰلمين عَزَّوَجَلَّ جي وحي آهي ۽ نبي اکرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اطاعت هر شخص تي واجب آهي. (حضرت خالد بن وليد رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْه)

اهي هر خوبي سان سينگاريل آهن، هر اخلاقِ ڪريم کان اعلٰي ۽ معزز آهن، اطمينان انهن جو لباس، نيڪي انهن جو طريقو آهي.

انهن جو ضمير تقويٰ آهي، انهن جو ڪلام حڪمت آهي، صدق ۽ وفا انهن جي فطرت آهي، عفو ۽ احسان انهن جي عادت آهي، عدل انهن جي سيرت آهي، سچائي انهن جي شريعت آهي هدايت انهن جي رهنما، مذهب انهن جو اسلام آهي ۽ احمد انهن جو نالو آهي.

(صحابي رسول رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ)

# بارگاهِ رسالت ۾ صحابه رضی اللہ تعالٰی عنہم جو نذرانهءِ عقيدت

## حضرت ابوبکر صديق رضی اللہ تعالٰی عنہ

لما رأيت نبينا متجدلا ضاقت علی بعرضهن الدور
فارتاع قلبی عند ذاک لهلکه والعظم منی ما حييت کسير
ياليتنی من قبل مهلک صاحبی غيبت فی جدث علی صخور

(شرح العلامة الزرقانی، ج۔ ۱۲، ص۔ ۱۵۱)

**ترجمو:** (1) جڏهن مون پنهنجي نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ظاهري وفات پائيندڙ ڏٺو تہ منهنجا گهرَ پنهنجي ڪشادگي جي باوجود مون تي سوڙها ٿي ويا. (2) ان وقت پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ظاهري وفات سان منهنجو دل ڏکي اٿيو ۽ سڃي

زندگي منهنجي هڏي تنل رهندي. (3) ڪاش! آئون پنهنجي آقا صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ظاهري پردي فرمائڻ ڪان پهرين قبر ۾ دفن ٿي ويو هجان ها ۽ مون تي پٿر هجن ها.

## حضرت عمر بن خطاب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ

وقد بدأنا فكذ بنا فقال لنا — صدق الحديث نبی عنده الخبر

وقد ظلمت ابنة الخطاب ثم هدیٰ — ربی عشية قالوا قد صبا عمر

لما دعت ربها ذاالعرش جاهدة — والدمع من عينها عجلان يبتدر

فقلت اشهد ان الله خالقنا — وأن احمد فينا اليوم مشتهر

نبی صدق اتیٰ بالحجة من ثقة — وافی الامانة مافی وعده خور

(سيرت ابن اسحاق،ج٢،ص١٥٣)

**ترجمو:** (1) ۽ اسان تي پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن تبليغ جي شروعات ڪئي جنهن ڪي اسان (ان وقت) نہ مڃيو تہ خبر رکڻ واري نبيءَ اسان سان سچي ڳالهہ ڪئي.

(2) مون بنتِ خطاب تي زيادتي ڪئي پوءِ منهنجي رب عَزَّوَجَلَّ ان شام جو مونکي هدايت ڏني جڏهن ماڻهن چيو تہ عمر اباڻي دين مان نڪري ويو آهي.

(3) ۽ پوءِ جڏهن ان درد پري دل سان پنهنجي رب کي پڪاريو ۽ ان جي اکين مان ڳوڙها گهڻي تيزي سان جاري هئا.

(4) تہ مون چيو تہ آئون انهيءَ ڳالهہ جي گواهي ڏيان ٿو تہ الله عَزَّوَجَلَّ اسان جو خالق آهي ۽ احمدِ مجتبٰي صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اڄ اسان جي وچ ۾ مشهور ۽ معروف آهن.

(5) تہ اهي سچا نبي آهن جيڪي قابلِ اعتبار دليل ۽ حجت ڪٽي آيا آهن ۽ اهي امانت دار آهن ۽ انهن جا واعدا ڪمزور ناهن.

## حضرت عثمان رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ

رسول عظیم الشان یتلو کتابه | له کل من یبغی التلاوة وامق

محب علیه کل یوم حلاوة | وان قال قولا فالذی قال صادق

(سیرت ابن اسحاق،ج۲،ص۱۵۹)

**ترجمو:** (1) اهي عظيم مرتبي وارا رسول پنهنجي ان ڪتاب جي تلاوت فرمائن ٿا جو هر پڙهڻ وارو ان جو عاشق ٿي وڃي.

(2) اهي محبوب آهن انهن تي هر روز حلاوت ۽ تازگي آهي ۽ جيڪڏهن ڪا ڳالهه چون تہ يقيناً اها سچي آهي.

## حضرت علي كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم

فامسی رسول اللّٰه قد عز نصره | وکان رسول اللّٰه ارسل بالعدل

فجاء بفرقان من اللّٰه منزل | مبینة آیاته لذوی العقل

فآمن اقوام بذاک ایقنوا | فامسوا بحمد اللّٰه مجتمعی الشمل

وانکر اقوام فزاغت قلوبهم | فزادهم ذوالعرش خبلا علی خبل

(السيرة النبوية لابن ہشام،ماقيل من الشعر فی يوم بدر،ج۳،ص۱۲)

**ترجمو:** (1) بدر جي ڏينهن رسول اللّٰه صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي گهڻي تائيد ٿي ۽ پاڻ سڳورن جن عدل ۽ انصاف سان گڏ مبعوث ڪيا ويا.

(2) اُهي الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان نازل ٿيندڙ فرقانِ حميد ڪٺي آيا جنهن جون آيتون سمجهه وارن لاءِ روشن ۽ واضح آهن.

(3) تہ انهيءَ تي گهڻن ماڻهن ايمان آندو ۽ انهي جو يقين ڪيو جنهن جي ڪري هو بحمدهٖ تعالٰي متحد ۽ مضبوط ٿي ويا.

(4) ۽ ڪجهه ماڻهو ان جا منڪر ٿيا تہ انهن جي دلين ۾ سختي اچي وئي ۽ ربِ عرش عَزَّوَجَلَّ بہ انهن جي تباهين ۾ اضافو ڪري ڇڏيو.

## حمزہ بن عبدالمطلب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ

حمدت اللّٰہ حین ھدیٰ فؤادی — الی الا سلام و الدین الحنیف

لدین جاء من رب عزیز — خبیر بالعباد بھم لطیف

اذا تلیت رسائلہ علینا — تحدر دمع ذی اللب الحصیف

واحمد مصطفی فینا مطاع — فلا تغشوہ بالقول العنیف

فلا واللّٰہ نسلمہ لقوم — ولما نقض فیھم بالسیوف

(سیرت ابن اسحاق،ج۲،ص۱۵۳)

**ترجمو:** (1) مون خدا عَزَّوَجَلَّ جي حمد ڪئي جڏهن هن اسلام ۽ دينِ حنيف جي راهہ ڏيکاري.

(2) اهو دين جيڪو ٻانهن تي لطف فرمائڻ ۽ انهن جي خبر رکڻ واري ربِّ عزيز جو آهي.

(3) جڏهن انهي جا پيغام اسان کي ٻڌايا ويا تہ ڏاهن ۽ عقل وارن جا لُڙڪ جاري ٿي ويا.

(4) احمدِ مصطفٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اسان جي وچ ۾ حاڪم آهن تہ ان جي حضور ۾ سخت ڪلاميءَ سان پيش نہ اچو.

(5) خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! اسان ان کي مخالفن جي حوالي نہ کنداسين اجان تہ اسان هن جي وچ ۾ تلوارن جو فيصلو بہ جاري نہ ڪيو.

## حسان بن ثابت انصاري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ

واحسن منک لم تر قط عيني — واجمل منک لم تلد النساء
خلقت مبرأ من کل عيب — کانک قد خلقت کما تشاء

**ترجمو:** (1) آقا ڪريم کان وڌيڪ حسين نہ ڪڏهن منهنجي اکين ڏٺو نہ ئي سندن کان وڌيڪ خوبصورت ڪنهن ماءُ ڄڻيو.

(2) پاڻ سڳورا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هر عيب کان پاڪ پيدا ڪيا ويا ڄڻ پاڻ سڳورن جن جي تخليق سندن جي خواهش جي مطابق ٿي.

وشق له من اسمه کی يجله — فذوالعرش محمود و هذا محمد
نبی اتانا بعد ياس و فترة — من الرسل والاوثان فی الارض تعبد
فامسیٰ سراجاً مستنيراً وهاديا — يلوح کما لاح الصقيل المهند
وانذرنا نارا و بشر جنة — وعلمنا الاسلام فاللّٰه نحمد

**ترجمو:** (1) سندن جي تعظيم ۽ توقير جي لاءِ پنهنجي نالي سان سندن جو نالوڪيرايو تہ ربِّ عرش عَزَّوَجَلَّ محمود آهي ۽ هي محمد صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن.

(2) هي نبي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وڏي نا اميدي ۽ رسولن عَلَيۡهِمُ السَّلَام جي هڪ ڊگهي وقفي کان پوءِ اسان وٽ تشريف فرما ٿيا جڏهن تہ زمين تي بتن جي پوڄا ٿي رهي هئي.

(3) تہ آقا ڪريم روشن ڏيئو ۽ هادي ۽ رهبر بڻجي ڪري اهڙي طرح چمڪيا جهڙي طرح اُجاريندڙ هندي تلوار چمڪندي آهي.

(4) اسان کي دوزخ جو ڊپ ڏياريائين ۽ جنت جي بشارت ڏنائين ۽ اسان کي اسلام جي تعليم ڏنائين تہ اسان خدا عَزَّوَجَلَّ جو ئي حمد بيان ڪريون ٿا.

هجوت محمدًا واجبت عنه　　وعند الله فی ذاک الجزاء

اتهجوه ولست له بكفء　　فشر كما لخيركما الفداء

هجوت مبارکا برا حنيفا　　امين الله شيمته الوفاء

امن يهجو رسول الله منكم　　ويمدحه وينصره سواء

فأن ابي و والده وعرضی　　لعرض محمد منكم وقاء

(السيرة النبوية لابن بشام،شعر حسان فی فتح مكة،ج۴،ص۳۵۹)

**ترجمو:** (1) تو محمد صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي توهين ڪئي تہ مون انهن جي طرفان توکي جواب ڏنو ۽ خدا عَزَّوَجَلَّ وٽ ان جو اجر ۽ ثواب آهي.

(2) تون ان جو مذاق ڪرين ٿو جڏهن تہ تون ان جي برابر نہ آهين، تون ٻنهي ۾ برو يلي تي (يعني حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي) قربان ٿين.

(3) تو اهڙي کي برو چيو جيڪي مبارڪ، پاڪباز، دين ۾ سچا، خدا عَزَّوَجَلَّ جا امين آهن جنهن جي خصلت وفاداري آهي.

(4) ڇا توهان مان جيڪو رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو مذاق اڏائي ۽ جيڪو انهن جي مدح، تعريف ۽ انهن جي حمايت ڪري ٿو ٻئي برابر آهن؟

(5) منهنجو پيءُ ڏاڏو، منهنجي عزت ۽ آبرو محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي عزت ۽ حرمت جي لاءِ ڍال آهي.

و هل عدلت یوما رزیة هالک  رزیة یوم مات فیه محمد
فبورکت یا قبر الرسول و بورکت  بلاد ثوی فیها الرشید المسدد
و ما فقد الماضون مثل محمد  و لا مثله حتی القیامة یفقد
ولیس هوای نازعا عن ثنائه  لعلی به فی جنة الخلد اخلد
مع المصطفی ارجو بذاک جواره  وفی نیل ذاک الیوم اسعی و اجهد

(السيرة البنوية لابن ہشام،شعرحسان بن ثابت فی مرثیتہ،ج۴،ص559۔561)

**ترجمو:** (1) ڇا ڪنهن مرڻ واري جي مصيبت جو ڏينهن ان ڏينهن جي برابر آهي جنهن ڏينهن محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو وصال ٿيو.

(2) توکي مبارڪباد آهي اي قبرِ رسول! ۽ ان شهر کي به جنهن ۾ هدايت ۽ درستگيءَ وارا رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن آرام فرما آهن.

(3) نہ ماضي جي زماني وارن کي محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جهڙي (عظيم ۽ جليل) جي وفات جو اهڙو صدمو ٿيو نہ قيامت تائين ڪنهن کي اهڙو صدمو ٿيندو.

(4) منهنجي دل انهن جي نعت کان باز رهڻ واري ڪونهي شايد انهي جي صدقي مون کي جنت الخلد ۾ سڪون حاصل ٿئي.

(5) انهي جي ئي سبب کان تہ آئون محمد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي قرب جو اميدوار آهيان ۽ اهو ئي ڏينهن حاصل ڪرڻ جي لاءِ آئون ڪوشش ۽ محنت ڪري رهيو آهيان.

## حضرت عبداللّٰہ بن رواحہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ

روحی الفداء لمن اخلاقه شهدت بأنه خير مولود من البشر
عمت فضائله كل العباد كما عم البرية ضوء الشمس و القمر
انی تفرست فیک الخیر اعرفه واللّٰه یعلم عن ماخاننی البصر
انت النبی فمن یحرم شفاعته یوم الحساب فقد ازری به القدر
فثبت اللّٰه ما اتاک من حسن تثبیت موسیٰ و نصرا کالذی نصر

(وسيلة الاسلام،ج۱،ص۸۷۔الطبقات الکبریٰ لابن سعد،ج۳،ص۴۰۰ )

**ترجمو:** (1) منهنجي روح ان تي قربان جنهن جا اخلاق ان ڳالهہ جا گواهہ آهن تہ هو خير البشر صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن.

(2) پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا احسانات سڀني ٻانهن تي عام آهن جيئن سج ۽ چند جي روشني سڀجي مخلوق تي عام آهي.

(3) مون غور ڪري پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اندر ڀلائي ڏسي ورتي جنهن کي آئون سڃاڻان ٿو ۽ خدا ڄاڻي ٿو تہ منهنجي اکين مون سان خيانت نہ ڪئي.

(4) پاڻ سڳورا سچا نبي آهن جيڪو شخص قيامت جي ڏينهن پاڻ سڳورن جي شفاعت کان محروم ٿيو انهيءَ کي قسمت ذليل ۽ رسوا ڪري ڇڏيو.

(5) اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سندن کي جيڪا پلائي عطا فرمائي انهي کي قائم رکيو، جيئن موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام سان ٿيو ۽ پاڻ سڳورن جي مدد ڪري جيئن انهن جي مدد ٿي.

## حضرت ڪعب بن زهير رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ

نبئت ان رسول اللّٰه اوعدنی | والعفو عند رسول اللّٰه مأمول
فقد اتيت رسول اللّٰه معتذرا | والعذر عند رسول اللّٰه مقبول
ان الرسول لنور يستضاء به | مهند من سيوف اللّٰه مسلول

(وسيلة الاسلام،ج۱،ص۸۷۔الطبقات الکبریٰ لابن سعد،ج۳،ص۴۰۰ )

**ترجمو:** (1) مون کي خبر ڏني وئي هئي ته رسولِ خدا جن منهنجي قتل جي وعيد فرمائي آهي ۽ رسولِ خدا جن وٽ ته مون کي عفو ۽ درگذر جي ئي اميد آهي.

(2) آئون ته رسولِ خدا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وٽ معذرت سان حاضر ٿي ويو آهيان ۽ معذرت رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بارگاهه ۾ مقبول آهي.

(3) بيشڪ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اهڙا نور آهن جنهن مان روشني حاصل ڪئي ويندي آهي ۽ هو خدا عَزَّوَجَلَّ جي تلوارن ما هڪ بي نيام هندي تلوار آهي.

## حضرت عباس بن برداس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ

يا خاتم النبآء انک مرسل ... بالحق کل ھدی السبیل ھداکا

ان الالہ بنی علیک محبۃ ... فی خلقہ و محمدا سماکا

(السیرۃ النبویۃ لابن ہشام،غزوۃ حنین فی سنۃ ثمان بعد الفتح،شعر اخر لعباس بن مرداس،ج۴،ص۳۹۰)

**ترجمو:** (1) اي خاتم الانبياء صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان حق سان گڏ مبعوث ٿيا. راهِ حق جي هدايت اوهان جي ئي هدايت آهي.

(2) الله عَزَّوَجَلَّ سندن جي مٿان پنهنجي مخلوق ۾ محبت جي بنياد رکي ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو نالو محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رکيو.

## حضرت مالک بن عوف رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ

ما ان رایت ولا سمعت بمثلہ ... فی الناس کلھم بمثل محمد

اوفی و اعطی للجزیل اذا اجتدیٰ ... و متی تشاء یخبرک عما فی غد

(المقتفی فی سیرت المصطفی،ج۱،ص۲۱۴)

**ترجمو:** (1) سيني انسانن ۾ محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جهڙو ڪنهن کي نه ڏٺو ۽ نه ٻڌو.

(2) جڏهن انهن کان گهريو وڃي ته تمام گهڻو ڏيڻ وارا آهن ۽ توهان جڏهن چاهيو توهان کي اڳتي جي خبر ڏئي ڇڏين.

## حضرت ابوسفيان بن حارث رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ

لقد عظمت مصيبتنا وجلت عشية قيل قد قبض الرسول

فقدنا الوحی و التنزيل فينا يروح به و يغدو جبرئيل

نبی کان يجلو الشک عنا بما يوحی اليه وما يقول

و يهدينا فلا نخشی ضلالاً علينا والرسول لنا دليل

أفاطم! ان جزعت فذاک عذر وان لم تجزعی ذاک السبيل

فقبر ابيک سيد کل قبر وفيه سيد الناس الرسول

(روض الانف مع سيرت ابن هشام، ج- ۴، ص- ۶۸۱)

**ترجمو:** (1) انهي شام اسان تي تمام وڏي مصيبت آئي جڏهن چيو ويو تہ رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وصال ڪري ويا.

(2) وحي جو نازل ٿيڻ جنهن کي جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام صبح ۽ شام آڻيندا هئا اسان ان کان محروم ٿي وياسين.

(3) هو نبي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خدا عَزَّوَجَلَّ جي وحي ۽ پنهنجن قولن جي ذريعي اسان جا شڪ دور فرمائيندا هئا.

(4) ۽ اسان جي رهبري ڪندا هئا تہ اسان کي پنهنجي مٿان گمراهي جو ڊپ نہ هوندو هو جڏهن تہ پاڻ رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اسان جا رهبر ۽ رهنما آهن.

(5) اي فاطمہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهَا! اوهان رنيون تہ معذور آهيو ۽ نہ روئو تہ اِها بہ بهتر راهہ آهي.

(6) اوهان رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهَا جا والدِ گرامي جن جي قبر هر قبر جي سردار آهي ۽ ان ۾ تمام ماڻهن جي سردار رسولِ باوقار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن آرام فرما آهن.

## هڪ اعرابي

يا خير من دفنت بالقاع اعظمہ　　فطاب من طيبهن القاع والاكم

نفسى الفداء بقبر انت ساكنہ　　فيه العفاف وفيه الجود والكرم

**ترجمو:** (1) اي سيني ۾ بهتر ان مان جن جون هڏيون زمين ۾ دفن ٿيون تہ انهن جي خوشبو سان پٽريلا ميدان ۽ مٽيءَ جا دڙا خوشبودار ٿي ويا ۽ مهڪي اٿيا.

(2) منهنجي جان قربان ٿئي ان قبر تي جنهن ۾ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن آرام فرما آهن جو انهيءَ ۾ عفت، پاڪدامني ۽ جود ۽ ڪرم آهي.

## حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهَا

فلو سمعوا فى مصر اوصاف خده　　لما بذلوا فى سوم يوسف من نقد

لواحى زليخا لورأين جبينه　　لاثرن بالقطع القلوب على الايدى

(شرح العلامۃ الزرقانی،عائشۃ ام المؤمنین،ج۴،ص۳۹۰)

**ترجمو:** (1) جيڪڏهن پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي رخسار (ڳل مبارڪ) جا اوصاف اهلِ مصر ٻڌن ها تہ جناب يوسف عَلَیۡهِ السَّلَام جي قيمت لڳائڻ ۾ طاقت ۽ پئسو نہ لڳائن ها.

(2) جيڪڏهن زليخا کي ملامت ڪرڻ واريون عورتون حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي سيني انور کي ڏسي ونن ها تہ پنهنجا هٿ ڪٽڻ جي بجاءِ پنهنجون دليون ڪپڻ کي ترجيح ڏين ها.

## حضرت فاطمة الزهره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهَا

ماذا علیٰ من شم تربة احمد ان لا يشم مدی الزمان غواليا
صبت علی مصائب لو انّها صبت علی الايام صرن لياليا

(الوفا باحوال المصطفی صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہٖ وسلم (مترجم)، باب۴۰، بعدازوصال حضرت فاطمہ رضی اللہ عنہا کی کیفیت، ص ۸۳۱)

**ترجمو:** (1) جنهن قبرِ رسول صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خاڪ سونگهي ورتي اهو سڄي زماني جي قيمتي عطرن ۽ خوشبوئن کي نہ سونگهي تہ ڪا نقصان جي ڳالھ ڪونهي (يعني ان کي اها ئي خوشبو ڪافي آهي ۽ ڪنهن خوشبو جي هاڻ ان کي ڪابہ ضرورت ڪونهي)

(2) مون تي اهڙيون مصيبتون آيون جو جيڪڏهن اهي ڏينهن تي اچن ها تہ اهي راتين ۾ تبديل ٿي وڃن ها.

## حضرت صفيہ بنت عبدالمطلب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهَا

الا يارسول اللّٰہ کنت رجاء نا وکنت بنا براً ولم تک جافيا
وکنت رحيما هاديا ومعلما ليبک عليک اليوم من کان باکيا
فدی لرسول اللّٰہ امی وخالتی وعمی وآبائی ونفسی وماليا

(حجۃاللہ علی العلمین، قسم الرابع،الباب الاول،ص۵۱۰)

**ترجمو:** (1) يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! اوهان اسان جي اميد ۽ اسان سان سٺو سلوڪ ڪرڻ وارا هئا بدسلوڪي وارا نہ هئا.

(2) پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مهربان، رهنما ۽ معلم هئا، روئڻ واري کي گهرجي تہ اڄ اوهان تي روئي.

(3) منهنجي ماءُ، مهنجي ماسي، منهجو چاچو، منهنجا ابّا ڏاڏا منهنجي جان ۽ مال سڀ ڪجھ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي قربان ٿين.

## بناتِ مدينہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُنَّ

طلع البدر علينا　　من ثنيات الوداع

وجب الشکر علينا　　ما دعا للّٰه داع

ايها المبعوث فينا　　جِئت بالامر المُطاع

(الوفاء الوفا،الفصل الحادی عشر،ج۱،ص۲۶۲)

**ترجمو:** (1) وداع جي گهاٽِيُن مان چوڏهينءَ جو ڪامل چنڊ اڀريو.

(2) اسان تي شڪر آڻ واجب ٿيو جيستائين خدا عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ڪو دعوت ڏيڻ وارو دعوت ڏيندو رهي.

(3) اي اسان جي وچ ۾ مبعوث ٿيڻ وارا، توهان اُهو حڪم ڪٽي تشريف وٺي آيو جنهن جي اطاعت ڪئي وڃي.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

